# ڀٽائيءَ جا ڳايل
# پالتو پکي ۽ جانور

نواز ڪنير

Gul Hayat Institute

ثقافت سياحت ۽ نوادرات کاتو
حڪومت سنڌ

# ڀٽائي ۽ جاڳايل

## پالتو پکي ۽ جانور

[شاهه عبداللطيف ڀٽائي پاران ڳايل مختلف پالتو جانور
جن ۾ اُٺ، ٻڪري، خچر، ڍاند، رڍ، ڪتو گڏهه، گهوڙو
مينهن، نانگ، هرڻ، وغيره
۽ پالتو پکين ۾ باز تتر، چَتون، ڪبوتر ۽ مور وغيره
جي باري ۾ بيت ۽ مضمون]

نواز ڪنير

Gul Hayat Institute

ثقافت، سياحت ۽ نوادرات کاتو
حڪومت سنڌ
2016

حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ


ڪتاب جو نالو: ٿتائيءَ جا ڳايل پالتو پکي ۽ جانور

تحقيق ۽ ترتيب: نواز ڪنير

ڇاپو: پهريون آڪٽوبر 2016ع

ڇپيندڙ: نئون نياپو اڪيڊمي سچل ڳوٺ ڪراچي سنڌ.
فون: 0333-2311582

ڇپائيندڙ: غلام اڪبر لغاري
سيڪريٽري
ثقافت، سياحت ۽ نوادرات کاتو حڪومت سنڌ.

**قيمت:** **300 رپيا**


Gul Hayat Institute


ملڻ جو هنڌ:

**ثقافت کاتو ڪتاب گهر**

سامهون ايم.پي.اي هاسٽل، سر غلام حسين هدايت الله روڊ
ڪراچي- 74400 سنڌ.
فون: 021-99206073

# ارپنا !

**ڀتائيءَ جي سِٽ**

**"انهيءَ عشق کي شاباس، جنهن محبت ميڙيا"**

مثل، انهن ڳمائن جي نانءُ،
جن جي ڏنل ۽ اماڻيل اڪيلائي، ڀتائيءَ جو سهارو وڻرائي،
وندر جو سامان مهيا ڪري،
هيءَ پورهيو ڪرائيندي، ڪنهن منفي واٽ وٺڻ کان بچايو!

**نواز ڪنير**

Gul Hayat Institute

# سٽاءُ


- پبلشر جو نوٽ: غلام اڪبر لغاري/7
- ليکڪ جو تعارف: پروفيسر ممتاز علي لغاري/9
- ليکڪ پاران: نواز ڪنڀر/13


## حصو پهريون

### پٽائيءَ جا ڳايل پالتو جانور


1. اُٺ/18
2. ٻڪريون/27
3. خچر/31
4. ڏاند/39
5. رڍون ۽ گهيٽا/50
6. ڪتو/57
7. گڏهه /77
8. گهوڙو/83
9. مينهن/102
10. سانَ/117


Gul Hayat Institute

# حصو ٻيو

## ڀِٽائيءَ جا ڳايل پالتو پکيءَ


1. تتر/122
2. ڪارڙو تتر/127
3. طوطا ۽ ڪبوتر/135
4. مور/148


# حصو ٽيون

## اهي جانور جن کي عام طور تي ته پالتو جانورن ۾ شمار نٿو ڪيو وڃي، پر ڪي مخصوص ذاتيون يا ڪي خفتي ڪين پالين ٿا، جن کي ڀٽائيءَ صاحب به ڳايو آهي.


1. باز/158
2. نانگ/169
3. هرڻ/176
4. ڪانئرو/182
5. ماکي/186


# حصو چوٿون

## اهي پالتو جانور ۽ پکي جن بابت ڀٽائيءَ صاحب جو ڪو بيت نه ملي سگهيو!


1. ٻلي/194
2. سَهو/198
3. ڪُڪڙ/203


Gul Hayat Institute

# حصو پنجون

## جانورن ۽ پکين جي علاج ۾ سينگار ۽ انهن تي اثر انداز ٿيندڙ شئي بابت مختلف مضمون


1. چوپائي مال جي اهميت، بيماريون ۽ مقامي علاج/214

2. چڙن جي چونگار/222
3. مال کي سزا/سيکت ڏيڻ يا سزا ڏئي سڌارڻ جا طريقا/227
4. ڊور سگھوئڻ ۾ انجيڪشن جو خطرناڪ استعمال/235
5. قربانيءَ جي عيد تي جانورن جو خاص خيال رکڻ گھرجي/239
6. کير /241
7. جھنگلي جيوت جا ختم ٿيندڙ نسل /248

# حصو ڇهون

## پٽائيءَ سرڪار جي ڳايل

### ڪجهه پالتو پکين ۽ جانورن جي حقن توڙي انهن کي درپيش مختلف مسئلن جي حوالي سان ڪجهه وڌيڪ مضمون

1. ٿر ۾ مرندڙ جھنگلي جيوت ۽ لڏيندڙ هندو ماڻهو!/252
2. مرندڙ مورن بابت اهم ڊائيلاگ ۽ ڪاتي جي بيوسي/255
3. مورن جي بيماريءَ جي تصديق ۽ کين بارڊر پار ڪرائڻ جي ضرورت!/259
4. خدارا مورن جي مرڻ جون خبرون نہ ڏيو!/262
5. ساڏوٽي ۾ 30 مورن جو مرڻ بہ ڪوڙ آ؟!/264
6. مورن ۾ آيل بيماريءَ کي آفت قرار ڏيڻ /268
7. افسوس، مرندڙ مورن جي وقت سر مالڪي نہ ٿي!/270
8. مورن کي مرڻ نہ گھرجي!/275
9. گڏهن جو غربت ۽ غريبن سان تعلق/279
10. گڏهہ جي ڪهاڻي/282
11. بوڏ دوران گڏهہ مالڪن جي بيوفائي تي ڏاڍا ڏکارا آهن!/286
12. گڏهہ مرڻ جي جاچ، گڏهن کان نہ ڪرائجي!/289
13. گڏهہ جي خبر ڏيو!/293
14. پڙنگ پلو/ 297

❊❊❊

Gul Hayat Institute

# پبلشر نوٽ

**حضرت** شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو سنهيو تہ سنڌ جي روح جو پرتوو آهي ئي پر ان سان گڏو گڏ ڀٽائيءَ جا ڪمال جي ڪير ڏسي!

سنڌ جي ڏکن سُکن، ريتن رسمن، تاريخ، تهذيب، سورمن سورمين، ڏاتارن، ڪلاڪارن، بادشاهن، ويڙهاڪن، هنرمندن، هارين نارين، هٺ پورها ڪندڙن . نتهڻ اُس ۾ پگهر وهائيندي گس گهڙيندڙ واهڙ وهائيندڙن، پڙهندڙن پڙهائيندڙ آئيندي جا اڳواٽ ڏس ڏيندڙ ۽ ماضيءَ جي گُسيل ڏَکن، حال جي حقيقتن سان گڏو گڏ، ڍتر، نڪر، ڀهڻ ڀٽر، وڻ ٽڻ، ٻوٽن، سمنڊن، ڀهاڙن، برن بحرن، پٽن، رڻ پٽن، وارياسن، چيڪيءَ مٽيءَ جي سڳنڌ واسيل هُيرن، هڳائڻ سان سائينءَ پکي پکڻ بہ ناهي وساريو تہ جانور جيت جڻان بہ هن کي پل پل ياد رهيا...

هي ڪتاب: "ڀٽائيءَ جي ڳايل پالتو پکي ۽ جانور" ڏسي سچ تہ ايمان تازو ٿي ويو آهي، تہ ڪلا ۽ ڪلاڪار پل ڪيڏا بہ ڳجهہ ڳجهاندڙ هجن پر سندن ڪارج، ڪلا ۽ ساهس جا اولڙا اوجر ٻڻجي جڳ جرڪائڻ کان گهٽي دير اوجهل نٿا رهي سگهن...

هاڻي هي ڏسو: پکين، جانورن جي ڪهاڻين سان گڏوگڏ سندن روڳن، دوا درمل ۽ ٻين انيڪ منجهيل سٽن کي جهڙيءَ ريت مانواري نواز ڪنير ڪولي سولو ڪري ٻڌايو آهي ان ڪارڻ ڪيس تہ لک واڌايون...

پر هت اها ڳالهہ بہ ٻنهہ نہ وساربي تہ، ڀٽائي جنهن سنڌ جو مُک جو جهيڻو ٿيندڙ چِٽ وري نئين سِر اجاري جهڙيءَ ريت جرڪائي چڏيو آهي هاڻي ان کي ڪير بہ انکي لڪائي نٿو سگهي...

ها پر اهو تڏهن ئي ممڪن ۽ سڦل رهندو جڏهن اسان سڀ ڀٽائيءَ جي سنيهي کي اکين تي رکي ان تي سچي پچي ويساهہ ڪندي ان جي ڏسيل واٽ تي اڳتي وڌون ۽ ٻين اٽجاڻن کي بہ ان تي هلڻ جا ڏس ڏيون...

# ليکڪ جو تعارف

## عام ماڻهن جون محبتون ماڻيندڙ ليکڪ

# نواز ڪنير

***نواز*** ڪنير جي شخصيت انتهائي منفرد، گهڻ رُخي ۽ اتساهيندڙ آهي. انگريزن ۽ حُرن جي ويڙهاند واري منفرد علائقي مکيءَ جي ڪنڌيءَ واري ڳوٺ ڪوٽ نواب ۾ محمد موسيٰ ڪنير جي گهر ۾ 12 اگسٽ 1965ع ۾ جنم وٺندڙ نواز ڪنير جيتوڻيڪ هڪ غريب ۽ پسمانده گهراڻي جو ٻار هو پر طور تي سنڌس روح ۽ سوچن ۾ هڪ اڻ ٿڪائيندڙ جستجو هئي، جنهن ڪيس ڪوٽ نواب جهڙي انتهائي پسمانده علائقي مان سنڌ جي محبوب ۽ منفرد ليکڪ طور سڃاڻپ ڪرائي. هاءِ اسڪول ۾ سوشل ويلفيئر ڪاتن ۾ نوڪري ڪرڻ بعد 1993ع ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن مان اقصاديات جي شعبي ۾ ليڪچرار طور مقرر ٿيل نواز ڪنير جو جيتوڻيڪ شعبو اقتصاديات آهي، پر سندس فطري لڳاءُ ماحوليات، نباتات ۽ حيوانات جي لڪيل رازن، فائدن، فلسفن کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ ڏانهن آهي. (جنهن جو هڪ سبب سندس M.sc رورل ڊولپمنٽ دوران انوائرمينٽ وارو سبجيڪٽ ڪڻ بہ آهي) تڏهن تہ دوست مذاق ۾ چوندا آهن تہ نواز ڪنير شايد ماڻهن تي لکڻ کان لنوائي ٿو. ڳڏوڳڏ هن لوڪ ڏاهپ، سنڌي ٻولي، عشقيہ داستان توڙي لطيفيات تي بہ قلم کڻي سنڌ واسين کي هڪ نئين انداز ۾ سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو آهي. ماڻهن تي لکڻ لاءِ نتيجن کي پوڄٽو پوي ٿو پر مسڪين ڏيڏر ڪانو ڳيري ۽ آڙي يا ڳڏه جي عيبن ۽ ثوابن تي لکڻ سان ڪهڙو ڪيس يا ڦڏو ٿيندو. ڳالهہ ڪيس يا ڦڏي جي ناهي، نواز ڪنير نہ صرف حيوانات،

نباتات ۽ ماحوليات تي لکيو آهي پر هن مختلف شخصيتن تي 100 کان وڌيڪ بهترين مضمون ڏنا آهن.

نواز ڪنير تاريخدان به آهي ته محقق به. ننڍي کان ننڍي شئي ۽ وساريل ڪردار هجي يا ماڳ مڪان، پڪي هجي يا جيت، شل نواز صاحب جي منهن تي نه چڙهي بس پوءِ ان جو خير نه هوندو. سڄي سربستي ڪهاڻي ۽ احوال کي حاصل ڪرڻ لاءِ رات ڏينهن ڊوڙندو ۽ ان سان لاڳاپيل ماڻهن سان ميل ملاقاتون ڪندو ۽ تفصيل گڏ ڪندو ۽ پڙهندڙن جي آڏو پيش ڪندو. پڙهندڙ به مفت ۾ سڄي معلومات حاصل ڪري مستفيذ ٿيندا آهن.

نواز ڪنير جي نه صرف قلم ۾ مناس ۽ چاشني آهي پر سندس آواز به خوبصورت ۽ من موهيندڙ آهي ايف ايم ريڊيو جي دنيا ۾ 'سنڌ نامو' جهڙو خوبصورت پروگرام ڪندڙ نواز ڪنير سنڌ جي ثقافت ۽ ادب کي زنده رکڻ ۽ ان کي وڌائڻ ۾ جس لهڻي.

نواز ڪنير جي هڪ اهم ڪاميابين جو آئون اکين ڏٺو شاهد آهيان، جنهن جي شايد گهڻ ماڻهن کي پروڙ هجي. اها آهي ته نواز ڪنير کي سڄي سنڌ جو پڙهيل لکيل طبقو ته پنهنجي جاءِ تي پر عام ماڻهو جنهن ۾ ريڙهي وارو، پنڪچر ڪيڻ وارو، ڊرائيور، دُڪاندار مطلب ته هر مڪتب فڪر توڙي عام ماڻهو به سڃاڻي ٿو. جنهن جو هڪ مثال هٿونگي شهر ۾ گذرندي مارڪيٽ ۾ چوراهي تي ريڙهي تي ياچيون وڪڻندڙ جنهن ريڙهي واري کان ڪنهن ماڻهو جو ڏس پتو پڇيو ته هن جواب ڏيڻ بجاءِ چيائين ته اوهان نواز ڪنير آهيو!؟ منهنجي چاهه ضرور پيو. اها آهي قدرداني ۽ شناسائي ليکڪ جي. منهنجي خيال ۾ ڪنهن به ليکڪ يا محقق جي ان کان وڌيڪ ٻي ڪا ڪاميابي نٿي ٿي سگهي، جو عام ماڻهو به ان کي پنهنجو ميڄي ۽ سڃاڻي. ۽ اها ميتا نواز ڪنير کي حاصل آهي.

نواز ڪنير کوڙ سارين خوبين جي باوجود ڪڏهن ڪڏهن ضدي ٻار وانگر لڳندو آهي. سندس ٿي چوڻ موجب هن گهڻو ڪجهه رد عمل جي ڪري به لکيو آهي. سنڌ جا ماڻهو نواز ڪنير جي ان ضد کي به قبول

ڪن ٿا ۽ احسانمند آهن، جو هن ان ضد جي بدولت سنڌ کي گهڻو ڪجهه ڏنو آهي. نواز ڪنير ليکڪ ۽ محقق هجڻ سان گڏوگڏ هوهڪ بهترين اُستاد به آهي. سانگهڙ بوائز ڪاليج ۾ اقتصاديات جي شعبي ۾ اسسٽنٽ پروفيسر طور ڪم ڪندڙ محترم نواز ڪنير پنهنجي ڪاليج ۾ نمايان ڪردار جو مالڪ آهي. ڪاليج جي تمام تر معاملن، مسئلن ۽ مشڪلاتن ۾ ڪاليج جا اُستاد توڙي پرنسپل نواز ڪنير کان سهڪار توڙي مدد وٺندا آهن ۽ هي به ڪنهن کان ڪنڌ نه ڪيائيندو آهي. ڪاليج توڙي ڪاليج جي اُستادن ۽ ذاتي دوستن جي مسئلن ۾ ائين ڪاهي پوندو آهي، جيئن سندس ذاتي مسئلو هجي. پوليس کان وٺي روينيو ٽريزري آفيس ۽ ٻين آفيسن تائين پنهنجي هڙان وڙان خرچ ڪرڻ، آفيسرن سان روبرو ملي مسئلا حل ڪرڻ ۾ دير نه ڪندو آهي. سچ پچ ته ڪڏهن ڪڏهن ڪيترن ئي معاملن ۾ (اگر ڪنهن دوست سان ڪنهن ٻي ڌُر جو تڪرار هوندو آهي) ڏٺي ميدان ڇڏي ڀڄي ويندا آهن پر منهن وري نواز ڪنير صاحب ڏيندو آهي ۽ اهو به چوندو آهي ته هاڻي ڪنهن جي معاملي وچ ۾ نه پئبو پر سائين وٽ وري به ڪواچي ته پوءِ وري سنگت سان گڏ هوندو آهي.

مطلب ته نواز ڪنير جي شخصيت هڪ منفرد ڪردار جي مالڪ آهي. پنهنجي سانگهڙ ڪاليج جي سنڌي جي اُستاد عباس علي لغاري سان سائين نواز ڪنير جون ڪوڙ ساريون يادگيريون ۽ سفر رهيا آهن. دريا دل رکندڙ نواز ڪنير ڪڏهن ڪڏهن ته واتر به نه ٿيندو آهي ۽ بيهه رهندو آهي. ان وقت ائين محسوس ٿيندو آهي ته اجهو ڪو وڏو ممڻ ٿو مچي، پر الله تعاليٰ کيس وڏين صلاحيتن جو مالڪ بڻايو اٿس ۽ ڏاڍي آساني سان پار ڪرايو ڇڏي. هڪ دفعي قلندر شهباز جي درگاهه کان موٽندي لڪي شاهه صدر جي چشمن گهمڻ لاءِ اُتي پهتاسين ته هڪ جبل جو بروچ ڪنولو رکيو وينو هو ته بابا 20 روپيا في ماڻهو وٺبو پوءِ لڪي شاهه صدر جا گرم توڙي سرد چشما گهمڻ ڏبا. ڳالهه ننڍڙي هئي پر نواز ڪنير صاحب کي نه وڻي. چيائين ته چاچا 20 روپيا ڏيان پر رسيد ڏي. چاچي چيو ته لڪي شاهه صدر جي گادي نشينن جا چشما آهن، هنن جي حڪم سان 20 روپيه وٺون ٿا. ڪاٻه رسيد ڪانهي ائين گهمڻ نه ڏبو. بس پوءِ معاملو

اڇي اٽڪيو وٺ وٺان. سرڪاري عملدارن ڪان وٺي اخبارن تائين فون ڪڙڪيا. گادي نشين پاڻ فون ڪري 20 روپيه واپس ڪرايا ۽ اجازت ڏياري تہ وڃي چشما گهمو ۽ واپسي ۾ ماني بہ کائيندا وڃجو. هن سڄي مرحلي ۾ سڄو ڏينهن چٽ ٿي ويو ۽ نيٺ نواز صاحب پنهنجي ڳالهہ مڃرائي سو 20 روپين جو معاملو ڪونہ هو پر معاملو غير قانوني ۽ ڏاڍ مڙسي سان وٺجندڙ ٽيڪس جو هو. سو نواز ڪنير جي اها بہ خوبي آهي تہ هو هر قسم جي غندا گردي، بدمعاشي ۽ ناانصافين خلاف ڊال بڻجي پوندو آهي ۽ معاشري کي ان ناانصافي خلاف ويڙهہ ڪري مثال ناهي ڏيندو آهي ۽ ان بعد عمل ڪرڻ وارا عمل ڪن تہ هوند سنڌ ۾ ڪوڙ ساريون بدمعاشيون رڪجي پون.

نواز ڪنير سنڌي ٻوليءَ ۾ تہ گهڻو ڪجھ لکيو آهي، پر بدقسمتي اها آهي تہ ان جو تحقيق ڪيل مواد دنيا ۾ متعارف ڪرائڻ لاءِ ڪجھہ نہ ٿيو آهي. سنڌ جي ساڃاوند ماڻهن جي اها بہ ذميواري آهي تہ سنڌ اندر نواز ڪنير سميت ٻين محققن جو تحقيقي مواد دنيا جي ٻين ٻولين ۾ ترجمو ڪرائي، دنيا آڏو سنڌ جي اهميت کي اُجاگر ڪن. يقيناً ان حوالي سان نواز ڪنير صاحب بہ تحرڪ وٺندو ۽ تحقيق جا نوان موضوع متعارف ڪرائيندڙ نواز ڪنير سنڌ جي لوڪ ڏاهپ، لطيفيات، نباتات، حيوانات ۽ ماحوليات کي دنيا ۾ بہ ضرور روشناس ڪرائيندو.

**پروفيسر ممتاز علي لغاري**

گورنمنٽ بوائز ڊگري ڪاليج
سانگهڙ

Gul Hayat Institute

## ليک پاران

**ڪنهن** به ليک يا ڪتاب لکڻ جو ڪونه ڪو مقصد ضرور هوندو آهي. ائين ئي هن ڪتاب، "پٺائيءَ جا ڳايل پالتو پکيءَ ۽ جانور" جو به هڪ مقصد آهي، بلڪ هن ڪتاب لکڻ جا به چار مقصد آهن. سڀ کان اول، جيئن ته پٺائيءَ سرڪار جي شخصيت، فڪر ۽ سندن شاعري جي مختلف ڪنبن، پاسن، رخن ۽ موضوعن تي لکيو، انهن موضوعن تي وڏ کان وڏ روشني وجهي، انهن کي وڌيڪ اجاگر ڪرڻ سان گڏ انهن موضوعن بابت شاهه صاحب جي نقطه نظر جي وضاحت به آهي، جيڪو هر ڪو پنهنجي سوچ سمجهه مطابق ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ائين ئي هي ڪتاب به هڪ اهڙي اڌوري اڻپوري ۽ ننڍڙي ڪوشش چئي سگهجي ٿي. جنهن ۾ پٺائيءَ صاحب پاران ڳايل پالتو پکين ۽ جانورن جو ذڪر پٺائيءَ صاحب جي بيتن جي پسمنظر ۽ لوڪ ڏاهپ جي حوالي سان ڪيو ويو آهي. ان حوالي سان ڪتاب کي ڇهن حصن ۾ ورهايو ويو آهي. حصي پهرين ۾ پٺائيءَ صاحب پاران ڳايل انهن پالتو جانورن جو ذڪر آهي، جيڪي تقريباً هر ڪوئي جتي ڪٿي پالي ٿو. جيڪي ڪنهن وقت ته جهنگلي ضرور هئا، پر هاڻ اهي اسان جي زندگيءَ جو جهڙو ڪر حصو بڻجي چڪا آهن ۽ جهنگلي، نه برابر وڃي رهيا آهن. (سواءِ ڪن مخصوص جانورن جي، جيئن اچڙي تر ۾ مللنڊڙ جهنگلي گڏهه وغيره) حصي ٻئي ۾ شاهه صاحب پاران ڳايل پالتو پکين جو ذڪر آهي، جيڪي پالتو هجڻ سان گڏو گڏ جهنگلي به آهن. سواءِ ڪڪڙ جي ۽ افسوس جو ڪڪڙ بابت وري شاهه صاحب جو ڪو بيت نه ملي سگهيو. ٽئين حصي ۾ انهن جانورن کي رکيو ويو آهي، جيڪي آهن ته جهنگلي پر انهن کي عام جام پالڻ بجاءِ ڪي مخصوص ذاتيون يا ماڻهو/ خفتي پالين ٿا ۽ جن کي شاهه صاحب به ڳايو آهي.

حصي چوٿين ۾ انهن جانورن جو ذڪر آهي، جيڪي پاليا ته عام جام وڃن ٿا، پر انهن بابت رسالي ۾ ڪو بيت گهٽ ۾ گهٽ مونکي نه ملي سگهيو. (ڪو مهربان ان طرف رهنمائي ڪندو ته احسان ٿيندا) جيئن ٻلي،

Gul Hayat Institute

سهو ۽ ڪڪڙ جيڪي اسان جي اڱڻ ۽ وٿاڻ جو اهم جز آهن, پر انهن بابت شاهه صاحب جو ڪو بيت ناهي ملي سگهيو! ان باوجود انهن کي هن ڪتاب ۾ ان ڪري شامل ڪيو ويو آهي, تہ جيئن هن ڪتاب ۾ سيني پالتو پکين ۽ جانورن کي گڏ ڪري, نوجوان نسل کي ٻين پالتو جانورن ۽ پکين بابت مقامي ڄاڻ ملڻ سان گڏ, انهن جانورن ۽ پکين جي بہ ڄاڻ ملي سگهي. حصي پنجين ۾ پکين ۽ جانورن جي مختلف ڳالهين جي حوالي سان مضمون شامل ڪيا ويا آهن. جڏهن تہ حصي ڇهين ۾ مختلف پکين ۽ جانورن بابت لکيل اضافي مضمون/مواد کي شامل ڪيو ويو آهي.

ان کان علاوه هي ڪتاب لکڻ جو هڪ مقصد هي بہ آهي تہ, وڏڙا ۽ جهونا جيڪي تيزيءَ سان هي جهان ڇڏي وڃي رهيا آهن. انهن جي سينن ۾ صدين ۽ سالن کان سانڍيل تجربن ۽ مشاهدن تي مشتمل توڙي منتقل ٿيل علم, انهن پکين ۽ جانورن بابت صدين جي ڄاڻ,انهن جي مقامي علاج ۽ انهن جي نفسيات بابت ڄاڻ بہ انهن جهونن سان گڏ دفن ٿي رهي آهي, جنهن جو ڪو بہ رڪارڊ محفوظ ناهي. ڀل ڪٿي ڪو انهيءَ لوڪ ڏاهپ folk wisdom تي مشتمل ڄاڻ ۽ علم کي دقيانوسي ۽ جهالت جي زماني جو علم چئي رد ڪري, پر اهو علم, اسان جو صدين ۽ سالن تائين ورثو رهيو آهي. جنهن کي ڪٿي انهيءَ نقطہ نظر سان ئي ڏنو ۽ محفوظ ڪيو وڃي, تہ اسان جا جهونا ۽ وڏڙا صدين تائين انهيءَ علم ۽ ڄاڻ تي عمل ڪندي, پنهنجي زندگيءَ جو گاڏو گهليندا ۽ جيئڻ جا جتن ڪندا رهيا آهن. جن جو تسلسل اسين 'علم ۽ عقل جا اڪابر' اڄ سائنسي دور ۾ ساهہ کڻي رهيا آهيون ۽ پراڻي هر شئي ۽ خيال کي دقيانوسي ۽ جهالت جي زماني جون نشانيون چئي مڪمل رد ڪري ۽ ڪنهن حد تائين انهن جو مذاق اڏائي رهيا آهيون! پر سڄي دنيا ان علم کي لوڪ ڏاهپ Folk Wisdom جي نالي سان گڏ ڪري, سهيڙيءَ ۽ ان مان ممڪن حد تائين فائدو حاصل ڪري رهي آهي. ان ڪري وڏن جي هي جهان ڇڏي هليو وڃڻ کان اڳ, وس آهر اهڙي ڄاڻ گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ۾, هن ڪتاب کي ۽ هڪ وک اڳتي جيتري بہ اهميت ملي وئي تہ بہ لک ڪٽيوسين! هڪڙي ڳالهہ اها بہ چئي سگهجي ٿي تہ اعتراض بہ ڪري سگهجي ٿو تہ انهن موضوعن, پکين ۽ جانورن بابت نيٺ تي اڳ ۾

Gul Hayat Institute

ئي ڪافي مواد موجود آهي، تہ پوءِ هي ڪتاب ڇو؟ ان لاءِ عرض تہ نيت تي مواد ضرور موجود آهي، پر اهو گھڻي ڀاڱي اسان جي ڌرتيءَ ۽ اسان جي ماڻهن جي حوالي سان نہ بلڪ اُنهن جي ڌرتيءَ ۽ ماڻهن جو علم ۽ ڄاڻ آهي، جن اهو علم گڏ ڪيو ۽ نيٽ تي ڏنو آهي! اسان وٽ، اسان جي وڏڙن وٽ، انهن جي باري ۾ ڇا ڄاڻ هئي ۽ ڪهڙو علم هو؟ ان کي گڏ ڪري دنيا آڏو پيش ڪرڻ ۽ دنيا کي ٻڌائڻ تہ اسان وٽ، انهن جانورن ۽ پکين بابت ڪهڙا خيال ۽ ڄاڻ رهي آهي، بہ هن ننڍڙي ڪوشش جو هڪ مقصد آهي. اهي مقصد ڪٿي، هي پورهيو اوهان اڳيان پيش ڪري رهيو آهيان. ڪيترو تو قبول پوي، اهو توهان تي آهي!

ڪتاب جي مواد کي گڏ ڪرڻ ۽ ڄاڻ ڏيڻ ۾ جن دوستن ۽ مهربانن جو ساٿ رهيو اهي نہ ملن ها تہ پڪ سان ڪتاب مڪمل نہ ٿي سگهي ها. سو انهن سڀني مهربانن جا ٿورا ۽ خاص ڪري ڪمپوزنگ جي حوالي سان پياري نسيم بلوچ ۽ ساگر شيام جون مهربانيون نہ ميڄڻ زيادتي ٿيندي. ٿورا تہ سائين ممتاز لغاري صاحب جا بہ، جن ليکڪ جو تعارف لکي ڏنو. سانگهڙ ڪاليج جا پروفيسر دوست عباس لغاري، ڪوثر عباس، اختر قريشي ۽ اويس راحت بہ انهي دوران پنهنجو ڀرپور تعاون نہ آڇين ها تہ بہ وقت سر ڪم ڏکيو ٿي پوي ها. تمام گهڻي مهرباني ثقافت ۽ سياحت کاتي جي نئين انتظاميہ ۽ ان جي اشاعت ڪميٽي جي معزز ميمبرن جي، جن هن ڪتاب کي ڇپجڻ لائق سمجهيو نہ تہ شايد منهنجي ٻئي پيل ڪيترين ئي مواد سان گڏ، هي مواد بہ مسودي جي شڪل ۾ ئي رهجي وڃي ها! پنهنجي ٻارن دانيال، سونو فاطمہ ۽ عبدالله سان تمام گهڻي معذرت جن جو ڪافي وقت هن پاسي سيڙجي ويو.

يقينن ڪافي ڪميون ۽ ڪوتاهيون بہ رهجي ويون هونديون. جن جي نشاندهي لاءِ هميشه منتظر ۽ ٿورائتو رهندس. جيڪڏهن ڪنهن ڳالھ تي ڪنهن مهربان جي دل آزاري ٿئي تہ ان لاءِ اڳواٽ معذرت.

ساھ سلامت، ساٿ سلامت

**نواز ڪنير**

شهنشاھ ڪالوني، سانگهڙ
تاريخ 2015_05_01
03332911599

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

# حصو پهريون

## پٿائيءَ جا ڳايل پالتو جانور

Gul Hayat Institute

# اُٺ

## ٻنائيءَ پارن سڀ کان وڌيڪ نالن سان ڳايل جانور

**پاڳين** وٽ چوپايو مال ٻن قسمن ۾ ورهايو ويجي ٿو. هڪ هلڪو ۽ ٻيو ڳرو. هلڪي مال ۾ رڍ ۽ ٻڪري ۽ ڳري مال ۾ اُٺ، مينهن ۽ ڍڳي وغيره کي شامل ڪيو ويندو آهي. جڏهن ته پاڳين وٽ مال لاءِ هڪ ٻي ڪئٽيگري 'وهٽ' جي به آهي. جيڪو جانور سواري جي ڪم اچي ان کي وهٽ سڏبو آهي. جنهن ۾ گڏهه، گهوڙا ۽ خچر اچي وڃن ٿا. پر اُٺ سواري ڪرڻ ۽ بار ڍوئڻ جي ڪم اچڻ باوجود چوپائي مال ۾ شامل ڪيو وڃي ٿو. جنهن جي ٻين سببن سان گڏ اُٺ پارن کير ڏيڻ ۽ هن جي حلال هئڻ ڪري، هن جو گوشت کائڻ جهڙا سبب شامل آهن. هڪ ته اُٺ کي گهر ۾ سواري لاءِ رکبو هو ٻيو ته ڪجهه ماڻهن جي گذر سفر جو ذريعو اُٺ هئا. جيئن ڪن پاڳين وٽ مينهون، ڍڳيون، ٻڪريون يا رڍون ٿين.

**اُٺن جا نالا**: جيڪڏهن ڪنهن جانور جا سنڌي ۾ سڀ کان وڌيڪ نالا آهن ته اهو پڪ سان اُٺ ئي آهي ۽ اهو اعزاز به اُٺ کي ئي نصيب ٿيل آهي ته اهو ٻنائي سرڪارپارن سڀ کان وڌيڪ ڳائجندڙ جانور به آهي. جيئن: چانگو، ليڙو، توڏو، مئيو، ڏاگهو، گورو، بوتو، ڪرهو، ڪنوات،ناقو، گنگو-گونگو، هرو، پورو، پربت، جماز، شتر، روڏو، دوئڪ، مهري، ناڪو/ڏاچي ۽ اُٺ ته هوئين آهي ئي. اُٺ جي هڪ خاص ڳالهه اها به آهي ته سنڌي لوڪ داستانن خاص ڪري مومل راڻي ۽ عمر ماروي ۾ اُٺ جو وڏو ڪردار نظر اچي ٿو. ان ڪري شاعرن هن کي ٻين جانورن کان ڳايو به وڌيڪ آهي. جيئن تاريخ ۾ مختلف وڏين شخصيتن ۽ بزرگن جا گهوڙا

مشهور آهن. ائين وري مختلف بزرگن جا اُٺ ۽ انهن سان منسوب روايتون بہ مشهور آهن. جن جا ڪيترائي واقعا بيان ڪيا وڃن ٿا.

اُٺ جيڪو سواري ڪان علاوه بار ڪڻڻ، هر ڪاهڻ، کوهن مان پاڻي ڪڍڻ ۽ ڪرتب ڏيکارڻ لاءِ بہ استعمال ڪيو ويندو آهي. پر ان جي باوجود ڪيس ڏگهين ڄنگهين واري اُٺ کي چانگو چئبو آهي. اُٺ کي بي عقل ۽ جاهل بہ سڏيو ويندو آهي. جنهن جو سبب شايد سندس پاران هلڻ ۾ ڍرو هجڻ آهي. ان ڪري هن کي ليڙو بہ چئبو آهي. هڪ سال کان گهٽ عمر واري اُٺ کي توڏو چئبو آهي. ٿلهي متاري اُٺ کي مئيو چئبو آهي. پوئتي هٽندڙ وهي واري اُٺ کي ڏاگهو چئبو آهي. ڪير پياڪ ٻچي کي گورو چئبو آهي. اُٺ ٻن سالن تائين ماءُ جو ڪير ڏائيندو آهي. ٻن سالن بعد ڪير ڇڏيندڙ کي انوڙ ۽بعد ۾ ڏهاڻ سڏبو آهي. ننڍي جوان اُٺ کي بوتو چئبو آهي. اُٺ کي پيار ۾ ڪرهو سڏبو آهي. ٻن سالن واري عمر جي اُٺ کي ڪنواٽ چئبو آهي. ٻڙاندي/بہ ڏند ڪڍڻ تي ڪيس دوق/دوڏ سڏبو آهي. ٻن سالن واري کي بياڻو. ٽياڻو چوس ۽ پنجوس بہ سڏبو آهي. ڇهين سال بہ ڏند ڪڍندو سال تي وري بہ بيا ڏند ڪڍندو. 8 سالن جي عمر ۾ نيش سڏبو آهي. اها اُٺ جي جواني هوندي آهي. جنهن جي ٽن سالن بعد اُٺ پوئندي هٽندو ۽ پوڙهو ٿيندو آهي. جنهن کي ڏاگهو سڏبو آهي. اُٺ جي وڏي قد بت ۽ وزن جي ڪري ان کي پربت سڏبو آهي. عربي ٻولي ۾ تکي اُٺ لاءِ جماز لفظ استعمال ڪبو آهي. فارسي ٻولي ۾ اُٺ کي شتر چوندا آهن. اهو لفظ سنڌي ۾ بہ مروج آهي. جنهن اُٺ کي تڪڙ تي وار نہ هجن ان کي روڏو چئبو آهي. تمام پلي اُٺ کي مهري چئبو آهي. جيڪو عام اُٺن جي مقابلي ۾ هلڪو ۽ تيز ڊوڙندو آهي. ناقو عربي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ڏاچي يا مادي اُٺ. لاڏا اُٺ لڏي يا بار کڻڻ لاءِ بهتر آهي.

**اُٺن جا نسل:** سنڌ ۾ عموماً سنڌي، ڪارائي (ساموندي پٽي وارا) ۽ ريگستاني/ ڍاٽي اُٺ پاليا ويندا آهن. جن ۾ سنڌي اُٺ بار جا ڏاڍا پر منزل ٿوري ڪندا آهن. جڏهن تہ ڍاٽي اُٺ بارگهٽ کڻندا آهن، پرمنزل وڏي طئہ ڪندا آهن. بلوچستان واري پاسي جي اُٺن کي جابلو اُٺ سڏبو آهي. مهري



Gul Hayat Institute

ڏيندي آهي. ڏاچي 5 کان 8 ڪلو کير ڏئي. ڏاچي جي کير جا مختلف ذائقا ٿين ٿا. اُٺ جو کير ولوڙيو ڪونهي، ان ۾ مکڻ نهڻ جي صلاحيت ناهي. اُٺ جو کير سائي، تلي، هاضمي، سنڌن/هڏن جي سور، جيئري-رت جي گھٽ نهڻ، دل جا وال بند هجڻ شگر ۽ ٻين ڪيترين ئي بيمارين ۾ جن جو تعداد رڌ جي کير وانگر ٻاهتر ٻڌايو ويچي ٿو اهو ٻـ چئبو آهي تـ اُٺ جهنگ ۾ 32 ٻوٽيون/ وڻ/گاهـ چرندو آهي، ان ڪري ان جو کير 32 مرضن تي لڳندو آهي.

اُٺ جو ويامڻ: ڏاچي گھڻو ڪري سياري ۾ لڳندي آهي. ۽ ٻارنهن مهينا ۽ ڪجهـ ڏينهن ڪڍندي آهي. ڏاچين جي ولر ۾ هڪڙو ئي سانَ اُٺ رکبو آهي، جيڪو ٻئي کي ويجهو اچڻ نـ ڏيندو آهي. جي ڪٿي ٻـ ولر پاڻ ۾ گڏجي ويا يا ٻـ سانَ پاڻ ۾ گڏيا تـ وڙهي پوندا آهن. ٻئي مال جي مقابلي ۾ ڏاچي لڳڻ بعد 21 ڏينهن جي بجاءِ 32/33 ڏينهن ۾ اٿلي سگهي ٿي. اوني ان بعد ڏاچي جي لڳڻ جي پڪ ڪندا آهن. جنهن جي پڪ ڏاچي ٻاران مسلسل پُڇ هڻڻ سان ٿيندي آهي. هن جو ووهر ٻـ/ٽي ڏينهن تائين برقرار رهندو آهي. گوري کي ٻـ سال کير پياري، وري چوٿين سال ويامي ۽ ان ئي وقت يعني چئن سالن بعد، نئين جاول ڏاچي ٻـ لڳندي آهي. ڏاچي هڪ ڦر ڏيندي آهي، پر جي ڪٿي ٻـ ڦر ڏنائين تـ اها نياڳ يا ڏڪار جي نشاني سمجهبي آهي.

اُٺ جي قرباني ٻـ ڪبي آهي. اُٺ سواري لاءِ ٽن چار سالن کانپوءِ ٿيندو آهي. اها ٻي ڳالهـ آهي تـ هاڻ ماڻهو گوري تي ٻـ سواري پيا ڪن، پر اڳي ٻن سالن تائين جي اُٺ ٿيڻ کان اڳ ان تي ڪونـ چڙهبو هو.

اُٺ جو مست ٿيڻ: اُٺ سياري ۾ مست ٿيندو آهي. جنهن کي مالڪ هڏتريون هڻندو آهي. جنهن ۾ هيٺيون چپ ۽ مٿيون چپ پاڻ ۾ سبي چڏيا آهن. ان ڪري چوندا آهن تـ "مڙس ڪھڙو ٻـ مجاجي هجي، پر زال گڏيس تـ ٿيندو پڪو ياڙيو." ائين اُٺ ڪھڙو ٻـ مست هجي، پر هڏ تري لڳي تـ گهـ گهـ پيو ڪندو. اُٺ جي مست ٿيڻ جو مدو ڏيڍ مهينو کن هوندو آهي، جنهن ۾ کيس ٻڌي ٻـ ڇڏبو آهي.



Gul Hayat Institute

اُنيون، ان جون زاليون منيون. چو جو اوٺي هڪ هنڌ ڪونہ ويهن. اُنن کي چارڻ لاءِ ڪڏهن ڪٿي تہ ڪڏهن ڪٿي وڃڻو پوندو آهي. جيئن ٻڪرين جي ڌنار لاءِ چئبو آهي تہ ان جا پير ۽ ٽنگون لوھ جون هجڻ گھرجن. ائين اُٺ جو ڌنار سدائين منڌو هوندو آهي. هن کي سدائين گوڏن، ٽنگن ۽ سنڌن ۾ سور هُندو آهي.

**اُٺ پاران خطرو محسوس ڪرڻ:** جيڪڏهن اُٺ ڇرڪ ڀري، تاھ ڪائي ۽ اڄايو رڙي تہ ياڳيو سمجھندو آهي تہ يا ڪو طوفان ڏنو اٿس يا ڪا ٻي خطري واري شيءَ ڏٺي اٿس.

**ميلا:** اُنن جي مشهور ميلن ۾ ساڄن سوائي، اُڏيرو لعل ۽ غلام شاھ جو ميلا شامل آهن، جتي اُنن جي خريد و فروخت بہ ٿيندي آهي.

قيمت: سنو نر اُٺ عام طور تي اڍائي لک کان چار لک تائين ۽ سني مادي بہ چار لک تائين وڪامندي آهي. باقي پل پلان جو تہ ڪو ڇيھ ئي ڪونهين.

**اُنن جي سينگار جو سامان:** ٻين جانورن ۽ خاص ڪري ڍڳي وانگر اُٺ جي سامان ۾ بہ جُھلون، ڳانڊيا، ڪوڏ ۽ ڇيرو وغيره شامل آهن. پر اُنن جي سينگار جي هڪ خاص ڳالھ هنن جي جسم تي، سنڌن وار/مِلس قينچي سان ڪٽي ناهي ويندڙ گلوڪاري پڻ شامل آهي. جيڪا ڏاڍي خوبصورت لڳندي آهي. شايد ئي ڪنهن ٻئي جانور جا اهڙي طرح سان وار ڪٽي ان تي مختلف قسمن جا چِٽ ڪڍيا ويندا هجن.

اُنن جي گوڙ: اُٺ سفر لاءِ تہ استعمال ٿيندوئي آهي، پر ان کي ناچ ۽ ٻيا ڪرتب بہ سيکاريا آهن تہ ان جي گوڙ بہ ڪرائي ويندي آهي ۽ ان کي مختلف طريقن سان هلايو بہ ويندو آهي، جيئن ٽپال وغيره.

**اُنن جي حوالي سان استعمال ٿيندڙ مختلف لفظ :**

جھوڪ = اُنن جي ويھڻ جو هنڌ يا وٿاڻ.

وارو رکڻ= ڏاچي تي اُٺ چڙهڻ.

گورو = کير ٻيئندڙ
ڪنوات= ڏاچي پاران کير تان هڪليل
سوپارو= جيڪو اُٺ ڏاچيون ڦري
سائي = جيڪا ڏاچي ڦرجي وڃي
ڏڪ رکڻ = ڏاچيون لائڻ/ڦرڻ

شاهه صاحب پنهنجي رسالي ۾ نه صرف اُٺ کي سيني کان وڌيڪ نالن سان ڳايو آهي بلڪ تمام گهڻن سُرن ۾ به ڳايو آهي. جيئن سرديسي، سرڪنيات، سُر حُسيني، سُر ڪوهاري، سُر معذوري، سُر مومل راڻو وغيره. هتي پٿائي صاحب جا اُٺ بابت ڪجهه بيت ڏجن ٿا.

اَڳي اُٺَ رَڙَنِ، مُون پيري ماٺِ ٿِئِي،
پلاڻِيندي پارَ ۾ ، ڪُڇيو ڪِينَ ڪُنَنِ،
ڪا جا مامَ مُنَنِ، هِنِ پُرِڻ هُئِي هُنِ سين.

(شاهه جو رسالو غلام محمد شاهواڻي، سُر ديسي، داستان پهريون، بيت نمبر 10)

ڪڪا اٺ ڪيچن جا لِمِي سندن لام،
سَتي جو سيد چئي، اَرِگ ٿيو آرام،
جن لاءِ جڳ نهاير جام، سي لڪيون سپ لنگهي ويا.

(شاهه جو گنج، سگهڙ حاجي الهداد جنجهي، متفرق بيت، بيت 127)

ڪڪا اُٺ ڪيچن جا، ڊِگهي سندن ڊوڙ
سئي جو سيد چوي ساهه وِجهي ويا سوڙ
هن جنهين جي موڙ سي لڪيون سپ لنگهي ويا.

(شاهه جو گنج، سگهڙ حاجي الهداد جنجهي، متفرق بيت، بيت 128)

ڪڪا اٺ ڪيچن جا، ڪارا سندن ڪنڌ
ليڙا رات لطيف چئي، پُريا مٿي پنڌ
جن جا روز نهارين رند، سي لڪيرن سپ لنگهي

ويا.
(شاهہ جو گنج، سگھڙ حاجي الهداد جنجهي، متفرقہ بيت، بيت 129)

ڪڪا اُٺ ڪيچن جا، ڪارا جني ڳوڙا،
ان کي ڪن ڪپار ۾، ٻڌن ڪين ٻوڙا،
پائي پاکوڙا، لڪيون سڀ لنگهي ويا.
(شاهہ جو گنج، سگھڙ حاجي الهداد جنجهي، متفرقہ بيت، بيت 130)

ڪڪا اٺ ڪيچن جا، پُخِتا سندن پير،
هو ڪري سُڄ سنجهي ويا، اُتيس آئون اَوير،
جن جاگهت نهاريان گهيڙ، سي لڪيون سڀ لنگهي ويا.
(شاهہ جو گنج، سگھڙ حاجي الهداد جنجهي، متفرقہ بيت، بيت 131)

اٺ نہ هلن اڳتي ايا اوڳارين،
ڪريو صلاحون سيد چئي، ڪرها قطارين،
سي منزل ڪيئن مارين، جن کي جهوري جت جڏو ڪيو.
(شاهہ جو گنج، سگھڙ حاجي الهداد جنجهي، متفرقہ بيت، بيت 145)

اُٺ نہ هلن اڳتي، روڏا مٿي رند،
وَاللہ علي کُل شَيءٍ قدِيرُ، پيرين ڪن نہ پنڌ،
سي ڪيئن ڪرها ڪڻن، ڪنڌ جن کي جهوري جت جڏو ڪيو.
(شاهہ جو گنج، سگھڙ حاجي الهداد جنجهي، متفرقہ بيت، بيت 146)

اٺ نہ هلن اڳتي، گونگا مٿي گس،
ڪُٿيندي ڪامن سِين، ڪيا وڏا وس

سي منزل مارين مَسُ، جن کي جھوريءَ جت جڏو
ڪيو.

(شاھ جو گنج، سگهڙ حاجي الهداد جنجهي، متفرق بيت، بيت 147)

اهي سڀ ڳالهيون پنهنجي جاءِ تي پر چوپائي مال جي جن نسلن جي وجود وڃائڻ يا تمام گهٽ باقي وڃي بچڻ جو خطرو آهي، انهن ۾ اُٺ به شامل آهي. جنهن کي خود غرض انسان پاران هي ڌرتي ۽ ان تي موجود سڀ شيون رڳو ۽ رڳو پنهنجي لاءِ ئي سمجهڻ سبب ۽ وڏيڪ زمين آباد ڪرڻ سبب اُٺ جي چرڻ جي جُو ختم ٿيڻ ۽ ٻيلا گهٽجڻ جهڙا سبب شامل آهن. ڪاش انسان هن ڌرتي تي ٻين جي زنده رهڻ جو به حق تسليم ڪري وٺي ته اُٺ سان گڏ ٻيا ڪيترائي نسل، انسانن جي ايندڙ نسلن لاءِ بچي سگهن ٿا.

Gul Hayat Institute

---

**حوالا:**


1. ڪتاب_لطيفي انسائيڪلوپيڊيا، بدر ڌامراهو صاحب، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2007ع
2. مشتاق علي مهيري ولد مراد علي، بجاري شريف، گولاڙچي، بدين

وڏن زميندارن توڙي خفتين وٽ وجي بچيون اهن. پر پوءِ بہ مقامي جنسن جي حوالي سان صروتحال ڪا سني ۽ تسلي بخش ناهي رهي. ٻيدي ڪان علاوه ٻسر ٻڪريون بہ ڪافي تعداد ۾ وڌيون اه. .جنهن جو سبب سندن ٻاران مضبنوط جسم هجڻ سان گڏ نسبتا هر شئي ڪائڻ ۾ هر حال ۾ خوش رهڻ آهي. ٻڪرين جو ڪير گهر ۾ ائي وئي لاءِ آساني سان دستاب ٿيڻ ڪان علاوه هو گوشت هر دعوت تي مهمان نوازي جو جهڙوڪر لازمي جز ۽ عنصر هجي ٿو جنهن سبب غربت جي صورت ۾ متبادل وري فارمي ڪڪڙ هجي ٿو تہ بيمار سيمار ڪي بہ ٻڪر جو گوست ئي سهارو ڏئي ٿو. اڄڪلهہ ٻڪر جي گوست جي وڌندڙ وڪري ڪيترن ئي ماڻهن ڪي روزگار ٻڻ مهيا ڪيو آهي. ٻڪريون واندن جي وندر ڪمائي ۽ بچت جو وڏو ذريعو ٿئي سگجن ٿيون. پر ان طرف توجہ نٿي ڏني. هڪ سال تائين مهيني سگريٽن ۽ چانهہ جو ڪجهہ خرچ ڪري ٻڪرين جا ننڍا ڦر پڙي تان خريد ڪري جتي سني بچت ڪري سگهجي ٿي. امدني وڌائي سگهجي ٿي اٿي واندي ويهڻ ڪان بہ بچي سگهجي ٿو. پر افسوس جو اسان وٽ اهو رجحان پيدا نہ ٿيو آهي. پر افسوس جو وٽنري وارن وٽ ٻڪرين جي علاج جي حوالي سان بجيٽ ڏاڍي محدود هجي ٿي جنهن ڪي ٻڪري جي اهميت جيتري وڌائڻ جي سخت ضرورت آهي.

ٻڪري بہ انهن خوشنصيب جانورن ۾ شمار آهي جنهن جو ذڪر حديث شريف ڪان علاوه شاهہ جي رسالي ۾ بہ ملي ٿو. ڀٽائي سرڪار مختلف سرن ۾ ٻڪري چيلن ويندي ٻڪري جي ڦولڙين جو بہ ذڪر ڪيو آهي مثال طور:

هِنَ مُندَ مارُو سَنرا، وِيڙهين وَڳَ وارِين،
ڇَڇيا ڇيڪاريو ڇيلڙا ڀَنين ٻَهرائين،
نيڻَ مُنهنجا اُنِ ڪي، جمَجهو جَرُ هارِين،
تاڙا تَنوارِين، مينهنَ وسندا، موٽُ تُون.

(سُر مارئي، شاهہ جو رسالو. ڪلياڻ آڏواڻي، داستان نائون، بيت 4)

پاسا پولڙين ۾، بانهُون سِرِ بيئي.

اکيون، نَڪُ، آريجَ! ري، تِمايم تيئي،
ڏُورِ تيا ڏيهي، پِرِين پائر وَتِ ۾!
( پولڙيون = ڦولڙيون، ڦنگڙيون)
(سُر مارئي، شاهه جو رسالو ڪلياڻ آڏواڻي، داستان نائون، بيت 8)

ٻُري نہ ٻَڪَرَ دانَهن، پُورڻ پُٽڪو نہ سُٽان،
مِيان مروئڙن جا اُوٺا ڏسان آنَهن،
جَن سانيڪا سَنجئا، سي، ڏَٽِيِ! ڪِئَڙ ڪانَهن،
پکا ڪٽِي پَرانَهن، جيڪَس لڏيو لوئڙِياريئن.
(بيت 430، سر مارئي 8 ، الف بي وار شاهه جو رسالو مرتب، عبدالغفار گوهر دائودپوٽو)

پَرتوَو پُنهونءَ جو ڪي چانئن ڪِي اُسَ،
ڦَرِيباٽِي ڪُس، آهي ڪَرَ ٻَڪَرَڙي.
(بيت 407، سر ڪوهياري 4، الف بي وار شاهه جو رسالو مرتب، عبدالغفار گوهر دائودپوٽو)

ڇِپَرِ جِئَن ڀِهوُن، تِئَنِ رڻُ ڳِجُهنِ رانئيو
وَنِڪا وَنڪَنِ گَڏِيا، ٻوڙيو ڏِيَنِ ڏَهوُن،
مُهايَنِ وَهوُن، نيرُ مَهانگو ڪَندِيوُن.
(سُر ڪيڏارو، شاهه جو رسالو ڪلياڻ آڏواڻي، داستان ڇهون، بيت 2)

Gul Hayat Instutute

پنهوارن ۾ پُرَ، آڳئين ڳَنا آڪَرو،
ٻَنڌ جُهري ڇِڪ تي، ٻَڪر چرن ٻور،
آئون تني جو تور، جهانگي رَهنَ جهنگ ۾.
(سُر مارئي، شاهه جو گنج، سگهڙ حاجي الهداد جنجهي، داستان ٽيويهون، بيت 12)

هو ڀنگا هو ڀيڻيون ڇانگون نہ ڇيلن،

## پٽائيءَ پاران نفس جي علامت طور ڳايل جانور

# خچر

### خاتمي جي ويجهو آ.

***دنيا*** ۾ جيڪي پکي پکڙ ۽ جانور گهٽجي رهيا آهن، انهن جي باري ۾ هڪڙي راءِ اها به آهي ته هاڻ انهن جي نه ته ايتري اهميت رهي آهي ۽ نه ئي ضرورت. ان ڪري ئي اهي شيون گهٽجي ويون آهن. پر ڳالهه جڏهن خچر جي اچي ٿي ته مٿئين راءِ رکندڙ اڪثر مٺو ڪنهيندا رهجي ويندا آهن! اٺ، ان ڪري اهميت وڃائي وينو جو روڊ رستا ٺهڻ بعد بار ڍوئڻ لاءِ ٽريڪٽر، ٽرالا ۽ ٽرڪون آيون. اتي بيلا، وڻ ٽڻ ۽ انن جُوءِ به گهٽجي وئي. گهوڙو به جديد سوارين جي اچڻ ۽ جنگين جي جديد نموني وڙهڻ بعد گهٽجيو. ڪاموري ٻڪري ٻيلا، گاهه ۽ جُوءِ گهٽجڻ بعد ڪيڏانهن ٻئي پاسي هلي وئي، پر خچر ته اڄ به بار ڍوئڻ لاءِ گهربل به آهن، ته ساڳئي وقت هوڪم به ڪم ڪرڻ کان به انڪاري ڪونهي! پوءِ خچر جو نسل ڇو تيزي سان ختم ٿي رهيو آهي!؟ جيڪڏهن اسان آس پاس نظر ڊوڙايون ٿا يا حڪومت جا جانورن بابت انگ اکر ڏسون ٿا ته، اسان کي سڀ کان گهٽ جانور خچر ئي نظر ايندو! شايد خچرن جي خاتمي جو سبب ماڻهن وٽ وقت جي ڪمي ۽ زماني ۾ تيزرفتاري جو اچڻ آهي. ۽ خچر به شايد انهي جو ئي شڪار ٿيو آهي.

اصل ۾ هن جا سنڌي نسل جا ماءُ پي ناهن هوندا عام خفتين جي بقول ته ۽ هي گهوڙيءَ ۽ گڏهه جي ميلاپ سان پيدا ٿيندو آهي. ان لحاظ سان هن کي '**گڏو**' به چئي سگهجي ٿو. جيڪڏهن خفتين جو خيال آهي ته مادي گڏهه ۽ گهوڙي جي ميلاپ سان ننڍڙو گهوڙو 'ٽوني' پيدا ٿيندو آهي،

Gul Hayat Institute

جيڪو پڻ گھٽجي رهيو آهي. هاڻ جڏهن گڏهه تہ گھٽا وڏي ويا آهن ۽ جتي ڪٿي، عام جام نظر بہ ايندا آهن ( هڪ خيال هي بہ آهي تہ گڏهن جو وڌڻ، ان ملڪ/علائقي ۾ غربت جي وڌڻ کي ظاهر ڪري ٿو. ان لحاظ سان ڏسجي تہ ملڪ ۾ غربت بہ وڌي آهي تہ گڏهه بہ!) پر گھوڙين ۽ گھوڙن جو گھٽجندي گھٽجندي . رڳو ميلن، ملاڪڙن ۾ پچائيندڙن جي طنبيلن تائين محدود ٿيڻ بعد، نوان خچر پيدا ٿيڻ جو سلسلو جھڙوڪر رڪجي ويو آهي، ۽ پراڻا خچر بہ پنهنجو وقت پورو ٿيڻ بعد موڪلائي رهيا آهن. ان ڪري لڳي ٿو تہ هاڻ خچر جو خاتمو صفا ويجهو وڃي پهتو آهي. ڇو جو اڳي گڏهه گھوڙا ( گھوڙيون) گڏ پيا چرندا هئا ۽ خچر پيا پيدا ٿيندا هئا، پر جڏهن کان گھوڙا ۽ گھوڙيون وڃي ڪوٺن جهڙن طنبيلن ۾ قيد ڪيون ويون آهن، جيڪي آهن بہ اڪثري ڪري انهن جون، جيڪي جڏهن ڪپڙا چنبڙي ۽ مچون وٽي هلندا آهن. پر منجهن مڙسي ڪيتري هوندي آهي؟ اهو هڪ الڳ بحث آهي) تہ سندن اڳيان پنيان بندوقن وارا بہ هوندا آهن. (جيڪي وري وڏيرن ۽ پوتارن کان بہ وڏيڪ سيتيل هوندا آهن) جيڪي گھوڙن جو اعليٰ کان اعليٰ نسل وٺڻ لاءِ، اڳواٽ پلي کان پلي گھوڙو اک ۾ ڪري، گھوڙيءَ جي چاٽي ڪرڻ جو ڏاڍي بي صبري سان انتظار ڪندا آهن. اهي جيڪي بين جي 'ڪارين' جا فيصلا ڪندا هجن سي، گڏهه کي 'ڪارو' ٿيڻ جو موقعو ڪٿي ٿا ڏين!

ڪجھ بہ هجي پر هاڻ مسئلو اهو پيدا ٿي پيو آهي تہ اهڙن بندوق بردارن جي پهرن ۾، ڪوٺن ۾ قيد گھوڙين سان، گڏهن جو ميلاپ ڪيئن ممڪن ٿئي جو خچر پيدا ٿين!؟ حالانڪ گڏهه ويچارا تہ سڄو ڏينهن ڪم ڪرڻ باوجود مارون کائيندي، تعدين ۽ طرح طرح جون بي عزتيون برداشت ڪرڻ باوجود جتي ڪٿي، هر وقت هڪيا تڪيا 'بل ڇُٽڻ' لاءِ موجود آهن. پر گھوڙن جو ڪال پيدا ٿي پيو آهي. ان ڪري پڪ سان چئي سگھجي ٿو تہ نہ هاڻ گھوڙن ۽ گڏهن کي ڪڏهن آزادانہ ميلاپ ڪرڻ جو موقعو ملندو ۽ نہ ئي نوان خچر پيدا ٿيندا. ماهرِ 'خچريات'، 'گھوڙيات' ۽ 'گڏهيات' جي بقول تہ سائنٽيفڪ راءِ مطابق انسانن وانگر مختلف جانورن ۾ بہ مختلف تعداد ڪروموسومز ٿيندا آهن. ساڳي نسل جو ٻچو

پيدا ٿيڻ لاءِ ڪروموسومز جو تعداد ٻڌي ۾ هجڻ لازمي آهي. جيئن تہ گهوڙي ۾ ڪروموسوز جو تعداد 62 ۽ گڏھ جو تعداد 64 هجي ٿو. پر انهن جي ميلاپ سان پيدا ٿيندڙ ٻچي ۾ ڪروموسومز جو تعداد 63 ايڪي انگ هجڻ ڪري خچر پيدا ٿئي ٿو! جڏهن تہ گهوڙي جي 62 ۽ گڏھ جي 64 ڪروموسومز کي جوڙ ڪبو تہ جواب ايندو 126 پوءِ جڏهن 126 کي 2 سان ونڊ ڪبو تہ جواب ايندو 63 ائين 63 اڪي انگ هجڻ سبب 'مخنث' پيدا ٿئي ٿو جنهن کي خچر سڏبو آهي.

خچرجي پيدا ٿيڻ جي حوالي سان، مٿيون خيال تہ آهي، عام خفتين يا عام ماڻهن سان گڏوگڏ سائنٽيفڪ راءِ رکڻ وارن جو پر سانگهڙ جو ،هائشي مزدور منظور احمد آرائين ولد الهہ دتہ عمر اٽڪل 55 سال. جنهن پنهنجي والد سان گڏ ويهارو کن سالن تائين نہ صرف خچرن ۽ گڏهن تي مزدوري ڪئي آهي، بلڪ اهي پاليا ۽ خريد و فروخت بہ ڪيا آهن. تنهن جا خچر جي باري ۾ خيال، مشاهدا ۽ تجربا بلڪل ئي جدا ۽ عام ماڻهن لاءِ ڇرڪائيندڙ حد تائين نوان آهن.(جن تي بهرحال بحث ۽ ماهرانہ راءِ جي پوءِ بہ ضرورت محسوس ٿئي ٿي) منظور جي بقول تہ اهو خيال اڌورو آهي تہ خچر رڳو گڏھ ۽ مادي گهوڙيءَ جي ميلاپ سان پيدا ٿيندا آهن. بلڪ خچر گڏھ ۽ گهوڙي جي ٻنهي صورتن ۾ ٿيندڙ ميلاپ مان بہ پيدا ٿيندو آهي يعني تہ ڀلي گڏھ ۽ گهوڙو فائل هجن يا مفعول! منظور جو اهو بہ چوڻ آهي تہ خچر نر ۽ مادي بہ هوندا آهن. پر پاڻ ۾ ميلاپ ڪرڻ جي منجهن گهر-يل سگهہ نہ هوندي آهي. هو پنهنجو تجربو ٻڌائيدي چوي ٿو تہ وٽن ست اٺ گڏھ ۽ مادي خچر گڏ واڙيل هوندا هئا. جيئن تہ گرمي ۾ گڏھ 'چاٽو' ڪرڻ بعد نر گڏھ صفا اندو ٿي ويندو آهي ۽ ان کي بري ڀلي ۽ 'پنهنجي' 'پرائي' جي ڪا بہ تميز نہ رهندي آهي. ايستائين جو 'لوطي گڏھ' پنهنجي هم جنس ۽ نسل کان بہ نہ مڙندو آهي. سو اهڙي ڪنهن انڌ جي گهوڙي تي سوار هڪ گڏھ مادي خچر تي 'سوار' ٿي ويو جنهن مان نون مهينن بعد نر ٻچو پيدا ٿيو (جيڪو گڏھ سان مشابع هو) جنهن کي مادي خچر کير بہ پياريندي هئي!! منظور اهو بہ ٻڌائي ٿو تہ گڏھ ۽ گهوڙيءَ جو ميلاپ تہ نسبتاً آساني سان ٿي ريندو آهي، پر گهوڙي ۽ گڏھ

خرچ ڪري، پروجيڪٽ ناهي، ڪاميابي ۽ ايمانداري سان هلايا پيا وڃن. جڏهن تہ اسان وٽ ڏڪار جي ڏينهن ۾ تر توڙي ڪاڇي ۽ ڪوهستان مان، ميداني علائقن جو رخ رکندڙ انسانن جا ٻار بہ بک ۽ خوراڪ جي قلت سبب حياتيون هارائي رهيا آهن. ڪيترو نہ فرق آهي سوچ ۾!

کچر جي هڪڙي اهم خوبي سندس سندر ۽ خوبصورت وڏا وار بہ هجن ٿا، جن کي موهير Mohair سڏبو آهي. جن مان ساڙهين جي ڪنارن تي ڏاڍو خوبصورت ۽ نفيس هٿ جو ڪم ٿيندو آهي. اهي وارا اڳي پهاڙي علائقن جا ماڻهو ڪٽي ايندا هئا، پر اها اڪيلي خوبي سا بہ ساڙهين بجاءِ، جينز جي زماني ۾، ڪٿ تي کچر کي خاتمي کان بچائي سگهي! کچر جي هڪ خاص ڳالهہ اها خوشقسمتي ڪيس شاهہ لطيف رح جن پاران ڳائڻ بہ آهي. جيتوڻيڪ ڀٽائيءَ سرڪار ڪيس ’نفس‘ جي علامت طور ڳايو آهي، پر پوءِ بہ کچر انهن خوشنصيبن ۾ شامل آهي جيڪي شاهہ جي رسالي ۾ جڳهہ ناهڻ ۾ ڪامياب ٿيا آهن. ڀٽائي سرڪار کچر جي باري ۾ فرمائين ٿا تہ:

لائي خَنجَرُ ’لا‘ جو، هَئي کچر کي هڻُ،
سَڏنِ جون سيد جي، وَٽون سڀ وِڪڻُ،
پير پروڙي ڪَڻُ، تہ هلڻ ۾ هوري وَهين.

لائي= تکو ڪري. کچر= نفس. هوري= هلڪي باري واري
شاهہ جو رسالو: مؤلف غلام محمد شاهواڻي،سر معذوري، داستان پهريون بيت 8

مٿيون بيت مختلف رسالن ۾ موجود آهي، پر ان جي مختلف لفظن جي معنيٰ ڪجهہ هڪ ٻئي کان مختلف بہ ڏنل آهي. جيئن هي بيت هينئين حوالي ۾، هينئين معنائن سميت موجود آهي.

کچر= نيستي. هوري= نفس جو نجس
(شاهہ جو رسالو– ڪلياڻ آڏواڻي.سر معذوري، داستان پهريون بيت 7)

سڪل توڙي سائي ڇپر تمام گهڻو شوق سان کائيندڙ کچر جوئر جي ڪتر، لوسڻ، برسيم، ٻاجهري، جئو ۽ ساريون بہ شوق سان کائيندو

ٿلهو ۽ نہ گهوڙي جهڙو سنهو بلڪ وچولو هوندو آهي. ڪنڌ جا وار گهوڙي وانگر وڏا هوندا اٿس. خچر ڪم ڪندي ٿڪبو ئي ناهي، پلي سجو ڏينهن پيو بار ڍوئي. خفتين وٽ هن جي بار ڍوئڻ لاءِ ڪٿ بہ عجيب طريقي سان ڪبي آهي. خفتي جي بقولڪ تہ بنہ مان نڪتل چار نيون سرون (جيڪي پاڻي ۾ پسيل نہ هجن) ڪٽي، خچر جي چئن پيرن هيٺيان رکي، مٿان خچر تي وزن وجهو. جڏهن وزن سبب خچر جي پيرن هيٺان پيل سرون ڀڄي پون، تہ سمجهبو تہ هاڻ خچر جي وزن برداشت ڪرڻ جي حد پوري ٿي!خفتين جي بقول تہ خچر، گڏھ کان 70 دفعا وڌيڪ وزن کڻي سگهي ٿو.

خچر جي وار سان، بواسير جا مسا پٽڻ سان جتي فائدو ٿئي ٿو اتي هن جي لڏ گرم ڪري ڏکُ لڳڻ واري جاءِ تي سيڪ ڪرڻ سان بہ فائدو ٿيندو آهي. اهو سيڪ لِڏَ پاڻي ۾ اوٻاري بہ ڪري سگهبو آهي. خاص طور تي جڏهن انسانن کي توڙي جانورن ٽنگن ۾ پيرن کان مٿي ۽ گوڏن کان هيٺ، (ٻُڪين ۾) ريشو ۽ سور ٿئي ۽ هلڻ ۾ ڏکيائي محسوس ٿيڻ ۽ تڏهن بہ هن جي لڏ ليري ڪري ٻڌبي آهي.( اسان جي دوست ۽ سنڌ جي نالي واري مزاحيہ شاعر جي بقول تہ هڪ دفعو ضلعي سانگهڙ ۾ رهندڙ هڪ پيلوڙ شاعر وٽ رات رهيل هئاسين جتي سندس مهمان ڪيس ڳائڻ وارو پيلو راڳي بہ موجود هو جنهن کي گوڏن ۾ سور هو. اسان گڏھ جي لڏ مٽي تيل ۾ گرم ڪري، ان جڳ مشهور گلوڪار کي رات جو گوڏن تي ٻڌي ڇڏي سين. صبح جو ڏسون تہ گلوڪار صاحب صبح سوير، گڏھ کي دعائون ڪندي ۽ اهو چوندي يار هن تہ ڪمال ڪري ڇڏيو بالتي پري، گلن کي پاڻي پئي ڏنو جنهن تي اسان ڏاڍو کلياسين) خچر عام بار ڍوئيندڙ گهوڙن ۽ گڏهن کان پيڻ تي مهانگو ملي ٿو. مشينن اچڻ کان پوءِ ۽ زماني ۾ تيز رفتاري اچڻ بعد خچر جو ڪافي خاتمو ٿيو آهي. هاڻ خچر ڪراچي حيدرآباد جهڙن وڏن شهرن جي ٽرڪ ۽ گڏس جي اڏن تي وڌيڪ ملي ٿو. ڇو جو هڪ تہ اتي تمام گهڻو وزن کڻڻ سبب ۽ ٻيو بازارن جي رش ۽ سوڙهين گهٽين سبب هي ڪافي ڪارائتو ۽ ڪامياب ثابت ٿيو آهي. جتي رفتار ڪو مسئلو ناهي هوندي، بلڪ وڌيڪ وزن کڻڻ ئي اهم هجي ٿو. اڳي هي واهن جا بند ٻڌڻ وقت مٽي ڍوئڻ جي ڪم بہ ايندو هو پر هاڻ اهو

ڪم ايڪسيوبيٽرن سان ٿيڻ بعد خچر جو اتي بہ ڪو ڪارج نہ رهيو آهي.

خچر کي هين کان علاوہ گڏهہ بہ گهٽو نقصان پهچايو آهي. هنئن تہ گڏهہ خير هين ڪيترن کان علاوہ گهوڙن کي بہ پنهنجن هين اضافي خاصيتن ۾ گڏن سبب سخت نقصان پهچايو آهي پر گهڻ ڪاڻ سبب هن خچر کي بہ نقصان ڏنو آهي. گهوڙو ۾ خچر هڪ ڏينهن ۾ جتي 30/40 ڪلو گاهہ ۾ ٿي چار ڪلو اَن/داڻو کائين ٿا, اتي گڏهہ ويچارو 10 ڪلو گاهہ ۾ 2 ڪلو داڻن تي, اهي سڀ ڪم ڪڍيو ڏئي جيڪي اهي هئي ڪن ٿا!

انهيءَ مان لڳي ٿو تہ هاڻ اسان وٽ خچر بہ بس صفا ختم ٿيڻ جي ويجهو اچي پهتو آهي. ڪٿي ائين نہ ٿئي تہ سياڻي ٻاراڻن ڪتابن مان, اهي سبق ۾ جملا جن ۾ لکيل هوندو آهي تہ "خچر گڏهن جيڏو نہ هوندو آهي ۾ خچر گهوڙي جهڙو نہ هوندو آهي". جهڙا سبق بہ رڳو ڪتابن ۾ رهجي.

---

**راوي**

1. وٽرنري ڊاڪٽر منور علي راجپوت, وٽرنري اسپتال, سانگهڙ
2. منظور احمد آرائين ولد الهہ دتہ عمر اٽڪل 55 سال, رهندڙ سانگهڙ شهر.



Gul Hayat Institute

# ڏاند

## پيٽائيءَ پارا توڪل جي حوالي سان ڳايل جانور

**قدرت** موسمن جي متجڻ جي حوالي سان ڪيترين ئي نشانيون ۾ اهڃاڻ رکي، انسان جي وک وک تي رهنمائي ڪئي آهي. اهڙيون ڪيتريون ئي نشانيون جن ۾ آسمان، زمين، چنڊ، تارن، پکي پکڻ ڪان ويندي جانورن تائين موجود آهن. رڳو ڏسڻ واري اک هجي. اهڙن نشانين وارن جانورن ۾ ڏاند/ڍڳوBull به هڪ آهي. افسوس جو ڏاند تي ان حوالي سان نظر مڙئي گهٽ تي پوي. ڍڳو يا ڏاند جنهن لاءِ چيو ويندو هو ته، دنيا ڏاند جي سڱ تي بيٺل آهي. اهو جڏهن سڱ لوڏي تو ته زلزلا اچن ٿا. اڄوڪي دور ۾ خود انهيءَ ڏاند جو وجود خطري ۾ آهي، ان جي اڳوڻي ڪم نه هجڻ سبب، هن جي اها اهميت به نه رهي آهي، جنهن ڪري هن جي نسل ڪشي ٿي رهي آهي. ڏاند جنهن لاءِ لوڪ ڏاهپ جي ماهرن وٽ ڪيتريون ئي چوڻيون ۽ پهاڪا، بيت ۽ موسمن جي متجڻ جا اهڃاڻ هئا. سي سڀ جهڙوڪر وقت جي وهڪري ۾ وهي ويڄڻ وارا آهن. ڏاند جنهن جي جاءِ، ٽريڪٽر ۽ گڏهه اچي والاري آهي. ان کي اسڪولن ۾ اها جاءِ نه ملي سگهي جيڪو هن جو حق هو. انهن ڪڏهن به اسڪولن ۾ اها جاءِ نه حاصل ڪئي، جيڪو هن جو حق هو. استادن هميشه Cow ڍڳيءَ تي مضمون لکرايا. شاعرن به "خدا کا شکر ادا کر بھائی جس نے ہماری گائے بنائی" جهڙيون تڪيون لکٽيون جڏهن ڏاند جو وارو آيو ته انهن ماڳهين، " ڍڳي جو ملهه هزار، ڍڳو پير پيران" جهڙا طنزيه گيت لکي، ويچاري ڏاند جي دل آزاري ڪئي. پر شايد ئي ڪنهن اسڪول ۾ Bullيا ڏاند تي ڪو مضمون لکرايو هجي. يا ڪنهن شاعر ڪٿي به چار چڱيو ستون ڏاند لاءِ به

ڏڳو جيڪو هر، هلر، سنهور، سهاڳي، (ڪيڻ ۽ روتاويٽر جي جاءِ تي) گهاٽي، نار، چيچڙي، ڏڳي گاڏين کان ويندي، بلوچستان ۾ خاص طور تي ٻومبڪين وٽ ٽيڙ ٽاڙي ڪٽڻ ۽ چڙهڻ لاءِ به ڪم ايندو هو. جنهن جي پيِر ۾ برڪت مجيبي هئي. سو اڄڪلهه رڳو ٻوڙ ۽ ميل جي نالي تي ٽيندڙ جوا جي ڪم اچي ٿو. هر ۽ هلر وارا ڪم ٽريڪٽرن ۽ ٻين مشينن سنڀالي ورتا آهن. ۽ ڏڳي گاڏي جي جاءِ، گڏهه گاڏي والاري ڇڏي آهي. موهن جي دڙي کان وٺي اڄ تائين جڏهن ڏڳي گاڏي جي بناوٽ ۾ ڪو فرق نه ايندو ته پوءِ ڏڳي جي جاءِ گڏهه نه والاريندو ته ٻيو ڇا ٿيندو؟!

ٻسر، سنڌي، لاڙي، ڪڇي، ڏني، انديائي، ٿري، ناڙ والي، جهڙي قسمن ۾ اچي، سائي، بگي، ڳاڙهي، بادامي، ڪاري چٽڪبري (جهري) نيري، مليري، پوري ۽ بوسڪي رنگ وارا ڏڳا، جن لاءِ "گهٽين زالين گهر نه هلي، گهٽي هارين هر نه هلي"، "ڏنڊين ڏاند"، "ڏڳي جهڙو"، "چاڪي جي ڏاند جهڙو" (گهاٽي جو ڏاند) جهڙين چوٽين کان وٺي، پٽائيءَ جي بيتن، "جنين ڏاند نه ٻج" ۽ "ڏڳو پير پيران" جهڙا گيت رڳو ڪتابن ۽ڪيسٽن ۾ ئي رهجي ويا آهن. جيتوڻيڪ ايوب دور ۾ سانگهڙ جي ٺيڪيدار جڙئي پهنور واري پراٽي پڙيءَ ۾ به سئو ۾ وڪامندڙ ڏڳن جهڙو ڏڳو، هاڻ مهانگائي سبب لک تائين وڃي پهتو آهي، پر ان ۾ ڪمال ڏڳي کان وڌيڪ جوا جو به آهي جيڪا گوءِ جي نالي تي ڪئي وڃي ٿي. ٻهراڙي جي روزانه ساڳي طرح گذرندڙ زندگيءَ ۾ اها ٻوڙيا گوءِ وڏي اهميت يا تفريح واري هجي ٿي، جنهن جي ڪري ڏڳي جو ملهه لکن ۾ وڃي پهتو آهي. ان سلسلي ۾ ڪجهه مثال عرض رکجن ٿا. جن مان شوق ۽ ماڻهن جي مزاج جي خبر پوري ٿي. گيچاٽي ۾ جاڙي ملاح جو سمن سرڪار جي ميلي مان ورتل لاڙي ڏڳو 9 لک روپين ۾ اترادين پاران گهرجي چڪو. ڪڏڙي جي مير ممتاز جو ڏاڙيل اڇو لاڙي ڏڳو پنج لک ۾ گهرجي چڪو. نواب شاهه ۾ محمد حسن پنگوار جو ساجن سوائي جي ميلي مان هرن واري ڏڳي لکن ۾ گهرندڙ خفتي موجود آهن. سرهاڙي ۾ انور زرداري ۾ رسي/ پٽي تي هلڻ وارو ڏڳو- سانگهڙ ۾ مرتضي لغاري جو رسي تي هلڻ وارو پڪي ڏڳو- ڪڏري جي چانگن جو پنج لک ۾ ورتل لاڙي ڏڳو- پڙي سانگهڙ جي علي خان مري جو ٻسر لاڙي،

گوبر (هل وارو) سانگهڙ جي اسلام لانبر وارو ٻسر ڍڳو- سنجهوري جي منظور مري جي سنڌي ڍڳي جا, اترادين پاران ست لک واڪ ڏيڻ جهڙا ٻيا ڪيترائي مثال ڳڻائي سگهجن ٿا جن مان ڍڳي جي مان, مرتبي ۽ ملهه جي خبر پوي ٿي. پر افسوس جو اهو ڍڳو جيڪو ڪيڙي, ڇيڇڙي ۽ گهاٽي ۾ ڪم ايندو هو جنهن سان لوڪ ڏاهپ جا ڪيترائي اهڃاڻ وابستہ هوا, اهو مشينري جي نظر تي چڪو آهي. ۽ سان وابسط لوڪ ڏاهپ جا گفتا بہ گم ٿيڻ تي اچي پهتا آهن بهرحال اهي ميلائي ڍڳا جڏهن ڳلکوڙ تعويذ, مُڇي, جنوئي, رومال, پيرن جا ڇمڪا, نٿ, نُڪتا, ڳانيون, ڳانڊيا ۽ سڳا پائي وڏا سنگ ۽ پير ڪارائي سان ڪترائي, سنڱن کي ڪيس, ميندي ۽ تيل لڳرائي, ڍڳن جي مشهور پڙين ۽ ميلن ۾ لهندا آهن تہ هيڪر خفتين جي منهن ۾ پاڻي پرجي ايندو آهي! مٿان وري جُهل ڍڪي, تليون ۽ ڪِرڪ پائي هلندا آهن تہ ڪيتريون ئي دليون کسي وٺندا آهن. ڏاندن جي مشهور پڙين ۾ ساڄن سوائي, سمن سرڪار, جيڪب آباد جو ڪيٽل شو ۽ سبي جو ميلو مشهور آهن. ان کان سواءِ دوڙ, تلهار, چنبڙ, ٽنڊو آدم, دمبالو جهڏو بدين, ۽ ٽنڊو سائينداد جون پڙيون بہ ڀلن ڍڳن جي اچڻ ۽ وڪرو ٿيڻ جا اهم هنڌ آهن. ڍڳن جا خفتي شيرل عمراڻي, حاجي گلزار لغاري, حق نواز عمراڻي, امير بخش ڪنير, محمد مراد بروهي مختلف نسلن جي ڍڳن جون مختلف خصلتون ٻڌائيندي, ان آڌار ئي ڍڳن کي پسند نا پسند ڪن ٿا. انهن ڍڳن ۾ ٿري ڍڳا, لاڙي ڍڳا, ڪڇي ڍڳا, اندبائي ڍڳا, پارڪري ڍڳا, ٻسر ڍڳا, سنڌي ڍڳا, ڏني ڍڳا ۽ اترادي ڍڳا شامل آهن. سڀ کان وڌيڪ پسند ڪيو ويندڙ لاڙي جا ڪن وڏا, سڱن ۾ ڪُنڊو منهن ننڍو, ڀلي ڪٽي وٽي ۾ ٻيو پاڻي پئي, لک موڪريہ چمڪ وڌيڪ. پير ڳرو پر ڍڳيون کير جون کوٽيون ٿين ٿيون- ڪڇي ڍڳي جي جان سنهي, سڱ سنها مٿي انبوريا, ڪن ۽ ٿنگون سنهيون-اندبائي ڍڳو هرڻ جهڙو ٿنگون سنهيون, مناوان سڱ, ڪن ننڍڙا انهن ۾ ڪنڌ جي هينيان جهالر نہ ٿئي, اڇو رنگ پيٽ ننڍو اندبائي ڍڳو اڳي باربر جي پرئين پر خصوصا کپري جي پڙي ۾ ايندو هو ۽ خفتين جو پسنديده ڍڳو هو پر هاڻ باربر تي تار لڳڻ سبب ۽ سختي ٿيڻ ڪري اهو اچڻ بند ٿي ويو

Gul Hayat Institute

ڦهرين ڏينهن، ڄمندي ئي نس کي هٿ سان مهٽي، ڳابي کي ڪسي ڪري ڇڏيندا آهن. آنر ڍور مستي ڪندڙ ۽ ڪسي غريب هوندو آهي. ڍڳي جو مينهن تي ڪڏهن ڪڏهن ٽپو اچي ويندو آهي، ان سان مينهن آپامي مري ويندي آهي، پر جي روجهه جو ڍڳيءَ ٽپو اچي ويو تہ ان مان پيدا ٿيندڙ ڍڳو تمام پلو ٿيندو آهي. اهڙا ڍڳا ميلن جي ڪم جا ۽ ڏاڍا سهڻا ٿيندا آهن. هنئن بہ خفتي ڪنهن بنهہ سهڻي ڍڳي کي ڏسي چوندا آهن تہ صفا روجهہ آهي. انهيءَ ڪري لاڙ ۾ رڻ واري پاسي جا ڍڳا سڀ کان ڀلا سمجهيا ويندا آهن. چوجو اڳي انهيءَ پاسي روجهہ ۽ ڍڳيون گڏ بہ پيا چرندا هئا. ائين انسانن وانگر جانورن ۾ بہ نسل جو اثر ڪافي پيڙهين تائين هلندو آهي. گئوچرن ۽ چراگاهن ۾ ڍڳي لاءِ مانڊاٽو ۽ ساوڙي سنو گاهہ آهي، پر جي ڪٽڻ ملي وڃي تہ بہ ڍڳي کي ٻيو ڇا گهرجي! ياڳيا ڏنار کي مهٽو ڏيندي چوندا آهن تہ "کهڙو ڪٽڻ چاري آيو آهين؟" ڪٽڻ کائڻ سان مکڻ ٿورو ڳاڙهو ٿي پوندو آهي، ڍڳيءَ جي کير جي لسي ۽ گيهہ وڌيڪ ذائقي دار صحت لاءِ سٺي هوندي آهي. ٿريا چون تہ سانوڻي ۾ ڪو گاهہ کائڻ سان ڍڳين جا سڱ صفا ڳاڙها ٿي پوندا آهن. شايد اهو گاهہ ڪٽڻ ئي هجي! ڪٽڻ گاهہ جا پن چانهہ جي پتي طور بہ استعمال ڪيا آهن. باقي سارين وارو پلال ڍڳين لاءِ خراب آهي، پر بک تہ بک آهي! ڇا ڪجي؟ ميلائي ڍڳن کي سڪو جوئر۔ جون جو ڏارو۔ هڪ ڏينهن ڇڏي، پاءُ ڪن گيهہ جو ڍڪ ۽ اونهاري ۾ ڀنير ۽ ڳڙ ڏبو آهي. ٻئي مال وانگر ڍڳي کي بہ تيل پيارڻ سان آڀام جو خطرو گهٽجي ويندو آهي ۽ سيڙهاني جي بيماري کان بہ بچاءَ ٿي پوندو آهي. مثال بڻجي ويل ڍڳو هرويرو ايترو بہ ڍڳو ناهي هوندو. جي مالڪ چڱو هجيس تہ جيئن کيس پاڻي پيارڻ مهل "چيح چيح" سان سينڊ وجائي، پاڻي پيارڻ جو حڪم ڏبو آهي. هلڻ ويهارڻ يا ٻيهارڻ لاءِ ٿريا ڍڳي کي "هي هي" چئي آرڊر جاري ڪندا آهن۔ هاري ناري "آ آ" ۽ "ڪبي ڪبي" تي ڍڳي کي ورائيندا ۽ هلائيندا آهن. جي ائين وڌيڪ محنت ڪجي تہ شايد ڍڳو اي بي سي بہ سکي وٺي، ڪهڙي خبر! ڪوشش ڪري ڏسڻ ۾ ڇا آهي؟

لوڪ ڏاهپ جي ماهرن وٽ ڍڳي جي وات مان ٻاڦ نڪرڻ، سياري جي اچڻ جي ڦهرين، پر پختي نشاني مڃي ويندي آهي. ساڳي نموني ڍڳي جي وارن ڇاٽڻ کي سياري جي وڃڻ ۽ گتي شروع ٿيڻ سان ڀيٽبو آهي. سانوڻي ۾ جي ڍڳيون، اتر منهن ڪري ويهن، انهن جي پٺي تي ڳر جهڙي شيءِ ڏسڻ ۾ اچي تہ اهي برسات جون علامتون آهن، پر جي ڍڳيون منهن مٿي ڪري هوا سنگهڻ جي ڪن تہ برسات اچڻ جي سورنهن آنا پڪ سمجهبي آهي.

**ريج :** ڏڳيءَ کي ڏندين ۾ دبن جو پاڻي پيئڻ سان ريج ٿئي ٿو. جنهن سان جيري ۾ جراثيم ٿيندا آهن. جنهن لاءِ گيهه ۾ تيل جو ڍڪ ڏبو آهي. ريج ۾ ٿُوهر جي پاڙن جو پاڻي ڪڍي پيارڀو آهي.

**واءُ :** هن بيماري ۾ ترن جو تيل، پراٽو بهه، ڪارو ڳڙ، پنير، ڦٽڪي، هربو گهوٽي رات جو پاڻي ۾ پسائي، صبح جو ڏبو آهي.

**اکين جي بيماري :** اکين جي بيماري ۾ عام طور تي ڏڳي کي لسي گرم ڪري وات ۾ هٽبي آهي.

## برسات جون اڳڪٿيون

ياڳين جو چوڻ آهي تہ ڏڳي کي چار پنج ڏينهن اڳ ۾ برسات جي خبر پئجي ويندي اهي، ات منهن ڪري هوا سنگهندي آهي ۽ رنيندي آهي. چار پنج ڏينهن اڳ گاهہ کائڻ گهٽ ڪري ڇڏيندي اهي. جنهن مان خبر پوندي اهي تہ برسات ڏني اٿس يا وهر ٿيو اٿس. هي ماڪ ۾ گهٽونہ چرندي آهي. ڪُڪ پرڻ کان پوءِ پاڻي پيئندي آهي. سِڻ ۾ ڪپ تي اٿو وغيره هاري ان کي ڏب وآهي ان سان کير وڌائيندي اهي. ياڳيا پاءُ کن لوڻ کي اڌ ڪلو پاڻي ۾ وجهي ان کي ولوڙڻ کان اڳ ۾ ڏونئري ۾ ملائيندا آهن ان سان مکڻ وڌيڪ لهندو آهي.

عمر جي حساب سان ڏڳين جا نالا: گابي، وهڙي ۽ ڏڳي

***

---

**راوي**

1. غلام نبي ولد سدورو وساڻ، ڳوٺ ڪانديرو وساڻ سانگهڙ
2. اسماعيل ولد پڊو خاصخيلي، ڳوٺ ڪانديرو وساڻ سانگهڙ



Gul Hayat Institute

جن ۾ هي بيماريون وڌيڪ عام آهن.

**بخار:** رڍ کي مڇرن جي ڪري بخار ٿي ويندو آهي ۽ بخار ۾ هي هيٺ ڪري پوندي آهي

**پٽو وڏڻ:** رڍ جو پٽو وڌڻ سبب هي بيمار ٿي پوندي آهي.

**ڦڦڙ سڄڻ:** رڍ جا ڦڦڙ سڄي وڃڻ سبب هن کي ڦڦڙي جي بيماري ٿيندي آهي.

**ساهـاڙو:** رڍ کي بہ ساهاڙو ٿيندو آهي.

## سيڙهاني

## رڍن جي باري ۾ دلچسپ ڳالهيون

ٻين جانورن وانگر ياڳين وٽ رڍن جي باري ۾ بہ ڪيتريون ئي دلچسپ ڳالهيون مشهور آهن. مثال طور: ڌڻ جي اڳيان واري رڍ جيڏانهن ويندي باقي سڀ رڍون ان جي پنيان وينديون. جي اڳين رڍ ڪنهن شاخ يا واٽر وغيره ۾ ٽپو ڏنو تہ ٻيون سڀ بہ ائين ڪنديون. جي اڳين رڍ ٻيهي رهي تہ پنيون سڀ ڪنڌ هيٺ ڪري ٻيهي رهنديون، پر رڍون پنهنجي جاءِ تان نہ ڇُرنديون. رڍون جتي ويهنديون گڏجي مُڇو ٿي ويهنديون، جنهن جي ڪري رڍن جي واڙي ۾ ڏاڍي گرمي بہ هوندي آهي. رڍن جي ڏنار لاءِ چئبو آهي تہ اهو پلي انڌو چونہ هجي تہ بہ رڍون ڪيڏانهن ڪونہ وينديون، جڏهن تہ ٻڪري جي ڏنار لاءِ چئبو آهي تہ هن جون ٽنگون لوهہ جون هجڻ گهرجن. جي ڪنهن کي ارڙي نڪري پر ظاهر نہ ٿئي ۽ لڪي وڃي تہ ان کي رڍ جو کير ۽ گوشت بہ ويلا ڏجي تہ ارڙي نڪري ايندي. رڍ جو کير ٻئي مال جي کير کان وڌيڪ گهاٽو هوندو آهي. جيڪو غريب هجي اهو ڏکيو سکيو ٿي اوڌر سوڌر ٿي وني ڏهہ رڍون ڏاري تہ سال کن ۾ سکيو ٿي ويندو. اڳي رڍ پالڻ کي عقلمندي جي نشاني بہ سمجهبو هو.

رڍ گرمي جي موسم جي ڏاڍي ياڙي آهي. گرمي ۾ لاچار ڪچڙي منجهند تائين چرندي پوءِ ڪنهن وڻ هيٺيان وڃي ويهندي ٻڪ جي

Gul Hayat Institute

## رڍ جي باري ۾ چوڻيون ۽ پهاڪا

- رڍن اڳيان رباب، وڄائيندي ورهه ٿيا.
- رڍون سڀ ڪار ٻوٽيون.
- ڏڙٻاڪرو سسي ريڍي
- رڍون سڀ اونڌ ڪنڌيون وغيره

بين پالتو پکين ۽ جانورن وانگر شاهه صاحب رڍ کي به ڳائڻ کان به ناهي رهيو. شاهه صاحب رڍن بابت فرمائين ٿا ته:

رڍون سڀ رڙي، هلنديون هاڙهي سامهون،
سُوڙهي ۾ سيد چئي، پوندن ان اڙي،
اتي احمد جام ايندو چانگي تي چڙهي،
منجهان روهه رِڙهي، پوئارون اچي پڄنديون.
(شاهه جو گنج، حاجي الهداد جنجهي، متفرقه بيت 77، صفحه 559)

رڍ اڳيان رباب، وڄائيندي ورهيه ٿيا،
نڪي ريڍي راڳ تي، نڪو ڏنائين جواب،
گڏهه تي گلاب هاريوته هونئن ويو.
(شاهه جو گنج، سگهڙ حاجي الهداد جنجهي، متفرقه بيت، بيت 124)

### شاهه صاحب رڍن سان گڏ گهيٽن کي هيئن ڳايو آهي.

اونڌا گوندا ان جا، نَهيرا نِيٽَا،
چاريا ٿي چوڙيلئين، پَر گهرن گهيٽا،
ڪَر ڪَسا ۽ ڪِيٽَا، عمر لاهه عَڪَس جا.
(سُر مارئي، شاهه جو گنج، سگهڙ حاجي الهداد جنجهي، سُر سورهون، بيت 10)

لطيف سرڪار رڍن ۽ گهيٽن کان علاوه رڍون چاريندڙ چوڙيلين ۽ ريڍارن کي به ڳائڻ کان ناهي وساريو جنهن بات سندن بيت هن ريت ملن ٿا:

ڪُت، پڳتر مک گهٽي، جت ڏين ڏايُون ڏُنگ،

مون جيڏيون مليرَ ۾، ڪن ريداريون رنگ،
سندا پانور پنگ، اُت مهو نہ ٿئي مارئين.
(شاهہ جو گنج، سگهڙ حاجي الهداد جنجهي، سُر مارئي، داستان چهون، بيت 2)

ڪانڌَ مَ وِڪُڻِ ڪُنڍِيُون، ڏَرَ سَيوئي ڏارِ
اَيَرِيُون، سَيَرِيُون پانهنجون، سَسِيُون سَڀِ سَنيارِ
بَنَ ڇَڏي، ڇَنَ پَئِي، وَڃِي وَلهارَنِ وارِ
تہ اَچي اَڳِٽان بَهارِ سَرِلا ڳَنڍي سَڏِڙا
نوٽ: هتي سسيون مان مراد رڍون آهن.
(شاهہ جو رسالو غلام محمد شاهواڻي، سُر سارنگ، داستان پهريون، بيت نمبر 31)

## ڇا ماتا سبب مرندڙ رڍن جو علاج ممڪن ڪونهي؟

چوپائي مال ۾ رڍو مال تمام اهم حيثيت رکي ٿو. جيڪو نہ صرف مذهبي حوالي سان پر، گوشت ۽ گذران جي حوالي سان بہ تمام اهم آهي. پر پاڳين جي بقول تہ گذريل ڪجهہ سالن ذري گهٽ سڄي سنڌ ۾ رڍن ۾ ماتا جي بيماري، رڍن جو اڏواڏ نسل کي ختم ڪري ڇڏيو آهي تہ ماڻهن جو بہ وڏو معاشي ۽ نفسياتي نقصان ٿيو آهي. پاڳيا چون ٿا تہ هن بيماري ۾ شروع ۾ رڍن کي بخار اچڻ سبب، اهي ڪائڻ ڇڏي ڏينديون آهن. جنهن بعد ماتا سڀ کان اڳ، انهن جي اکين مان ظاهر ٿيندي آهي، ان بعد جسم جي بين نرم حصن مثلاً اوهہ ۽ منهن وغيره تي ماتا ظاهر ٿيندي آهي. جنهن بعد رڍ ڪائڻ پيئڻ ڇڏي ڏيڻ ڪانپوءِ هفتي کن اندر مري ويندي آهي. جڏهن تہ وٽنري وارن جو چوڻ آهي تہ ماتا جي بيماري انسانن وانگر وڏن ڀورن ۾ ذري گهٽ ختم ٿي چڪي آهي. پر ريڍي ۽ ٻاڪري مال ۾ هي ڪٽي اڄ بہ ٿئي ٿي. جنهن جو علاج ويڪسين آهي، پر مالدار اڪثر ڪري وقت تي ويڪسين نٿا ڪرائين جنهن سبب مال بيمار ٿئي ٿو. اهو بہ چيو وڃي ٿو تہ اها ويڪسين رڍن ۾ هاءِ ٽيمپريچر پيدا ڪرڻ سبب ٿورو گهڻو ري ايڪشن بہ ڪري ٿي، جنهن سبب هڪ اڌ رڍ مري بہ سگهي ٿي. ٿي سگهي ٿو تہ پاڳين پاران رڍن کي ويڪسين نہ ڪرائڻ جو هڪ سبب اهو بہ هجي. پر هن

جديد دور ۾ اهڙي قسم جي ويڪسين، جنهن جي ٽيڻ سان جانور مري وڃي، خود هڪ وڏو سوال آهي! ڪافي سال اڳ ماتا جي بيماري ٻين جانورن ۾ ماڻهن کي ٿيندي هئي پر هاڻ ذري گهٽ انهن ۾ ته ڪنٽرول ڪيو ويو آهي. پر گذريل 8/9 سالن کان اها بيماري وقفي وقفي سان، مختلف جڳهن تي رڍن ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر ظاهر ٿيندي رهي آهي. مجبور ڌنار ماتا جنهن جو نالو وٺڻ کان به ڊڄندا آهن ته متان اهو نالو وٺڻ سان ماتا چڙي پئي ۽ وڏيڪ نقصان پهچائي ان ڪري ان کي ماتا بجاءِ 'مائي' جي نالي سان سڏيندا آهن ۽ ان جو علاج پاٺي ۽ چڙا وغيره پڙهائڻ کان علاوه ڪجهه ٻيا لوڪ ڏاهپ وارا ڏس به ڪن ٿا. مثال طور ڪي ڌنار، متاثر رڍن کي سوئر جي کل جو دونهين/ واس به ڏيندا آهن. پر ڪي ماڻهو هاڻ ٿورو گهڻي پڙهي لکي وڃڻ سبب، انهن ڏسن کي 'شرڪ' ۾ جهالت سمجهڻ ڪري، ڪرڻ کان انڪاري آهن. ڪجهه به هجي پر جيڪڏهن ماتا جهڙو موذي مرض جنهن جي ڪافي سالن کان پاڙ پٽيل هئي، اهو ڪجهه سال کان رڍن ۾ ٻيهر ظاهر ٿي سگهي ٿو ته، خدا نه ڪري ڪٿي اهو وري ٻئي مال ۾ خود انسانن ۾ به نه ظاهر ٿي پئي!۽ جي ائين ٿيو ته تمام وڏي نقصان جو انديشو آهي. خير ته ان کان ته الله بچائيندو، پر رڍن ۾ آيل هن بيماريءَ ڪيترائي وٿاڻ خالي ضرور ڪرائي ڇڏيا آهن. ڪجهه بيماري سبب ته ڪجهه ماڻهن پاران وڏي نقصان ٿيڻ کان بچڻ سبب. ان ڪري وس وارن ۾ واسطيدارن کي رڍن ۾ آيل ماتا جي بيماري جو ضروري علاج ڳولڻ/ڪرڻ، رڍن کي وقت سر مناسب ويڪسين ڪرڻ ۾ هن لاءِ گهربل بجيٽ ۾ اسٽاف مقرر ڪرڻ جي گذارش ڪجي ٿي ته جيئن رڍن جي زندگيءَ ۾ سندن نسل بچائڻ سان گڏ، ڌنارن جي خالي ٿيندڙ وٿاڻن کي به بچائي سگهجي.

Gul Hayat Institute

---

راوي:

1. محمد هاشم خاڪي ولد محمد يعقوب وساڻ، عمر 80 سال ڪن. رهندڙ ڳوٺ محمد خان وساڻ لڳ چور، عمرڪوٽ.
2. سائين فقير رب ڏنو وساڻ، نئون آباد، سانگهڙ

# ڪتو

## صوفين وٽ نفس جي علامت ڪتو،
## جنهن جي مختلف خوبين ۽ خامين کي شاهه صاحب به ڳايو

***ڀٽائي*** صاحب جن جانورن کي ڳايو آهي، انهن ۾ ڪتو بہ شامل آهي. ڪتي کي نہ صرف شاهہ صاحب بلڪ ٻين بہ ڪيترن ئي شاعرن، جن ۾ حمل فقير کان وٺي طالب المولىٰ سائين تائين ڳايو آهي. هنن شاعرن کان علاوه حضرت لال شهباز قلندر بہ پنهنجو پاڻ کي حضرت علي رضہ جن جي در جي ڪتي سان تشبيهہ ڏني آهي. ٻين ليکڪن کان علاوه مرزا ڪليچ بيگ بہ ڪتي جي اٺ خاصيتن جو ذڪر ڪندي چوي ٿو تہ، جيڪڏهن اهي اٺ خاصيتون انسان ۾ اچي وڃن تہ انسان، انسان بڻجي پوي. ڪتي جي ٻين خاصيتن کان علاوه هن جي وفاداري بہ جڳ مشهور آهي.

ڪتو جانورن ۾ مثالي حد تائين وفادار جانور آهي. هو جڏهن ڇيتو ٿيندو آهي تڏهن بہ مالڪ کي سڃاڻندو آهي. بک ڏک ۾ اولاد ڇڏي ويندو پر ڪتو نہ ڇڏيندو! مالڪ ٿڪي ٽُٽي ٻاهران کان ايندو تہ مالڪ کي سيني گهر ڀاتين کان اڳ ڪتو وچي ڀيرين پوندو آهي. مالڪ جي ٻچ تي اڪثر ڪري ڪتو ئي وڙهندو آهي. هونئن تہ وڙهندو ئي آهي، پر ويڙهہ ۾ مالڪ کي ڏسي اجا بہ وڌيڪ وڙهندو آهي. هر جانور رات سمهي ٿو پر هي رات جاڳي چوڪيداري ڪري ٿو. رات جو جيڪڏهن گهر ۾ ڪابہ شئي ڪولائجي وئي تہ مالڪ جي پرسان ٻيهي پونڪي يا مالڪ جو ڪپڙو ڇڪي اٿاريندو ۽ مالڪ کي بہ پونڪي پونڪي واپس ورائڻ جي ڪندو آهي. ٻاهرين ماڻهو ٻلي، گدڙ ۽ نانگ کي پنهنجي گهر جي ٿلهي ۽ لوهڙي

پرسان ناهي ڇڏيندو. جيڪڏهن سندس مالڪ سان دشمن ٻڪجي وڃي تہ ڪتو وڃي نئين ماڻهو کي ڇڪ هڻندو ۽ ان ۾ منهن وجهندو. ڇريو ٿيڻ جي صورت ۾ بہ گهر کان ٻاهر ويندو ۽ وري وري پيو واپس موٽي ايندو. جيستائين مالڪ کيس ماني ٻخش نہ ڪري ۽ وڃڻ جي اجازت نہ ڏي اوستائين ڪونہ ويندو.

چون ٿا تہ اڳي سيني ساهہ وارن جي عمر برابر يعني پنجاهہ پنجاهہ سال مقرر ٿيل هئي. پوءِ ڪتي، الله سائين کي عرض ڪيو تہ مونکي عمر ٿوري ڏجان. جنهن تي سندس عمر اڌ يعني پنجويهہ سال ٿي. انسان عرض ڪيو تہ اها ڪتي واري عمر مونکي ڏيو سو کيس ڪتي جي اها بچيل عمر بہ ڏني وئي. ڇب ڇيو تہ آئون ڏينهن جو انڌي هوندي آهيان ۽ رات جو ڏسان ۽ ڇڳان ٿي، سو پنجاهہ سال ڪيئن ڪٽينديس! جنهن تي ان جي عمر بہ 25 سال ٿي ۽ اها عمر بہ انسان سندي لاءِ گهري ورتي. هاڻ انسان جي 50 سال عمر تہ ٿي سندي، ان بعد پنجويهہ سال ٿيا ڪتي وارا. جنهن دوران انسان ابتو سبتو پيو ڳالهئيندو آهي. ان بعد شروع ٿيندي آهي ڇب جي عمر، جنهن ۾ انسان گهر ۾ پيو اکيون ٽمڪائيندوآهي.

چوندا آهن تہ ڪتو دعا گهرندو رهندو آهي تہ الله مالڪ کي وڏيڪ ڏئي خوش حال ڪري ۽ گهرياتي گهڻا هجن جيئن سيڪو کيس ٽڪرو ٽڪرو ڏئي، پر ٻلي کي جيترو بہ کارائيبو پوءِ بہ گهر جي ڪا نہ ڪا شئي کائي ونندو. چون ٿا تہ ڪتو ماڻهن جي ڏُن جي مٽيءَ مان ٺهيل آهي. انسان ناهڻ وقت جيڪا مٽي بچي ان مان ڪتو ناهيو ويو تہ جيئن اهو مالڪ جي حفاظت ڪري. اهو بہ ٻڌبو آهي تہ ڪتو جنهن گهر ۾ هوندو، ان ۾ ملائڪ نہ ايندا. ڪي ماڻهو اهو بہ چوندا آهن تہ ڪتي جي دانهن ستين آسمان تائين ويندي آهي.

**ڪتي جا نسل** : ڪتي جا مختلف نسل ٿين ٿا. جن مان ڪن جو مختصر ذڪر هت ڪجي ٿو.

**نسل** : تازي، ٻلتري، ٽيپو، سنڌي، ڪار، ڪساري، بوجو، ڪاندا، ٻلا، ٽوني/پستا، ٻليڊ، السيشن ۽ ٻگهاڙي وغيره

**تازي:** هن نسل جا وري بہ قسم ٿين ٿا. جن ۾ جيڪي ولائتي تازي، جيڪي ننڍي قد وارا ٿين ٿا ۽ بيو جهازي تازي. هن نسل جي اسپيڊ سيني کان وڌيڪ هوندي آهي. اڪثر ڪري سهي ۽ هرڻ جو شڪار بہ هن سان ئي ڪبو آهي. ريس ۾ پڄندا بہ هي نسل آهن. جڏهن سوئر بچ جي ٿائم پڄندو آ تہ سڀ کان پهرين سوئر کي روڪڻ لاءِ تازي پهچندو آهي. هي خوبصورت بہ هوندو آهي. گهر ۾ بينل بہ وٽندو پيو ۽ نقصان بہ نہ ڪندو آهي. ٻڪرين ۽ رڍن جي واڙ ۾، گدڙ ۽ ٻلي کي پڄائڻ لاءِ لازمي تازي ڪتو رکبو آهي. خفتي هن کي ٻڪرين جو ڪير پياريندا آهن. امير ماڻهو خوبصورتي جي لاءِ بنگلن تي بہ هن نسل کي ٻيهاريندا آهن. تازي شڪار کي پنيءَ کان وچي ونندو آهي.

**بُلٽري:** هي جهنگ جي نسل جا آهن. خفتين وٽ هي چرئي قسم جو ڪتو سمجهبو آهي، جيڪو جنهن بہ شئي ۾ وات وجهندو تہ ڪڍندو ڪونہ. ماڪوڙي وانگر چڪ لڳو پيو هوندس. هي دلير ڪتو آهي، سوئر ۽ رڇ کي بہ نڪ ۾ منهن وجي وجهندو آهي. دلير هجڻ ڪري سامهون وڙهندو آهي. شڪار ۾، سوئر پنجاهہ ڪتن کي جهليو بينو هجي، پر جي بُلٽري پهتو تہ وجي ونندس. پوءِ پاڻ مري يا سوئر کي ماري. جهنگ ۾ جانور کي پير ڪٽي ڳولڻ لاءِ بہ هي بهترين سمجهبو آهي. جهنگ جو جانور آهي يا نہ، انهي جي تسلي بہ ان ذريعي ٿيندي تہ ڇو جو هي خالي، ٻاهر ناهي نڪرندو.

**ٽيپو:** خاص ڪري رڇ جي شڪار لاءِ هي بهترين آهي، ۽ سوئر سان بہ وڙهندو آهي. رڇ اٿيل هجي يا وينل پر وجي هي 10/12 جمپ هٽي بہ نڪ ۾ وجي ونندس. ويڙهہ ۾ وڏو دلير آهي.

**سنڌي نسل جو ڪتو:** هي تمام سياڻو ڪتو هوندو آهي. هي هر ڪم ڪندو آهي مالڪ، گهر ۽ ڪڙهہ لاءِ بهترين آهي. خالص سنڌي نسل جي ڪتي جو ٻئي ڪنهن بہ نسل سان ڪراس سنو ٿئي ٿو. خفتين جي نظر ۾ ڪراس ۾ سنڌي جو هجڻ لازمي هوندي آهي. قبلہ مخدوم طالب المولیٰ جن جا سنڌي نسل جا ڪتا ڪپري جي ڏکڻ اوله ۾ 5/4 ڪلوميٽرن

Gul Hayat Institute

**بليڊ:** ڏاڍو مڙس ڪتو آهي ۽ دلير بہ آهي، هر شي سان وڙهي تو پوي. وڏا ماڻهو هن کي شوق سان رکندا آهن ۽ گاڏين ۾ بہ کڻي گهمائيندا آهن.

**السيشن:** ڌَر جي لاءِ خاص طور تي سنو آهي. سياڻو ۽ هوشيار بہ آهي. شهر ۾ خاص ڪري رکبو آهي. سياڻو ايترو جو شڪار دوران جي تتر کي بندوق لڳي تہ تتر کڻي اچي مالڪ کي ڏيندو. پرائي پنهنجي کي سڃاڻيندو ايستائين جو هي ڪتا پنهنجي ۽ پرائي ڪڪڙ ۽ ٻڪر کي بہ سڃاڻيندا آهن. ننڍا ٻار هن سان راند بہ پيا ڪندا آهن انهن جو نقصان نہ ڪندو آهي.

**بگهاڙي:** هي نسل بگهڙ جهڙو هوندو آهي. ڪن ڪيتا هوندا اٿس. اڪثر ڪري رنگ جو ڳاڙهو پر شينهون رنگ بہ ٿيندو آهي. بنگلي جي چوڪيداري توڙي مال سان گڏ بہ هوندو آهي. پنجابي ماڻهو هن کي گهڻو پسند ڪندا آهن. هي مال سان گهڻو هوندو آهي. هاري جي ڏاندن سان بہ گڏ هوندو آهي. مقامي ڪتن ۾ ٻين ماڻهن يا چورن کي سنگهڻ ۽ انهن جو پير کڻڻ جي صلاحيت بجاءِ سوئر، ڦاڙهي ۽ سهي وغيره جو پير کڻڻ جي صلاحيت هوندي آهي. ها! پر شڪار ۾ جهنگ ڪٿي رهجي وڃڻ جي صورت ۾ مالڪ جو پير کڻي البتہ اُتي ضرور پهچي ويندو آهي! باقي ٻين ماڻهن جو نہ.

## رنگن جي لحاظ کان ڪتن جا قسم

Gul Hayat Institute

اڪثر ڪري ڪتا هنن رنگن جا ٿين ٿا:

بگا، هيرا، ٻوسڪي، ڳاڙها، ڳاڙها پر ٻوٽ ڪارڙا ان کي ڏينيو سڏبو آهي. سائو سائي جو ڪارو ٻوٽ هوندو تہ ان کي ملائي سڏبو آهي. سائي جي مٿي ۾ اچي ليڪ هوندي تہ ان کي سينگار سڏبو. شينهان، ڳاڙها شينهان، ڪارا شينهان، ناسي، نيور ڪارا، ڪارا، پر پُڇ جي چوٽي اڇي ۽ ڪؤڙي/سينو اڇو تہ ان کي نانگي سڏبو آهي. ڪجل جنهن کي اک تي

ڪجهہ ڪتن کي مکڻ وغيره هيٺ رکي ڏبو تہ کونہ کائيندا. پر هٿ تي رکي ڏبو تہ نہ صرف کائيندا پر هٿ بہ چٽي ويندا ڇو جو انهن سيني ڳالهين تي خفتي انهن کي هيرائيندا آهن.

- ڪتي کي اوجهري کارائبي آهي تہ طاقتور ٿيندو.
- خفتي ڪتن کي کير ۾ مصري ملائي ڏبي آهي.
- پيدا ٿيڻ وقت، خفتي نر گُلرن کي ماءُ کان الڳ ڪري، هٿ سان ڌارائيندا آهن. ڇوجو شڪار ۾ مادي هرويرو کونہ ڪٽبي آهي ۽ شڪار ۾ نر ڪتو رکبو آهي. ان ڪري خفتين وٽ نر ڪتي جي وڏيڪ اهميت هجي ٿي.
- ڪتي بہ مهينا ڏهہ ڏينهن ۾ ويامندي آهي.
- گُلر پيدا ٿيڻ جي تيرهين ڏينهن توريون توريون ۽ پندرهين ڏينهن مڪمل اکيون پٽيندا آهن.
- ڳت جي موسم ماڪ پوڻ واري هوندي آهي. ڪا ڪُتي ڇهين مهيني ڳت ڪندي ۽ ڪا وري ٻارهين مهيني بعد.
- خفتين وٽ ڳت جي نشاني، ڪُتيءَ پاران سار سڄائڻ ۽ ٿورو ٿورو وات پٽڻ هجي ٿي.
- ڳت 15 ڏينهن تائين هوندو آهي. جڏهن ڪُتيءَ رت ڏئي بند ڪري، پوءِ هڪڙو يا بہ ڪتا ڏياريا آهن. انهن ڏينهن ۾ غريب ڪُتيءَ کي گهر ۾ کولي ڇڏبو آهي، پر ويڙهو ڪُتيءَ کي ٻڌي ڇڏبو آهي تہ متان وڙهڻ ۾ ٽُنيي نہ پوي.
- ڪانهہ پاران ٻوهارو ڇاڻڻ ۽ ان بعد سر جو نسرڻ، ڳت جي موسم جي شروعات سمجهبي آهي.
- رول ڪتي سان ڳت ڪرڻ يا، جهڙي تهڙي ڪُتيءَ تي خفتي هرويرو ڪتو کونہ ڏيندو آهي.
- عام طور تي ڪتي جي عمر 12/14 سال کن هوندي آهي.
- شڪار لاءِ ڪتي جي عمر 12 مهينن کان 8 سالن تائين هوندي آهي. ان کان پوءِ ڪتو پوڙهو ٿيو وڃي. پوءِ ٻچا/طور ونڻ لاءِ رکبو آهي.

Gul Hayat Institute

ڪتو گرمي جو جڏو ھوندو آھي، ٻين جانورن کي پڳھر ايندو، پر ڪتي کي نہ ايندو آھي. ڪتو گرمي ۾ پاڻي ڪان پري نہ ٿيندو آھي، گرمي ۾ ماٺھن سان گڏ ھلندڙ ڪتو شڪار دؤران مري بہ سگھي ٿو. ڪتي جا پير بہ ماڻھن وانگر سڙندا آھن. جيڪڏھن شڪار جي ڪتي کي ڪنڊو لڳي، تہ وس آھر پاڻ ئي چڪ ھڻي ڪنڊو ڪڍي ڇڏيندو آھي، گرمي ۾ ڪتي کي شڪار تي نہ ڪاھي وڃبو آھي.

ڪتو برسات ۾ سياري ۾ گپ ۽ پاڻي جو ڏاڍو ھجڻ سان گڏ تارو بہ آھي. ڪتو پنج ڪلوميٽر تائين تري وڃي ٿو.

## چوڻيون /پھاڪا، تشبيھون

**ٻين جانورن ۽ پکين وانگر ڪتي جي باري ۾ بہ ڪيتريون ئي چوڻيون ۽ پھاڪا موجود ھجڻ سان گڏ ڪيترين ئي ڳالھين ۾ ڪتي سان تشبيھہ بہ ڏبي آھي جيئن :**

- ڪتو چا جاڻي ڪٽڪ جي ماني مان.
- ٻچڙو ڪتو ڏٽي پُٺائي (ٻچڙو ڪري)
- ڪانو ۽ ڪتو ڪڙم جا ويري
- ڪتو چتو ٿيندو تہ بہ مالڪ کي سڃاڻندو.
- جھڙو ڪُتيءَ ڪن وڍايا.
- جھڙو ڪتي جي وات ۾.
- ڪارو ٻڌ ڪبري سان، رنگ نہ مٽي تہ اوسڻ ضرور مٽي.
- ڪتي جو پٽ.
- جيئن ڪُتيءَ جي پنيان ڪت ۾ ڪُتا.
- ڪتن وانگر وڙھڻ.
- ڪتي کي ھڏو.
- عورت ۽ ڪُتي کي لَڏ ۾ مزو.
- ڌوٻي جو ڪتو نہ گھر جو نہ گھاٽ جو.
- ٻچ جي ڪتي وانگر/ٻچ جو ڪتو
- ھن ڪتي بہ سھا نہ ماريا.

Gul Hayat Institute

- ڪتي وانگر ڏاڙهڻ.
- ڪتي وانگر ڀونڪڻ.
- ڪتي وانگر اوناڙڻ
- ڪارو منهن ڪتي جو رب اوتري جي اوتري.

## ڪتي بابت ڳجهارتون

شاعرن ڀاران ڪتي کي ڳائڻ سان گڏ ڪتي لاءِ سگهڙن به ڳجهارتون ڏنيون آهن، جنهن مان هڪ هي به آهي ته:

"وڻ ڪتي وات ۾، وڻ ڪتي جو ڪم، جي لاهي وجهينس چَم ته به وڻ ڪتي جي وات ۾. (ڪتي جو ٻاهڻ) ڀيڄي: ٻاهڻ (وڻ جو هڪ قسم) ڪتي جي وات ۾، ٻاهڻ (ڪتي جو آواز) ڪتي جو ڪم، جي لاهي وجهينس چم، ته به ٻاهڻ ڪتي جي وات ۾."

**ڪتي جو آواز:** مختلف وقتن تي ڪتو مختلف آواز ڪندو آهي، جن جا مختلف نالا هجن ٿا جيئن: ڀونڪ، ڇهار، شڪار واري جي ڇهڪارءِ گهر جي جي ڀونڪ وغيره.

**رڙڻ:** شڪار يا ڪنهن جانورن جي نڪرڻ وقت ڪندڙ ٻولي کي رڙڻ سڏبو آهي.

**ڪوسٽ:** سنهي آواز وارو رڙڻ، جيڪو جانور جي ڏسڻ تي هلڪي آواز ۾ ڪندو آهي.

**راهڙ:** وڏي آواز ڪري، ڪتو ڪنهن به شئي کي منهن هڻندو ته ان کي راهڙ سڏبو آهي.

**ٻروٽ:** ڪو جانور ڪتي کي ڏک هڻي، ته ان وقت ڪتو جيڪو آواز ڪندو آهي، ان دانهن کي ٻروٽ سڏبو آهي.

ڪوڪاٽ: جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪتي کي ڏک هڻندو ته، ان وقت ڪتو جيڪو دانهن ڪندو آهي، ان کي ڪوڪاٽ سڏبو آهي.

Gul Hayat Institute

## ڪتي کي ٿيندڙ بيماريون

انسانن ۽ جانورن وانگر ڪتي کي بہ بيماريون ٿينديون آهن. جيڪي ڪجھ هي آهي.

گر، ڳڙهہ، ڪمري/ڏڙڪڻ/اڏرنگ، بخار، مليريا، خارش، پرميل، نمونيا/ڦڦڙ لڳڻ، ڪنگهہ، گلو گھٽجڻ، مغز جھلجڻ، زڪام، ڪَٽ/رِد ۽ ڪنڊو وغيره.

**گَر:** گر جي بيماري ۾ ڪتي کي صابڻ سان وهنجارڻ سان گڏ نم جي پاڻي سان وهنجاربو آهي. ان کان علاوه ڪتي جو بہ ڪري ۽ انسانن وارو ڊاڪٽري علاج ڪرائبو آهي.

**ڳڙهہ :** ڳڙهہ دوران ڪتي جو ڊاڪٽري علاج ڪرائبو آهي. ڳڙهہ کي بہ نم جو پاڻي گرم ڪري زخم کي ڌوئبو بہ آهي.

**ڪمري :** هن بيماري دوران ڪتي کي چيلهہ، مغز يا منهن تي، جتي اڏ رنگ ٿئي، اتي ڏنڀ ڏبو آهي. ڪِل يا ڏاتو گرم ڪري ڏنڀبو بہ آهي.

**بخار /مليريا :** بخار ۾ ڪتي کي جاڻ پسائي گھوٽي ڏبي آهي. بخار ۾ ڪتو ڪوماتيل ۽ سست پيو هوندو آهي جنهن جي علامت طور ڪتو کي ماني جي وقت يا ٻي ٽائيم ستو پيو هوندو.

خارش: خارش ٿيڻ تي ڪتي کي نم جي پاڻي سان وهنجاربو آهي.

**پرميل :** ڊاڪٽري واري علاج سان گڏ ڪتي کي کير يا پاڻي ۾ ماکي ملائي ڏبي آهي. ماڻهو وارو وزن ڏينهن ۾ بہ ڀيرا صبح شام.

**ڪٽ /رد /ڪنگهہ :** جنهن دوران ڪتو ماني کائڻ سان الٽي ڪندو آهي، ان جي علاج طور گرم ماني ڪوڏر تي رکي ڪتي کي ڏبي آهي. ماني ڪوڏر جي لوهہ سبب پُسي ويندي آهي. اها ماني کائڻ سان ڪتو نيڪ ٿي ويندو آهي.

Gul Hayat Institute

**مغز جهلجڻ /زڪام:** جنهن دؤران ڪڪڙ جا بيدا ٿي ڏينهن روز هڪ بيدو ڏيڻ سان ڪتي جو مغز کلي ويندو آهي ۽ زڪام ختم ٿي ويندو آهي. گهڻو ڪري ڪتي کي ٻاهر اُس ۾ ٻڌبو آهي.

**ڪنڊي ۾:** هن بيماري ۾ ڪتي جي زبان جي هينيان هڪ نس ٿيندي آهي. ان کي ٽڪو ڏئي، اها نس ڪڍي ڇڏبي آهي. پوءِ ان هنڌ ڇار وغيره لڳائجي ته جيئن رت بند ٿي وڃي.

**سينگار جو سامان:** خفتي ڪتي کي سينگارڻ لاءِ ڪجهه شيون استعمال ڪندا آهن. حالانڪ ڪتو خود انهن لاءِ سونهن ۽ سينگار برابر شئي هوندو آهي. سينگار جي سامان ۾ اڪثر ڪري پٽو ڳاني، ڇلو ۽ رسي وغيره استعمال ڪبي آهي.

پٽو ڏاريل ڪتي جي نشاني هوندو آهي. اڳي جڏهن ميونسپل ڪاميٽي وارا ڪتا مار موسم دؤران ڪتا ماريندا هئا ته پٽي واري ڪتي کي زهر ڪونه ڏبو هو. گاڏي وارو پٽي واري ڪتي کي ماريندو هو ته سزا ايندي هئي. قانون مطابق بغير پٽي جي ڪتو رولو ۽ ننڍڪو شمار ٿيندو آهي.

## ڪتو ڇتو ڪيئن ٿو ٿئي

جانورن ۾ ڪتو ۽ گدڙ ڇتا ٿيندا آهن. پوءِ اهي ٻئي جنهن کي به ڏاڙهيندا ته اهو به ڇتو ٿيندو. ڪتو اڪثر ڪري مئل گڏهه کي کائڻ سان ڇتو ٿئي ٿو. پر ڪن خفتين جي بقول ته 'چندول' نالي پکي، جيڪو مٿي آسمان ۾ اڏامندي جڏهن هيٺ ڪري مري ٿو ته ان کي کائڻ سان به ڪتو ڇتو ٿئي ٿو. ڪتي جي ڇتي ٿيڻ جي ڪا به موسم نه هوندي آهي، پر اڪثر سياري ۾، اتر جي هوا لڳڻ وقت ٿيندو آهي. جنهن دؤران هو هوا جي سامهون هلندو آهي يا پوءِ جيڏانهن ڪنهن ٻئي ڪتي جي پونڪ ٻڌندو اوڏانهن ويندو آهي. ڇتي ڪتي ٿيڻ جي پهرين نشاني ڪتو بين ڪتن يا ڪڪڙ سان وڙهڻ يا ان کي ونڻ جي ڪندو ته خفتين کي خبر پوندي ته ڪتو ڇتو ٿو ٿئي. اڌ ڇتي ٿيڻ تي گگون ڳاڙيندو آهي ۽ وات ڪليل هوندو اٿس. پڇ هيٺ هوندس ۽ خطا هوندو

Gul Hayat Institute

آهي. اهي نشانيون واضح نموني ڪتي جي چِتي ٽيڻ جون هونديون آهن. چِتي ٽيڻ بعد ڪتو گهريلو ڪڪڙ يا ماڻهو کي ڪائيندو آهي. شڪار جو ڪتو ماڻهو کي نہ ڪائيندو. باکوڙي جو خليل احمد لغاري چِتي ڪتي جي ڪاڌل ڪتي کي 'پاپا' پڙهي ڏيندو آهي سڄي عمر اهو ڪتو بيهر چِتو نہ ٿيندو آهي! ڪتي جي ڏاڙهڻ کان پوءِ، ٻئي ڪتي جي چِتي ٽيڻ جو وقت اڍائي ڪلاڪ، اڍائي پهر، اڍائي ڏينهن، اڍائي مهينا يا اڍائي سالن تائين هوندو آهي، جنهن دؤران هو ڪنهن بہ وقت چِتو ٿي سگهي ٿو. ان کان چڙهي ويو تہ پوءِ چِتو ڪونہ ٿيندو. ڪو ڪتو اهڙو بہ هوندو آهي جو ان کي 10 دفعا بہ چِتو ڪتو ڏاڙهي وڃي، تہ بہ ان تي ڪو اثر نٿو ٿئي. چِتي جي ڏاڙهيل جو علاج سا ڳيو ماڻهن واروئي آهي، پر ماڻهو چِتو ٿي وڃي تہ ان کي سائو يا ڪارو ڪپڙو ڏيکاربو آهي تہ جيئن جلد مري وڃي يا پاڻي بہ ڏيکاربو آهي! (چوجوان دؤران ماڻهو وڏي عذاب ۾ هوندو آهي) ڪتي جي ڏاڙهيل کي مختلف درگاهن تي بہ وٺي ويجبو آهي، پر خفتين جي بقول تہ انهن ڳالهين جو ڪو بہ خاص اثر نہ ٿيندو آهي.

## سنڌ ۾ ڪتن جا نالي وارا خفتي ۽ شوقين:

(جيڪو پاڻ شڪار ڪندو هجي ان کي خفتي سڏبو آهي ۽ جيڪو ڪتا رکندڙ هجي، پر پاڻ شڪار نہ ڪندو هجي تہ ان کي شوقين سڏبو آهي)

***سنڌ*** ۾ ڪتن جي خفت جا ڪيترائي نالي وارا خفتي ۽ شوقين ٿي بہ گذريا آهن تہ اڄ بہ موجود آهن. جن ۾: ٻگن سائين راڻي پور، ممتاز علي پنهور غلام مصطفيٰ ڪر، قبلہ مخدوم سائين طالب المولي، پير شاهہ سڪرنڊ، سهڻل سائين ۽ نادر سائين راڻي پور نورجا، اعجاز ٻگهيو سڪر واري پاسي جو علي نواز خشڪ سڪر، همت علي ڪماريو شڪارپور، ڪريم بخش ڪيريو سڪرنڊ، نبن فقير صوفي، يوسف ڪيريو سڪرنڊ، حاجي غلام نبي راهو سعيد آباد. ولي محمد ڪاڇيلو 63 جو ابل سائين راڻي پور، غلام محمد ڏاهري قاضي احمد، نوهاڻي ڊگهڙي وغيره خاص طور تي قابلِ ذڪر آهن.

Gul Hayat Institute

## سانگھڙ ۾ ڪتن جا نالي وارا شوقين/خفتي

ضلعي سانگھڙ جي نالي وارن خفتين ۽ شوقين ۾ خليفو پلو جمالي، غازي خان جمالي، دريا خان عرف دادو بڙدي، خادم عمراڻي، فريد عمراڻي، سڪندر بڙدي ڪوٽ نواب، ساماڻو بگٽي لُنڪو غلام مصطفيٰ شاهه لنڪو عظمت پناڻ باڪوڙو فيض نظاماڻي، عبدالڪريم نظاماڻي سانگھڙ، منو جتوئي ۽ غازي خان شهدادپور. خادم ملاح عرف روس هرڻي ڏڙو سانگھڙ. نياز احمد ملاح هرڻي ڏڙو/پٽ. شڪيل جوڻيجو عطا الله جوڻيجو اسد جوڻيجو ٽنڊو آدم. هادي بخش مري ۽ غازي خان مري کپرو. اميد علي شاهه ٽنڊو منان خان. ابراهيم راجڙ کپرو بابو انڙ گجري. شاهو شر الو چانڊيو سعيدو شر ورڪشاپ. عباس ڪوڪر. يوسف جت. راڻو شوڪت چڪ نمبر ٽي ۽ گلاب لاکو ڳوٺ ٽوپڻ ڏاهري شامل آهن.

رڇن ۽ ڪتن جي ويڙهه

جيڪا انگريزن پاڻ سان گڏ برِ صغير ۾ آندي

سنڌ ۾ ڪتن ۽ رڇ جي ٻچ مختلف هنڌن تي ٿيندي آهي ۽ سنڌ ۾ کهيري ذات پالڻ جي حوالي سان مشهور رهي آهي. سنڌ ۾ بلڪ برصغير ۾ رڇ ڪتي جي ٻچ بابت محترم سائين لالا فضل احمد بيلائي صاحب پنهنجي ڪاوش ميگزين ۾ ڇپيل مضمون ۾ لکن ٿا ته: سنڌي ۾ چوندا آهن ته "شوق جو ڪو ملهه نه هوندو آهي." اج کان اٽڪل ٽي سئو سال اڳ رڇ ڪتي جي ويڙهه (ٻچ) انگلينڊ ۾ انگريزن جي بيحد پسنديده ويڙهه هوندي هئي. اها ميلن ملاکڙن کان سواءِ گرجا گهرن ۾ به تمام گھڻي شوق سان ڏٺي ويندي هئي. شهنشاهه هينري ستون ته ان ويڙهه جو ايترو شوقين هو جو ان پنهنجي حڪومت دوران رڇ_ ڪتن جي ويڙهه لاءِ هڪ الڳ وزير مقرر ڪيو هو.

ارڙهين صدي عيسويءَ ۾ جڏهن انگريز هند و پاڪ ننڊي کنڊ تي قابض ٿيا ته هنن پاڻ سان گڏ شڪاري ڪتا به آندا. هتي ناچ ڪرڻ وارا رڇ ته اڳئي موجود هئا. سو جڏهن شڪاري ڪتا انگريزن حڪمرانن جي معرفت هتي پهتا ته اها رڇ ڪتي جي ويڙهه هتي به شروع ٿي وئي. جنهن کي سنڌ جي روائيتي ۽ عوامي ٻوليءَ ۾ "رڇ جي ٻچ" ڪوٺيو ويو. ويهن صدي جي آخر تائين ان ويڙهه جو ميلن ملاکڙن ۽ شادين ۾ خاص اهتمام



Gul Hayat Institute

ڪيو ويندو هو. ڪهيري فقيرن کي خرچي پاڻي ڏئي انهن رڇن کي آڻيو ويندو هو. پر وقت گذرڻ سان گڏ هتي جي عوام ۾ به اهڙي ظالماڻي ورڇ بابت نفرت پيدا ٿي اهڙي نفرت پيدا ڪرڻ ۾ جانور جي بچاءُ واري عالمي اداري (WSPA) طرفان وڏيون ڪوششون ورتيون ويون. ان اداري طرفان اڄ کان 15 سال اڳ لاهور جي هڪ اين جي او "هبيٽيٽ انٽيگريٽيڊ پاڪستان" (Habitat Integrated Pakistan) جنهن ۾ مون به سال کن ملازمت ڪئي هئي. سجاڳي پيدا ڪرڻ جو ڪم ضلعي سانگهڙ لاڙڪاڻي ۽ خيرپور ۾ ڪيو هو. ان دوران وائلڊ لائف کاتي سنڌ جي سهڪار سان ڪافي ڪاميابي پڻ حاصل ٿي وئي. ٽنڊي آدم شهر ۾ ڪهيري فقيرن جو هڪ پاڙو آهي، جنهن جو ڪم رڇ پالي ان کي شهر شهر گهمائڻ هو. اهي رڇن کي ناچ ڪرائي چار پئسا به ڪمائيندا هئا. انهن جا سئو ڏيڍ گهر آهن. انهن ماڻهن ۾ جڏهن مختلف سماجي تنظيمن طرفان سجاڳي پيدا ڪئي وئي ته هاڻي اهي ان ظالماڻي ڌنڌي کي الوداع چئي هٿ جو هنر جهڙوڪر: اڳٺ سڳيون ۽ جانورن جي سينگارڻ جون مختلف شيون تيار ڪري عزت ۽ آبرو سان پنهنجو پيٽ گذر ڪري رهيا آهن.

رڇ ڪتي جي ويڙهه ۾ دلچسپي رکندڙ زميندار پهريان ته شڪاري ڪتا انگلينڊ مان گهرائيندا هئا. پر بعد ۾ انهن شڪاري ڪتن جو نسل مقامي سطح تي وڌائڻ جو بندوبست ڪيو ويو. شڪاري ڪتا ٿلها نه ٿيندا آهن. اهي پوري پُني قد جا هوندا آهن. اهي ڪتا تمام وڏا ٽپا ڏئي سگهندا آهن ۽ جن جا چڪ تمام زوردار هوندا آهن. جڏهن اهو شوق عروج تي هو ته زميندار اهڙن ڪتن جي کاڌ خوراڪ جو جوڳو انتظام ڪندا هئا ۽ اهڙي ڪم لاءِ خاص عملو مقرر ڪيو ويندو هو انهن ڪتن کي رڇ سان وڙهڻ جي خاص تربيت ڏني ويندي هئي.

انهن جي مشق ڪنهن هٿرادو نميل رڇ جي بوتي تي ڪرائي ويندي هئي. اهي شڪاري ڪتا سنا چوڪيدار پڻ هوندا آهن. جيڪي زميندار رڇ ڪتي جي ويڙهه (بيچ) کي هڪ ظالماڻو ڪم سمجهي ڇڏي

ڏيندا هئا. اهي انهن ڪتن کي بطور چوڪيدار نهايت شوق سان پاليندا هئا. حقيقت ۾ جيڪڏهن اهڙن ميلن ملاکڙن، شادين ۽ شادمانن ۾ رڇ ڪتي جي ويڙهه ڪرائڻ بدران پنهنجون بهترين قسم جون ڏيهي رانديون جهڙوڪر ملهه، ڪوڏي ڪوڏي، ٻيلهاڙو ۽ ونجهه وٽي وغيره ڪرايون وڃن ته اهي ميلا مقامي تهذيب جا بهترين عڪاس بڻجي سگهن ٿا. هونئن به رڇ ڪتي جي ويڙهه ڪا هتان جي مقامي راند نه آهي. هيءَ ته انگلينڊ مان آندل راند آهي، جنهن ڪري عقلمندي انهيءَ ڳالهه ۾ آهي ته، رڇ ڪتن جي ويڙهه بجاءِ پنهنجي ديسي راندين کي ترقي وٺائجي.

## ويڙهه جو قانوني جائزو

پاڪستان ۾ جهنگلي جيوت جي حفاظت صوبن جي ذميواري آهي. رڇ کي پڪڙڻ يا رڇ جو شڪار ڪرڻ چئني صوبائي حڪومتن طرفان سختيءَ سان منع ٿيل آهي. جانورن جي حفاظت لاءِ ڪيترائي قانون تيار ڪيا ويا آهن، جن جي پڪڙي ڪندڙن کي جيل جي سزا يا ڏنڊ پئجي سگهي ٿو. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سيئي ماڻهو ملڪي قانونن جو احترام ڪن ۽ خداوند ڪريم جي مخلوق کي ظلم کان بچائين.

عالمي تاريخ ٻڌائي ٿي ته ماضيءَ ۾ رومي حڪمرانن، گنهگار انسانن کي، سندن گناهن جي سزا طور بکايل شينهن اڳيان اڇلائي تماشو ڏسندا هئا ۽ ان تي خوش ٿيندا هئا. پر وقت گذرڻ سان گڏ جيئن جيئن انساني تهذيب ترقي ڪئي ته اهي خوني عمل به ختم ٿي ويو. هن کان اڳ ذڪر ڪري چڪو آهيان ته هينري ستين جي دور ۾ اها رڇ ڪتي جي ٻج انگلستان ۾ عروج تي هئي، جنهن لاءِ هڪ جدا وزير پڻ مقرر هو. پر اڄ اتان انگلستان جو هر شهري اهڙين ويڙهين کان نفرت ٿو ڪري، جنهن سان پڻ اها اميد ڪري سگهجي ٿي ته پاڪستان مان به اها ويڙهه مستقبل قريب ۾ انشاءَ الله ختم ٿي ويندي. فقير باعزت طور پنهنجي روزي ڪمائيندا. وڏا زميندار اهڙين راندين جي همت افزائي ڪندا. جيڪي مظلوم قيدي جانورن کان سواءِ هونديون ۽ عام ڏسندڙ پڻ انهيءَ راند کان نفرت جو اظهار ڪندا.

## عمر جي لحاظ سان ڪتي جا نالا:

### پلونگڙو، گلر، ڪتو وغيره ڪتن جا ويڙهه دوران داءُ پيچ

ڪتا ويڙهه جي دؤران جيڪي داءُ پيچ استعمال ڪندا آهن، خفتين وٺ انهن جا مختلف نالا هجن ٿا. جيئن:

### ڀٽائي صاحب جن جي شاعري ۾ ڪتي جو ذڪر:

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحہ جن ڪتي جو ذڪر مختلف هنڌن تي ڪندي، ڪتي جون مختلف خصلتون بيان ڪيون آهن. مثال طور

جھَنگَلُ آهيڙِيَنِ ڪي، ڀَنرُ ڪِيو روءِ،
نہ ڪُتا نہ ڪوڙڪو ڇَڙِهيو اُيو چوءِ،
هاٿي هِنان پوءِ، لَڳِي لونو نہ ٿِئي.

(شاهه جو رسالو غلام محمد شاهواڻي، سُر ڪاهوڙي، داستان ٽيون، بيت نمبر 10)

جَهنگَلُ آهِيڙِيَنِ ڪي، ڀَنرُ ڪِيو رُوندو،
نہ ڪُتا، نہ ڪوڙڪو ڇَڙهيو اُيو چُوندو
هَڏِ هِين نہ هُوندو اِنهان پوءِ عالَم ۾.

(شاهه جو رسالو غلام محمد شاهواڻي، سُر ڪاهوڙي، داستان ٽيون، بيت نمبر 11)

ڪُتا نہ ڪُوڪارَ نہ سي سَڏَ شِڪارِين،
پِٽِيو ڪَٽي پارَ جَهنگَلُ آهيڙِيَنِ ڪي.

(شاهه جو رسالو غلام محمد شاهواڻي، سُر ڪاهوڙي، داستان ٽيون، بيت نمبر 12)

ڪُتا ڪِيُنئِي ڪِيچ جا، سندا جي پنهون،
اَڳهين هوند آسونهن، جي جانارَنِ ياد پَئِين،

(شاهه جو رسالو غلام محمد شاهواڻي، سُر معذوري، داستان هڪ، بيت نمبر 2)

Gul Hayat Institute

ڪُتو چي، قَرِيبَ جا، آهِيُون ساڻَ سَهِي،
پِهِرين بات بَهِي، پُڇُون پوءِ پانڌِيَنِ کي.
(شاهه جو رسالو غلام محمد شاهواڻي، سُر معذوري، داستان هڪ،
بيت نمبر 6)

جُهه يارُ ڏِٺائُون يارَ جو، پُٺِيءَ پيرُ ڳَڙِينِ،
ڦِرِيا نـه فَرمانَ کان، اُنهيءَ ۾ آهِينِ،
ڏِسِي نـه ڏاڙهين، شَبانَ جي سَگَ کي.
(شاهه جو رسالو غلام محمد شاهواڻي، سُر معذوري، داستان هڪ،
بيت نمبر 10)

سَگِبانَ سِينڌارِيا، بَچِيا ، تي بَهَنِ،
ڦِريا نـه فَرمانَ کان، مُلُه نـه موتِيَئڙَنِ،
ڪونهي ڏوهُ ڪُتَنِ، ڏاڪارِيا ، ڏاڙهينِ تا.
(شاهه جو رسالو غلام محمد شاهواڻي، سُر معذوري، داستان هڪ،
بيت نمبر 11)

هلندي هوت پنهون ڏي، ڪُهجن! ڪِي ڪُوتيون،
پَهڻ تَني پَٽَ تيو جي لالن ئي لُوَنيون،
سَيُ سَهَيلِيون سِڪَ ۾، چُجهون ۽ چُونيون،
بانيڻ تي پُوتيون، تـه ڪُتا ڪِيُنئَي ڪِيچَ جا.
(سُر معذور، شاهه جو گنج، سگهڙ حاجي الهداد جنجهي، داستان
ٽيون، بيت 1)

سسئي پُڇَن سي، جي پارِيل پُنهون جام جا،
وَڍِيوويِنِي ڏِي، ڪايا ڪِيچ ڪُتن کي.
(سُر معذور، شاهه جو گنج، سگهڙ حاجي الهداد جنجهي، داستان
ٽيون، بيت 4)

جاڳايس جَنبُور، ڪُتي ڦَرِيبَن جي،

Gul Hayat Institute

بهِي بهڪي اُتيو ڳُهندي مَنجهان ڳهور،
سي لاهيندو سُور، ڳِري هِن غريب جا.
(سُر معذور، شاهه جو گنج، سگھڙ حاجي الهداد جنجهي، داستان ٽيون، بيت 5)

ڪُتو ڇَئي قَرِيب جا، آهيون ساڏَ سَهي،
پِهرين بات بَهي، پُڇون پوءِ پانڌِيَن کي.
(سُر معذور، شاهه جو گنج، سگھڙ حاجي الهداد جنجهي، داستان ٽيون، بيت 7)

نڪي آهيون چوهڙا، نڪي آهيون چور،
هاڳاما ۽ هور- ڪُتا ڪرين ڪَڻ تي.
(سُر معذور، شاهه جو گنج، سگھڙ حاجي الهداد جنجهي، داستان ٽيون، بيت 8)

ڪُجُ پُڇ ڪُتي سين، ڪِينَڪي، ماٺَ سِين مارِينس،
پائي ڳَٺُ ڳِچيءَ ۾، دَرَ دوستن ڏارِينَس،
سا پَر سِيکارِينَس جا ڀَهڪڻ کان بَس ڪري.
(سُر معذور، شاهه جو گنج، سگھڙ حاجي الهداد جنجهي، داستان ٽيون، بيت 9)

جني سندو آهين، سي ڇون ٿي هَڙُ،
ڪتا قريبن سِين، دَعوا رکِي ۾ ڏَڙُ،
وڏوءِ جَني وَڙُ، ڏَند ٻـ ڏيکارين تَن کي.
(سُر معذور، شاهه جو گنج، سگھڙ حاجي الهداد جنجهي، داستان ٽيون، بيت 11)

جَني سَندو آهِين سي جي ڇَوَن ٿي هِيٺ،
ڪُتا قَريبن سِين، پيڙي پَڌر بيٺَ،
جَني ڏِيکارِيوَئي ڏِيٺ، وَري عاقي 2 ٽِيئن ان سين.



Gul Hayat Institute

(سُر معذور، شاهه جو گنج، سگهڙ حاجي الهداد جنجهي، داستان ٽيون، بيت 12)

ڪُتو ڪوٺينئي پَنهنجو تہ ڪر ڪُتن جي ڪارَ
ڪَنُ ڪُپِينئي ڪُچ ڪِين، پَر ڪُتن جي پار،
تہ سُپا مَنجه شِڪار، ڪُوني ڪن ئِي پَنهنجو.
(سُر معذور، شاهه جو گنج، سگهڙ حاجي الهداد جنجهي، داستان ٽيون، بيت 13)

---

## راوي

1. خليفو پلو جمالي ولد سردار خان جمالي، عمر 75 سال، ڳوٺ، نئون ڳوٺ پلو خان جمالي، لڳ چڪ نمبر 8 سانگهڙ.
2. دريا خان عرف دادو ولد غلام مصطفيٰ پڙدي، عمر 60 سال، ڪوٽ نواب.
3. نواب الدين ولد قادربخش ملاح، عمر 50 سال، وينڊ ڳوٺ ناٿو خان ملاح لڳ سومر جي مياڻ سانگهڙ.
4. ڪيوڙو ولد الهڏنو ملاح، عمر 50 سال ڳوٺ ناٿو خان/سومر جي مياڻ، سانگهڙ.
5. غلام رسول ولد سردار خان جمالي، نئون ڳوٺ پلو خان جمالي، عمر 45 سال، لڳ چڪ نمبر 8 سانگهڙ
6. فريد ولد بشير عمراڻي، عمر 40 سال، روندواهو لڳ ڪوٽنواب سانگهڙ.
7. مضمون، "رڇ ۽ ڪتي جي ويڙهه جيڪا انگريزن پاڻ سان گڏ برِ صغير ۾ آندي" لالا فضل احمد ٻيلائي، ڪاوش مڊ ويڪ، سورنهن جولائي 2014

Gul Hayat Institute

# گڏھه

## ڳَڏھن جي منفرد پڙي

**ڏوڙ** اڏامي نہ صرف منهن مٿي ۾ پئجي رهي هئي، پر جسم جي هر حصي تي، بلڪ ڪپڙن تي وڏ ڦڙي جيئن مسلسل وسي بہ رهي هئي، جنهن ۾ ان وقت اجا بہ وڌيڪ تيزي تي آئي، جڏهن گڏھن زمين تي ليٽڙيون تي پاتيون ليٽيا ٿي. گڏھن جو ان طرح ليٽڻ دراصل هنن پاران خوشي جي اظهار سان گڏ هنن جو وهنجڻ بہ هو. (اها بي ڳالهہ آهي تہ انهن کي انهي نموني وهنجڻ، بين کي بہ وهنجڻ لاءِ مجبور تي ڪري ڇڏيو) مٿان وري گڏھن جو واري واري سان يا هڪ ٻئي جي مقابلي ۾، (گڏھن جو هينگڻ ٽن مختلف وقتن تي، ٽن مختلف طريقن جو هجي ٿو) پنهنجو حق جتائڻ، پنهنجي ڏاڍ مڙسي ڏيکارڻ يامخالف جنس کي پاڻ ڏانهن متوجهہ ڪرڻ ۽ مخالف اميدوارن کي دابو ڏيڻ لاءِ مسلسل هينگڻ عجيب ماحول پيدا ڪري ڇڏيو هو. هوش تہ اسان جا ان وقت ئي خطا تي ويا هئا، جڏهن ٽنڊي غلام علي ضلعي بدين ۾ گڏھن جي پڙي، جيڪا پاڪستان جي وڏي ۾ وڏي ليکي وجي ٿي ۽ جنهن ڪ سنڌي ماڻهو وري نمبر کڻڻ جي شوق ۾ ڪي ماڻهو تہ ان کي ايشيا جي وڏي ۾ وڏي گڏھن جي پڙي بہ چون ٿا. پڙيءَ اندر گهڙڻ کان اڳ ئي ڊانسن تي گڏهہ کڻي وڃڻ جي تيارين ۾ رڌل همراهہ اسان کي ڪيمرائون کوليندي ڏسي سڌ ڪري متوجهہ ڪيو ۽ اهو چئي هوش اڏايا تہ هي گڏهہ ڏيڍ لک رپين ۾ خريد ڪيو اٿم. سوچيم تہ پٺاڻن وانگر گڏهہ جي مالڪ تہ اگهہ الائي جي ڪيترو ٻڌو هوندو! . پر گڏهہ هو واقعي خوبصورت ۽ قدآور. لاسي نسل جو. اها نسل جيڪي گڏھن جي سڀ کان سٺي، هلڻ ۽ بار کڻڻ ۾ پيلي شمار ڪئي وجي ٿي، پر افسوس جو پيلن ماڻهن وانگر گڏھن جو اهو نسل هاڻي ناياب ٿيندو وجي. ان گڏهہ جو رنگ بہ هجي بگو يا

بوسڪي تہ خفتي ڏينهن ۾ ڏهہ ڏهہ پيرا پيو ورائي ورائي ڳڌهہ ڪي ڏسندو. ” ۽ پيا پيا چپن تي زبان ڦيرائيندا. لاسي ڳڌهہ تہ ڪنهن خفتي جي در تي هوندو، باقي جهڙا تهڙا تہ پنجاب ۽ ٿر جا ڳڌهہ پيا تاڻيو هلندا. “ هڪ همراهہ ڳڌهہ جي تعريف ڪندي چيو.

هن پڙيءَ ۾ جتي لاسي ڳڌهہ هڪ ڪان هڪ مٿي ۽ گهوڙن سان مقابلو ڪندڙ بلڪہ انهن کي بہ ملهہ ماريندڙ موجود هئا، اتي واڙي جا وچولا، ولائتي يا جڳا، لاڏائو لاڙي ٻسر، ٿري، سنڌ، ايران، پنجاب جا ڳڌهہ ۽ هڪيا ٽڪيا ٻڳا، بوسڪي، ٽامڙا، چينا، مڪڙا، ديجا، ساوا، نيرا، تيلا، پورا، ڀيرا، ٻاجهري ٻادامي، نيرا، (دبڪن سان) ڪارا، ناسي هر رنگ ۾ ڳڌهہ موجود هئا. خفتين ۽ پئسي وارن لاءِ لاسي ڳڌهہ سڀ کان چونڊ آهن. جڏهن تہ غريباڻي طبقي کي ٿريا ڳڌهہ ئي منهن ڏين ٿا. ايران جو ڳڌهہ تہ ٿر جي ڳڌهہ کان بہ وڌيڪ ٽڏو ڳڌهہ ثابت ٿيو آهي. پر پنج ئي آڱريون برابر بہ ڪو نہ ٿين. پنجاب جا ڳڌهہ قد جا تہ گهٽا ئي وڏا ۽ ٻت ۾ پريل ٿين، پر هلڻ، بار ڪڍڻ ۽ گرمي جا ياڙي، دل جا ڪمزور ٿين، گهٽي گرمي ۾ تہ ماڳهين ساهہ ڏيو ڇڏين. بلوچستان ۽ ايران جو ڳڌهہ بہ ساڳي جنس ٿئي. مزي جي ڳالهہ تہ انهن ڳالهين هوندي بہ ٻاهريان ڳڌهہ هتي قبول ٿيو وڃن، پر هتان جا ڳڌهہ ٻاهر گهٽ ئي وڃن ٿا. خفتين جي بقول تہ ٻاهرين ڳڌهن ۾ لچڻ ڪو نہ ٿئي. جتي تازا توانا ڳڌهہ پڙي ۾ موجود هئا، اتي ايرا ايرا ڏٽين ۽ ڏرتي تي ٻار ٻٽيل، بيمار ڳڌهہ بہ جهجها ڏسڻ ۾ آيا. جن ۾ ڪن کي سر ڳيل، ڪن کي سهڪو ڪي سوڪهڙي جا سڪايل، ڪي ڪاري واءُ ۽ سائي واءُ ۾ ورتل، سي سيڙاني جا ستايل، ڪي ٻاجا ۾ بند، ڪي گرمي، پيٽ سور، پيشاب بند ۽ دستن ۾ قابو سيئي شامل هئا. ساڳي طرح عمر جي لحاظ کان ڪودا، ڪوديون، دوڪ ۽ ڪر سيئي وڪري لاءِ وس آهر واڳ، ٽنگ، پيٺي، ڳاني، ڇير، سينا بند، سنگهرن، اولار پٽي، ڳادين، لغام، سوتي، مچي، راسڪڙي، ڳانڍين، هني، پچ پٽي، ونجهہ ۽ موڙسان سينگاري آندا ويا هئا. ڪن ڳڌهن کي تہ اهڙا پلا موڙ بڌل هئا، جهڙا گهوٽن کي تہ شادي وقت بہ نصيب ڪو نہ ٿيا هوندا.

پنجن ڇهن ايڪڙن کي پکڙيل پڙي ۾ ڳڌهہ توڙي واپارين ۽ رونشي ڪوڏين لاءِ ڪا بہ سهوليت ڪانہ هئي. نہ صاف پاڻي هو نہ ئي ڪائڻ پيئڻ جي

ڪا شئي، صحت جي اصولن مطابق موجود هئي. ڏيڊ لک ۾ پڙي جو نيڪو ڪٽندڙ نيڪيدار جا وانا پئسا ميڙڻ ۾ ماڻهن جي ٽوري ٽوري ڳالهه تي بيعزتي ڪرڻ، گلي مان جهلي چماٽون هڻڻ لاءِ تہ هڪيا تڪيا موجود هئا. باقي ڪنهن ذڪ تڪليف ڏانهن سندن توجهہ ئي نہ ٿي وئي. پڙي جا اڳهہ ذري گهٽ فائيو اسٽار هوٽل جهڙا نظر آيا. عام طور تي ڪنهن بہ پڙي ۾ جانور جي داخلا في ڏهہ ڪان ويهہ رپيا هجي ٿي، پر هتي في گڏهہ بہ سئو رپيا ورتا ٿي ويا. جڏهن تہ خريدار ڪان ٿي سئو رپيا ۽ وڪري ڪندڙ ڪان ڏهہ سيڪڙو جي حساب سان پئسا ڀاريا پئي ويا! گڏهن کي ڏاٽسن وغيره ۾ چاڙهڻ لاءِ نالي ماتر نهيل دڪن جا بہ في ڏاٽس پنجاهہ رپيا وصول ٿي ڪيا ويا. جيڪي پئسا هر طرح سان تمام گهڻا هئا. جي اڳهہ فائيو اسٽار هوٽل جهڙا هجن تہ سهولتون بہ اهڙيون هجڻ کپن! گڏهن جي اتي موجود پراڻن خفتين ٻڌايو تہ اڳي ڪِلو (داخلا في) پنج رپيا هئي، وڪڻڻ توڙي ونڻ واري ڪان ڏهہ ڏهہ رپيا وصول ڪيا ويندا هئا. تڏهن سرڪاري مداخلت اجا شروع نہ ٿي هئي، ان وقت ميونسپل ڪميٽي جو في گڏهہ تي هڪ رپيو هوندو هو ۽ بس.

ٽنڊو غلام علي ۾ گڏهن جي پڙي ڏهہ محرم تي لڳڻ بظاهر تہ ڏاڍو عجيب ٿو لڳي پر اهو سلسلو شروع ٿيو ئي ڏهہ محرم جي ڪري هو. ٿيو ايئن هو جو پاڪستان ڪان بہ اڳ، مير بنده علي جي وقت ۾، محرم ۾ هتي نهندڙ تعزيا ۽ سيج وغيره خيرپور ڪان پوءِ ٻئي نمبر تي ۽ ڏسڻ جهڙا هوندا هئا. جنهن کي ڏسڻ لاءِ نائين محرم ڪان ئي غريب ماڻهو پري پري ڪان، ٻي ڪا سواري نہ هجڻ ڪري، گڏهن تي چڙهي ايندا هئا. ماڻهو تہ تعزيا ۽ ماتم ڏسڻ ۾يا ان ۾ شامل ٿيڻ ۾ مصروف ٿي ويندا هئا. پر پنيان گڏهن جو ڇا ٿئي؟ ان لاءِ شيدين گڏهن جا واڙا ڪوليا. جتي ماڻهو براءِ نام فيس ڏيئي، گڏهہ واڙيندا/ٻڌندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ماتم ۽ تعزين مان واندا ٿي ماڻهو گڏهن جو پاڻ ۾ سودو وغيره بہ ڪري وٺندا هئا. ائين آهستي آهستي ٽنڊو ٽنڊو غلام علي باقائده گڏهن جي خريد و فروخت جو مرڪز بڻجي ويو. شروعات شيدين ڪئي، شيدين ڪانپوءِ ان کي پڙيءَ جي شڪل داين ڏني.(ڇو جو دايا انهن قومن منجهان آهن، جڏهن گڏهن جي اهميت کي وقت ۾ ٻين ڪان اڳ سڃاتو!) جڏهن ٻين ذاتين ۾ اوڏ، ڪنير، چوهاڻ ۽ ڪڇي برادرين جا ماڻهو بہ گڏهن جي خريد ۽ وڪري ۾ شامل آهن. چوهاڻ جيڪي ڪاٺ جي واڍي جو ڪم ڪندا هئا ۽ انهن کي ان

لڳاسين جيڪو ٿنڊي غلام علي ۾ جلاب ناهي، وچي ماتلي تي ريلوي اسٽيشن تي ڪپائي گذر سفر ڪندو هو. ائين ماتلي جو جلاب ته مشهور ٿي ويو پر پوڙهو پاڻ ڪڏهن به منظر عام تي نه اچي سگهيو.

شاهه صاحب جي وڏائي ڇئجي يا گڏهه جي خوش نصيبي جو مٿس هيڙي عظيم شاعر جي نظر پئجي وئي ۽ هُن کي رسالي ۾ جڳهه ملي وئي! نه ته آس پاس خبر ناهي ڪمڙا ڪمڙا پئي گهميا ڦريا.

هي ڪَنَ گاڏِها وِڪِڻي، ڪَنَ ڪي ٻِيا ڳِنهيج،
تنِين ساڻُ سُٽيجِ، سُپيرِيان جي ڳالهَڙي
(شاهه جو رسالو ڪلياڻ آڏواڻي، روشني پبليڪيشن، سُر رامڪلي، داستان چوٿون، بيت 23)

ڪر ڪودا ڪر ڪودڙي، ٻِيئِي چوٽ ٻهاڻ،
تني جي رهاڻ، ڳلوئي ڳار ڪيو.
(شاهه جو گنج، سگهڙ حاجي الهداد جنجهي، متفرق بيت، بيت 65)

ڪَرُا مَرُڪامي پَچي، آئون وِيندِي دَرِ دوستَنِ جي
جِيائِين ڏُجهنِ تَڪِيو سَجَڻُ تِيائِين اَچي،
آئون وِيندِي دَرِ دوستَنِ جي
نُورا پايو نِينهن جا، دَرِ يَلي جي نَچي،
آئون وِيندِي دَرِ دوستَنِ جي.
(نوٽ: هتي شاهواڻي صاحب ڪَرُ ڪي، گڏهه جي معنيٰ ۾ ورتو آهي!)
(شاهه جو رسالو غلام محمد شاهواڻي سُر سارنگ داستان ٻيو وائي)

Gul Hayat Institute

رڍ اڳيان رباب، وڄائيندي ورهيه ٿيا،
نڪي ريڌي راڳ تي، نڪو ڏنائين جواب،
گڏهه تي گلاب هاريو ته هونئن ويو.
(شاهه جو گنج، سگهڙ حاجي الهداد جنجهي متفرق بيت، بيت 124)

❊❊❊

# گھوڙو

### پٽائيءَ وٽ مسلسل جدوجهد،
### عام معاشري ۾ شان و شوڪت جي نشاني
### بادشاهي سواري گھوڙو

**ڪنهن** وقت معاشري ۾ ’مرد‘ جي نشاني هٿيار، پٽڪو شهپر، ڏاڙهي، اوطاق ۽ گھوڙو سمجهيا ويندا هئا. اهي شيون جنهن وٽ جيتريون گهڻيون هونديون هيون، ان مڙس جو شان به اوترو ئي مٿاهون سمجهبو هو. انهن شين ۾ جتي گھوڙي جو وري پنهنجو شان ۽ مان هوندو هو اتي گھوڙي جي مالڪ جو وري ان ڪان به مٿي مان ۽ مرتبو هوندو هو. گھوڙو جنهن کي جانورن جو سردار ۽ بادشاهي سواري سڏبو هو سو امير ڪبير کان وٺي غريب غربي تائين، جنگي ميدانن ۽ ڪاهن کان وٺي، عام سفر توڙي بار ۽ سامان سڙو کڻڻ تائين، انسانن جي هڪ اهم ضرورت رهيو آهي. اڄوڪي دؤر ۾ عام ماڻهن وٽ پنهنجي اڳوڻي عزت ۽ اهميت ذري گهٽ وڃائي ويٺل گھوڙن جي اهميت جو اندازو گھوڙن جي حوالي سان معاشري ۾ موجود تشبيهن، چوڻين، پهاڪن ۽ ڪيل شاعري مان به لڳائي سگهجي ٿو. گھوڙن جي نالي واري خفتي وڏيري لال خان وساڻ، لڳ گڙنگ بنگلو سانگھڙ ۽ گھوڙن متعلق سني ڄاڻ رکندڙ شاعر نسيم بلوچ ۽ ٻين وٽان گھوڙن جي حوالي سان گڏ ڪيل ڄاڻ مطابق :

### گھوڙن متعلق ڪجهه چوڻيون، پهاڪا ۽ تشبيهون :

- تڪڙي ماڻهو کي چئبو آهي تہ، ”گھوڙي تي چڙهيل آ“.
- گھوڙا ڙي گھوڙا، اچانڪ مصيبت اچڻ تي چئبو آهي.

گهوڙي جو آهي.

لاکي ڦلاڻي جي گهوڙيءَ جو نالو ’لکي‘ هو.

رنجيت سنگهہ جو گهوڙو ’اسپ ليلا‘ هو.

امام حسين جي گهوڙي جو نالو ’مرتجز‘ هو.

## محمد بن قسم جي گهوڙن ذريعي جنگي چال

محمد بن قاسم سنڌ تي حملو ڪرڻ وقت گهوڙن جي منهن تي ڍال نموني ’پَرگش وان‘ چاڙهيو هو جنهن سان جتي گهوڙي جي منهن جي حفاظت مقصد هو اتي راجا ڏاهر جي گهوڙن ۽ هاٿين کي ڏيجارڻو بہ هو ۽ چون ٿا تہ انهي چال ذريعي اهي ڊنا بہ سهي. ائين محمد بن قاسم کي گهوڙن جي انهيءَ چال ذريعي بہ فتح حاصل ڪرڻ ۾ مدد ملي.

## گهوڙن جا نسل

دنيا ۾ گهوڙن جا مختلف نسل ملن ٿا. پر ڳالهہ جيڪڏهن سنڌ جي گهوڙن جي ڪجي، تہ پوءِ خاص ڪري هيٺيان نسل ملن ٿا:

**ڳُڙهہ وارو:** جيڪو اڪثر ياٽي ڏاڙيلن وٽ هوندو هو. پنڌ، رَلو مُن، ڏُگ ۽ سراڙي ۾ هلندو آهي. هي گهوڙو وز ن ۾ ڳرو ڪن تمام وڏا ۽ مٿي پاڻ ۾ گڏيل هوندا اٿس. هي طاقتور بہ هوندو آهي ۽ ساهي ۾ وڏو بہ هوندو آهي.

**لاڙي:** هن نسل جي گهوڙي جا عضوا، هيرزي نسل کان وڌيڪ مضبوط ۽ طاقتور هوندو آهي. هي وڏو سگهو ۽ هن ۾ مرضن خلاف قوت مدافعت وڌيڪ هوندي آهي. انهيءَ نسل ۾ هلڻ جي حساب سان. پلا گهوڙا صفا ٿورا يعني 5 يا 10 سيڪڙو مس هوندا آهن. باقي وارڙ يا يا رلائي وڌيڪ هوندا آهن. هن نسل جا گهوڙا گهڻو هڪ ئي رنگ جا هوندا آهن، يعني چٽڪبرا وغيره گهٽ ئي ٿين ٿا.

**هيرزئي:** نسل ۾ هي بلوچستان جي بارخان ۽ ڊيره (مري بگٽي علائقو) جو نازڪ گهوڙو هوندو آهي. 90 سيڪڙو گهوڙا پچڻ، ٿور ۽ اسپيد

Gul Hayat Institute

۾ پيلا هوندا آهن. هي نازڪ هجڻ سان گڏ هنن جي باڊي سمارٽ هوندي اٿن. نازڪ هجڻ ڪري بيمار بہ وڏيڪ ۽ جلد ٿئي ٿو. لاڙي پلو ٿيو تہ دير سان پير وغيره خراب ٿيندا. هنن جا پير وغيره جلد خراب ٿي ويندا آهن. نازڪ هجڻ ڪري لاڙي جي مقابلي ۾ وڏيڪ هوشيار ۽ ڦڙتيلو ميلن ۾ وڏيڪ هي ئي هوندو آهي.اڳ ميلن ۾ رلائي توڙي سواري ۾ لاڙي گھوڙو استعمال ٿيندو هو. هي نسل سنہ ۾ 1990ع واري ڏهاڪي ۾ عام ٿيو آهي.

**ٽٽو:** هن نسل جو گھوڙو قد ۾ ننڍو، عضوا ٿلها ۽ وڏا. پڇ ڀهاري وانگر. بيمار گھٽ ٿيندو آهي، پر ڏسڻ ۾ سنو ڪونہ ٿئي. ڪاڏ خوراڪ ۾ توڙي سنڀالڻ ۾ سولو. بار کڻڻ ۾ وس آهر سنو. هلڻ ۾ ميلن جي حساب سان سنو ٽٽو سمجهيو وڃي، پر غريب جي ڪم ڪار ۽ گاڏن جي حساب سان آسان آهي. مڪيءَ ۾ اڳي نسبتاً وڏيڪ هوندو هو. مڪيءَ ۾ جهنگلي جانور پيا چرندا ۽ ڦرندا هئا. اڳي مڪي ۽ ڊيم ۾ اوڊ واري علائقي 'جمر' ۾ وڏيڪ هوندا هئا. اهڙو گھوڙو واري ۾ مزو نہ ڪندو آهي.

**ڪارائي يا ساموندي گھوڙو:** هي گھوڙا هلڪي قد سان پر رفتار ۾ ڏاڍا تيز هوندا آهن.

## رنگ جي حساب سان گھوڙن جا نالا ۽ رنگ

نسل کان علاوه گھوڙا مختلف رنگ جا بہ هجن ٿا ۽ انهن جا رنگن جي لحاظ کان نالا بہ الڳ الڳ هجن ٿا، جيئن:

سرخو، ڪميت، بور، مڪڙو ،مشڪي، انپ لڪ/ ڪبرو/ سنجاف، بگھلو بوسڪي، بي رنگ ۾ (جنهن جو ڪو بہ رنگ نہ هجي) چينو ۽ ڪبوتر وغيره.

**سرخو:** اڇو رنگ، جيڪو رنگ سڀ کان سنو سمجهبو آهي. هن ۾ وري بہ رنگ ٿين ٿا. هڪ سرخو ۽ ٻيو سائو يا نيرو. ڪاري ۽ ناسي جهڙو سائو يا نيرو سرخو بہ هوندو آهي.

**ڪميت**: ڳاڙهو رنگ گهوڙن ۾ سڀ کان وڌيڪ هوندو آهي، جيڪو گهڻو پسنديده رنگ ڪونهي، پر جي ڪميت گهوڙي جا پير اڇا هجن تہ پوءِ هو ڪنهن حد تائين بهتر ليکبو آهي.

**بور**: بور ۾ مختلف رنگ ٿين ٿا. جن ۾ ناسي بور ۽ ڪشمشو بور سٺا رنگ سمجهبا آهن. ٻيو ٿلهو خاڪي رنگ وارو بور، جيڪو خفتين کي سنو ناهي لڳندو.

**مڪڙو**: هي رنگ صفا پيلو هوندو آهي پر، هڪ ککو مڪڙو بہ هوندو آهي، جنهن جا پيچ ۽ ٻُر (ڪنڌ جا وار) اڇا هجن. ان کي سنو سڏبو آهي. ساڪرائي مڪڙوجنهن جا پُيچ ۽ ٻُر ڪارا ۽ انهن تي ڪارا ٽِڪاٽڪا (دٻڪن وارا) هجن، اهو سنو سمجهبو آهي. ڪِکو مڪڙو جنهن جي پيچ ۽ ٻُر اڇي هجي ۽ پاڻ مڪڙو هجي، اهو خفتين وٽ ڪنهن بہ ڪم جو ڪونہ هوندو آهي.

**مُشڪي**: هن جو رنگ ڪارو پر پير اڇا ۽ بانو بہ اڇو هجي، اهو سنو سمجهبو آهي. بانن جا ٽي قسم هوندا آهن. هڪ جي منهن تي اڇو تڪو يا اِلي يعني ٻن آڱرين جيتري سنهي پٽي ٻيو پپر پنو يعني دل جي شڪل وانگر ۽ ٽيون ڏگهو اڇو تڪو ويڪرو) سڀ کان سنو سمجهبو آهي، پر جي اهو اڇو نشان اک تي اچي وڃي، تہ وڏو عيب سمجهبو آهي. هن نشان سان اک ڪجهہ ڪمزور ٿي ويندي آهي ۽ گهوڙي جو شو بہ خراب ٿيندو آهي.

**انيپ لڪ**: هن کي ڪبرو يا سنجاف بہ سڏبو آهي. هن قسم ۾ گهوڙا ٻن رنگن وارا يعني ڳاڙها ۽ اڇا هوندا آهن. خفتين وٽ مي رنگ سڀ کان وڌيڪ خراب رنگ سمجهبو آهي. ان رنگ کي يزيدي رنگ بہ سڏبو آهي. چون ٿا تہ مروان وٽ بہ انيپ لڪ گهوڙو هو. اهڙو گهوڙو اڪثر ڪري ڏاريو ڪونہ ٿو وڃي ۽ ڏاريندڙ اهڙو گهوڙو نہ وٺندو. پر جي هن قسم ۾ ڪارو ۽ اڇو رنگ هوندو تہ مڙئي هلي ويندو آهي.

**ٻگهلو:** هن گهوڙ جون اکيون، ٻُر ۽ پُڇ، سڀ اڇا هوندا آهن، پر ان کي سنو ڪونہ سمجهبو آهي. اهڙو گهوڙو ذوالجناح لاءِ سنو سمجهبو آهي. هي ڏسڻ ۾ سنو هوندو آهي.

**بوسڪي:** هي رنگ بہ ٻگهلي ۾ ئي هوندو آهي، پر ان جون اکيون اڇين بجاءِ ڪاريون هجن تہ سنو سمجهبو آهي.

**ٻي رنگ / ڪبوتر جو قسم:** هن گهوڙي جا پير، گوڏن کان مٿي تائين اڇا هجن، پُٺي تي مختلف رنگن جا وار هجن، تہ ان کي ڪبوتر قسم سڏبو آهي. پر انهن جو ڪو واضح رنگ نہ هوندو آهي. اهڙا گهوڙا عموما رنگ جا ٻاڙها، منهن اڇو ۽ مڪس رنگ جا هوندا آهن پر جن گهوڙن جا چارئي پير گوڏن کان مٿي اڇا هجن، منهن تي وڏو ٻانو هجي، مٿيون رنگ بور/چينو هجي،ڪين ٻاڙها ۽ اڇا وار هجن، انهن کي بہ ٻي رنگ يا ڪبوتر سڏبو آهي.

**چينو:** ضروري ناهي تہ اهڙن گهوڙن جا پير اڇا هجن، پر وار ٻن رنگ جا هجن تہ انهن کي چينو سڏبو آهي.

**فتح جنگ يا لڪي:** جيڪڏهن گهوڙي جا اڳيان ٻئي پير اڇا هجن، ان کي فتح جنگ يا لڪي سمجهبو آهي، پر اهڙا گهوڙا تمام گهٽ ٿيندا آهن.

## گهوڙن ۾ ڀاڳ نياڳ جون علامتون:

مختلف رنگ جا گهوڙا، خفتين جي لحاظ کان ڀاڳ نياڳ جو بہ ڏس ڏين ٿا ۽ ان حوالي سان بہ ڏنا ۽ پسند ڪيا وڃن ٿا.

**صافي:** خفتين جي بقول تہ ڪو بہ گهوڙو صافي نہ هجي معني هڪ رنگ جو نہ هجي، ان کي ڪونہ ڪو ٽڪو ضرور هجي. صافي ڪڏهن نہ ڏيندو معاني، اهڙو گهوڙو مالڪ کي تباهہ ڪندو آهي ۽ دوکو نہ ڏيندو آهي. اهڙي گهوڙي کي نياڳو سمجهبو آهي.

**دونالين يونئرين وارو:** اکين جي مٿان نراڙ تي به نشان/ يونئريون هجن ته معنيٰ تباهي. اهڙو گهوڙو نياڳو سمجهي ڪو به خفتي هرويرو ڪونه وٺندو آهي.

**ارجل: جيڪڏهن ڪنهن گهوڙي جو هڪڙو پير اڇو هجي ته ان** کي ارجل سڏبو آهي. ۽ اهڙي قسم جو گهوڙو به بهتر ۽ سياڳو ڪونه سمجهبو آهي.جنهن جو ڪو به هڪڙو پير اڇو هجي، اهو صفا خراب،سمجهبو آهي، پر جي چڙهائي واري پاسي اڇو نه هجي ۽ لانگ جي هيٺيان اڇو هجي ته پوءِ قابلِ قبول هوندو آهي.

**ابت ڏانوٽيون:** هڪ اڳيون پيو پويون اڇي رنگ جو هجي ته اهو به هلڻ توڙي ياڳ ۾ سنو ڪونه سمجهبو آهي.

**اڙي لفظ جو استعمال:** خفت ۾ چئبو آهي ته ڪنهن لفظ جي پنيان 'اڙي' نه هجي، معنيٰ ته ڪنهن شئي کي ڏسي زبان مان بي اختيار اڙي جو لفظ نڪريا جيئن ڪنهن به جانور کي غور سان ڏسڻ سان اچانڪ زبان مان نڪري ته 'اڙي' هن ۾ هي شئي آهي يا ڪونهي، ته اهڙو جانور خفتين وٽ قابلِ قبول ڪونه هوندو آهي.

## گهوڙن جي چال

اڄ ڪلهه خفتين وٽ گهوڙي جي اصل ۽ خاص ڳالهه انهن جي چال هجي ٿي. گهوڙو چال جي حوالي سان ئي پسند ڪيو وڃي ٿو ۽ ان جي اهميت به ان لحاظ سان ئي وڌيڪ هجي ٿي. گهوڙي جي چال جا عام طور تي هيٺيان قسم ۽ نالا هجن ٿا.

Gul Hayat Institute

**چوتالي /چؤباز:** وڌي اسپيڊ ۾، رلائي يا وارڙيو تمام تيز هلن ٿا. يلي ڪيڏو به پنڌ ڪندو پر ٿڪندو ڪونه. سولو ۽ سهنجو هلندو آهي.

**رلو:** گهوڙي پاران شروعاتي وکون کڻڻ يا هلڻ کي رَلو چئبو آهي، جيڪو چؤتالي ۽ رلي بنهي ۾ هوندو آهي.

**ھُن:** رلي ڪان مٿي اسپِيڊ کي ھُن سڏبو آھي ۽ ان بعد گھوڙو چوٿا ھُن رفتار ۾ ايندو آھي.

**وير:** ھي گھوڙي جي صفاآخري اسپيڊ يا رفتار ھوندي آھي، جيڪا ڪو ڪو گھوڙو ڪندو آھي. ملھن وانگر گھوڙا جا بہ 'جوڙ' ٿيندا آھن. ھڪ چوتالي ۽ ٻيو رلائي.

ريس ڪورس جا گھوڙا عموماً 'سراڙي' واري چال ۾ ھلندا آھن ۽ گھوڙي سوار کي جاڪي سڏبو آھي.

ڏگ يا ڏگام واري چال کي خراب ۽ عيب دار سمجھبو آھي. ھن چال ۾ سوار جي جسم جا خاص ڪري پيٽ جا عضوا ٻيا لڏندا آھن. جڏھن تہ الي يا ھُن واري چال، اھڙي چال ھوندي آھي جنھن ۾ سوار پلي گيھہ جو پيريل وٽو ھٿ جي تري تي رکي گھوڙو ڊوڙائي، پر گيھہ جو ڦڙو بہ ھيٺ نہ ڪرندو!

## گھوڙن جون بيماريون

مختلف وقتن تي گھوڙن کي مختلف بيماريون بہ ٿين ٿيون، جيڪي سيزنل يا موسمي بہ ٿي سگھن ٿيون. جن ۾ ھي بيماريون خاص طور تي قابلِ ذڪر آھن:

**پيٽ جي بيماري ۽ پيٽ ۾ سور:** گھوڙي کي بہ آنڊا ھوندا آھن، جيڪڏھن ھيچ ڪري ڪائيندو آھي. تہ ڪاڏو ننڍي آنڊي مان ھڪدم وڏي ۾ ھليو ويندو آھي. جنھن سان پيشاب وغيره بہ بند ٿي ويندو آھي ۽ گھوڙو مري ويندو آھي. گھوڙن کي وڏ ۾ وڏ انھيءَ سبب ٿي نقصان ٿئي ٿو.

**سراغ جي بيماري** :اھا بيماري مچرن ۽ 'ڏنگ' جي چڪ سبب ٿيندي آھي.

**پيرن ۾ ٿيندڙ رس يا باديا:** ھن بيماري ۾ گھوڙن جا پير مُرين ۽ ڪُڇن تائين سڄي ويندا آھن. جنھن جو سبب گھوڙن جو گھٽو ھلڻ يا

گهٽي خوراڪ ڏيڻ بعد نہ هلائڻ هوندا آهن.

**هڏڙي**: گوڏي ۽ مرئي جي وچ ۾ ڪٽي بہ هڏڙي ٻاهر نڪري ايندي آهي، جنهن کي 'هڏڙي' چئبو آهي.

**چِڪار**: گهوڙو سُنب جي مٿان هڏي ٻاهر ڪڍندو آهي جنهن جو توتيو ٻڌي علاج ڪبو آهي. پر علاج بعد بہ گهوڙو ڪم جو ناهي رهندو.

**آب گير يا زخم**: جيڪا گهٽي ۽ جلدي جلدي ٿيندي آهي، ان کان بچڻ لاءِ گهوڙي کي سياري ۾ صبح ۽ شامجو ٻاٽي نہ ڏجي.

**خارش**: ماڻهن وانگر گهوڙي کي بہ خارش جي بيماري بہ ٿئي ٿي، جيڪا اڪثر ڪري گهوڙي يا وٿاڻ جي صفائي نہ ٿيڻ جي ڪري ٿيندي آهي ۽ گهوڙي کي گهڻو پريشان ڪندي آهي.

لکن ۾ هڪ گهوڙي کي ڪيلشيم يا وٽامن جي گهٽتائي سبب، پوئين ٽنگ نڪري ويندي آهي. جيڪا ڪمي پوري ٿيڻ تي، پاڻهي ٺيڪ بہ ٿي ويندو آهي.

**ڏنب**: گهوڙي جو علاج ڏنب ذريعي بہ ڪبو آهي. مختلف بيمارين ۾، مختلف عضون تي ڏنب ڏبا آهن، جيئن:

بادين، چڪار ۽ زرداگ وغيره جي ڪري ڏنب ڏبا آهن. بادين ۾ مرين ۾ يا جتي ٿئي، اتي ڪُچن، مُرين ۽ گوڏي وغيره ۾ ڏنب /داگ ڏبو آهي. (پوئين گوڏي کي ڪُچ ۽ اڳئين کي گوڏو سڏبو آهي)

**چِڪار**: چڪار ۾ ڏنب ڏبو آهي، پر ان جو ڪو گهڻو ۽ خاص فائدو ناهي ٿيندو. آخر ۾ سُنب جو شيپ خراب ڪري ڇڏيندو آهي ۽ چڪار کان پوءِ گهوڙو ڪم جو ناهي رهندو. چڪار جي جاءِ تي، سنب جي مٿان ڏنب ڏبو آهي.

**زرداگ**: هي گهوڙي تي ٽڪن جو هڪ قسم آهي. هي ڪا مخصوص بيماري ۾ نہ، پر گهوڙي کي ٽي ٽي داغ ڏنب، نڪ يا ٻوني تي ، عمر



Gul Hayat Institute

سان گڏ گھوڙي جا وار بہ ڪُتي گڏائبا آهن.

- چلهہ ناهڻ وقت گھوڙي جي لِڏ مِٽي ۾ ملائبي آهي.
- گھوڙي جو گوشت يا رت مختلف بيمارين جي ويڪسين ناهڻ ۾ استعمال ٿئي ٿو.
- گھوڙي/ گڏھہ جو کير 'کرٽئي' ۽ ٽي بي جي بيماري ۾ پڻ استعمال ڪيو ويندو آهي.

## گھوڙي جي خوراڪ

ٻين جانورن توڙي انسانن وانگر گھوڙي کي بہ مختلف شيون کائڻ ۾ سنيون يا خراب لڳڻ سان گڏ ان کي فائدو يا نقصان بہ پهچائين ٿيون.

حضرت علي رضہ جن جو فرمان آهي تہ ماکي کان سواءِ هر مٺي شئي انسان لاءِ زهر، زهر کان سواءِ هر ڪڙي شئي انسان لاءِ فائيديمند آهي. گھوڙي لاءِ بہ ائين آهي. ڳُڙ کان سواءِ هر مٺي شئي گھوڙي خراب آهي. سياري ۾ بُسري، اونهاري ۾ مکڻ کيس طاقت ڏيندو آهي. داڻو گھوڙي لاءِ لازمي آهي. سياري ۾ ٻاجهر ۽ اونهاري ۾ جَوَ ڪٽڪ گھوڙي لاءِ سٺي ناهي. لاچاري ۾ ساريون ڏبيون آهن. وڌيڪ طاقت لاءِ بيدو ۽ گھيٽي جي مُنڊي ڪاڙهي ڏبي آهي. خفتين جي بقول تہ مُنڊي ڪاڙهي، پاڻي، اٽي ۽ ٻاجهري ۾ وجهي، مُنيا ناهي ڏيڻ سان گھوڙي کي تمام گھڻي طاقت ملندي آهي، بلڪ هو طاقت ۾ بتال ٿي ويندو آهي. اهو 'ٽانڪ' مِٺي يا سُست گھوڙي کي هڪ پيرو رڳو سياري ۾ ڏبو آهي. جوئر، مڪئي جي ڪتر اونهاري ۾ ڏجن. چبر گھوڙي جي بهترين خوراڪ آهي.

گھوڙي جي رفتار 60 ڪلوميٽر في ڪلاڪ، تائين ٿي سگھي ٿي، پر عام طور تي 40 ڪلوميٽر في ڪلاڪ هجي ٿي. پر هاڻ گھوڙن جي رفتار ۽ اسپيڊ بہ اڳوٽي نہ رهي آهي.

**گھوڙي لاءِ نقصانده خوراڪ:** پگهريل گھوڙي کي، جيڪو پنڌ ڪري آيو هجي، ان کي پاڻي نہ ڏجي، گھوڙي جي خوراڪ جي تبديلي آهستي آهستي ڪجي. گھوڙي کي اوجهري ڪونهي، هڪ ننڍو آنڊو ۽ ٻيو وڏو آنڊو هوندو آهي. خوراڪ ننڍي آنڊي ۾ هضم ٿيندي آهي تہ باقي وڏي

۾ هلي ويندي آهي، ان سان گهوڙي کي نقصان ٿيندو آهي. ڇو ته ٽا ته گهوڙي کي ٻڙ جي وڻ هينيان نه ٻڌجي، انهن جا اصل سبب ته ٻيا به ٿي سگهن ٿا پر ٻڙ ۾ چمڙا ۽ ڪکرون به هجن ٿيون، ان ڪري به ٿي سگهي ٿو ته ڪٽي اهي گهوڙي کي نقصان نه پهچائين، ان ڪري به ائين چئبو آهي! گهوڙو سياري ۾ مستي ۾ هوندو آهي.

## گهوڙن سان وابسته دلچسپ ڳالهيون

خفتين کي گهوڙن ۾ ڪيتريون ئي دلچسپ ڳالهيون به نظر اچن ٿيون يا محسوس ٿين ٿيون. مثال طور خفتين جي بقول ته :

- گهوڙو خواب به ڏسي ٿو سمهندو گهٽ آهي.. خواب ڏسڻ دوران هي ننڊ ۾ عجيب قسم جون حرڪتون ۽ آواز ڪندو آهي، جنهن مان لڳندو آهي ته هو خواب ڏسي رهو آهي. هي سٺي خواب تي پرسڪون هوندو آهي
- گهوڙي کي احتلام به ٿيندو آهي.
- هن جو نر ۽ مادي ٻنهي گڏهن سان لڳ ٿي سگهي ٿو.
- گهوڙو نئين 'جٽ' ماڻهو ۽ 'خفتي' کي سيڪنڊن ۾ سمجهي ۽ سڃاڻي ويندو آهي. ۽ خفتيءَ کان ٿهندو نه آهي.
- گهوڙو رستو ڪونه ڀلبو آهي. جيڪڏهن سوار نه هجي ۽ گهوڙي جي گهر جو رستو ڀلجي وڃي ته گهوڙو پاڻهي گهر هليو ويندو آهي.
- گهوڙو اڳيان خطرو يا دشمن جي بوءِ محسوس ڪري، اوڏانهن وڃڻ جي گهٽ ڪندو آهي.
- جيڪو گهوڙو مالڪ/سوار جي نه مڃي، ۽ هلڻ کان اصل پڙ ڪري هڪ هنڌ بيهي رهي، ۽ نرا ڪٽي ايو ٿي سوار کي هيٺ ڪيرائڻ جي ڪري ته اهڙي گهوڙي کي 'گگهير' گهوڙو سڏبو آهي.

### سنج ۽ سينگار :

خفتي گهوڙن کي اجا به وڌيڪ سنوارڻ ۽ سينگارڻ لاءِ مختلف شيون استعمال ڪندا آهن. جن ۾ هي شيون خاص طور تي قابلِ ذڪر آهن.

Gul Hayat Institute

کپڙو /ملکرو، تل، تڙها، هنو [سنج ] وغيره

**ڏاڳيا:** واڳ، سرواڳ، مُچي، گلڪورو، زنوئي/جهنوئي (گهورو زنوئي مان پيئر پيو ڪڍي) چمڙي جون دهانا، مُچي جي هيٺيان چمڙي جو جهبو پنج سنجي، جيڪا دنبچي ۾ لڳندي آهي. هني ۾ لڳندڙ ڪپڙو جيڪو پيچ ڪان قري ايندو آهي، ان کي دنبچي سڏبو آهي.

هنو ڪاٺ جو به ٿئي، پتل جو به، ته سائو به.

**هني جا حصا :** چلمردو دعال، رڪيب، تنگ، (چمڙي جو تنگ ڪپڙي جو تنگ، وڍري، ڪڙي وغيره

## گهوڙي جي هڻڪار

گهوڙو مختلف وقتن تي مختلف ڳالهين جي حوالي سان مختلف آواز/هڻڪار ڪندو آهي، جن کي گهٽو ڪري خفتي يا 'سنئس' ئي سمجهي سگهندا آهن. خفتين جي چوڻ مطابق:

گهوڙو هڻڪار پاڻي لاءِ، گاهہ لاءِ، ٻئي گهوڙي کي ڏسي، ڪنهن واٽ ويندڙ گهوڙي جي سنبن جو آواز ٻڌي هڻڪار ڪندو آهي. خفتي هن جي هڻڪار جو مطلب سمجهي ويندا آهن.

## عمر جي حساب سان گهوڙي جا نالا

عمر جي حساب سان وري گهوڙي جا مختلف نالا هجن ٿا. هن جي عمر جو تعين اڪثر ڪري گهوڙي جا ڏند ڏسي ڪبو آهي. مثال طور:

وڇيرو، سرل، دوق، چوسال، نيش، انوڙ وغيره.

Gul Hayat Institute

**وڇيرو :** چڙهڻ کان اڳ سال کن تائين گهوڙي جي ٻچي کي وڇيرو سڏبو آهي.

**سرل :** چڙهي کان پوءِ گهوڙو سرل سڏبو آهي.

**دؤق :** ٻہ ادائي سالن جي گهوڙي کي دوق سڏبو آهي. مادي گهوڙي کي دؤق بدران ٻهاڻ سڏبو آهي.

خفت جي قدامت ڏانهن ڪجھ اشارو ڪري ٿو جڏهن ڳالهه ڪريون ٿا سنڌ ۾ گهوڙن جي نالي وارن خفتين جي تہ ڪيترائي نالا ملن ٿا. جن ۾ ڪجھ نالا هي آهن:

خيرپور/ نوشهروفيروز جو.........سانگي، جنهن جي پنهنجي شاخ هئي ۽ هن اها سڄي زمين انهيءَ خفت ۾ وڪڻي ڇڏي گاجي خان وساڻ ڪنڊياري، حاجي عيسيٰ لغاري لڳ گرهوڙ غريب پر مثالي خفتي بادامي هڪڙو لڳ اڏيرو لال. بلاول وساڻ ڪنڊياري شاهه نواز خان جوڻيجو ٽنڊو آدم. بشير خان هاليپوٽو ڦلڪارا/ماتلي. مخدوم غلام محي الدين هالا . حاجي غلام نبي راهو صابو راهو.

## سنڌ ۾ گهوڙن جا نالي واري يا مثالي ڄاڻو ۽ ماهر

سنڌ ۾ گهوڙن جي نالي وارن خفتين ۽ شوقينن کان علاوه، گهوڙن جي مختلف حوالن سان مثالي ماهر ۽ ڄاڻو خفتين جو ذڪر بہ ملي ٿو. جن ۾ حيدرآباد جو مهاجر نصير الدين عرف استاد نصرو گهوڙن جي بيمارين جو وڏو ڄاڻو هو. شهدادپور جو نصير مغل، خانوند بخش علي نواب شاهه .گهوڙن کي ڏنڀ ڏيڻ جي حوالي سان حسين جوڻيجو لڳ ٻهرام بري، وڏو نالي وارو آهي. علي خان خاصخيلي چامارو سانگهڙ جو بہ انهيءَ حوالي سان وڏو نالو هو.

## گهوڙن جا نالي وارا سوار

گهوڙن جي ماهرن ۽ نالي وارن خفتين سان گڏ، سنڌ ۾ ميلن ۾ گهوڙن کي هلائيندڙ/ ڀڄائيندڙ سوار بہ رهيا آهن جن ۾:

الهڏنو فقير مگڻهار، اولادي فقير مگڻهار، مالڪ فقير مگڻهار ڪنڊياري سانگهڙ، نالي وارا سوار ٿي گذريا آهن. گهوڙا هلائڻ ۾ وري محمد حيات هنگورجو ڪاٺي ڪپرو، خفتين ۾ سوار جي حساب سان 'ابو امان' سمجهبو هو.

## گهوڙي تي ٻيلهه سواري ذريعي ملندڙ رشتن جا اهڃاڻ

اٺ وانگر گهوڙي تي عورت کي اڳيان ڪوند ويهاريو آهي. ٻار کي

ٻه پنيان، پني تي ’دنب‘ تي ويهاريو آهي. جنهن جو هڪ سبب هَني جو نندڙو هجڻ ٻه هوندو آهي. جنهن سبب گهوڙي تي وينلن مان رشتي جي ڪا ٻه خبر پئجي ناهي سگهي.(سواءِ فلمن ۽ ڊرامن جي)

## خفتين وٽ گهوڙي جي مقابلي ۾ گهوڙيءَ جي وڌيڪ اهميت هجڻ:

اڳي خفتين وٽ گهوڙي جي مقابلي ۾ گهوڙيءَ جي وڌيڪ اهميت هوندي هئي. جنهن جا هي سبب ڇيا وڃن ٿا.اڳي گهوڙي کي تمام گهٽو اهم سمجهيو ويندو هو ۽ ان کي گهر ۾ ئي ٻڌبو هو. شوقين گهوڙي کي گهٽو ڪري بستر پرسان يا اڪين اڳيان ٻڌندا هئا. پر هاڻ طنبيلي ۽ اوطاقن جو رواج پوڻ ڪان پوءِ گهوڙو وڌيڪ پسند ڪيو وڃي ٿو. جنهن جو هڪ مکيه سبب هي ٻه آهي ته ميلن ۾ گهوڙن جي ڊوڙ وقت مادي گهوڙيءَ جو نالو وٺڻ کي ٻه عيب سمجهبو آهي. خاص ڪري ميلن ۾ مادي گهوڙيءَ جو نالو وٺڻ سان ته فلاڻي وڏيري جي، فلاڻي اڇي پئي، ڇوڻ سان وڏو مسئلو پيدا ٿو ٿئي ۽ ماڻهو کلن ٻه ٿا.

## سنڌ ۾ گهوڙن جا مشهور ميلا

سنڌ ۾ گهوڙن جي ڊوڙ جا مقابلا اڪثر ڪري مختلف ميلن جي ’پڙن‘ ۾ ٿين ٿا. اهڙن ميلن ۾:

پٽائيءَ سرڪار جو ميلو. سانوڻ فقير خاصخيلي جو ميلو قلڪارا. سمن سرڪار جو ميلو. سخي چام ڏاتار جو ميلو. ٻهرم ٻري لڳ پيرومل جو ميلو. اتر ۾ ڪوڙڪي هيسباڻي فقيرن جو دريا خان جي پرسان لڳندڙ ميلو. قيصر گهوٽ جو ميلو لڳ ٽنڊو آدم. صوفي صادق فقير جو ميلو لڳ عمر ڪوٽ. ۽ صالح سومرو جو ميلو ضلعو بدين وغيره خاص طور تي قابلِ ذڪر آهن.

## گهوڙن جي حوالي سان ٻولي/ٽرمنالاجي

مختلف ڏنڌن ۽ ڪمن ڪارين ۾ ٻوليءَ جا مختلف لفظ استعمال ڪيا ويندا آهن. اهڙن لفظن جو. انهن ڪمن ۽ ڏنڌن ۾ هڪ مخصوص مطلب ورتو ويندو آهي. اهڙي ئي نموني مختلف قسمن جا شوق

رکندڙ خفتي بہ ڪجھ مخصوص لفظ انھيءَ خفت يا شوق جي حوالي سان استعمال ڪندا آھن. جڏھن گھوڙن جي خفتين جي ڪچھرين ۾ ويھبو تہ اتي بہ ڪجھ مخصوص لفظ ٻڌڻ ۾ ايندا، جيئن:

- **سئنس:** گھوڙي کي کولڻ، ٻڌڻ ۽ لغام ڏيڻ وارو (اھو ڪم تمام اھم ھجي ٿو. خفتين جي بقول تہ گھوڙي جي خرابي بہ اتان کان ئي شروع ٿئي ٿي)
- **تنبڻ:** گھوڙي پاران **ميل ۾** سھي نہ ھلڻ، مزي سان نہ ھلڻ، گھوڙي جي ھلڻ جو موڊ نہ ھجڻ.
- **ڇڏائي وجڻ:**
- **ھڪڙو پاسو وٺڻ:**
- **اٿارڻ:** ٿور لاءِ اٿارڻ
- **ٻانھي ڏي لھڻ:** ٻانھن جي ير ڪرڻ.
- **ڳلي ڪرڻ:** ميل دؤران پڃندي گھوڙي پاران اوچتو ھڪڙي پاسي کان ٻئي پاسي ھليو وڃڻ
- **ٽنگ ھٽڻ:** ڊوڙ دؤران چارئي پير ھڪ جھڙا نہ ھٽڻ
- **ڇِبي:** ھڪڙي سائڊ ۾ لغام کي ڇڪڻ.

### گھوڙن کي سڏڻ ھڪلڻ ۽ پاڻي پيارڻ گاھہ /داڻو کارائڻ لاءِ:

- **ٻُچڪر:** گھوڙي کي نارڻ ، تڏو ڪرڻ وقت گھوڙي کي ٻچڪر ڏبي آھي.
- گھوڙي تي ھٿ ڦيرڻ سان بہ گھوڙو تڏو ٿيندو آھي.

### گھوڙن جي گھٽجڻ جا سبب:

سنڌ ۾ گھوڙن جي نسل ختم ٿيڻ جا ڪيترائي سبب آھن، پر خفتي جنھن کي اھم سبب سمجھن ٿا، اھو آھي، پنجاب جي ماڻھن پاران ھتان کان گھٽي تعداد ۾ گھوڙيون خريد ڪري وڃڻ جنھن سان ھتي جا گھوڙا تيزي سان ختم ٿي ويا. پنجاب وارا گھوڙيون خريد ڪري ، ملتان، جھنگ، ليا، مظفر ڳڙھہ ۽ ايبٽ آباد واري پاسي ڪٽي ويا. جتي گھوڙن جو

Gul Hayat Institute

وڏو شوق ۽ بريڊنگ جو مرڪز چيو وڃي ٿو. اتي بريڊنگ جو ڪاروبار ٿئي ٿو. اتي گهوڙن جي افزائشِ نسل جا سيئي انتظام گهرن ۾ ڪيا وڃن ٿا. هتي سنڌ ۾ سنو گهوڙو افزائش نسل لاءِ ماڻهن ڏيڻ کان انڪار ڪيو ته به گهوڙا ختم ٿيا. گهوڙو لڳ ڪرڻ لاءِ نه ڏيڻ جو وڏو سبب حسد، ساڙ ۽ جهالت وغيره هو/آهي. اسان وٽ گهوڙن جي ختم ٿيڻ جي وڏن سببن ۾ ٻيا سبب موٽر سائڪلن جو عام ٿيڻ، پڪن روڊن ٺهڻ. گهوڙا پالڻ ڏکيو بڻجڻ به آهن. هيرزي واري علائقي ۾ اڄ به ماڻهن جو روزگار گهوڙا پالڻ آهي. ننڍڙو گهوڙو به لکن ۾ ملي ٿو. سنو گهوڙو ته پنجن ڏهن لکن تائين به وڃي ٿو.

ٻين پالتو جانورن وانگر گهوڙن جي مختلف خاصيتن کي به حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جن پنهنجي ڪلام ۾ ڪافي ڳايو آهي. گهوڙي جو ذڪر شاهه صاحب جي رسالي جي مختلف سُرن ۽ بيتن ۾ ملي ٿو. مثال طور:

ديکِيندي دِيدارَ کي، ڪِينَ سُجاتو ڪُلَ
تازِي طَنبيلَن ۾، آهي احاطو جُهلَ
هُئا جي اَمُلَ، سي حِسابان هَجِي ويا.

(شاهه جو رسالو، غلام محمد شاهواڻي، سُر آسا، داستان چوٿون، بيت نمبر 1)

پائي پَٿَ ڪٽا ، مُون تان مُورَ نَه مَڳِيو.
تازِي طَنبيلَنِ ۾ ، گهوڙا گهرِ گهٽا.
هاٿِيءَ ڪارَڻِ هيڪڙي، آن ڪا تَندو هَٽان،
جا مَٽي تو مَٽيا، تنهن سِرَ جو آهِيان سيڪڙُو.

(شاهه جو رسالو غلام محمد شاهواڻي، سُر سورٺ، داستان ٻه، بيت نمبر 9)

گهوڙا! گهِٽِيءَ پُون، ووءِ ووءِ وَڃَنِ نِڳِيا.
مادَرِا مَتان مُون، ڪانگَ لَوَندا ڪَڏِهِين.

(شاهه جو رسالو، غلام محمد شاهواڻي، سُر حُسيني، داستان

ٻارنهن، بيت نمبر 14)

هوڏانهن هُنِ هاڪارِيو، هيڏانهن هي هَٽَڙِ،
سُرِنايوُن ۽ سُنڌِڙا، ٻنهِين پارِ ٻُرَنِ،
گهوڙَنِ ۽ گهوڙَنِ، رِڻَ ۾ لائوُن لَڌِيوُن.
(سُر ڪيڏارو، شاهه جو رسالو ڪلياڻ آڏواڻي، داستان ٽيون، بيت 5)

گهوڙَنِ ۽ گهوڙَنِ، جِئَڻَ تورا ڏِينهَڙا،
ڳَڏَهِن مَنجه ڪوڙَنِ، ڳَڏَهِنِ راهي رِڻَ جا.
(سُر ڪيڏارو، شاهه جو رسالو ڪلياڻ آڏواڻي، داستان ٽيون، بيت 6)

اِن گهوڙ گهٽا ڪِير آيا، جي هئا عاقل عَقلدار،
جن پيڙ سڏايو پاڻ کي، لَهي تَن جي سار،
لطيف چئي لک هزار، ان لاهه هائي چَڏيا.
(سُر معذوري، شاهه جو گنج، سگهڙ حاجي الهداد جنجهي، داستان ست، بيت 17)

***

Gul Hayat Institute

# مينهن

## ڀٽائي سرڪار پاران
## مينهن جي منتظر طور ڳايل جانور

***انسان*** پاران جانور ۾ پڪي پالڻ جو سلسلو انساني تهذيب جي ارتقا ۾ ابتدا کان ٻہ اڳ جو چئجي تہ ٻہ غلط نہ ٿيندو. جانور پالڻ جي اها شروعات هڪ ٻئي گوشت ۾ کير بار ڍوئڻ، سفر جون سختيون گهٽائڻ ۾ پنڌ ڪٽائڻ، لاءِ ٿي هوندي اتي بعد ۾ ان کي ڪيڙي ڪرڻ، جنگين ۾ استعمال ڪرڻ کان وٺندي پوءِ ٻين مختلف ڪمن لاءِ ٻہ استعمال ڪيو. پر جڏهن ڳالهہ جانورن مان کير حاصل ڪرڻ جي اچي ٿي تہ سڀ کان پهريون نالو ۾ تصور مينهن ڀٽاري جو ئي اچي ٿو. گهٽي کير جي ڳالهہ ڪجي يا ذائقي جي، مينهن جو کير، سڀني جانورن جي کير کي ملهہ ماريو بيٺو هوندو آ. (اٺ جو کير برابر وڌيڪ ضرور هوندو آهي پر هو مينهن جي کير سان مقابلو نٿو ڪري سگهي) اڄڪلهہ مينهن مان کير کان علاوه گوشت ۾ چمڙو ٻہ حاصل ٿئي ٿو هن جو گوبر ٻارڻ ۾ زمين ۾ ڀاڻ طور استعمال ٿئي ٿو. اتي مينهن پالڻ ۾ ڌارڻ، روزگار جي اهم طور ٻہ استعمال ڪيو وڃي ٿو. ساڳي وقت مينهن جو کير وڪڻڻ، ان مان نهندڙ گيهہ ۾ مکڻ وڪڻڻ ۾ لسي عام ڪاڏي طور ٻہ استعمال ٿئي ٿي. اهي سڀئي شيون جتي ماڻهن کي روزگار مهيا ڪن ٿيون. اتي ڪيترن ئي ماڻهن جي گذر سفر کان علاوه صحت لاءِ گهربل اهم جزن جو ٻہ پورائو ڪن ٿيون. اڪنامڪ سروي مطابق پاڪستان جي 2006ع جي انگن اکرن مطابق ملڪ ۾ مينهن جو ڪل تعداد 32.7 ملين آهي هڪ اندازي موجب ملڪ ۾ گوشت جي کپت جو 50 سيڪڙو مينهن جي گوشت مان پورائو ٿئي ٿو. پر اهي سڀ شيون ۾ ڳالهيون تہ ٿيون معاشري جي ڪن ماڻهن جي ڏنڌي ڌاري، گذر سفر ۾

روزگار جي حوالي سان اصل ۾ مينهن جو تصور معاشري ۾ موجود هڪ ٻئي طبقي يعني شاعرن وٽ وري بنهه مختلف ۽ نرالو رهيو آهي، جنهن سبب ڪيترن ئي شاعرن، مينهن کي پنهنجي شاعري جو موضوع بڻايو آهي ان سان گڏوگڏ مينهن جي منفرد خاصيت سبب، مختلف ٻولين ۾ هن لاءِ مختلف چوڻيون ۽ پهاڪا بہ موجود آهن پر ڳالهہ جڏهن اچي ٿي دنيا جي آفاقي شاعر حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جن جي تہ انهن وري مينهن کي توڙي هن جي مختلف عضون کي بنهہ ئي منفرد نموني ڏسندي هن کي ڳائي، کي سچ پچ تہ امر بڻائي ڇڏيو آهي. ڀٽائي سرڪار وٽ جتي مينهن، مِينهن جي منتظر آهي ، اتي ڪُنڍي مينهن جي سڱن جا خوبصورت وراڪا، ڪنهن پرين پياري دل گهرئي دلدار جي دل ۾ پيهي ويل يادن سان تشبيهہ ڏيئي، مشاهداتي ڪمال ڪري، جهڙوڪر بين شاعرن کي ڏندين اڱريون ڏياري ڇڏي ٿو. ڀٽائي فرمائي ٿو تہ:

سارَنگَ کي سارِين، ماڙهُو مِرگه، مينهِيُون،
آڙيُون اَبَر آسِري، تاڙا تَنوارِين،
سِپُون جي سَمُونڊَ ۾، نئين سِجُ نِهارِين،
پَلَرَ پِيارِين، تہ سَنگهارَنِ سُکُ ٿِئي.

(شاهہ جو رسالو، غلام محمد شاهواڻي، سُر سارنگ، داستان پهريون، بيت نمبر 30)

اڳِڻ تازِي ، ٻَهَرِ ڪُنڍِيُون، پَکا پَٽَ سُونهَنِ،
سُرَهِي سيجَ، پاسي پِرين، مَرُ پِيا مينهن وَسَنِ،
اسان ۾ پِرين، شالَ هُونِ برابرِ ڏينهڙا.

(شاهہ جو رسالو، غلام محمد شاهواڻي، سُر سارنگ، داستان پهريون، بيت نمبر 25)

بَرَ ونا، ٿَرَ وَنا، وَنيُون ترايُون،
پِرهَ جو پَٽَنِ تي، ڪَنِ وِلوڙا وايُون،
مَکَڻَ پِرينِ هَٿَڙا، سنگهارِيُون، سايُون،
ساري ڏُهَنِ سامُهِيُون، ٻولايُون، رايُون،
بانهِيُون ۽ ٻايُون، پَکي سُونهَنِ پانهنجي.



Gul Hayat Institute

تي. مينهن جي کاڌي سڀ ساوا گاهه ، ڪڻ بوهه ۽ چوڪر وغيره شامل آهن. خاص ڪري مينهن ووڙڻ شوق سان کائيندي آهي. جنهن ڪري ڀيلاڙن جي منڊ ۾ وهر ڪندي آهي. اهو وهر ٻارنهن ڪلاڪ کن برقرار رهي ٿو. ان عرصي دوران سانَ مليو ته نيڪ نه وري 21 ڏينهن بعد مينهن اٿل ڪندي آهي. مينهن گڏ ڪوڙن واهن درائي گپ ۽ چڪ وارن علائقن ۾ وڏيڪ خوشي سان رهندي آهي. مينهن ويامڻ بعد سال کن کير ڏيندي آهي. جنهن جو مقدار مختلف نسلن ۾ مختلف هجي ٿو. جنهن تي کاڌ خوراڪ جو به اثر ٿئي ٿو. ياڳيا عام مينهن جي کير جو وڌ ۾ وڌ مقدار 8/10 ڪلو ٽائم تي ٻڌائين ٿا. کير جي مقدار جي حوالي سان سنڌ ۾ بدين جي ڪنڊي نسل جي مينهن ۽ ذائقي جي حساب سان عموماً ڪاري رنگ واري مينهن کي وڏيڪ سمجهبو آهي. ملڪ پنجاب جي دريائي ۽ سرائيڪي علائقي ۾ مينهون وڏيڪ ملن ٿيون.

هر جانور ۾ معاشي ڳالهين کي ڇڏي ڪري ٻيون مختلف خاصيتون به هونديون آهن جيڪي لوڪ ڏاهپ جا ڏاها نوٽ ڪندا ۽ بيان ڪندا آهن. مينهن جيئن ته بنيادي طرح پاڻي جو جانور آهي ان ڪري درياهه جي پاس جي ياڳين جو چوڻ آهي ته مينهن کي قدرتي طرح درياهه ۾ پاڻي اچڻ جو پور پئجي ويندا آهن. سڪل واهه ۾ جڏهن پاڻي ايندو آهي ته واهه کان منهن متي ويل مينهن پاڻ مرادو درياهه يا واهه ڏانهن رخ رکندي آهي.

چوپائي مال ۾ مينهن تمام اهم جانور آهي بنيادي طور تي هي پاڻي، ٻيلي ۽ ڪچي جو جانور آهي هن علائقي ۾ مکي ٻيلي جي منهن پري پري تائين مشهور هئي پر هاڻي مکي ٻيلو ختم تي چڪو آهي. ڪيترن ي سببن جي ڪري مينهن جو نسل هن علائقي مان گهٽجي رهيو آهي.

**نسل ڪشي جا سبب**

- واڙي وارن پاران نسلي مينهن خريد ڪرڻ مهل ڦر کي مينهن کان الگ ڪري ڪاساين کي وڪڻي ڇڏڻ جيڪي ان ڦر کي ننڍي

گوشت ۾ وڪرو ڪن ٿا ائين سنڌي نسل وڌڻ جي رفتار صفا گهٽ ٿي ويئي آهي.

- واڙي وارن وٽ، مينهن نسلي اعتبار سان چونڊ مينهن هوندي آهي اڪثر واڙي وارا آهن چونڊ مينهن کير کٽائڻ مهل/باڪڙي ٿيڻ تي ڪاساين کي وڪرو ڪري ڇڏين ٿا. جيڪا slaughter act جي خلاف ورزي آهي هڪ اندازي مطابق هر سال ائين 50 سيڪڙو چونڊ ڀليون مينهون ڪسجي وڃن ٿيون.
- سلاٽر ايڪٽ يا ڪوس جي قانون تي عمل نه ٿيڻ سبب نسل ڪشي تي رهي آهي. هن قانون مطابق صرف اها مادي جانور ڪهي سگهجي ٿو جيڪو اک ڪن وعيره کان معذور ٿي وڃي ٽنگ وغيره ڀڄي پوي، پيچ ڪٽجي وڃي، ٿڻ خراب ٿي وڃن ڳيپ نه جهلي، گهٽ ۾ گهٽ 9 مهينن کان سال ٿائين عمر جي هجيس، يا رجيڪٽڊ اينيمل هجي معني جيڪو کير ڏيڻ يا ڦر ڏيڻ جي وڏيڪ قابل نه هجي.
- ڪوس قانون جو پراڻو هجڻ جيئن ته هي قانون پاڪستان ٺهڻ وقت جو آهي ان ڪري ان ۾ وقت گذرڻ سان مناسب تبديليون ٿيڻ گهرجن جيڪي نه ٿي سگهيون آهن.
- سنا سانَ نه ملڻ يا آساني سان سان نه ملڻ سبب به ڀليون مينهون گهٽجي رهيو آهن.

## مال ڌارڻ جي رجحان جي گهٽ ٿيڻ جا سبب

- آبادي وڌڻ ۽ ٽريڪٽر اچڻ سبب وڏيڪ زمين جو کيڙيءَ هيٺ اچڻ ڪري مال جي چرڻ جي جوءَ يا چراگاهه جو گهٽ ٿيڻ.
- پاڻي گهٽ ٿيڻ خاص ڪري مينهن لاءِ
- ڪيش ڪراپ ٿيڻ سبب ماڻهن جو ڏيان فصلن ڏانهن وڏيڪ ٿيڻ
- ڏبن جو کير آساني سان دستياب هجڻ
- ماڻهن جو سهل پسند ٿي وڃڻ
- مارڪيٽنگ کان بي خبري

Gul Hayat Institute

- مال جي اهميت جي حوالي سان پروگرام منعقد ڪرايا ويجن.
- مال جون نمائشون لڳائي ماڻهن ۾ شوق پيدا ڪيو وڃي.

## عمر جي حساب سان مينهن جا نالا

- پيدا ٿيڻ کان 6 مهينن تائين مادي کي وڇ نر کي پاڏو يا پاڏڙو
- مهينن کان سال تائين پاڏي يا پاڏو
- سال کان لڳڻ تائين ٿهاڻ يا پاڏو
- لڳل مينهن ويامڻ تائين ٿهاڻ آهي.
- ويامڻ کان پوءِ ٻهريات مينهن چئبي ۽ انهي عمر جي پاڏي کي سان
- مينهن ٻن سالن بعد ٻڙاندي ٿيندي آهي ان کان اڳ واري کي ڪيري چئبو آهي.
- ٻڙاندي ٿيڻ کان سال پوءِ چوڳي
- چوڳي کان سال جي وقفي بعد چڳي
- وري سال کان  کان پوءِ مڙيل يا مڪمل مينهن ٿيندي آهي
- وڇ اڪثر ڪري ٻڙاندي ٿيڻ بعد وهربي آهي. خفتي ڪيري کي سان نہ ڏيندا آهن ڇو جو سان ڏيڻ سان وڇ قد ۽ وزن ڪونہ ڪندي
- ٽن سالن بعد پاڏي کي موٽ ۽ سال بعد ماڙي پاڏو سڏبو آهي.
- لڳ جهلڻ  بعد انگريزي مهيني جي حساب سان مينهن 10 مهينن بعد ۽ اسلامي/سنڌي مهينن جي حساب سان 10 مهينا 10 ڏينهن بعد ويامندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن مينهن ٻہ ڦر بہ ڏينديون آهن پر اهڙا واقعا بنهہ گهٽ ٿيندا آهن.

## پاڏا يا سانَ

مينهن جي پاڏن يا سانن جو وير يا دشمني تمام گهڻي مشهور آهي جيڪڏهن ڪنهن سان کي ٻني مان هڪلي ڪڍيو تہ سان اها لتاڙي خراب ڪري ڇڏيندو. جيڪڏهن مينهن مان ڪنهن ڪيڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ان وڙهڻ ۾ دير نہ ڪندو پنهنجي علائقي ۾ ٻئي سان کي نہ سهندو.

## عمر جي حساب سان پاڏن جا نالا :

- ٻن مهينن تائين لاري سڏبو چرخ ٿيڻ تائين ڪوهٽ سڏبو. پڪو چرخ

ٿيڻ تي ڪانگھارو سڏبو. ماءَ پاران الڳ ڪرڻ تي اوٺڙو سڏبو. ٽن سالن ۾ ٻڙند يا ٿياس سڏبس. چئن سالن جو چوڳو پنجن سالن جو ڇڳو ۽ ڇهن سالن جو ماڙي پاڏو سڏبو.

## ڪوس قانون [Slaughter Act] تي عمل نه ٿيڻ جا سبب

- وٽنري آفيسر عمل نٿا ڪرائين ( انهن جو چوڻ آهي ته ميونسپل ڪميٽي وارا جوابدار آهن)
- شهرن ۾ ميونپل ڪيمٽي ذميوار آهي.
- ميونسپل ڪميٽيون سلاٽر جا لائسنس جاري ڪنديون آهن. سلاٽر هائوس هجڻ گهرجي. صفائي چيڪ ٿئي. بيمار جانور نه ڪهجي. گوشت مارڪيٽ هجڻ گهرجي. گوشت چيڪ ڪري ان تي ميونسپل پاران ٺپا لڳايا وڃن ٿا.
- اهي بچر هائوس ۽ سلاٽر هائوس هئا پر هاڻي ناهن.
- اڳي گوشت وارو جانور ڏسي، ڊاڪٽر صحتمند جانور جي ضمانت ڏيندي پنهنجي مهر گوشت تي هڻندو هو. هاڻ ڪير به اهو چيڪ ڪرڻ وارو ناهي ته گوشت تي ڊاڪٽر جا ٺپا لڳل آهن يا نه ڪٿي ڪٿي ڊاڪٽر رٽائر ٿي ويا آهن يا فوت ٿي ويا آهن. انهن جا ٺپا ڪاساين وٽ پهچي ويا آهن ۽ جڏهن ٽائم ملندو آهي يا ڳالهه ياد ايندي آهي ته پاڻ ئي گوشت تي ٺپا لڳائي ڇڏيندا آهن ڪير نه ته پڇڻ وارو آهي نه ڪئي چڪاسڻ وارو. اڪثر جاين تان مئل جانورن يا گڏهن گوڏن جي گوشت جي وڪري جون خبرون به ميڊيا جي مختلف ذريعن تان اينديون رهنديون آهن پر نتيجو وري به ساڳيو ئي آهي.

## مينهن جا قسم، سڱن جي لحاظ کان

- **هالي:** جنهن مينهن جو هڪ سڱ هيٺ ۽ ٻيو مٿي هجي.
- **ڏبي:** جنهن جا ٻئي سنگ هيٺ جن. ڏبي مينهن کي ياڳيا ياڳ واري مينهن چوندا آهن بقول سندن ته ڏبي مينهن پنهنجي سڱن

جي ڪري سخت پريشان هوندي آهي ۽ دعا گهرندي رهندي آهي جنهن مالڪ وٽ هو آهي ان وٽ ايتريون تہ مينهون هجن جو هو هر وقت انهن ۾ لڪيل رهي. ۽ ڪنهن کي نظر نہ اچي. ان ڪري ڀاڳيا پنهنجي مال ۾ ڏبي کي وڏي شوق سان رکندا آهن. پنجابي ۾ ڏبي مينهن کي ميٽي چئبو آهي.

- **گوشي:** جنهن سا سنڍ مٿي پر پکڙيل هجن.
- **ڳُنڊي:** جنهن سا سنڱ سوڙها, گول ۽ ور وارا هجن.

### مينهن جا قسم رنگ جي حساب سان

- صفا ڪاري مينهن
- ڀوري مينهن
- ڳاڙهي ڀوري مينهن
- اڇي ڀوري مينهن
- چال مينهن
- پنج ڪلياڻ مينهن
- بور مينهن (ڀوري مينهن جنهن جو رڳو منهن اڇو ۽ مٿي تي اڇو ٽڪو هجي)

### مال پالڻ جي رجحان ۾ اضافي جا سبب

- ڪيش ڪراپ جون قيمتون اچانڪ تمام گهٽيون ڪرڻ
- بيروزگاري ۾ اضافو
- نئون ڌنڌو/ڪاروبار جي نہ هجڻ يا عام ماڻهن کي ان جي خبر نہ هجڻ.
- آبادي وڌڻ ۽ مال گهٽجڻ سبب کير جي گهرج ۽ اگھ وڌڻ
- سڄي دنيا ۾ لائيو اسٽاڪ ڏانهن وڌندڙ لاڙو
- حڪومتي ڪوششون
- ماڻهن ۾ زندگي جي معيار کي وڌائڻ لاءِ محنت ڪرڻ جو رجحان وڌڻ يا پورت نہ ٿيڻ سبب محنت ڪرڻ

Gul Hayat Institute

مينهون ڪير ۾ بہ پليون هونديون آهن ۽ نمائش ۾ بہ نمبر کٽنديون آهن.

## چرڻ جي حوالي سان مينهون

- **من چر:** گهٽ کائي يا هر ڪا شئي نہ کائي ان کي من چر سڏبو آهي.
- **چرڪ:** جيڪو ڦر مهيني کن جو ٿئي ۽ ڪجهہ کائڻ شروع ڪري ان کي چرڪ چئبو آهي.
- **سُچر:** جيڪا مينهن هرڪا شئي کائي ان کي سچر چئبو آهي.
- **ڏچر:** گهٽ کائي يا هر ڪا شئي نہ کائي ان کي من چر سڏبو آهي (نسيم)

## مينهن جو ڌڻ

- **ولر:** ٻيڊي ڌڻ کي ولر چئبو آهي.
- **گوهر:** ڳوٺن شهرن مان هڪ هڪ مينهن گڏ ڪري جيڪو ڌڻ گڏ ٿيندو آهي ان کي گوهر چئبو آهي. ڪنهن هڪ ماڻهو جو وڏي ڌڻ کي بہ گوهر چئبو آهي.
- **ڌڻ:** ڌڻ ۽ ولر ساڳي ڳالهہ آهي پر مهذب ٻولي ۾ ڌڻ چئبو آهي ولر نہ.

## مينهن جا آواز:

- **ڍِڪڻ:** لڳڻ وقت يا ڦر لاءِ مينهن جيڪو آواز ڪڍندي آهي ان کي ڍِڪڻ چئبو آهي.
- **رنڀ:** اڪيلائي ۾ جڏهن رڙيون ڪري ان کي رنڀ چئبو آهي.
- **زيل:** مينهن وِيامڻ کان پوءِ اگر ڦر جي ويجهو ڪو جانور ايندو تہ مينهن نڪ مان آواز ڪڍندي آهي جنهن کي زيل چئبو آهي. (نسيم)

## مينهن جون ڪجهہ بيون خاصيتون

- سانگهڙ تندي منا خان جي مينهن اڄڪلهہ سڀ کان وڏيڪ پلي ليکي وڃي ٿي

- عام مينهن 5/7 لٽر کير هڪ وقت تي ڏين ٿيون.
- ڪُنڍي مينهن جي کير جي ايوريج 12 لٽر آهي.
- سنڌ جي ڪُنڍي ۽ پنجابي نيلي راوي مقابلي ۾ آهن پر ڪنڍي وڌيڪ آهي
- راوي مينهن 13/14 لٽر کير ڏئي ٿي پر 4 کان 6 مهينن تائين ۽ ڪنڍي 6/8 لٽر پر 12/15 مهينن تائين
- مکي جي مينهن کير ۾ ڪٽر هوندي آهي.

کير جي حساب سان مينهون :

- وڌيڪ کير ڏيندڙ مينهن کي کيراڙ چئبو آهي. کيراڙ مينهن جو کير اڪثر ڪري ڇڊو هوندو آهي.
- پوري رنگ جي مينهن جو کير منو ڇيو ويندو آهي.
- گهٽ کير ڏيندڙيا ڪٽل مينهن جو کير گهاٽو هوندو آهي ان ۾ مکڻ وڌيڪ هوندو آهي سنڌ جي ميهن عام طور تي 18 مهينا ڏهائيندي آهي.
- مهيني کن جي ويامل مينهن کي آلوڙي سوئا 6 مهينن جي ويامل کي ڪانگهاري ۽ سال کن جي کي باکڙي چئبو آهي.
- مينهن جڏهن کير سڪايندي آهي تہ ان جو کير کارو/چوپڪو تي ويندو آهي پر ان ۾ مکڻ پهرين جي مقابلي ۾ وڌيڪ هوندو آهي.
- تازو ويامل مينهن جي کير ۾ مکڻ گهٽ هوندو آهي
- ڪجهہ مينهون ڦر ڏائن تي کير ڏيڻ لاءِ تيار ٿينديون آهن
- جيڪا مينهن ڦر تي نہ مڙي ان کي ڪُميڙ سڏبو آهي.
- ڪجهہ مينهون ڦر جي بجاءِ ڪجهہ کائڻ لاءِ ڏيڻ بعد مڙنديون آهن تن کي پاڙت سڏبو آهي.
- بغير پاڙي ۽ پر تي مڙڻ واري کي اوسر يا هٿيلي چئبو آهي.
- ڪن مينهن جي ٿڻن کي سيڪ يا سيڪو ڏئي اکيون ٻڌي ميڙبو آهي جنهن کي سڪو ڏيڻ چئبو آهي.
- ڪن مينهن جي نہ مڙڻ تي سار ۾ ڦوڪون ڏبيون آهن اها مڙڻ لاءِ

Gul Hayat Institute

تيار ٿي ويندي آهي ان کي ٻُل چئبو آهي.

- جيڪا مينهن ڦر نہ کٽي خفتي ان مينهن جو کير ڦر تي هاريندا آهن. جيڪا مينهن چڻڻ شروع ڪندي آهي ۽ آهستي آهستي ڦر کٽي ونندي آهي. ڪجھ خفتي بئي مينهن جو ڦر بہ ائين ڪرائي کٽائي ونندا آهن.
- مينهن جي وهر جون نشانيون مينهن جو وهر ٻن ڏينهن تائين هوندو آهي.
- مينهن لاءِ پٽ ۾ ڪاڏو ۽ پاڻي گهٽ هوندو آهي چاري جي لاءِ پري پري پٽن تي چڙهڻ ۽ لهڻ مينهن لاءِ ڏکيو هوندو آهي ان ڪري مينهون ۾ پٽ ۾ نہ هجڻ جي برابر هونديون آهن.
- مينهن جو کير گهاٽو هوندو آهي.

## هن علائقي جا وڏا پاڳيا

جاني هنگورو، صديق ٻهڻ، عبدالله ٻهڻ، پير بخش ٻهڻ، وسايو جوڻيجو، لال بخش انڙ، آچر جمالي، الهہ ڏنو جمالي. گهوڙيءَ واري ڳوٺ جا جمالي. مياڻ جا لانڊر، چوٽيارين جا حبيباڻي شاهہ. عرس جوڻيجو، پنهون جوڻيجو. سانگهڙ شهر جا نظاماڻي ۽ ڪجھ مري ڪوٽ نواب جو حاجي عبدالحميد ڪنير، حاجي صوبدار ڪنير، امير بخش ڪنير، علي خان مگسي، جبل انڙ، انب شر، سنگهار ٻهڻ تنديِ منا خان جا شاهہ.

Gul Hayat Institute

---

**راوي :**

- مدثر علي ولد رياض احمد وڙائچ، سنجهورو
- حُسين بخش لغاري ولد شمس الدين، مولوي خير محمد احمداڻي، سانگهڙ
- ماسٽر امير بخش ڪنير، ڪوٽ نواب سانگهڙ

جي درگاهہ تي باس پوري ٽيڙ تي پاڏا ڏٻا آهن. جيڪي ڪائي پڻ وڏا سان ٿي پوندا آهن. عجيب ڳالهہ تہ اهي احمد راڄي جا پاڏا /سان، پنهنجي فطرت جي برخلاف پاڻ وڙهڻ بجاءِ، پيار محبت سان گڏجي هڪ ڌڻ جي شڪل ۾ مينهن وانگر پيا چرندا آهن ۽ حرام جو پاڻ ۾ وڙهڻ تہ رهيو پري پر رڳو هڪ ٻئي کي منهن گهنجائي بہ ڪٽي ڏسن!! اهي ننڍيا وڏا پاڏا ۽ سان مثالي حد تائين پر امن طريقي سان گڏجي چرندا ۽ رهندا آهن. انهن ٿلهن متارن سانن کي ڏسي بديٽائي، ڪنهن ٿلهي متاري ماڻهو کي بہ احمد راڄي جي پاڏي سان تشبيهہ ڏيندا آهن. ضرورت پوڻ تي ماڻهو انهن کي ڪاهي بہ ويندا آهن ۽ پوءِ وري واپس ڇڏي بہ ويندا آهن. سانن جا ڪيترائي قسم آهن

پر سنڌ ۾ بدين جي شادي لارج جي جَتن جا سان، خفتين جو وات پاڻي پيا ڪندا آهن. جن جي ٻُوني (منهن) سنهو پچ گوڏن تائين ڊگهو ۽ سنهو ڪن ننڍا، پانچ ۾ وڏا، سڱ سڱ تي چلي وانگر هوندا آهن. رنگ جي لحاظ سان خفتي پاڳيا، نيور ڪارا ۽ ناسي پوري رنگ وارا پاڏا پسند ڪندا آهن.عمر جي لحاظ کان، سان کي کيري، ٻيڙاندي، چوڳي، ڇڳي، ميڙيل ۽ آخر ۾ انوريل جي نالن سان سڏبو آهي. سنڌ جا نالي وارا اهي پاڳيا جن وٽ پلا سانَ بہ چيا وجن ٿا تن ۾ فيض محمد راڄڙ تندو منا خان، غلام محمد ڏاهري دولتپور، غلام حسين چانڊيو سڪرنڊ، احسان پر ٻُڙي ڪنري، دوسو جت شادي لارج، عطا محمد خاصخيلي سانگهڙ، اقبال پنهور قلهڏيون، فضل حسين شاهہ هالا، ساماڻو ورياهہ اڏيرو لال ۽ محبوب پنڊ دادو وغيره جا نالا شامل آهن. مزي جي ڳالهہ تہ پلو سانَ پڙي تي ناهي ايندو. اهو وٽاڻ تي ئي گهر جي ۽ وڪامجي ويندو آهي. پاڏي جي عمر هوئڻ تہ ڪاڏي تي آهي پر هو پندرهن ويهہ سال آرام سان ڪڍيو وڃي. سان ڏينهن ۾ چار پنج سئو روپين تائين جو ڪاڏو ڪائي ٿو. ان ڪري ئي شايد ڪي ماڻهو پاڏي کي مينهن ڏيڪارڻ جا بہ سئو کان پنج سئو روپيا وٺي خرچ پکو ڪڍندا آهن. گهٽ مستي ڪندڙ سان کي چار پنج ديسي بيدا ۽ نجو گيهہ بہ ڏبو آهي. 'لاٽجي' ويل پاڏي کي سونو زيور ڏوئي اهو پاڻي پاڏي جي جسم تي هٽبو آهي.مزي جي ڳالهہ تہ ڪي اشراف پاڏا، سندي وٽاڻ جي مينهن کان سواءِ ٻئي ڏانهن ڏسندا بہ ناهن. اهڙي حالت ڪنهن ضرورتمند پاران آندل مينهن سان، پاڏا ماڳهين وڙهي بہ پوندا آهن. هر پاڏي جي گهٽو ڪري پنهنجي پنهنجي جُو

هوندي آهي. جنهن ۾ ڪنهن ٻئي پاڙي ڪي اصل ڪونہ سهندا آهن، ۽ ڪيس جُو مان ڪڍي پوءِ سڪون جو ساهہ وٺندا آهن. پر هرويرو صفا پويان ڪونہ لڳندا آهن. جڏهن پاڙي ڪي پنهنجي وٿاڻ تي ڪو آسرو نظر نہ ايندو آهي تہ هو مهينو پندرهن ڏينهن ٻئي پاسي کان بہ چڪر ڏئي موٽي وٿاڻ تي ايندو آهي. عام سانَ تہ لک ڏيڍ ۾ مليو وڃي پر خفتين وٽ غلام حسين چانڊئي جي پاڙي جو يارنهن لک ۾ کپڻ ۽ خير محمد راڄڙ کان سترنهن لک ۾ پاڏو گهرجڻ جا ڪيترائي تازا مثال بہ موجود آهن.

سان واري در مينهن ڪاهي ايندڙ کي سخي ياڳيا، ڪڏهن بہ مايوس نہ موٽائيندا هئا. چئبو هو تہ ائين سخي جي در تان ڪڏهن بہ کير ڪونہ کٽندو. جيڪو بخيلي ڪندو، قدرت ان کي کير ۾ کٽائي ڇڏيندي. هاڻ سخاوت ۽ برداشت ٻئي گهٽجي ويون آهن تہ چڱا ڀلا ماڻهو لسي لاءِ پريشان آهن. پاڻ چئجي ٿو تہ جڏهن بازار مان کير ملي پيو تہ مينهن چو ڏارجي؟ ۽ جڏهن مينهون ئي نہ رهيون تہ سان ڪهڙي ڪم جا!

اڳي غريب غربي ايري سيري کي بہ شئي سني رکڻ جو شوق هوندو هو پر هاڻ مهانگائي ماڻهن جون متيون منجهائي ۽ شوق ڦٽائي ڇڏيا آهن. ڪو قسمتي شوق پالڻ وارو ڏاڍو وڃي بچيو آهي، نہ تہ اڪثريت پيٽ پالڻ ۾ ئي پوري آهي. اڳوڻن ٻين شوقن وانگر هاڻ مال جو شوق بہ گهٽو گهٽجي ويو آهي ۽ ماڻهن جديد دور وارا شوق ڪرڻ شروع ڪيا آهن. سنڌي ماڻهو تہ خير سان مان هڪ ئي ڪم وٺن پر پنجاب واري پاسي سانن تي بار ڍوئڻ، گاڏي ۾ جوٽڻ ۽ هر ڪاهڻ جو ڪم بہ ورتو ويندو آهي. شايد سانن جي اهڙي حالت سبب ئي ان جو مردن جي زندگي تي بہ اثر نظر اچي ٿو.

سنڌ ۾ سانن جي موجوده صورتحال ڏسندي لڳي ٿو تہ ايندڙ وقت ۾ متان اسان، سانَ لا بہ ڪٿي ٻين ڏانهن نہ نهاريون! ان ڪري ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ اسان کي فوري طور وڏي دل ڪندي، مقامي طور پنهنجي سانن کي اجائي جهل پل کان پاسو ڪندي ۽ انهن جي چوري چڪاري کي روڪيندي، پنهنجن سانن جي حوالي سان بخيلي کان بچون!

❊❊❊

# حصو پيو

(اهي پکي جيڪي جهنگلي آهن،

پر انهن کي عام طور تي پاليو به ويجي ٿو)

Gul Hayat Institute

# تتر

## پنائيءَ پارن بي زبان طور ڳايل :

**تتر** جيڪو ننڍي اڏام، لذيذ گوشت ۽ مخصوص ٻولي جي ڪري پکين ۾ منفرد حيثيت رکي ٿو. ان لاءِ روز بروز جيئڻ جا ذريعا گهٽبا ۽ نسل ڪشي جا سبب وڌي رهيا آهن. تتر، جنهن جو گوشت پکين ۾ سڀ کان وڌيڪ لذيذ مڃيو وڃي ٿو. تنهن جي لذت جي شهرت هاڻ هٽي وڃي هنڌ ڪيو آهي. نام نهاد "وڏن ماڻهن" جون دعوتون تترن بنا اڻ پوريون ۽ اڌوريون ليکيون وڃن ٿيون. تترن جا تحفا جتي بند ٿيل در مٿن ۾ کوليو ڇڏين اتي وري انتظار ۾ پيل فائلون مٿن ۾ صحيح ۽ ٽٽل رابطا به راتو رات بحال ٿيو وڃن. ماڻهن کان علاوه باز به تتر جي گوشت تي مست هوندو آهي، جنهن کي سامهون رکندي پنائي چوي ٿو ته:

وڳند وري آيو بدو بي نماز
جيئن تتر مٿي باز، وڳند تيئن سُرهاڻ تي

(سُر بلاول - شاهه جو گنج - اله داد جنجهي - بيت نمبر 09 داستان نمبر چوٿون)

جتي گهٽجندڙ جهنگ سبب ان جي پناهه جا ذريعا گهٽجي رهيا آهن اتي وڌيڪ زمين کيڙي هيٺ اچڻ ڪري به هن جي رهڻ جا هنڌ محدود ٿيندا پيا وڃن. شڪار جي وڌندڙ شوق ۽ روڊ رستن جي جار ، فور ويل گاڏين، بندوقن ۾ اضافي به تت کي تباهه ڪرڻ ۾ وسان ڪونه گهٽايو آهي. ساڳئي وقت وڌندڙ لا قانونيت، ٻچن جي سيزن ۾ وونئٽن ۾ ٿيندڙ زهريلي اسپري به تتر کي وڏو نقصان پهچايو آهي. پر تازو جنهن نئين ڳالهه تتر کي تباهي جي ڪناري تي آڻي بيهاريو آهي سا آهي پاڻي جي

ڪوٽ. جنهن سبب ڪٽڪ جو فصل جلد ئي سڪي ويو ۽ لاٻارا پئجي ويا. جيڪو وقت تترن جي آنن ۾ ٻچن ڦوٽڻ جو هو. پر آڳاٽي ڪٽڪ لهڻ سبب تترن کي آنن ۾ ٻچن لاءِ گهربل وقت ۾ ماحول نہ ملڻ سبب تترن جي نسل کي سخت نقصان رسيو آهي. تترن جا لاٿل آنن جو گهڻو حصو ٻچا ڦٽڻ کان اڳ ضائع ٿيو ويو آهي.

ان کان علاوه تترن جي شڪار ۽ پالڻ لاءِ پاليسين جو حالتون تبديل ٿيڻ سبب مدي خارج ٿي وڃڻ ڪري بہ تترن جي نسل کي سخت نقصان پهتو آهي. خصوصاً تتر پالڻ لاءِ لائسنس واري سهولت تترن جي قاتلن ۽ واپارين لاءِ تمام وڏي سهوليت، آساني ۽ آزادي بڻجي سامهون آئي آهي. تتر پالڻ لاءِ سئو روپيہ سالانہ فيس آهي. جيڪا ٻري ڪوبہ ماڻهو آساني سان، ڪهڙي بہ مقصد خاطر، تتر کي ڪيڏانهن بہ کڻي وڃي سگهي ٿو. ڪير بہ نٿو پڇي سگهي. هڪ تہ تتر پالڻ جي فيس تمام گهٽ ۽ سستي آهي. ۽ ان جي ڪري تتر جي نسل کي خطرا تمام گهڻا آهن. ٻيو تہ ان فيس مان نہ تہ سرڪار کي قابل ذڪر آمدني ٿي ٿئي نہ ئي شڪار کاتي جو ڪو ڀلو ٿو ٿئي. ان حساب سان ڏسجي تہ هي فيس وارو سودو ڏاڍو مهانگو آهي. ان کان علاوه هڪ آزاد پکي کي پڃري ۾ پالڻ جي نالي تي قيد ڪرڻ جي فيس سالانہ سئو روپيا نہ صرف صفا گهٽ آهي بلڪ وڏو ظلم ۽ ڪهرٻہ آهي. ڪنهن بہ مهذب قانون ۾ جڏهن ڪنهن ٻي گناهہ ۽ بي ڏوهي کي قيد ڪرڻ جي گنجائش نہ آهي تہ پوءِ تترن (طوطن سان بہ پر ان جو ذڪر ٻئي پيري) سان ايترو ظلم ڇو؟ تتر پالڻ واري لائسنس جي آڙ ۾ ماڻهو تترن جا ٻچا جهلي وڪڻن ٿا. جنهن دوران اڪثر حالتن ۾ جهليل ٻچا مناسب ماحول ۽ نگهداشت نہ هجڻ سبب مريو وڃن. ڇوجو مور وانگر تتر جو ٻچو بہ ڏاڍو حساس ٿئي ٿو. ائين تترن جي وڏي پئماني تي نسل ڪشي ٿي رهي آهي. جي انسانن جي ٻارن جي خريد و فروخت جائز ناهي تہ پوءِ ڪهڙي قانون تحت پکين جي ٻچن جي خريد و فروخت ۽ انهن کي سرِ عام پڃرن ۾ قيد ڪرڻ جي اجازت مليل آهي! سا بہ صرف سئو روپين جي عيوض! پڃرن ۾ قيد تترن کي سيٽي تي بولڻ سيکاري، پڃرو جهنگ ۾ رکي، تتر کي سيٽي تي بولائي، ٻين تترن کي دوکي سان گهرائي، ڪين دام يا پڃري ۾

ڦاسائي قيد ڪيو ويچي ٿو. هي شڪار جو طريقو عام، تمام سولو ۽ تترن جي حوالي سان بيحد خطرناڪ ثابت ٿيو آهي. جيئن گذريل سال کان هرڻن ۽ مورن جي پالڻ واري نئين لائسنس جاري ڪرڻ تي پابندي هنئي وئي آهي ايئن تترن کي پڃرن ۾ پالڻ تي پابندي ڇو نٿي هٽي سگهجي؟ اها حقيقت آهي تہ گهٽجندڙ جهنگ ۽ محدود ٿيندڙ قدرتي ماحول سبب پکي ۽ جانور هاڻ پرائيوٽ رکن ۾ ئي پلجي ۽ بچي سگهن ٿا پر جي انهن کي اتي گهربل ماحول بہ مهيا ڪيو ويچي تہ. جيڪو پڃرن ۾ بهرحال ڪنهن بہ صورت ۾ ميسر نٿو ٿي سگهي. پوءِ اهي پڃرا تترن ۽ طوطن جا هجن يا چڙيا گهرن ۽ سرڪسن ۾ بيٺ پکين ۽ جانورن جا. ان کان علاوه سرڪاري طرح تترن جي شڪار لاءِ مقرر ٿيل پهرين نومبر کان 31 جنوري تائين واري پاليسي ۾ بہ بدليل وقت ۽ حالتن مطابق ترميم ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي. هن پاليسي تحت ٽن مهينن تائين، هفتي ۾ هڪ ڏينهن (جيڪو گهٽو ڪري ڇنڇر يا آچر هجي ٿو) لائسنس واري کي، ڏهن تترن تائين شڪار جي اجازت هجي ٿي. سيني کي خبر آهي تہ شڪار کاتي جي ڇا حالت آهي. شڪار کاتي جي هٿين خالي ۽ پيادل هيٺين گريڊ جي ملازمن جو واسطو جديد هٿيارن، وڏين گاڏين ۽ تمام با اثر شڪارين سان پئي ٿو. هڪ حال هيٺا پيو پيادل سو بہ هٿين خالي! اهو ڪيئن ٿا بااثر، گاڏين ۽ هٿيار وارن جو مقابلو ڪري سگهي؟ شڪار کاتي جي ملازمن جي مجال آهي جو هو لائسنس واري همراهہ توڙي ڪنهن بغير لائسنس واري با اثر کان پڇي سگهن ۽ ڏسي سگهن تہ هن ڏهہ تتر ماريا آهن يا ڏهہ ضرب ڏهہ ماريا آهن. خبر ناهي اها ڳالهہ وس وارن کي سمجهہ ۾ ڇو نٿي اچي. اهي وس وارا ايترا معصوم ۽ ملڪي ڪاروهنوار کان ايترا اڻ ڄاڻ بہ تہ ڪونہ آهن. پوءِ ڇو نٿا بدليل وقت ۽ حالتن مطابق پاليسيون جوڙين. يا شايد اهي وس وارا پاڻ چاهين ٿا اهو ٿا جيڪو ٿي رهيو آهي. جنهن ۾ سڌي اڻ سڌي طرح سندن مرضي ۽ منشا شامل آهي. انهي صورتحال ۾ جي ڪو اڙيو ٿڙيو شڪاري،شڪار کاتي وارن هٿان، پکي بچائڻ جي نيت بجاءِ ڪنهن بي سبب ڪري پڪڙجي بہ پئي تہ ان جي سزا وڌ ۾ وڌ پندرنهن هزار روپيا يا ڇهہ مهينا ٽيپ يا ٻئي



Gul Hayat Institute

سزائون هجن ٿيون. پر اڄ تائين ڪيترن تترن جي قاتلن سزائون ڪاٽيون آهن ۽ جيل ڪمايا آهن؟ رڪارڊ ڏسڻ سان سڄي ڳالهه سامهون اچي سگهي ٿي.

خفتين مطابق تتر سال ۾ عموماً ٻه پر ڪڏهن ڪڏهن ٽي ٽُور به ڪري ٿو. جيڪي ڪٽڪن جي لابارن جون جولائي دوران ووئٽن ۾ ۽ ٿيون پيرو ڪڏهن ڪڏهن ووئٽن جي پڇاڙي ۾ هجن ٿا. ووئٽن تي زهريلين دوائن جي ڦوهاري سان متاثر ٿيل جيتن کي کائڻ سان به تتر وڏي پئماني تي مري وڃي ٿو اهو عمل به تتر جي نسل ڪشي جو سبب ٿي رهيو آهي.

تترن سان ٿيندڙ ظلمن ۽ زيادتين ۾ هونئن ته ٻيا به ڪيترا ئي فيڪٽر شامل آهن پر وڏن ماڻهن کي خوش ڪرڻ لاءِ تترن جي ٻچڻ واري سيزن ۾ ٿيندڙ غير اخلاقي ۽ غير قانوني شڪار وڏي ظلم برابر آهي. ان ظلم ۾ اضافو ان وقت اچان به وڌيو وڃي جڏهن ڪنهن ڏڏ ۽ اناڙي شڪاري کي خوش ڪرڻ خاطر، چاپلوس قسم جا ميزبان ماري، تترن کي شڪار واري ڏينهن کان اڳ جهلي، انهن جون اکيون سئي سان سبي، قيد ڪري ڇڏيندا آهن. ڏڏ شڪاري يا شڪارين پاران شڪار شروع ڪرڻ ۽ ڏند تيڙي بندوق هلائڻ وقت ميزبان پنهنجن ماڻهن کي لڪائي ويهاريندا آهن. جيڪي وقفي وقفي سان انتهائي بي شرمي ۽ بي رحمي سان اکيون سبيل ۽ اڳوات پڪڙيل تترن کي اڏاريندا رهندا آهن. جن کي نام نهاد ”توبچي“ بندوق سان ڌڪي خوش پيا ٿيندا آهن. ان صورت ۾ بندوق نه به لڳي، تڏهن به اکيون سبيل هجڻ ڪري اندو ٿيل ۽ اذيت ۾ ورتل تتر وڌيڪ نه اڏامڻ سبب پري نه وڃي سگهندو آهي ۽ ”شڪارين“ جي اک ۾ ئي هوندو آهي. اهي ۽ انهن جهڙا خبر ناهي ڪهڙا ڪهڙا ڦهري طريقا استعمال ڪري پکين تي ظلم ڪرڻ سان گڏ انهن جي نسل ڪشي به ڪئي وڃي ٿي.

قدرت هي ڪائنات سيني ساهه وارن لاءِ خلقي هئي. جنهن ۾ سيني کي ساهه کڻڻ ۽ جيئڻ جو حق حاصل هو. پر ان تي انسان قبضو ڪري، اهو حق رڳو پنهنجي لاءِ ئي مخصوص ڪري ڇڏيو آهي. شايد هاڻ گهٽو تي چڪو آهي ۽ ڳالهه خدا جي خدائي جي برداشت کان به چڙهي

وئي آهي. شايد ان ڪري ئي ڏينهون ڏينهن انسان مختلف مصبتن ۾ مبتلا ٿي رهيو آهي پر سمجهي پوءِ بہ ڪونہ ٿو. ڪٿي ائين نہ ٿئي جو انڌ جي گهوڙي تي چڙهيل انسان ايترو اڳتي وڌي وڃي جو واپسي جو رستو ئي نہ ملي. ان کان اڳ بهتر آ تہ انسان اڪيون پٽي ۽ ٻين ساهہ وارن کي بہ جيئڻ جو حق ڏئي. ان ۾ ئي انسان ۽ هن ڪائنات جي بهتري ۽ ڀلائي آهي. اسان وس وارن خصوصاً چيف جسٽس آف پاڪستان کي گذارش ٿا ڪيون تہ هو هن ڏس ۾ قدم کڻي، ٻين ساهہ وارن کي بہ خدا طرفان ڏنل جيئڻ ۽ نسل وڌائڻ جو حق، جيڪو انسانن غصب ڪيو آهي اهي موٽرائي ڏين، جانورن ۽ پکين جي ڀلي ۽ حقن لاءِ بہ ڪورٽون قائم ڪري تہ جيئن انهن بي زبان ساهہ وارن تي ٿيندڙ ظلم ۽ زيادتين جو ازالو ٿي سگهي.

***

Gul Hayat Institute

# ڪارڙو تتر

## سونهن ۾ سرس، سنڌ جو صوبائي پکي،

**ڪارڙو** تتر جنهن کي انگريزي ۾ Black Partridge سڏبو آهي، تنهن کي سنڌ جو صوبائي پکي ان وقت قرار ڏنو ويو آهي، جڏهن سنڌ جي سونهن جي علامت، مورن ۾ بيماري سبب موت پيل آهي ۽ ٻيو سهڻو پکي طوطو ناياب ٿيڻ تي آهي. هوندي به جيڪڏهن خفتين وٽ سونهن ۾ سرس سنڌ جي پکين جو سيمي فائنل ڪرائبو ته مقابلو ڪبوتر، طوطي، تتر ۽ مور ۾ ٿيندو پر فائنل وري به مور ۽ ڪارڙي تتر جو ئي ٿيندو. جيڪو فائنل ڪارڙو تتر کٽي سنڌ سطح تي "سونهن راڻي" ۽ "سنڌ جي پکين جو سردار" بڻجي چڪو آهي. ڪارڙي تتر کي صوبائي پکي قرار ڏيڻ لاءِ حڪومتِ وقت وٽ ته خبر ناهي ڪهڙا جواز هئا پر خفتين انهيءَ فيصلي جي گهڻي ياڳي آجيان ئي ڪئي آهي.

تتر انهن خوش نصيب پکين ۾ شامل آهي جن جو ذڪر قرآن شريف ۾ ملي ٿو. واضع رهي ته قرآن شريف ۾ ذڪر ٿيل ٻيا پکي هُد هُد، ابابيل ۽ ڪانءُ آهن. هن وقت سنڌ ۾ ٽن قسمن جا تتر موجود آهن. ڪارڙو ٻيو اڇو ۽ ٽيون ايراني. ٽنهي جون پنهنجون پنهنجون خاصيتون آهن. ڪارڙو تتر سونهن ۽ ٻولي ۾، اڇڙو گوشت جي ذائقي ۾ ۽ ايراني جيڪو نالي مان ئي ٻاهريون ظاهر آهي سو ويڙهه جي ڪري، پنهنجي الڳ الڳ سڃاڻپ رکن ٿا. ڪارڙي تتر جي جُوءِ ۾ گهڻو ڪري درياهه جو ڪچو ڪئنالن ۽ شاخن جا ڪنارا، واهن ۽ واٽرن جي ويجهڙائي ۽ سِم ۽ ڪلر وارا علائقا شامل آهن. هي اڇڙي وانگر پٽ ۽ ٻيابان ۾ گهٽ پر پاڻي جي ويجهو رهندو آهي. سال ۾ ٽي ڀيرا آنا ۽ ٻچا ڪندڙ (ٽي ڀيرا آنا ۽ ٻچا ڪندڙ)

ڪارڙي جي مادي هر ڦُور ۾ عام طور تي پنجن کان ڏهن تائين آنا لاهيندي آهي پر عام طور آنن جو تعداد ڇهه کان اٺ تائين هوندو اٿس. هي مهيني کن جا ٻچا وڏا ڪري وري ٻئي ڦُور لاءِ تيار هوندي آهي. پهريون ڦُور مارچ ۾ ڪندي آهي جنهن کي جيٺ وارو ڦُور سڏبو آهي. جنهن دوران ڪڪڪن جي پوري ٽيڻ تي، روزانه جي بنياد تي پهرين پهر ۾ آنو لاهي، 21 ڏينهن جي آري بعد، ڪڪڪون نسرڻ وقت ٻچا ڦوڙيندي آهي. جيڪڏهن ڪو آني کي نقصان پهچائڻ جي ڪندو ته مادي ڪنب پکيڙي، وڙهڻ ۽ دشمن تي حملي آور ٿيڻ جو نمونو ڪندي، ٽِڪ ٽِڪ جي آواز ڪندي آهي. پر وڙهڻ ۽ حملو ڪرڻ سندس وس ۾ نه هوندو آهي. اڳي، پهرين ڦُور جا ٻچا اپريل جي وچ ڌاري لاباري مهل، خفتي ڪڪڪن جي سٿين هينيان ڳولهيندا هئا. پر هاڻ تريشر اچڻ بعد اهو ڪلچر به ختم ٿي ويو آهي. ٻيو ڦُور ساوڻي وارو سڏبو آهي. جيڪو هاڻ ساوڻ ۽ ٻين منڊن جي اڳتي پوئتي ٿيڻ ڪري، ڪجهه اڳتي پوئتي ٿي ويو آهي. پر خفتين وٽ اهو ڦُور وري به ساوڻي واروئي سڏبو آهي. جنهن دوران تتري مئي جي وچ ڌاري جڏهن وونئڻ ننڍا هوندا آهن، تڏهن ٻنين جي ٻنن، واٽرن جي ڪنارن ۽ پونن ۾ ڦتل ڊرين ۾ آنا ڪندي آهي ۽ ڦتين جي ٻُڙي ٻُڙي ٿيڻ وقت، جون جي 15 تائين ٻچا ڦوڙيندي آهي. ٽيون ڦُور ساوڻي بعد سَر نِسرڻ مهل، ڇٽ ۾ ڪندي آهي، جنهن کي سرءُ وارو سڏبو آهي. 15 آگسٽ ڌاري آنن وقت باجهرين ۽ سارين ۾ لاباروهوندو آهي ۽ ٻچن وقت منا منا سيءِ شروع ٿيندا آهن. آنن لاهڻ جا هنڌ گهٽو ڪري ڊرين، سَرن، لئين يا پن جي پاڙن ۽ ٻوٽن ۾ هوندا آهن. ڪارڙو تتر زمين تي ئي رهندو ۽ آنا لاهيندو آهي. هي وڻ تي ئي يا مٽي ڪونه ويهي. انهيءَ سبب هن جو برساتن يا ٻوڏن ۾ وڏو نقصان ٿيندو آهي. جيئن 2010 ۽ 2011 ۾ ٿيو هو. آنن جي موسم ۾ هڪڙو نر، ٽي ٽي ماديون ساڻ ڪريو ڪنڌ ۾ ڪِلي هنيو هلندو آهي. پر جيڪا مادي آنن تي آئي، ان سان منهن موڙي ڇڏڻ ۾ دير ئي نه ڪندو آهي ۽ اها پاڻ به نر جي بيوفائي کي محسوس ڪندي الڳ ٿي آنن ۽ آري جي ڪندي آهي. تتري ننڍن ٻچن کي مال جي ڇيڻي ۾ ٻن ٽن ڏينهن بعد پيدا ٿيندڙ ڪيئان، ڪانڌيرن وغيره ۾ موجود جيت،

ماڪوڙيون، اڏوهي ۽ تِڏ ڪارائڻ ڪان علاوه ساوڻي ۽ مانڊاڻي وغيره گاهه ۾ تيندڙاَن بہ ڪارائيندي آهي. ٻچن کي چڱائڻ ۾ انهن لاءِ کاڌ خوراڪ ۾ تحفظ جو سڄو بندوبست مادي جو هوندو آهي. نر سنڌي پيئرن وانگر بي فڪر هوندو آهي. بلڪ اهي ٻچن لاءِ ويڳي پيءُ وانگر هوندو آهي ۽ وس پڄندي، ڪاري نانگ وانگر ٻچن کي ٺونگا هڻي ماري وجهندو آهي. ڪن خفتين جي بقول تہ ڪارڙو نر ٻچن تي وڏيڪ ناراض هوندو آهي. ان ڪري مادي وس پڄندي، ٻچن کي نر ڪان لڪائيندي يا ان جي ويجهو وڃڻ کان بچائيندي آهي. جڏهن تہ اڇڙي تتر ۾ وڏي "انسانيت" ۽ "ماڻهپو" هوندو آهي. هو مادي سان گڏ نہ صرف ٻچن کي پاليندو آهي بلڪ مادي جي مري يا شڪار ٿي وڃڻ جي صورت ۾، ٻچن کي چڱائي وڏو بہ ڪندو آهي. پر ڪاري تتر جي اها نمونا گيري، ڪٽڪون پوکجڻ وقت، سندس مستي ختم ٿيڻ بعد، آنن ۽ ٻچن جي موسم ختم ٿيڻ تي، ختم ٿي ويندي آهي ۽ هو مڄو مڙس وانگر مادي ۽ ٻچن سان گڏ پيو چڳندو آهي. پر آنن جي موسم آئي تہ وري نر، پاڙي جي رڪيبن وانگر پيا هڪ ٻئي کي تڪيدا ۽ وڙهڻ جا بهانا ڳوليندي، مادين لاءِ پنهنجي پنهنجي الڳ جُوڪري بيهندا آهن. ٻارنهن مهينن جي مادي آنن لاهڻ جي لائق ۽ بالغ ٿيندي آهي. ختين جي بقول تہ هنن پندرهن سالن جا پاليل تتر بہ ڏٺا آهن پر تتر جي عمر ويهارو سال کن هئڻ جا بہ ڏس ملن ٿا. اڇڙو تتر، ڪارڙي کي سني "مڙس" ۽ سني "پيءُ" هجڻ سان گڏ سني گوشت ۽ ذائقي هجڻ ڪري بہ ملهه ماريو وڃي. اڇڙي جو گوشت پٽن ۽ بيابانن ۾ رهڻ ۽ پاڻي گهٽ پيئڻ سبب، هرڻن جي گوشت وانگر لذيذ هوندو آهي پر ان جي مقابلي ۾ ڪارڙي جي گوشت جو ذائقو برائلر مرغي وانگر ايترو سوادي تہ نہ هوندو آهي پر خفتين ۾ "گرم" طور ضرور مشهور آهي.

ڪارڙي تتر جون مختلف جنسون آهن. جن ۾ گانگس، چِٽنگي، سنياسي/سناسي، چُوهڙو ۽ شيدي وغيره شامل آهن. گانگس جون ٽنگون ۽ ڳچي اصلي ڪڪڙ وانگر ڊگهيون ۽ وڏيون، آواز جو وڏو ۽ ڊگهو هوندو آهي. هي غريب پر دلير تتر آهي ۽ هرو ڀرو نہ ڪنهن کان ٿهندو ۽ نہ ئي ڪنهن کان ڊڄندو آهي. هي ٻولڻ ۾ ڍلو نہ پر وچولو ۽ غريب تتر آهي.

پنجاب ۾ بہ گانگس ئي سڀ کان وڌيڪ پسند ڪيو ويندو آهي. هي ماٺهو سان جلد هِري ويندو آهي ۽ پڃري مان ٻاهر ڪڍڻ بعد اڏامي وڃڻ وارو فائدو وٺڻ بجاءِ، ماٺهو جي پنيان پيو ڦرندو آهي. ڇٽنگي جون ٽنگون ننڍيون ۽ ٻولي تمام تيز، سنهي ۽ هلڪي هوندي آهي. خفتين وٺ تتر جي هوندي ئي آهي ٻولي ۽ سونهن جنهن ۾ ڇٽنگي ٻولي ۾ پهريون نمبر سمجهبو آهي پر سونهن ۾ گانگس وڌيڪ آهي. سنياسي/سناسي کي ڳچي کان وٺي هيٺ پيٽ تائين جوڳين کي ڪنڌ ۾ پاتل گيڙو ڪپڙي وانگر ڳاڙهي پٽي يا وري ڪن کي ڳاڙها ٽبڪا ٽبڪا هوندا آهن. هي ماٺهو/مالڪ تي صفا مست هوندو آهي ۽ ميلن تائين ان جي پنيان پنيان پيو ڦرندو آهي. ٻولي ۾ هي تيز هوندو آهي. ڇُوهڙي جو وچولو قد. ٻولڻ ۾ صفا آخري ضدي، تمام گهٽو ڪاوڙيل ۽ وڏو غيرتمند هوندو آهي. جيستائين ٻيا تتر پيا ٻوليندا، اوستائين هي حرام جو ماٺ ڪري ويهي، پيو ٻوليندو هن جي پنين ۽ ٽنگن تي ڪارا ڇِٽا هوندا آهن. شيدي جو قد وڏو هوندو آهي پر پاڻ ڪجهہ سست هوندو آهي. هن جون ڪليون، ٽاڙيون ۽ پنا وغيره صفا ڪاٺ وانگر نِپور ڪارا هئڻ ڪري، شيدي سڏبو آهي. باقي شيدين واريون ٻيون خصلتون ڪو جاچڻ چاهي تہ خوشي سان وڃي جاچي ۽ پوءِ ٻين کي بہ وينو ڏس ڏي.

ڪارڙي تتر کي شِڪري باز کان سواءِ بازن جا ٻيا سيئي قسم، ٻِلا، ڪارو نانگ، نور ۽ گدڙن سان گڏ انهن جون سيئي خصلتون رکندڙ ”عظيم انسان“ بہ سخت نقصان پهچائيندا آهن. شِڪرو باز هن جيڏو ئي هجڻ ڪري هن کي ڪجهہ نٿو ڪري سگهي پر پوءِ بہ هي ٻين سان گڏ شِڪري سان بہ ڏاڍو ٺهندو آهي. ڪارڙي جي نظر ڏاڍي تيز هوندي آهي. ٻولڻ دوران يا هوئڻ ئي هن باز کي رڳو پري کان ڏسي بہ ورتو تہ بہ زمين سان لڳي، ماٺ ڪري سُمهي رهندو ۽ ٻولڻ بند ڪري ڇڏيندو آهي. تتر ۽ باز جي انهيءَ لڙائي کي پٽائي سرڪار بہ ڳايو آهي. هي صبح جو سج ايرڻ کان اڳ ڳاڙهاڻ ٿيڻ وقت، ڪڪڙن جي بانگن ڏيڻ مهل اُٿي ٻولڻ شروع ڪندو آهي ۽ سج لهڻ تائين پيو ٻوليندو آهي. پر صبح ۽ شام جو وڌيڪ ٻوليندو آهي.

هونئن تہ ڪارڙي تتر جي سونهن ۽ ٻولي ئي هن جي مشهوري جا سبب توڙي دشمن آهن پر هن کي قيد ڪرڻ لاءِ جواز طور خفتين ۾ مشهور آهي تہ جتي ڪارڙو تتر هوندو اتي جن ۽ غيبات وغيره ڪونہ ايندا. تعويزن ۽ ڪاري علم جو اثر بہ ڪونہ ٿيندو آهي. نہ ئي ان گهر کي ڪنهن جي نظر لڳندي يا ڪنهن جي هوس ٿيندي. هن جي هئڻ کي ڀاڳ وارو سمجهيو آهي. خفتين وٽ مشهور آهي تہ هن جي ٻولي ۾ عبادت وارا ٻول شامل آهن. هن جي ٻولي ڀلي ڀاڳ واري سمجهجي پر سنوڻ ٻولڻ وارا هن جي ٻولي جا ٻيا بہ ڪيترائي مطلب ڪيندا آهن. مثال طور جيڪڏهن هي ڪنهن ويندڙ جي اڳيان، کابي هٿ تي ٻوليندو تہ ويندڙ جو ڪم نہ ٿيڻ پر جي ساڄي کان اڳيان ٻوليندو تہ ان جو مطلب ڪم ٿيڻ جي خوشخبري برابر هوندو آهي. ڪي ڪي خفتي هنن جي ٻولي کي خِضر پير جي ٻولي يا ان مان خِضر پير کي ياد ڪرڻ ۽ ان جو ذڪر ڪرڻ سمجهن ٿا. ڪارڙي جي سونهن ۽ ٻولي تہ پنهنجي جاءِ تي پر هن جي اڇانڪ ڪنهن ٻوڙي مان ڦڙڪو ڏيئي اڏامڻ، چڱي ڀلي کي ڇرڪائي وجهڻ لاءِ ڪافي هوندو آهي. بہ ٿي اناسن جيتري تيز اڏام ڪندڙ ڪارڙو تتر ٻيرن جو بہ ڏاڍو تِکو هوندو آهي. هن کي شڪاري مختلف طريقن سان شڪار ڪندا آهن. مثال طور پڃري ۾ قيد تتر کي جهنگ ۾ رکي ٻولائڻ سان، ٻين تترن جي، ٻولي تي اچڻ وقت انهن کي ڪوڙڪي يا ڪنهن ٻئي ذريعي ڦاسائبو آهي. ڪي شڪاري هن جي ٻولي رڪارڊ ڪري، ٽيپ رڪارڊر کي جهنگ ۾ وڄائيندا آهن. جنهن ڪري تتر ٻاهر نڪري شڪارين جي ور چڙهي ويندا آهن. اڳي ڪارڙي جو ذڪر ڪورس جي ڪتابن ۾ هوندو هو پر هاڻ جيئن جيئن هن جي رهڻ جي جُوءِ تعداد ختم ٿي رهيو آهي، ائين هن لاءِ ڪورس جي ڪتابن ۾ بہ جاءِ سوڙهي ٿيندي پئي وڃي.

هن کي عام طور تي اکين جي زڪام، لڙهي ۽ بخار وغيره جهڙيون بيماريون وڌيڪ ٿينديون آهن. زڪام جي بيماري وڌيڪ سردي يا گرمي کان علاوه گهٽي بک ۽ گهٽي ڊئو يا گهٽي پاڻي پيئڻ سان ٿينديون آهن. جنهن دوران اکيون سُڄي پونديون آهن. گرم تاثير وارو کاڌو کائڻ/چُڳڻ سان لڙهي/دستن جي بيماري ٿي پوندي آهي جنهن دوران گوڏن ۽ سَنڌن جو



Gul Hayat Institute

ساهہ سگهي ويندو اٿس. باقي بخار ڪنهن بہ وقت، عام ڏينهن ۾ ٿي پوندو آهي.

ڪارڙو تتر هونئن تہ سڄي سنڌ ۾ مختلف هنڌن تي ملندو آهي پر سانگهڙ ضلعو خاص طور تي مشهور آهي. جتي ڪيترائي ملڪي ۽ غير ملڪي ماڻهو ڪارڙي ڪي شڪار ڪرڻ جون سڌون ڪندا آهن. پين ڪيترن ئي نالي وارن ملڪي ۽ غير ملڪي ماڻهن سان گڏ 1988ع ۾ ان وقت جي ڊسٽرڪٽ فاريسٽ آفيسر محمد عمر پيوجي دور ۾، عمران خان جهڙو ماڻهو بہ سانگهڙ ضلعي جي ڪپري تعلقي جي ٻيلن ڪوڙي ۽ واريانهن ۾ هڪ انگريزي ڇوڪري (شايد جمائمہ خان) سان گڏ تترن جو شڪار ڪري ۽ واريانهن ۾ رسول بخش راجڙ جو سندس اوطاق تي مهمان ٿي، مڃ ڪچهري ۽ اڇڙي تر ۾ تلور جي شڪار جا مزا وني چڪو آهي. اتي جي تترن عمران خان کان علاوه 88-1987ع ۾ ضياالحق، محمد خان جوڻيجي، ڪيترن ئي غير ملڪي سفيرن، وزير اعليٰ غوث علي شاهہ ۽ عبدالله شاهہ جهڙن ٻين ڪيترن کي بہ هتي اچڻ تي مجبور ڪيو آهي. واضح رهي تہ ضياالحق جي ڪري ان وقت شڪار جي اسپيشل پرمنٽ جاري ٿي هئي. ڇو جو ان وقت ڪپري ٻيلي ۾ شڪار جي منع هئي. ضيا پاڻ تہ ڪوڙي ٻيلي ۾ شڪار ڪيو پر سندس مهمانن کي واريانهن ۾ شڪار ڪرايو ويو. هي بہ ڳالهہ رڪارڊ تي رکڻ جهڙي آهي تہ 95-1994ع ۾ ان وقت جو سنڌ جو چيف سيڪريٽري عبدالڪريم لودهي بہ ڪپري ۾ تترن جي شڪار لاءِ آيو پر ڊسٽرڪٽ فاريسٽ آفيسر محمد عثمان ميمڻ، ڪيس پرمنٽ نہ هجڻ ڪري غير قانوني شڪار ڪرڻ نہ ڏنو ۽ هو واپس هليو ويو. ڪارڙي تتر جي هجڻ وارن ٻين هنڌن ۾ درياهہ جو ڪچو، نئون ڪوٽ پرسان ڳوٺ فضل پنيري لڳ پراڻين هاڪڙي جي گسن ۾ ٻيٽل پاٽي جي پرپاسي، خيرپور ۾ ناري واريون رکون، گهوڙا باري ۾ درياهہ وارو پاسو، لاڙ جا جهنگ ۽ گهٽ آبادي وارا علائقا، جِنهاڻ، منڊ جمڙائو وارو علائقو، ڏگهڙي، ٽنڊو غلام علي، ڇونڊڪو وغيره شامل آهن. اڳي سانگهڙ ۾ مکي ڊنڊ واري سڄي علائقي خاص ڪري ڀڪسري ڪان متي جَهمر ۾ هي تمام گهڻو هوندو هو. پر هاڻ شڪارين، بندوقن ۽ لاقانونيت وڌڻ بعد ڪارڙو گهڻو گهٽجي ويو آهي. پوءِ بہ هي سانگهڙ ضلعي ۾ مختلف ماڻهن توڙي پيراڻين گادين جي رکن سبب

اجاڻ بچيل آهي.

اڳي تہ پاليل ڪارڙو تتر 5/6 سو ۾ ملي ويندو هو پر هاڻ 15 هزارن کان وٺي لک تائين وڃي پهتو آهي. جهڙو تهڙو بہ 5/6 هزار کان گهٽ نہ ٿو ملي. جڏهن تہ اڇڙو اڃ بہ 5/6 سو ۾ مليو وڃي ۽ سٺي ۾ سٺو 5 هزارن تائين مليو وڃي. ايراني جي جوڙي هزار کن ۾ ملي وڃي ٿي. جتي خفتين وٽ ڪنري واري پاسي نورل شاهہ پاران لک ۾ ڪارڙو تتر خريد ڪرڻ جون مثالن جهڙيون ڳالهيون ڪچهرين ۾ ڳائيجن ٿيون، اتي سانگهڙ ۾ ڊاڪٽر غلام رسول جي پٽ خرم شهزاد پاران 07_2006ع ڌاري ڏيره غازي خان جي خفتين کي، سنڌ جي هڪ وڏي درگاهہ تان سفارشي خط آڻڻ بعد لک ۾، وڏن ٿورن سان وڪرو ڪرڻ جون خبرون بہ دلچسپي سان ڪيون وڃن ٿيون. جهڙي نموني ايراني تتر جي پِڙي سڄي سنڌ ۾ نوابشاهہ، دوڙ واري پِڙي مشهور آهي. اهڙي طرح ڪارڙي تتر جو واپار وري جتي ٻولين جا مقابلا يا ميل ٿيندا آهن، جنهن کي چڪري سڏبو آهي اتي ٿيندو آهي. ڪارڙي تتر جون سنڌ ۾ چڪريون سانگهڙ، سنجهورو، گڙنگ بنگلو، چڪ نمبر 4، دوڙ ماتلي، شادي پلي، پٽ شاهہ ۽ خيبر وچ ۾، راڻيپور، مريد شاهہ ڪشمور وغيره واريون مشهور آهن. ڪارڙي تتر جي ٻولي جي مقابلن ۾ في منٽ ۾ تتر پاران ڪيل ٻولين جو تعداد ڳڻبو آهي. جنهن جا ڪيترائي رائونڊ ٿيندا آهن. جڏهن تہ اڇڙو تتر مادي سان گڏ ٻوليندو آهي، اڪيلو نہ برابر ٻوليندو آهي. اهو ٻولڻ جي مقابلي لائق نہ سمجهبو آهي. جڏهن تہ ايراني تتر جي ويڙهہ جا مقابلا ٿيندا آهن. جنهن ۾ سرهاڙي لڳ ڳوٺ غلام مگسي وارو ميل خفتين ۾ وڏي شهرت رکي ٿو. ايراني جون بہ جنسون ٿينديون آهن. هڪ ڳاڙهو ۽ پيو اڇو. وڙهاڻ وارا خفتي ڳاڙهي کي پسند ڪندا آهن.

11_2010ع واري برسات ۾ ٻوڏن ڪارڙي تتر جي نسلن کي 70/80 سيڪڙو نقصان پهچايو آهي. شڪارين بہ هٿي وڃي هنڌ ڪيو آهي. جنهن سبب هي هاڻ گهٽو ڪري ذاتي رکن ۾ وڃي، ڪنهن حد تائين محفوظ رهيو آهي. باقي جهنگ، ٻيلا ۽ ڪچو هاڻي هن لاءِ قطعاً محفوظ ناهن رهيا. جيتوڻيڪ هن جي شڪار تي پابندي ۽ غير قانوني شڪار کي

15 هزار روپيه ڏنڊ، 6 مهينا ٽيپ يا ٻئي سزائون اچي سگهن ٿيون. پر پوءِ به هن جو شڪار ڏينهون ڏينهن وڌي رهيو آهي. هن جي پالڻ جي في تتر جي لائسنس فيس 200 روپيه سالانه آهي. جيڪڏهن سنڌ حڪومت ڪي ڪارڙو تتر بچائڻو آهي جيڪو هاڻ صوبائي پکي جي درجي ملڻ بعد وڌيڪ توجه جو مستحق آهي ته ان لاءِ هن جي پالڻ جي لائسنس تي فوري طور تي پابندي هئڻ وجي. ڇو جو هن جو غير قانوني شڪار اڪثر ڪري انهن پاليل تترن جي ڪري ئي ٿيندو آهي. ٻيو ته هن جي فيس، ڏنڊ ۽ سزا به گهٽي وڌائي وجي. جيئن ڍاڪو ڪن سال اڳ پنجاب ۾ ڪيو ويو. اتي هاڻ نئوان لائسنس ناهڻ تي پابندي آهي. رڳو پراڻان نئوان ڪيا وڃن ٿا سي به 5 سالن جي گڏ فيس وٺي. اتي ڪارڊ به ناهي، جيئن سنڌ ۾ آهي پر اتي ڪاپي آهي. جيئن سنڌ ۾ 1972ع ۾ وائيلڊ لائيف بورڊ نهڻ کان اڳ ڪاپي هئي، اهو رواج ٻيهر شروع ڪيو وجي. واضع رهي ته 1972ع ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي صاحب وائيلڊ لائيف بورڊ ناهي، جهنگلي جيوت کي وڌائڻ جي ڀهريون ڀيرو سنجيده ڪوشش ڪئي، ان بعد 1994ع ڌاري ڪنزرويٽر مرزا ابرار صاحب جي ڪوشش سان بورڊ، ڊپارٽمينٽ جو درجو حاصل ڪيو.

ڪجهه به هجي پر ڪارڙو تتر واقعي سنڌ جي سونهن آهي ۽ ان کي بچائڻ لاءِ نه صرف حڪومت کي پر عام خفتين کي به گهڻو ڪجهه ڪرڻ جي، ڪافي ڪان وڌيڪ ضرورت آهي. ته جيئن دنيا ۾ ملڪ ۽ سنڌ ٻين ڳالهين سان گڏ ڪارڙي تتر جي سرزمين سبب به سڃاتا وڃن.

***

Gul Hayat Institute

پراڻن وڻن جو وڏجڻ آهي. جو جو جڏهن ڪنهن ڪي رهڻ لاءِ مناسب هنڌ ۽ ماحول ئي نہ ملندو تہ هو ڪٿي ڪيئن رهي سگهندو! مارين پاران هن ڪي چار واري ڏٻ ۾ ڦاسائي، پالڻ وارن شوقينن کي وڪڻڻ بہ آهي . جنهن ۾ عموماً اڪيلو طوطو ئي قيد ڪيو ويندو آهي. جيڪو نسل وڌائڻ جي قابل نہ رهندو آهي. هن کي آزادي موت ئي ڏياريندو آهي. ان کان علاوه پڪڙيل طوطا واپارين وٽان وڪامندي وڪامندي ڪراچي جي صدر ۾ ايمپريس مارڪيٽ پهچندا آهن. جن مان چيو وڃي ٿو تہ ڪجهہ دبئي ۽ ايران واري پاسي ايڪسپورٽ بہ ٿين.(ڪبر بہ ساڳئي طريقي ايران وڃي ٿي.)تہ بيا سرندي وارا، مختلف باسون باسيل يا ثواب ڪمائڻ وارا پئسا ڀري آزاد ڪرائيندا آهن. آزاد ٿيل پکي ڪيڏانهن ٿا وڃن؟ ان تي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. آزاد ڪرايل پکي نہ تہ پنهنجي اصل ماڳ تي ٿا موٽن نہ ئي ڪراچي ۾ سندس ايتري ججهائي نظر ٿي اچي. لڳي ٿو تہ اهي نا مناسب ماحول جي نذر ٿي، آخرڪار موت جي منهن ۾ ئي وڃن ٿا. طوطن کي قيد ڪرڻ ۽ موت جي منهن ۾ موڪلڻ جي موڪل جي فيس، وائلڊ لائيف کاتي پاران رڳو ڇهہ سئو روپيا سالانہ آهي. ڪراچي جي انهي مارڪيٽ ۾ نہ رڳو طوطا پر ڪبرون، جهرڪيون، ڪبوتر، پاريهر، ڳيرا ۽ چيها بہ وڏي تعداد ۾ نہ صرف سنڌ بلڪ پنجاب کان بہ صفا ٿوري اگهہ ۾ خريديل وڪيا وڃن ٿا. مارين کي وڏي ڪبر جا 20/15 روپيا ،ننڍي ڪاري ڪبر جا 6/5 روپيا، جهرڪي جا 5 روپيا، ڪبوتر جي جوڙي جا 60/50 روپيا (سنو ڪبوتر بہ ٽي سئو ٽائين بہ وڪامي) چيهي جا 150/100 روپيا ملن ٿا. جڏهن تہ طوطي جو ٻچو 400/300 روپيا، وڏو پاليل طوطو 3000/2000 هزار روپيا ۽ جهنگلي وڏو طوطو 700/600 روپين ۾ وڪامي ٿو. مارين جي بقول طوطو ميرپورخاص مان (جيڪو باغن جو ضلعو بہ سڏجي) چيهو خيرپور مان (چيهو هڪ گاهہ جو نالو بہ آهي) جهرڪي پنجاب مان ، ڪبرون ۽ ڪبوتر نوابشاهہ مان وڌيڪ ملن ٿا. جڏهن تہ سانگهڙ ۽ نواب شاهہ مان طوطو تقريبا ختم ٿي ويو آهي. ٿرپارڪر، عمرڪوٽ، ڏوري ناري ۽ ڪپري واري پاسي سورج مکي وڌيڪ پوکجڻ ڪري طوطو ان پاسي وڌيڪ ملي ٿو. ريلوي اسٽيشنن وارن شهرن

مان طوطو بسن وارن شهرن جي مقابلي ۾ نسبتا آساني سان ڪراچي ۾ ٻي پاسي منتقل ٿئي ٿو. ڪٻرون، ڪبوتر ۽ جهرڪيون وڏن پڃرن جهڙن ڪريٽن وسيلي، جڏهن ته طوطو عموماً ڪارن ۾ ڪٽبو آهي.

مارين وٽ مختلف پکين جي شڪار ڪرڻ جا وقت، موسمون ۽ هنڌ به مقرر هجن ٿا. مثال طور جهرڪي ۽ ڪٻر سندن ويهڻ واري پن، نڙ ۽ ڪمند مان خاص ڪري سياري جي شروع ۾ پڪڙبو آهي. طوطو سياري جي شروع ۾ ۽ انبڙيون ٿيڻ وقت، سج ايرڻ يا لهڻ کان ڪجھ وقت اڳ ۽ چيهو وونئڻ جي پوکي وقت، پن يا ڪمند وغيره مان پڪڙبو آهي. ماري طوطن لاءِ جتي پاڻ به پيا پر ۾ پچائون ڪندا آهن. اتي سورج مکي پوکيندڙ به کين منٿون ڪري ۽ دعوتون ڏئي طوطو جهلرائيندا آهن. طوطو سورج مکي ۾ سج ايرڻ مهل ولرن ۾ لهي پينگ ڪندو آهي. آبادگار بندوقن جا ٺڪا ڪري ۽ ٽين جا دٻا وڄائي به طوطا اڏائيندا آهن. باغائي طوطي کي ”هوبلو“ چئي ۽ ڪانياٽي ذريعي به اڏائين. طوطي جي ختم ٿيڻ جو الزام ماڻهو مارين تي مڙهين ته مارين وري طوطي جي ختم ٿيڻ جا ڪي ٻيا سبب ٻڌائين. ويهارو سالن کان طوطن جي واپار جو گهرو مشاهدو ڪندڙ هرٽي جي لال بخش ملاح جي بقول، طوطو ڪجھ سال اڳ تيز برساتن، طوفانن ۽ ٻوڏن بعد وڻن تان پاڻي ۾ ڪري مئو. برساتن سبب فصل ختم ٿيڻ ۽ هيٺ پاڻي هجڻ ڪري چوڳو نه ملڻ سبب يا ته مري ويو يا پوءِ جوءِ ڇڏي ويو. ٻيو ته اڳي ملڪ ساريال هو. طوطا ديرن تي پيا ڪائيندا ۽ موج مستيون ڪندا هئا. هاڻ پاڻي گهٽ هجڻ ۽ سارين نه ٿيڻ سبب به هن جو چوڳو ختم ٿيو آهي. ان کان علاوه هي جيئن ته پراڻن وڻن جي پورن ۾ رهندو آهي. ڪجھ سالن کان پراڻن وڻن جي واڍي ۾ تيزي اچڻ يا وڻن پاران عمر پوري ٿيڻ سبب طوطي جي ويهڻ جا هنڌ ۽ ٻچا ڪرڻ وارا کُڏا ختم ٿيڻ ڪري انهن جي نسل ڪشي ٿي آهي يا طوطا ڪنهن ٻي پاسي هليا ويا آهن. جڏهن ته سنڌي انب، سرنهن، ٻير، ڪنڊي جا نوان وڻ هڪ ته پوکجن گهٽ ۽ ٻيو ٿيڻ بعد وڍجيو جلد وڃن، سو انهن سيني سببن ماحول طوطي جي رهڻ کان متي ڪري ڇڏيو آهي. مارين جي بقول ته هاڻ طوطو چار آنا به مس وڃي بچيو آهي. طوطو جيڪو گهٽو

ڪري اڏامڻ مهل يا اڏامندي ٻوليندو آهي ۽ ان جي جواب ۾ ٻيا طوطا ٻه ٻولين سو هتان آخري ڀيرو اڏامندي ”يار زنده صحبت باقي“ چوڻ بدران ميارون ۽ ڏوراپا ڏيندو ويو پر ڪير هن جي ٻولي سمجهي نه سگهيو!

اشرف المخلوقات انسان ته طوطي جي ٻولي سمجهي سگهيو نه ڪري سگهيو. پر طوطو بيزبان هوندي به نه صرف انساني ٻولي سکيو ۽ ڪرڻ لڳو پر ان جا ارادا به سمجهڻ لڳو. ان ڪري ئي شايد طوطي هتان هليو وڃڻ ۾ ئي بهتري سمجهي. انسان جيڪو طوطي کي طوطا چشم چوي، طوطي جي نڪ جي مشابهت به ڏي ته طوطائي رنگ نالو به استعمال ڪري. پاڻ کي ميان منو به سڏائي سو هاڻ پاڻ طوطا چشم بڻجي چڪو آهي. اهو وقت پري ڪونهي جڏهن ڪيس پنهنجو ڪيتو لوڙڻو پوندو ان وقت متان سندس هتان طوطا نه اڏامي وڃن!

مزي جي ڳالهه ته اسان وٽ طوطي جي نسل ڏينهون ڏينهن گهٽجندي هاڻ خطري جي حد تائين وڃي پهتي آهي، پر اسان وارو طوطو دنيا ۾ ٻئي هنڌ پهچي، ڪلوننگ ٿي، اچي ۽ ڦڪي رنگ ۾ تبديل ٿي، اسان جي ملڪ جي وڏن ماڻهن جي ذاتي فارمن ۾ پهچي چڪو آهي. ڳالهه جڏهن ذاتي فارمن جي نڪتي آهي ته اهو ذڪر ڪرڻ به دلچسپي کان خالي نه هوندو ته اسان جي ملڪ ۾ طوطي جا نه صرف عام ماڻهو واپاري آهن، بلڪ هن ڌنڌي ۾ تمام وڏا سياستدان ۽ ڪامورا به ڪنهن کان پوئتي ناهن. ملڪ جي ’سهڻي مُنڊي‘ سڏجندڙ وزيراعظم جي والد صاحب کان وٺي، بيوفا صدر جي موڀي پٽ تائين ڪيترائي نالي وارا ماڻهو توڙي ايمانداري ۾ مثال رکندڙ ڪامورا به هي ڪم ڪري رهيا آهن!!

شاهه صاحب ٻين پکين وانگر چَتون/طوطي کي به هن لفظن ۾ ڳايو آهي.

رُجُنِ ۾ رَڙ ٿِي، ڪَر. چَتُونءَ جي چانگارَ
اِيءَ عِشقَ جِي اُبِڪارَ نَعرو آهي نينهن جو.

(شاهه جو رسالو غلام محمد شاهواڻي، سُر معذوري. داستان ست. بيت نمبر 18)

وڏا وڻ وڻڪار جا، جت چَتون ۾ چِيهَا،
وَرِيَو ڳن وَڻڪارَ ۾، پوليُون بَابِيهار،
ساتي سَنِيهَا وِيلو ڪن نہ وِچ ۾.
(سُر آبري، شاهہ جو گنج، سگهڙ حاجي الهداد جنجهي، داستان چوٿون، بيت 13)

وڏا وڻ وڻڪار جا، جِت چَتُون چانگِارِين،
شِيشَا لال گلاب جا، چَپَر چَاتَارِين،
مَهمِيزون مقيَن جون مَعذور کي مارِين،
واڳون شل وَارِين، ساٿيہ تي سَيد چئي.
(سُر آبري، شاهہ جو گنج، سگهڙ حاجي الهداد جنجهي، داستان چوٿون، بيت 14)

وَڏا وڻ وڻڪار جا، جِت طوطا تَنوارِين،
بانشا بَازُ بَحرِيون، هَمه هُونگارِين،
ڪارِيهضل ۾ قُمريون، جتِ ڪوئِلُون ڪوڪارين،
چوتين چانگارِين، لَوَن لات لطيف چئي.
(سُر آبري، شاهہ جو گنج، سگهڙ حاجي الهداد جنجهي، داستان چوٿون، بيت 15)

رُڃن مَ رَڙ تي، ڪَرَ چتو جِي چَانگار،
اِي عشق جا هُبُڪار، ماٺهوءَ رَکن مُنڌ تي.
(سُر معذور، شاهہ جو گنج، سگهڙ حاجي الهداد جنجهي، داستان پنجون، بيت 17)

شاعرن پاران قاصد پکي طور ڳايل، اَمن جو پکي: ڪبوتر پکي تہ ڪيترائي ئي آهن ۽ انهن جون خاصيتون ۽ خوبيون بہ ڪهڙيون ڳڻائي ڪهڙيون ڳڻائجن، پر ڪبوتر جي ڳالهہ ئي نرالي آهي! خفتين جي بقول تہ جڏهن حضرت نوح نبي جي وقت ۾ آيل طوفان بعد

Gul Hayat Institute

جهڙوڪر دنيا جي ٻيهر شروعات ٿي ۽ ان دؤران حضرت نوح جي ٻاهيل ٻيڙي ۾ هر نسل ۽ جنس جي هڪ هڪ جوڙيءَ کي ويهاري، ان جي نسل بچائي وئي، ان وقت انهيءَ پاڻي واري طوفان دؤران ڪبوتر کي ئي حڪم مليو ۽ قابلِ اعتبار سمجهي يا ان جي اڏام واري وقت کي ڏسندي اماڻيو ويو ته وڃي ڏسي اچ ته ڪٿي ڪا خشڪ زمين آهي ۽ طوفان جو زور ٽٽو به آهي يا نه!! حڪم موجب ڪبوتر ويو ۽ جڏهن موٽي آيو ته ان جي پيرن کي مٽي لڳل هئي، جنهن کي ڏسي سمجهيو ويو ته طوفان واري آفت ختم ٿي چڪي آهي.

دنيا ۾ ايڪو سسٽم جي ڳالهه ڪندي چيو ويندو آهي ته هتي جي هر جاندار/ساهه واري جو جياپو ٻئي ساهه واري تي آهي. مطلب ته هڪ ساهه وارو ڪنهن نه ڪنهن ريت ٻئي ساهه واري جي غذا بڻجي ٿو. پر خفتين جي بقول ته ڪبوتر ئي اهو واحد جاندار پکي آهي، جنهن کي ٻيا ته ڪيترا ئي ساهه وارا کائين ٿا پر هو پاڻ ڪيڙي ماڪوڙي کان وٺي، ٻئي ڪنهن به حشريات يا ساهه واري کي نٿو کائي! ڪبوتر جي هن خاصيت سبب ايڪو سسٽم جي ماهرين کي به جهڙوڪر ڏندين آڱريون اچيو وڃن! ۽ هو به هن کي امن جو پکي چوڻ تي مجبور ٿيو وڃن.

پالڻ جي تاريخ: جتي ڪبوتر جي پالڻ جي تاريخ ڪافي پراڻي آهي، اُتي ڪبوتر جي حوالي سان بزرگن وٽان به ڪافي روايتون ملن ٿيون. چون ٿا ته ڪنهن بزرگ کي هڪ ماڻهو پنهنجي اڪيلائي بابت ٻڌايو ته کيس چيو ويو ته ڪبوتر جو جوڙو وڃي پال ته سندس اڪيلائي ختم ٿي ويندي. هڪ ٻي روايت مطابق ڪو ماڻهو ڪبوتر جي پٺيان ڀڄو ٿي ويو ته هڪ بزرگ شخصيت فرمايو، شيطان جي پٺيان شيطان ڀڄو ٿو وڃي! خفتين جي بقول ته بِرصغير ۾ ڪبوتر پالڻ جي شروعات مغل بادشاهه اڪبر جي دور کان ٿي ۽ سڀ کان پهرين هُن ئي ڪبوتر پاليا. جيڪي کيس مختلف مغربي ملڪن مان تحفي ۾ مليا هئا. پر اڪبر بادشاهه جو ڪبوتر ڪنهن پاسي هليو ويندو هو ته هو ان کي پڪڙائي واپس آڻيندو هو. ائين ان دور ۾ ڪبوتر رڳو اڪبر بادشاهه جا ئي پاليل هوندا هئا. ڪائنس پوءِ سليم بادشاهه اهو رواج ٽوڙيو ۽ ويل ڪبوتر وري واپس نه ورتا. ائين

هندستان ۾ ڪبوتر پکڙيا. اڄ بہ خفتين وٽ آسمان ۾ عام متي اڏامندڙ ڪبوتر کي ڪابلي ڪبوتر سڏيو ويندو آهي، جيڪو شايد اڪبر کي باهران ڪبوتر ملڻ جي ڪري هجي. سنڌ ۾ پاڪستان ۾ 47 کان پوءِ ڪبوتر پالڻ جو رواج وڌيڪ پيو. خفتين جي بقول تہ ان دوران آيل، پاڻ سان گڏ ڪبوتر بہ کڻي آيا. جن ۾ اڪثريت آسماني/ڪابلي ۽ پٽي وارن قسمن جا هئا.

ڪبوتر جا نسل/قسم :ڪبوترن جا 70/80 نسل/قسم چيا وڃن ٿا. جڏهن تہ خفتين جي بقول برِصغير، پاڪستان ۽ سنڌ ۾ هنن جا 20/25 نسل آهن. جن ۾ پٽي وارا، ڪابلي، ڪراس، ريسر/پيغام رساني وارا، لَقا، غباره، ڪُمرا (ڳيري جي نسل مان ڪراس ٿيل) ٽُڪڙي وارا وغيره شامل آهن.

پٽي وارا: هي ڪبوتر هيٺ هلندا يا اُڏامندا آهن ۽ ايترو گهڻو اوچائي تي نہ ويندا آهن. هن ۾ مختلف رنگ ٿيندا آهن. جنهن جا ٻئي پر اڇا هجن، سنڌ ۾ انهن کي دوباز ۽ پنجاب ۾ ڊبا سڏبو آهي. هنن ۾ موتي بہ هوندا آهن، جيڪي صفا اڇا هجن ٿا. جن ۾ ڪن جون اکيون اڇيون، ڪن جون ڦڪيون، تہ ڪن جون وري ڪاريون هجن ٿيون. ڦڪين اکين واري جي ڇهنب گهڻو ڪري ڪاري ۽ ڪارين اکين واري جي ڇهنب اڪثر ڪري اڇي هوندي آهي. پٽي وارن ۾ نيرا/هَرا ڪبوتر بہ هوندا آهن، جيڪي پاريهل جهڙا هجن ٿا. هنن ۾ ڳاڙها بہ هجن ٿا، جن کي لال بہ سڏبو آهي. هن نسل ۾ تقريباً سڀ رنگ هجن ٿا. بنيادي طرح تہ ٽي رنگ هجن ٿا، جن ۾ اڇو ڪارو ۽ ڳاڙهو شامل آهن، جن مان باقي ٻيا سيئي رنگ ٺهن ٿا.

Gul Hayat Institute

آسماني/ڪابلي:هن نسل ۾ بہ مختلف رنگ ٿين ٿا. جن ۾ گولڊن، ٽيڊي، سيالڪوٽي، پينٽيس وارا (پنجتيها) ۽ ڇابدار شامل آهن. هي تمام گهڻو متي اڏامندا آهن، ايترو جو اڪثر ڪري ماڻهن جي نظرن کان بہ اوجهل ٿي ويندا آهن. ڪابلين ۾ وري سڀ کان سٺا قصور جا سمجهيا آهن. چون ٿا تہ هِتي شروع ۾ ڪبوتر انڊيا مان قصور ۾ آيا هئا. هنن جي اُڏام/پرواز سٺي هوندي آهي.

ريسر: هي بہ سنا سمجهيا آهن ۽ چار/پنج سئو ڪلوميٽر کان بہ واپس مالڪ جي گهر يا اڏي تي پهچي ويندا آهن. انڪري ڪبوترن جي ريس لڳائيندڙ يا ڪبوترن کي اُڏائي مقابلا ڪندڙ هن نسل کي پسند ڪندا آهن.

لقا: هي شوپيس سنا آهن، پڇ مٿي ڪري، ڪنڌ سان ملائي چڏيندا آهن. خوبصورت آهن. ان ڪري پالڻ لاءِ سنا آهن.

غباره: انهن جون ڳُجيون وڏيون هجڻ سبب کين غباره سڏبو آهي. هي بہ فينسي ڪبوتر هجڻ ڪري پالڻ ۾ سُنا آهن ۽ خفتي هنن کي ڏسي ڏسي پيا خوش ٿيندا آهن. سائيز ۽ قد بت ۾ هي نسل سڀ کان وڏي هوندي آهي.

ڪُمرا: هي نسل اڇي وڏي ٻيري جي ڪراس هوندي آهي. جنهن ۾ ڪبوتر ۽ ٻيرو ٻئي نر يا مادي تي سگهن ٿا. هنن جو رنگ اڇو، اکيون ڪاريون ۽ قد بت جا ننڍا هوندا آهن. سعودي ۾ اهو نسل وڏيڪ چيو وڃي ٿو ۽ اُتي پيا نہ برابر آهن. سائيز ۽ قد بت ۾ هي نسل سڀ کان ننڍي هوندي آهي.

ٽُڪڙي وارا/سيتي وارا: هنن کي مٿي اڏامندي سيٽي ذريعي هيٺ لاهي سگهبو آهي. هي گڏ ۽ ولر ۾ اڏامندا آهن، الڳ الڳ نہ.

ڪاڌو: ڪبوتر جي ڪاڌي ۾ هر قسم جو اَن شامل آهي. جنهن ۾ ٻاجهري، توريو، دال، چڻا، تِر، ڪڻڪ وغيره اچي وڃن ٿا. چانور کائڻ سان هن کي پيٽ ۾ ڪيڙا پئجي سگهن ٿا. جڏهن تہ اڏامڻ وارن ڪبوترن کي خفتي تياري ۾ بادام، ٻُسري/چوري، مختلف قسمن جا خميرا کارائيندا آهن. وڏيڪ شوقين تہ اهڙن ڪبوترن کي سچا موتي ۽ سوني جا ورق بہ کارائيندا آهن تہ طاقت واريون دوائون بہ ڏيندا آهن.

ڪبوترن جي خاصيت: هر پکي ڪنهن نہ ڪنهن ساهہ واري کي کائي ۽ ماري ٿو. پر هي واحد پکي آهي، جيڪو ڪنهن بہ ساهہ واري کي نٿو کائي. ان ڪري هن کي مظلوم پکي بہ سڏبو آهي تہ امن جو پکي بہ. هن کي ٻلو، باز، ڪتو ۽ نور مارين ۽ کائن ٿا. جڏهن تہ نانگ هن کي ماريندو آهي ۽ ڪانو هن جا ٻچا کڻي ويندو آهي.

Gul Hayat Institute

مزاج/عادتون: هنن ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪاوڙ ۽ غصو بلڪل ناهي هوندو ان لحاظ کان هي صفا معصوم هوندا آهن. هي پاڻ ۾ رڳو ان وقت ڪجهہ آڪرا ۽ گرم ٿيندا آهن جڏهن ڪو بيو ڪبوتر سندن ويهڻ واري مخصوص هنڌ تي اچي وئي رهي. پر هن جي فطرت ۾ عام طور تي وڙهڻ ناهي هوندو.

چوٽيون/پهاڪا: عام طور تي ڪنهن پاڙئي پُٽي لاءِ چئبو آهي، "ڪبوتر وانگر متيءَ ۾ منهن وجهڻ". چئبو آهي تہ ڪبوتر خطرو ڏسي، منهن متي ۾ هڻي سمجهندو آهي تہ خطرو ٽري ويو آهي. پر اها ڳالهہ خفتين کي گهٽي پسند ڪونهين.

هي هڪ وفادار پکي آهي، جيڪو اڏي جو پڪو ٿيڻ بعد مالڪ ۽ اڏي کي ناهي ڇڏيندو ۽ سوين ڪلوميٽرن تان بہ واپس مالڪ وٽ پهچي ويندو آهي. هن جي پرواز جيتري، ڪنهن ٻئي پکي جي پرواز ناهي هوندي.

سانگهڙ جي نالي واري ڪبوتر باز حاجي حُسين علي نظاماڻي جي ماتلي جي شاگرد زاهد نظاماڻي جي پٽي نسل واري ڪبوتري، 10 جنوري 2016 تي، 28 ڪلاڪ 46 منٽ اڏامي، ورلڊ رڪارڊ قائم ڪيو. جنهن جي تصديق ۽ رپورٽنگ لاءِ گجرات پنجاب مان ڪبوترن جي حوالي سان نڪرندڙ مشهور ميگزين 'پيجن اسپورٽس' جو باني ۽ سينئر ايڊيٽر لالا عبدالماجد اعوان پاڻ آيو ۽ فيبروري 2016 جي شماري ۾ ان بابت فوٽو ۽ تفصيل ڏنا. نظاماڻي صاحب جي بقول تہ هن کان اڳ اهو رڪارڊ آمريڪا ۾ 22 ڪلاڪن جو هو. جڏهن تہ عام طور تي پٽي وارو ڪبوتر سرديءَ ۾ 13/14 ڪلاڪ ۽ گرميءَ ۾ 9/10 ڪلاڪن تائين اڏامندا آهن. حاجي صاحب وارا 2010ع ڌاري ڪراچي ۽ ابو ظهبي جو ٽورنامنٽ بہ ڪرائي چڪا آهن.

عمر: خفتين جي بقول تہ ڪبوتر جي عمر 20/25 سال ٿيو وڃي ٿي.

بيماريون: هن کي راڻي کيت، بخار/سوڪهڙو زڪام، زهر باز بہ ٿئي ٿو هن جا گردا بہ ختم ٿي ويندا آهن ۽ هن کي ڦڦڙن جي بيماري بہ

ٽيندي آهي. ڪبوترن جون اکيون به خراب ٿي وينديون آهن ته هنن جي آنڊن ۾ ڪيڙا به پئجي ويندا آهن. بيمارين جي علاج طور ميڊيڪل توڙي طب وارو علاج ڪيو ويجي ٿو.

نسل جي واڌ ويجهه: هنئن ته ڪبوتر سڄو سال آنا ۽ ٻچا ڪندا رهندا آهن، پر برسات جي موسم ۾ آنا ٻچا گهٽ ڪندا آهن. هي 20/22 ڏينهن آري تي ويهي، ڏيڍ مهيني ۾ ٻچا تيار ڪن ٿا. ۽ ٻن مهينن جي وقفي بعد هي وري آنا ٻچا ڪندا آهن. ان لحاظ سان ڪبوتر سال ۾ 5/6 پيرا آنا ٻچا ڪندا آهن. هنن جي آنن جو تعداد ٻه هوندو آهي. پوڙهي ڪبوتري ڪڏهن ڪڏهن هڪ بيدو به لاهي وٺندي آهي. بيدو هڪ ڏينهن ڇڏي، ٻه ڏينهن، وقفي سان لاهيندي آهي. ڪبوتر جوڙي ۾ رهندا آهن، آري تي ٻه نر ۽ مادي ٻئي وهندا آهن ۽ ٻچا پالڻ جو ذمو به ٻنهي جو هوندو آهي. ٻچو 6 مهينن ۾ آنن/ٻچن لائق ٿئي ٿو. جڏهن ته ٻچا چڳڻ لائق، ڏيڍ مهيني ۾ ٿيندا آهن. ڪبوتري لڳ جي 8/10 ڏينهن بعد بيدا لاهيندي آهي.

عمر جي حساب سان نالا: ننڍي ڪبوتر کي ٻچو، جوان ٿيڻ تي پنو ۽ پوءِ ڪبوتر سڏبو آهي. خفتين وٽ هن جا نالا ڪلين جي حساب سان هوندا آهن. هنن جا هڪڙي پاسي جا ڪل ويهه کن پَر هوندا آهن. جن ۾ اهم پَر، ڏهه کان ٻارنهن هوندا آهن، جن کي ڪليون سڏبو آهي. جيڪي اڏامڻ ۾ ڪم ايندا آهن. خفتي ستين ڪلين تائين واري ڪبوتر کي ٻچو ڏهين ڪلين ڪيڻ تائين پنو ۽ ڏهين ڪلين پوري ڪرڻ بعد ڪبوتر سڏيندا آهن. اڏامڻ وارن (ڪابيلن جا) عام طور تي 12 کان 14 پَر هوندا آهن، پر گهڻو ڪري 12 هوندا آهن.

پاريهر ۽ ڪبوتر ۾ فرق: پاريهر به ڪبوتر جهڙو ئي هوندو آهي پر ان جو گهڻو ڪري هڪڙو ئي ڪارو/سائو رنگ هوندو آهي، جيڪو جهنگلي ۽ آزاد هوندو آهي. پاريهر کي قبرستانن، مزارن ۽ ويرانن جو ڪبوتر به سڏبو آهي. مزارن تي ٻيا پکي ته نه برابر، پر اڪثر ڪري پاريهر وڏيڪ تعداد ۾ ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪبوتر به ڏسڻ ۾ ايندا آهن. جڏهن ته ڪبوتر ماڻهن سان هري مري ويجي ٿو ۽ گهرن ۾ رهي ٿو. پاريهر توڙي ڪبوتر جو گوشت فالج جي بيماري ۾ استعمال ڪيو ويجي ٿو ڇو جو هن

جو گوشت گرم هوندو آهي. مزي جي ڳالهه ته ڪبوتر حلال هجڻ باوجود نه برابر کاڌو ويجي ٿو!

ڪبوترن بابت شاعري: ڪبوترن جي حوالي سان تقريباً سڀني ٻولين ۾ شاعري موجود آهي، پر پنجابي ۾ هن تي ڪوڙ سارا ڪلام ٺهيل آهن. شاهه صاحب به پنهنجي ڪلام ۾ ڪبوتر کي هن ريت ڳايو آهي:

پِرِهَ پَکي آئِيو ڪَربَلا مان گهي،
روضي پاسِ رَسولَ جي، تَنهِن هلي هاڪَ هَنئي،
"ڏِنيَمِ رُڪَ رُئي، ڇَرِهُ، مِيرَ مُحَمدَ عَرَبي!"

نوٽ: هن بيت ۾ شاهه صاحب جي لفظ پکي مان مراد ڪبوتر پکي آهي.

(سُر ڪيڏارو ڪلياڻ آڏواڻي. داستان چوٿون. بيت نمبر 6)

قيمت: ڪبوتر جي قيمت عام طور تي پڙيءَ ۾ ٻه ٽي سئو ۾ جوڙي کان وٺي، خفتين وٽ لک کان چار لک تائين به هوندي آهي.

سٺي ڪبوتر جون خاصيتون: خفتين وٽ اڳڀامجڻ لاءِ ڪبوتر ۾ ڪجه خاصيتن جو هجڻ لازمي آهي، ۽ انهن خاصيتن وارا ڪبوتر سٺا ڪبوتر ليکيا ويندا آهن. سٺي ڪبوتر جا پَرَ، پُڇ تائين هجڻ کپن. سيني واري هڏي، وڏي هجي، ڳچي سنهي، اک ۾ ڳاڙها يا ڪارا ڪجهه هلڪا ذرات هجن ته اهڙو ڪبوتر خفتين جي نظر ۾ اهو سٺو سمجهيو ويندو آهي. جڏهن ته حاجي صاحب جي بقول ته ڪبوتر جي اک ۾ سياڻ (گهر جي /اڏي جي سڃاڻپ)، سيني ۾ سختي ۽ پَرن ۾ پرواز هجي ته اهو سٺو ڪبوتر هوندو آهي.

سنڌ ۾ 'ڪبوترا' هڪ ذات به رهي آهي، جيڪا ڪرتب ڏيکارڻ/جمناسٽڪ جي حوالي سان مشهور هوندي هئي، پر جديد دور جي ٿيٽر اچڻ بعد انهن جي اهميت گهٽجڻ سبب ۽ ٻين ڪيترن ئي سماجي ۽ معاشي مسئلن سبب هاڻ اها ذات نالي ماتر ئي وڃي بچي آهي.

ڪبوتر بطور قاصد: عام طور تي شاعر ڪبوتر کي قاصد بڻائي، محبوبن ڏانهن نيهن نيا يا پهچائڻ جي حوالي سان شاعري ڪندا رهندا

آهن. جنهن سان عام ماڻهن ۾ اها غلط فهمي پيدا ٿيل آهي ته، جهڙو ڪر ڪبوتر کي جيڪو به خط ڏبو ايڊريس سمجهائبي ۽ ڏس پتو ڏبو ته هو، اُتي وڃي ڪوريئر سروس وانگر اهو خط اُتي پهچائي ايندو. جڏهن ته حقيقت ۾ ائين نٿو هجي. ڪبوتر کان قاصد وارو ڪم وٺڻ لاءِ، ان کي مالڪ جي گهر/اڏي کان ڪجهه پري ڇڏي اچبو آهي ۽ هو واپس اڏي تي پهچي ويندو آهي. اهو سلسو آهستي آهستي وڌائي، ڪبوتر جو اڏي کان مفاصلو وڌائبو ويجبو آهي. ۽ پوءِ اُتان ڇڏيل ڪبوتر جنهن جي ڳچي يا پير وغيره ۾ ڪو ڪاغذ، خط، نشاني يا ڪو ڪوڊ ورڊ غيره هوندو آهي، اهو ان مفاصلي تان اُڏامي مالڪ يا اڏي تائين اهو نياپو پهچائيندو آهي. نه ڪي ڪبوتر کي ڪيڏانهن به اُماڻبو ته اهو اتي وڃي پيغام پهچائي ايندو.

بهرحال ڪبوتر انهن پکين ۾ ضرور شمار ٿئي ٿو جن کي ڏسي ٻار توڙي ٻيا هڪ جيترو دل وندرائين ٿا ۽ ان جي خوبصورتي ڏسي خوش ٿين ٿا. ماڻهن کي وندرائڻ واري اها خاصيت ذري گهٽ سيني پکين ۾ هجي ٿي، پر شرط اها آهي ته اسان ۾ پکين کي انهيءَ انداز سان ڏسڻ جي اها اک به هجي ۽ اوتري فرصت به! جيڪڏهن مصيبتن ۽ پريشانن جو ماريل يا اڪيلائي جو شڪار ڪو ماڻهو پکين ۽ جانورن کي انهيءَ نظر سان ڏسي ته هن جي اڪيلائي ضرور ختم ٿي سگهي ٿي. ۽ پکين جو هڪ وڏيڪ ڪارج به سمجهه ۾ اچي سگهي ٿو!

---

راوي

- حاجي حُسين علي نظاماڻي، سانگهڙ

# مور

## پنائيءَ پاران شڪاري پکي طور ڳايل

***فلمون*** ڏسڻ جي هيراڪن لاءِ هي ڳالهه يقيناً حيران ڪندڙ هوندي تہ جتي فلمن ۾ گهڻو ڪري هيروئن ڊانس ڪري، هيرو ڪي پاڻ ڏانهن متوجہ ڪرڻ جي ڪندي آهي، اتي پکين جي دنيا ۾ واحد مذڪر پکي مور آهي، جيڪو ناچ ڪري پنهنجي هيروئن ’ڍيل‘ ڪي پاڻ ڏانهن متوجہ ڪندو آهي! گهڻو ڪري پکي پکڻ توڙي جانورن ۾ نر مادي ڪي ساڳين، پر مذڪر مونث نموني نالن سان سڏيوويندو آهي، پر تاڙي ۽ ڪوئل، پاڏي/سان ۽ مينهن، ڳابي/ ڍڳي ۽ ڳئون وانگر، مور جي مادي بہ صفا ٻئي نالي ’ڍيل‘ سان سڏجي ٿي. پنائي سرڪار پاران پورو سُر ’ڪارايل‘ مورنالي ڪرڻ سان. (ڪن رسالي موجب ڪندڙ ڪارايل مان مراد هنج پکي بہ آهي) جتي مور جي اهميت جو اندازو ڪري سگهجي ٿو اتي محفل جو مور، مور مڙس، جهڙين تشبيهن سان بہ مور جي اهميت جي خبر پوي ٿي. ساڳئي وقت ”مور ٿو تلي راٺا“ جهڙن لوڪ گيتن ڪان وٺي، جديد دور جي شاعرن جي شاعريءَ ”منهنجو سجڻ سائين زور آ، جڻ ڪارونجهر تي مور آ“ تائين، مور هميشہ شاعرن ڪي پاڻ ڏنهن متوجہ ڪندو رهيو آهي. پکين ۾ ديوتا ۽ شهنشاهہ پکي طور سڃاڻپ رکندڙ مور بين، حسينن ۽ خوبصورت مُورتين وانگي حد درجي جو حساس هوندي بہ ڪن جاين تي بين حسينن وانگر اُتي وار ڪندو آهي، جتي ٻيا پڃڻ جي ڪندا آهن! نانگ پلي کهڙو بہ ڪٽي خطرناڪ چونہ هجي، پر مور جو ان سان نينهن جي ناتي وانگر، ازل جي دشمني هوندي آهي. مور نانگ کي چنبن ذريعي ٻُچ مان ٻڪڙي، مٿي اڏامي وري جڏهن نانگ کي هيٺ

(شاهه جو رسالو غلام محمد شاهواڻي، سُر ڪارايل، داستان ٻـ، بيت نمبر 2)

يا وري سر ڪارايل جي وائي ۾ چوي ٿو تہ:

لک سينءَ للو پتو ڪوڙي راند، ڪوڙو چٽڪو
لنيو جيئن لامن چڙهين، ڪريو ڪارايل ڪٽڪو
ڪوڙي راند، ڪوڙو چٽڪو

(شاهه جو رسالو غلام محمد شاهواڻي، سُر ڪارايل، داستان ٻہ، وائي)

مور جي اڏامر جو مشاهدو ڪندي ڀٽائي چوي ٿو تہ:

ولاڙيو وڻين چڙهي ڏيو پتولي لانگ،
تاري تاري چانگ، سسئي مور ٻچن جيئن.

(شاهه جو رسالو غلام محمد شاهواڻي، سُر مغذوري، داستان ست، بيت نمبر 13)

ڪارايل مياس، وَڻ چَڙهيو وايُون ڪري،
ڪِ تو پڻ چَورياس، مون پُڻ سَجڻ سَرايا.

(سُر ڪارايل، شاهه جو گنج، سگهڙ حاجي الهداد جنجهي، داستان ٻيو، بيت 1)

ڪارايل جي ڳوڙَ، مُون ڪِينجهَر سَيَ نِهاريو،
وري واهِيرِي، نہ وَريا، جَني لاڪِيڙِي لوڙَ،
هيَئين جنهن سين هَوڏَ سِي، هَنجه ئِي هَلي ويا.

(سُر ڪارايل، شاهه جو گنج، سگهڙ حاجي الهداد جنجهي، داستان ٻيو بيت 2)

ويا مور مري، هَنجهہ نہ رَهيو هِيڪڙو،
وطن تيو وري، ڪوڙن ڪانئيرن جو.

(سُر ڪارايل، شاهه جو گنج، سگهڙ حاجي الهداد جنجهي، داستان ٻيو بيت 13)

ٻچن کي چڳائي، يا سنڌي مائرن جي اڪثريت وانگر جي ٻنيادي خالصتاً ڍيل جي ئي نموني هوندي آهي. مور ان ڪم ۾ هٿ ڪونه وجهي ڪل پنجن کان انن تائين، روزانو بيدو ڏيندڙ ڍيل ايڪيهن ڏينهن ۾ آرو مڪمل ڪندي آهي. ٽري ماٺهو ڍيل بجاءِ ٻاجهري جي داڻن ۾ به آنو رکي چڏيندا آهن. جيڪپ پڻ مقرر وقت تي ڦٽي پوندو آهي. ان کان علاوه ڪڪڙ هيٺ به مور جا آنا رکيا آهن. ڍيل جو آنو ڪڪڙجي آني کان وڏو بلڪ شايد مقامي پکين مان سڀ کان وڏو ٿئي ٿو. عجيب ڳالهه اها به آهي. ته مور جو گوشت نه کاڌو ويندو آهي پر بيدو کائڻ جي شايد ئي ڪو شاهدي ڏيندو! مور/ ڍيل جو گوشت ڪڪڙ کان ڪجهه ڪسو ٿيندو آهي/ ڍيل گهڻو ڪري ماڻهن کان پري 'مرت' جي ٻوٽن يا ڪٻڙن ۾ آنا ڪندي آهي. مور سال جي عمر ۾ جوان ٿي لڳ ڪرڻ جهڙو ٿي ويندو آهي. لڳ جي عمر گهڻو ڪري ساوڻ جي برسات کان ڪجهه اڳ شروع ٿي ويندي آهي. مور هوئڻن ته اڪثر موج مستي يا خوشي ۾ 'کيڙ' ڪندو آهي. (مور پاران پَر پکيڙڻ جي عمل کي مقامي ٻولي ۾ 'کيڙ' سڏبو آهي) پر لڳ جي موسم ۾ ڍيل کي پاڻ ڏانهن متوجهه ڪرڻ لاءِ ڪجهه وڌيڪ ئي ڪوشش ڪندو آهي. کيڙ دوران به چاري ڍيلون سندس آس پاس ڦرنديون آهن. مور کيڙ ڪنهن به وقت ڪري سگهي ٿو. جنهن دوران هو ڪلاڪ کن تائين، وقفي وقفي سان کيڙ ڪندو رهندو آهي. ذڪر واري سال مور جا آنا ۽ ٻچا گهٽ ئي نظر ايندا آهن. مور جتي نانگ جو دشمن آهي، تي ٽري ڪانو وري مور جي آنن جو ۽ بحري باز وري خود مور جو وڏو دشمن آهي. باز. مور/ ڍيل کي چنبي سان ماري کائيندو آهي. مور تمام حساس پکي هجڻ سبب باز جي جهٽ جي سٽ گهٽ ئي سهي سگهندو آهي. باز کين ويتي ٿوڙي اڏامڻ مهل ڊوڙائي ماريندو آهي. ڍيل ٻچن کي چڳائڻ مهل مسلسل آواز ڪندي رهندي آهي، جنهن جو جواب ٻچا کيس سيٽي جهڙئي آواز سان ڏيندا آهن. آواز جو اهو سلسلو جتي مور جي دشمن کي سندن ڏس پتو ڏيندو آهي، اتي ڍيل ۽ ٻچن جي پاڻ ۾ رابطي جو به ذريعو هوندو آهي. ڍيلون ۽ مور چڳندا گهڻو ڪري پنهنجي منهن آهن. پر گهمندا گڏ آهن! هنن جو چوڳو نانگن کان علاوه تڏ، جيت، اَن، داڻا، چيڙ، گدرا ۽ ڇانهيون وغيره هوندا آهن.

ميربهر تہ سنڌ جي لوڪ داستانن ۾ اهم حيثيت رکي ٿو.

سنڌ جي اوائلي ساز چنگ جو پوررويا اصلي نالو بہ‘ ور چنگ’ٿي چيو وڃي ٿو. اهڙي طرح موسيقي جي دنيا ۾ ايڪيھہ راڳڻين ۾ هڪ ’مور چنار‘ راڳڻي بہ آهي. جيڪڏهن انهن مورخہ ۽ لفظن تي ڌيان ڏني تہ کهڙي خبر. انهن جو بڻ بڻياد بہ ڪٿي مور سان نہ وڃي ملي. ان کان علاوه ’مور‘نالي مڇي، جنهن تي گيت بہ نهيل آهي. مڇي، مور مڇي! يا پوءِ ’مور منگ‘ مڇي يا درياءَ جي هڪ جناور جو قسم جا نالا بہ کهڙي خبر مورڙي نالي پنيان نہ پيل هجن!

جتي مور شاعري ۾ استعمال ٿيل آهي مور مطعلق اتي ڪيتريئون تشبيهون ۽ چوڻيون بہ مشهور آهن. ”جنگل ۾ مور ناچا ڪس ني ديکا“ يا ”آهين بہ مور“، ”محفل جو مور مڙس“، ”ويا موري مري“ وغيره. مور جي باري ۾ ڪيتريون اهڙيون ڳالهيون بہ مشهور آهن، جن جو شايد حقيقت سان ڪو تعلق ناهي. مثال طور مور لاءِ چئجي ٿو تہ هو جڏهن پر وکيڙي ناچ ڪندو آهي، تہ نچندي نچندي جڏهن سندس نظر پنهنجن پيرن تي پوندي اٿس تہ ڏک وچان روئي پوندو آهي! روئڻ مهل سندس پير ۾ موجود ڊيل اُهي لڙڪ جهٽي وٺندي آهي، جنهن بعد هو آنن جي لائق ٿيندي آهي. جڏهن تہ ڪيترائي ماڻهو انهيءَ ڳالهہ کان انڪاري هوندي چون ٿا تہ انهن مور ۽ ڊيل جو ڪڪڙ وانگر لڳ ٿيندي پاڻ ڏٺو آهي. رهي اها ڳالهہ ڪرڻ بہ دلچسپيءَ کان خالي نہ هوندو تہ ڪانو کي لڳ ڪندي شايد ئي ڪنهن ڏٺوهجي! ڪن روايتن مطابق مور جا پير، ڪبوتر کي مليا/لڳي ويا ۽ ڪبوتر جا پير وري مور کي لڳي ويا!

شايد قدرت هر شئي ۾ ڪا نہ ڪا ڪمي رکي ٿي ۽ مور ۾ پيرن واري ڪمي رکي وئي آهي، نہ تہ مور جو پنهنجي سونهن جي ڪري ماڳهين دماغ خراب ٿي وڃي ها!

ننگر پارڪر پرسان ڳوٺ ڏابو سمان جو لوڪ ڏاهپ جي ماهر، استاد سڪندر سمي جنهن جي گهر جي چوئنرن تي ڪنهن وقت مورن جا ولر ڏسبا هئا, سو چوي ٿو تہ هاڻ مور سٺ ستر سيڪڙو گهٽجي ويو آهي. جنهن جا سبب برساتون گهٽ پوڻ ڪري، هڪ تہ مور جا آنا بيدا نہ ڪرڻ

يا گهٽ ڪرڻ آهي ۽ ٻيو ته ڏڪار سبب مورن کي کاڌو خوراڪ نه ملڻ سبب، ان جي واڌ ويجهه تي به اثر پئون ٿا. ان کان علاوه وڻن جي واڍي به ملڪ کي اڇو پوڻو ڪري ڇڏيو آهي. ان ڪري مور کي پڪڙڻ ۾ آساني ٿي پئي آهي. اڳي وڻن جي وڏيڪ هئڻ ڪري، هڪ ته مور کي لِڪ ۾ آساني ٿيندي هئي، ٻيو هڪ وڻ کان ٻئي تي ويهي ڪجهه ساهه پٽي وري اڏامڻ جهڙو ٿي پوندو هو پر هاڻ ملڪ پوڻو ٿيڻ سبب هن کي ڊوڙائي جهلڻ آسان ٿي پيو آهي. مور پالڻ شوق ۾ جي، اضافي سبب ۽ قانون جي حڪمراني ڪمزور ٿيڻ ڪري هر ڪو مور جا آنا يا ٻچا ڪنيو وڃي. مور جيئن ته ڏاڍو حساس پکي آهي، ان ڪري ان جا ٻچا اڪثر پڪڙجڻ بعد هيان ڦاٽن سبب مريو وڃن يا جتي ڪٽي وڃبا آهن. اتي گهربل ماحول نه ملڻ سبب مريو وڃن. مور کي پڪڙڻ دوران به ڪري مور، ڊوڙائڻ دوران مريو وڃن. مورن جي گهٽتائي جو هڪ سبب 'ڊول سپاهين' پارا آنا ۽ ٻچا ۽ مور ٽر مان ڪٽي وڃڻ سان گڏ ٽر ۾ ناهيل فائر رينج به آهن. جن ۾ بندوقن جي نڪائن تي هڪ ته مور مريو وڃن ۽ ٻيا اتان ڀڄي جان بچائين. ان کان علاوه بجلي جي تارن به مور جي نسل ڪشي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي.

ننگر پارڪر ۾ مور جو بيدو پنج سو تائين به ڪيپي ٿو. جڏهن ته ٻچن جي جوڙي پنج هزارن تائين به وڪامي. مورن جهلڻ جو ڪم اڳي ته ڪولهي وڏيڪ ڪندا هئا، پر هاڻ بک ۽ پئسي جي حوس ۾ هر ڪو انهيءَ ڪم ۾ ڪاهي پيو آهي! ڪولهين پاران وڏيڪ مور جهلڻ جو سبب اهو ٻڌايو وڃي ٿو ته ڪولهي بي ڊپا هجن ٿا، شايد هو سخت به هجن ٿا. نه ته جيڪڏهن ڪو ماٺهو ڊيل کي ٻچي ڪجڻ بعد هڪ پيرو به دانهون ڪندي ٻڌي وٺي، ته شايد پوءِ هو عمر ڀر اهڙو ڪڌو ڪم ڪرڻ کان توبهه ڪري، پر ڪولهين کي الائي ڇو ڪهل نٿي اچي!!

مور يا ان جي بيدن جو سڄو ڪاروبار غير قانوني طور تي رهيو آهي. واضع رهي ته مور جو رڳو پالڻ جو لائسنس هجي ٿو شڪار ڪاتي جي هڪ سينيئر اهلڪار مطابق، سندس پوري سروس دوران ڪڏهن به مور جي شڪاري جو لائسنس اشو ڪونه ٿيو آهي. جڏهن ته مور پالڻ جي لائسنس جي فيس به سوروپيا هجي ٿي. باقي ۾ يا ڪلي نموني گهمنڊڙ مورن

Gul Hayat Institute

تي ڪابہ فيس وغيره ڪونہ ٿيندي آهي.

سڀ کان وڌيڪ مور ننگر پارڪر ۽ ٿر جي وٽ واري علائقي ۾ ٿين ٿا. جڏهن تہ ڇاڇري واري پاسي مور هجڻ گهٽ ٿا ڏسائين. اڳي مور بقار وارين ڏنڍن (سانگهڙ) اچڙي ٿر جي مُهراڻي ۾ بہ هوندا هئا, پر اهي ڳالهيون ماضي جا قصا ڪهاڻيون ٿي ويون آهن. کپري تعلقي ۾ عمر ڪوٽ واري تعلقي سان لڳنڌڙ اچڙي ٿر جي ڪن ڳوٺن ۾ اڄ بہ ڏسي سگهجن ٿا.

اڳي ٿر ۾ وڻن جي واڌي ۽ پکين ۽ جانورن جي شڪار کي حقارت سان ڏسبو هو پر هاڻ اهي روايتون بہ برقرار رهي نہ سگهيون آهن. ڪجهہ سال اڳ اسلام ڪوٽ کان ويهارو کن ڪلو ميٽر ڏکڻ ۾ 'ڪاٺئي' نالي ڳوٺ جي مهراڻ پوٽن, خاصخيلين ۽ شيدين وغيره متفقہ فيصلو ڪيو هو تہ نہ ڪنهن کي اجايو وڻ وڍڻ ڏيندا, نہ ئي ڪنهن کي شڪار ڪرڻ ڏبو ۽ نہ ئي مور مارڻ ڏبو. اهڙي طرح 'وجوٽي' جي اجهور ۾ (ڳوٺ جي پسگردائي ۾) وڻن جي واڍي خصوصًا ٻير جي واڍي تي ڳوناڻن پاران پابندي هنئي وئي هئي. جنهن دوران ڪين ڪيترن ئي مسئلن ۽ مشڪلاتن کي بہ منهن ڏيڻو پيو هو پر اهڙن ماحول دوست فيصلن سان جتي ڳوٺن جي ۽ مال جي چاري جو پلوٽي ويو تہ اتي پکي پکڻ جو بہ پلوٽي ويو.

هاڻ تہ ٿري ۽ ننگر جهڙو ڪر آهستي آهستي مور مڙسن وانگر, مور پکين کان بہ خالي ٿيندو پيو وڃي. اڄڪلهہ مور سنڌ جا باغن ۾ شوقين پاران پاليا وڃن ٿا. لڳي ٿو تہ هاڻ ٻين پکين وانگر, مور بہ آهستي آهستي وڃي ذاتي رکن ۾ ئي بچي سگهندو باقي ٻين پکين جي رهڻ وارين قدرتي هنڌن وانگر مور جو بہ شڪارين جي گهٽائي جي الميي ۽ قانون جي حڪمراني ۾ ڪمي سبب مورن جو وجود برقرار رهي نہ سگهي ٿو ڪجهہ خاتمو نظر اچي رهيو آهي, پنجاب ۾ با اثرن جي مائٽن, مورن جي واڌ ويجهہ جا فارم قائم ڪري ڇڏيا آهن, جتي مختلف قسمن جا ڪجهہ مورن جن ۾ 12 کن قسم تہ سانگهڙ لڳ ڳوٺ ٻڙي ۾ علي خان مري وٽ بہ آهن (هئا) جي پالنا ڪري, انهن کي وڪرو ڪيو وڃي ٿو.

❊❊❊

Gul Hayat Institute

# حصو ٽيون

(اُهي جانور جن کي عام طور تي پالتو جانورن ۾ شمار نٿو ڪيو وڃي، پر ڪي مخصوص ذاتيون يا ڪي خفتي ڪين پالين ٿا، جن کي پٽائي صاحب بہ ڳايو آهي)

Gul Hayat Institute

# باز

## پٽائيءَ جو ڳاڙهو پکي سڀ کان مهانگو پکي :

**جهنگلي** ۽ آبي جيوت جي خاتمي يا گهٽتائي جي حوالي سان مختلف سبب بيان ڪيا ويندا آهن. جن ۾ پکين کي پڪڙي وڪڻڻ، وڪاميل پکين جو هميشه لاءِ اڪيلو گذارڻ سبب نسل نه وڌائي سگهڻ ۽ نامناسب ماحول سبب جلدي مري وڃڻ به آهن. وڪامڻ واري ويڌن جو شڪار ڪيترائي پکي ٿين ٿا، جن ۾ سڀ کان وڌيڪ مهانگو وڪامندڙ پکي باز آهي. جيڪو پڪڙجڻ، وڪامجڻ ۽ پوءِ هميشه لاءِ اڪيلو رهڻ سبب نسل نه وڌائي سگهڻ ڪري، ڏينهون ڏينهن گهٽجي رهيو آهي. باز جي تعداد گهٽجڻ جو سبب ملڪ ۾ قانون جي حڪمراني جو ڏينهون ڏينهن گهٽجڻ، بازار ۾ باز جي گهرج وڌڻ سبب ان جي قيمت ۾ اضافو ٿيڻ آهي. ٻُک ۽ بيروزگاري ۾ اضافي ۽ شڪارين جي تعداد وڌڻ ڪري باقي بچيل بازن جي پڪڙجڻ ۾ روزبروز اضافو ٿي رهيو آهي ۽ بازن جو تعداد ۽ نسل ختم ٿيڻ جي ويجهو وڃي پهتو آهي. جيڪڏهن سڀ ڪجهه ائين ئي جاري رهيو ۽ ٿيندو رهيو ته پٽائيءَ جو ڳاڙهو هي پکي به هن ملڪ مان گم ٿيل نسلن ۽ جنسن ۾ شمار ٿي، ماضي جو ڪو قصو بڻجي ويندو.

خفتين جي بقول ته بِرِصغير ۾ بازن جو شوق افغانستان ۽ ايران مان آيو. هي شوق نه صرف عربن بلڪ منگولن ۾ به رهيو آهي. اهو به چيو وڃي ٿو ته بازن جو شوق بادشاهن جو شوق آهي. بازن جي باري ۾ اسان وٽ گهڻو ڪري مواد فارسي ۾ ملي ٿو. جڏهن ته سنڌ ۾ هي خفت ميرن ذريعي آيو. باز دارن جي بقول ته مير مُراد علي خان ’بازنامون‘ نالي ڪتاب سنڌي ۾ لکيو هو ۽ سندس ئي بازدان دائود خان به الڳ سان فارسيءَ ۾ بازن تي

Gul Hayat Institute

ڪتاب لکيو هو. اهو بہ ٻڌجي ٿو تہ مير صاحب جي انهيءَ ڪتاب ۾ بازن کان علاوه ڪڪڙ، گهوڙن ۽ طوطن جو ذڪر بہ ملي ٿو.

سنڌ ۾ ڏهاڪو کن سال اڳ باز کي پڪڙڻ جي پرمنٽ 2 لک روپين تائين، 16 ماڻهن تي مشتمل پارٽي کي ملندي هئي. پر باز جو تعداد گهٽجندو ڏسي ۽ ايڪو سسٽم کي متاثر ٿيڻ جي خطري کي محسوس ڪندي ۽ ايڪو سسٽم جي توازن کي برقرار رکڻ لاءِ ڏهاڪو کن سال اڳ هاءِ ڪورٽ سنڌ، پرمنٽ جاري ڪرڻ تي پابندي هڻي ڇڏي. پر پوءِ بہ جهنگلي جيوت جي بچاءَ واري کاتي جي ننڍن وڏن ملازمن، آفيسرن، ڪامورن ۽ سياستدانن گڏجي باز مخالف مافيا جي شڪل اختيار ڪري ورتي آهي. جنهن کي شايد نہ تہ ڪا ڪورٽ ٿي روڪي سگهي، نہ ئي حڪمران ۽ نہ ئي ڪو بيو جهنگلي جيوت جي بچاءَ جو ادارو يا تنظيم. قانون ٺاهيندڙ قانون ۾ ڪانہ ڪا گنجائش برقرار رکڻ لاءِ، پالڻ واري نئين پرمنٽ تي تہ پابندي عائد ڪري ڇڏي، پر اڳوڻا جاري ڪيل پرمنٽ رد ڪرڻ ۽ پڪڙيل بازن کي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏيڻ بجاءِ، اڳ جاري ڪيل پرمنٽن کي رنيو/نئون ڪرڻ واري قانون جي گنجائش برقرار رکي! انهن باز جي نئين پرمنٽ تي تہ پابندي هوندي، پنهنجو خرچ پکو ڪڍڻ ۽ وقت ضرورت باز پڪڙيندڙن جي بچاءَ لاءِ، اپريل 2009 ۾ قانون ۾ ٿيل ترميمن ۾ لکن ۾ وڪامندڙ باز پالڻ جي اڳوڻي فيس 2000 مان وڌائي 10000 ڪئي، جيڪا باز جي اهميت ۽ قيمت جي مقابلي ۾ بنه گهٽ ۽ باز کي هٿ وٺي پڪڙائڻ ۽ مارائڻ برابر آهي. ٻهرين ڳالهہ تہ پالڻ وارو لائسنس ئي نہ هجڻ گهرجي، جي هجي بہ تہ ايتري تہ ڳري فيس هجي جو هر ڪو ان ۾ هٿ نہ وجهي سگهي ۽ جي وجهي تہ حڪومت جي کاتي ۾ چڱا موچارا پئسا ڏيئي پوءِ هٿ وجهي. پر اصل ۾ هن کاتي جا ۽ جهنگلي جيوت جي ڪري بي تاج بڻيل بادشاهہ جهنگلي جيوت کي نقصان پهچائي، پنهنجو پيٽ ڀرڻ جي ڪندا آهن. جيڪو نہ ڪڏهن ڪنهن جو اڳ ۾ ڀرجو آهي ۽ نہ ئي هنن جو ڀربو پر هي بہ ٻلي ٻين وانگر ڪوششون ڪري ڏسن! اڄ ڪلهہ انهي قانون جو فائدو ۽ سهارو وٺندي، بازن جي پيننگ ڪئي وڃي ٿي. ٻهريون پيرو غير قانوني باز رکڻ، شڪار ڪرڻ واري شڪاري کي معافي

نامون لکي ڏيڻ ۾ اڳتي لاءِ ائين نہ ڪرڻ تي ڏيڍ لک روپين تائين ڏنڊ وڌو وڃي ٿو. کاتي جي آفيسرن کي اهو بہ حق حاصل آهي تہ هو غير قانوني رکيل يا پڪڙيل باز کي کاتي جي حق ۾ ضبط ڪري، ان کي پکين جي تحفظ لاءِ ڪم ڪندڙ ادارن حوالي ڪري سگهن ٿا. پر جيڪڏهن ڪو عادي مجرم هجي تہ ان لاءِ الڳ قائدا قانون آهن. پر هتي جيئن تہ شڪار سڄو کاتي جي عملدارن جي ملي ڀڳت ۾ رضا مندي سان ٿئي ٿو. ان ڪري ڪڏهن ڪڏهن اوڏيهہ ويهہ تي وڃڻ جي صورت ۾ اصل شڪاري يا ڏوهاري بجاءِ گهٽو ڪري، شڪاري پاران اهڙو ماڻهو ڏنو ويندو آهي، جنهن جو اڳ ۾ شڪار ڪرڻ سبب ڪو جرمانو وغيره ڀريل نہ هجي. معنيٰ تہ قانون مطابق پهريون ڀيرو ڦاسڻ سبب گهٽ سزا وار بڻجي سگهي. پر جي پهريون ڀيرو شڪار ڪندڙ هجي ڪو مٿي ڦريو ۽ ڦونڊ ۾ ڀريل ۽ اڳيان بہ هجي ڪو مڙس ماڻهو آفيسر تہ ڳالهہ وڃي ميڊيا ۽ ڪورٽن تائين پهچندي آهي. پر اڪثر اهڙي نوبت ئي ڪونہ اچي. ذريعن موجب ان جو هڪ وڏو مثال هي بہ آهي تہ پر ڪجهہ سال جيڪب آباد جي واپاري پاران، سانگهڙ ضلعي مان پڪڙيل 9 بحري باز خريد ڪرڻ بعد ان مٿان حيدرآباد ۾ ڇاپو لڳو پر ڳالهہ ماٺ ميٺ ۾ ڏيئي وٺي ختم ٿي وئي. پر ضلعي سانگهڙ مان ئي پڪڙيل ٻين ٻن شڪارين پاران پوري نموني مڪ مڪا نہ ڪرڻ سبب ڪيس ڪورٽ سڳوري ۾ هلندڙ آهي.

خفتين جي بقول باز جي عمر 10 سال کن هوندي آهي. نئين قانون آئي بہ ڏهاڪو کن سال ٿي چڪا آهن. کاتو بازن جي جاري ٿيل پرمنٽن جا انگ اکر تہ شايد ٻڌائي سگهي پر ان عرصي دوران ڪنهن هڪ بہ باز جي طبعي عمر پوري ڪري يا ڪنهن ٻئي سبب مري وڃڻ بعد، ڪنهن هڪ بہ پرمينٽ جي رد ٿيڻ جو شايد ئي ڪو ريڪارڊ ڏيئي سگهي! ٿي اهو رهيو آهي تہ هڪ پرمنٽ يا لائسنس تي ڪيترائي نئوان باز ڦاسايا ۽ پڪڙيا وڃن ٿا. جيڪي وڪرو ٿي هڪ جاءِ کان ٻي جاءِ منتقل ٿيندا رهن ٿا. جنهن جي سڄي خبر کاتي کي هوندي آهي پر هو ڏيئي وٺي اکيون بند ڪري ڇڏيندا آهن.

سنڌ ۾ ماڪ پوڻ تي باز ان وقت ايندا آهن جڏهن سندن اصلوڪن ملڪن ۾، جتي هو آنا ڇپا ڪندا آهن ۽ آنن مان ڦڙڻ سبب اُتي جا ڇاوا ۽ شهري سڏبا آهن. جڏهن سندن اصلوڪن ملڪن ۾ برف پوندي آهي تہ هي دريا کي رستو بڻائي هيڏانهن جو رخ ڪندا آهن. درياءَ جي ڀنهي پاسن کان کين قوت ۽ غذا ملندي آهي. ان وقت تڏ پوڻ سبب تلور بہ اهو ملڪ ۽ جُو ڇڏيندي آهي. پر تيز اڏامڻ ڪري هي تلور کان اڳ هتي پهچي ويندا آهن. باز جي هتي پهچڻ جو مطلب، شڪاري تلور جو رستي ۾ هجڻ ۽ جلد پهچڻ وٺندا آهن. جيتري جلد تڏ پوندي اوترو هي پنهنجي ماڳن کي جلد ڇڏيندا ۽ هتي پهچندا آهن. باز سنڌ ۾ گهڻو ڪري سيپٽمبر ۾ پهچي ويندا آهن. جڏهن تہ تلور عموماً سيپٽمبر جي آخر ۾ پهچندي آهي پر ڪن خفتين پاران سندس اگست ۾ استقبال ڪرڻ جون رپورٽون بہ موجود آهن. تلور گهڻو ڪري بدين، ٺٽي ۽ دادو جي ميداني علائقن ۾ اڇڙي ٽڙ واري پاسي ايندي آهي. جڏهن تہ باز ٺٽي ۽ بدين جي ساحلي علائقن کان علاوه اڇڙي ٿر ۽ ڪيري کان مٽي مٿوڻ واري پاسي انهن ڏينهن تي بہ ڏٺا ويا آهن، جتي مڇي ۽ ٻيا پکي هجن ٿا. ان کان علاوه باز ڪلراٺين علائقن ۾ پوٺن ۾ بہ ملن ٿا. مثال طور ضلعي سانگهڙ ۾ مشهور ڍنڍ بقار واري پاسي کان علاوه سنجهوري کان اولهندي تي، ديه چوٽياريون ۽ ديه ڪانهڙ جي ڳوٺن ڪيهور، ڀوڙيجي، ڏوگرين، نئون آباد، ڪنڊياري، ايٽ پار، پيرومل، هنگورنو، جوڳين جي پٽ، لال خان شاخ، ناري جي ڀنهي پاسي ۽ گرهوڙ شريف واري پاسي شڪار ٿيندو رهندو آهي. بدين واري پاسي باز جا ڏس پتا ان ڪري گهٽ ملن ٿا جو اها ساحلي پٽي مالڪن جي موجودگي سبب ايري غيري جي پهچ کان پري آهي. اُتي بازن جي توڙي شڪارين جي چرپر جي خبر عام خلق کي تہ ڇا پر شڪار ڪاتي کي بہ گهٽ ئي هوندي آهي. باقي رهيو ڪراچي وارو ساحلي علائقو تہ اها هاڻ مهاجر پکين لاءِ بہ مناسب ماحول نہ هجڻ سبب، رهڻ جوڳو نہ رهيو آهي. اُتي هاڻ رڳو ڏاريان ماٺهو ئي رهي سگهن ٿا. اُتي ”مقامي مهاجرن“ جي رهڻ جا موقعا ئي محدود آهن تہ مقامي توڙي ٻاهرين مهاجر پکين جي رهڻ ۽ جيئڻ جا موقعا ڪٿي ٿا ملي سگهن! باز ساحلي پٽي ۾ رهڻ کي ان ڪري اوليت ڏيندا آهن جو

جوار/سمنڊ جي چڙهڻ يا لهڻ ڪري، هنن کي اُتي مڇي ۽ بيو قوت وڌيڪ ملي ٿو. هي اُتي مڇي ۽ ٻئي ننڍي وڏي شڪار کان علاوه، مڇي ۽ ٻئي آبي جيوت شڪار ڪرڻ لاءِ ايندڙ پکين کي بہ شڪار ڪندا آهن. ائين ٻين جي شڪار لاءِ ايندڙ پاڻ باز جو شڪار ٿيو وڃن ۽ اڳتي هلي خود باز بہ ٻين جو شڪار ٿيو وڃي. ائين زندگي جو چرخو چرندو ٿو رهي. هاڻ توهان پاڻ ئي سمجهو تہ انهن مان ڪا هڪ بہ شئي گهٽ ٿي يا ڪٽي تہ زندگي جو چرخو آساني سان چري نہ سگهندو. اها ئي ڳالهہ محسوس ڪندي، ڪورٽ سڳوري پاران بازن جي پرمنٽ تي پابندي هنئين وئي هئي. هن سال توڙي گذريل سالن ۾ برساتي ٻوڏ جي پاڻي پاران جتي ڪٿي ڍنڍين جي شڪل ۾ بيهڻ سبب باز اڳ جي مقابلي ۾ گهٽا آيا آهن. جنهن ڪري نہ صرف شڪاري پارٽين جي منهن تي وڏي سرهائي محسوس ٿئي ٿي.

باز جي شڪار لاءِ هڪ پارٽي ۾ اٺ کن ماڻهو هجن ٿا ۽ هڪ پارٽي کي باز پڪڙڻ ۾ هفتي کان وٺي مهينو بہ لڳيو وڃي. جنهن دوران انهن جو کاڌي پيتي، موٽر سائيڪل ۾ تيل ۽ موبائل فون وغيره جو خرچ چاليهارو هزار کن بہ ٿيو وڃي. شڪارين جي بقول جي شڪار لڳي تہ واهہ واهہ نہ تہ پيسا ئي پاڻي ۾! ذريعن مطابق هڪ باز تي تہ هڪ خفتي پنهنجي جان داؤ تي لڳائي، سانگهڙ حيدرآباد روڊ تي لڳل هڪ فون ٽاور تان هٿ سان بہ جهلي چڪو آهي. جنهن لاءِ باز پڪڙيندڙ خفتي جو چوڻ هو تہ لکين روپيا ٽاور تي پيا هئا! ڪيئن نہ چڙهان!!؟ ڪجهہ سال اڳ 'ايٽ پار' سانگهڙ مان پڪڙيل 16 انچ جو هڪ باز ساڍا پنج لک ۾ ۽ 14 انچ جو بيو باز ڏيڍ لک ۾ وڪامجي چڪو آهي. سڄي سنڌ ۾ باز جي شڪار جي سرپرستي شڪار کاتي جي ملازمن، مقامي بااثر ماڻهن، ڪجهہ سياستدانن ۽ نام نهاد سماج سڌارڪ سڏائيندڙ هٿان ٿيندي آهي. انهن مان ڪجهہ ماڻهو مڊل مين ۽ سيلر جو ڪردار بہ ادا ڪندا آهن. باز جو سڀ کان مهانگو قسم چرخ دادو، ڄامشوري، ٺٽي ۽ شهدادڪوٽ وارن جابلو علائقن ۾ وڌيڪ ملي ٿو. پر ننگر پارڪر واري پاسي هن جو ڏس

Gul Hayat Institute

گهٽ تو ملي پهاڙن ۾ هن جي مرغوب غذا سانڊو ۽ ان جهڙيون گلويون هونديون آهن.

باز پڪڙڻ وارا تہ گهڻو ڪري مقامي ئي هوندا آهن پر ان جا خريدار ۽ ان ذريعي شڪار ڪندڙ ۾ عرب سگورن کان علاوه بلوچ سردار بہ شامل آهن. عرب هڪ تہ تلور جي شڪار ڪرڻ جا تمام گهڻا شوقين هوندا آهن ۽ ٻيو تہ چون ٿا تہ عربن جي ڪلچر ۾ بہ بازن ذريعي پکين جو شڪار ڪرڻ جو رواج آهي. باز جهڙوڪ پالڻ يا شڪار ڪرڻ جي حوالي سان عربن جي ڪلچر جو حصو آهي. دنيا ۾ بازن جا ويهارو کن قسم ٻڌايا وڃن ٿا. جن مان سنڌ ۾ ست اٺ قسم اچي وڃن ٿا. جن ۾ بحري، ڪنگي، چرخ، بدوار/لغڙ شمالي، دوگزو، چوز ۽ تري ناڪ (سپ کان وڏيڪ ويڙهو) وغيره شامل آهن. انهن بازن مان بہ باز چرخ ۽ بحري اهم هجڻ ڪري تمام قيمتي سمجهيا ويندا آهن. بحري بازن لاءِ ڀٽائي سرڪار سُر آسا ۾ فرمايو آهي تہ:

ورد وظيفا وسريا، نڪا رهي نماز،
هينئڙو بحري باز، چوري ڪيو چنبن ۾.

(سُر آسا-شاهہ جو گنج-الہ داد جنجهي-بيت نمبر 20 داستان نمبر هڪ)

جيتوڻيڪ بحري باز هن دور ۾ شڪار جي حوالي سان مشهور ۽ اهم ثابت ٿيا آهن. پر ڀٽائي صاحب صديون اڳ بحري باز لاءِ چيو هو تہ:

مزمانن مهري، آئي جهوڪيا جهوڪ ۾،
چائي چنبن ۾ ويا، جيئن باز ستي بحري،
پوءِ مارو ڦهري، ويو نهوڙي نند ۾.

(سُر ديسي-شاهہ جو رسالو-ڪلياڻ آڏواڻي-بيت نمبر 05 داستان نمبر ٽيون)

باز جو اگهہ نسل، ماپ ۽ نر مادي کي ڏسي طئہ ڪيو ويندو آهي. مادي جي قيمت ان ڪري وڌيڪ هوندي آهي جو هو تلور سان تمام گهڻو جيهڙو جوٽيندي آهي ۽ وس پڄندي کيس ڀڄڻ نہ ڏيندي آهي. جنهن جو هڪ سبب مادي پاران ٻچن جي غذا گڏ ڪرڻ ۽ کين کارائڻ بہ ٿي سگهي



Gul Hayat Institute

ٿو. جڏهن تہ نر رڳو پنهنجو پيٽ پرڻ ۾ ئي پورو هوندو آهي. ان ڪري عربن وٽ نر جي مقابلي ۾ مادي جي اهميت وڌيڪ هجي ٿي. اڄ بہ سڄي سنڌ ۾ باز پڪڙندڙ خفتين وٽ ڪيترائي نر موجود آهن. پر ڪو خريد ڪرڻ وارو ناهي. پهرين سال وارو باز جنهن جي ماپ 16x16 هوندي آهي، اها ڏاڍي قيمتي هوندي آهي. باز جي ماپ ڇاتي ۽ پرن جي ويڪر ۽ ڳچي کان پڇ تائين جي ڊيگه جي حساب سان ڪبي آهي. 16x16 واري بازن کان علاوه بيا باز ڪٽل کنين يا وڏي عمر هجڻ ڪري گهٽ اهميت وارا سمجهبا آهن. بحري باز جو اگهہ 50 هزار کان 20 لک تائين هجي ٿو. جڏهن تہ چرخ ان کان بہ وڌيڪ اهم ۽ اگهہ وارو سمجهبو آهي. خفتين وٽ سوئي بلوچستان واري پاسي چرخ جي 26 لک ۾ وڪرو ٿيڻ جا بہ وڏا چرچا آهن.

خفتين جي بقول تہ اڪثر ڪري عام ماڻهو باز جي هڪ قسم شهباز کي نر سمجهندا آهن ۽ شهباز نالو بہ مرداڻو سمجهي رکبو آهي. جڏهن تہ اصل ۾ شهباز مادي آهي ۽ هن نسل جي نر کي زرو/جُورو (اُردو/ فارسي ۾) سڏبو آهي. هي نسل ڪافي گهٽ وڃي باقي بچيو آهي. جڏهن تہ بازن جي هلڪي ڪوالٽي کي باشو چئبو آهي. باز جي مادي جي سڃاڻپ سندس ڳري وزن سان ۽ نر جي سڃاڻپ هلڪي وزن ذريعي ٿيندي آهي. بين شڪاري پکين وانگر باز جي اُڏام بہ تمام مٿي ۽ نظر ڏاڍي تيز ٿيندي اٿس. بازن جي خوراڪ ۾ جتي تلور، تتر، ٻنير، ڏيڏر ۽ سها شامل آهن. اُتي باز عام ننڍي وڏي حشريات ۽ ننڍا پکي بہ شڪار ڪندو آهي. جڏهن تہ هارين پاران، هر ڏيڻ وقت بہ ڪٿي ڪٿي باز زمين تي نظر رکيو انتظار ۾ ويٺل بہ نظر ايندو آهي.

جيئن بازن جا قسم/ نسل مختلف آهن ۽ انهن مان ڪجهہ مقامي آهن تہ ڪجهہ ٻاهريان. ائين مختلف قسمن جي بازن ذريعي، شڪار بہ مختلف شين جا ڪبا آهن. مثال طور: بازدانن جي بقول تہ بازن جا مختلف قسم ۽ نالا تين ٿا. انهن جي قسمن ۾ وري الڳ قسم جا، قسم هوندا آهن. ان حساب سان باز جو قسمن جي حوالي سان وڏو جهان آهي. جيئن باز ايگل/ عُقاب. جنهن جا وري الڳ سان ڪيترائي قسم آهن. سِرڻ بہ باز جو هڪ قسم

Gul Hayat Institute

آهي، جنهن جا بہ/چار قسم آهن. بزرڊ جنهن جي تهڪ مادي ۽ ٽيو نر هوندو آهي، (هن جا بہ ڪافي قسم موجود آهن) هيريئر ۽ ليئو ٻاهريون باز آهي، جنهن جا 4 ڪن قسم آهن. هاڪباز جنهن جي مادي کي شهباز ۽ نر کي زُرو چئبو آهي.هاڪ باز ۾ باشو ۽ بشين ٻاهر جا آهن. جيڪي گرمي ۾ هليا ويندا آهن ۽ سرديءَ ۾ واپس ايندا آهن. اهي خاص ڪري سنڌو دريا جي ۽ ٻين ٻيلن ۾ رهائش اختيار ڪندا آهن. مقامي بازن ۾ هڪ باز گلاب چشم بہ آهي. جنهن جي مادي کي شڪرو ۽ ان جي نر کي چيڪ سڏبو آهي. هتي جا شوقين جن بازن مان شڪار ڪندا آهن، اهي آهن شهباز نر زرو ۽ باشو وغيره. جڏهن تہ بشين کان شڪار جو ڪم ڪونہ ورتبو آهي، ڇو جو هي ننڍو بہ هوندو آهي ۽ نازڪ بہ.شڪرو باز ذريعي تلور ۽ سهو جو شڪار ڪبو آهي. هي تتر بہ ماريندو آهي. مير صاحب باز نامن ۾ اهو بہ لکيو آهي تہ شهباز کان هرڻ بہ مارائي سگهجي ٿو.شڪرو گهٽ تڪو هوندو آهي، پر سخت جان هوندو آهي ۽ شڪار باشو جهڙو ئي ڪندو آهي.زرو خاص طور تي تتر جو شڪار ڪندو آهي.باشو کان تتر، پوئنتريو ۽ ٻئير جو شڪار ڪرائبو آهي. سياه چشم باز جنهن کي فالڪن بہ سڏبو آهي تہ پکن/پرن جي حساب سان هن کي لانگ ونگ بہ سڏبو آهي. هن جا بہ ڪيترائي قسم آهن.فالڪن ۾ هابي/ڪوئيلو ڪاري رنگ جو بہ ٿيندو آهي. ٻيو قسم ڪيترول آهي، ان جا بہ 4/5 قسم آهن. مقامي طور ان کي لشڪري ۽ ريگي بہ سڏبو آهي. هن جو شڪار حشريات، مڪڙ ۽ تڏيون وغيره هوندا آهن.شڪار ڪرڻ ۾ چرغ (مادي) ڪم جي هوندي آهي ۽ چرڳيلو جيڪو نر هوندو آهي، اهو ڪنهن بہ ڪم جو نہ هوندو آهي. چرڳ جي رنگن ۽ سائيز سان ان جي قيمت جي ڪٽ ڪبي آهي. ڪارو ۽ اڇو چرڳ تمام مهانگو هوندو آهي، جنهن جي قيمت ڪروڙن ۾ بہ هلي ويندي آهي. گولڊن ڪلر بہ سُنو هوندو آهي. چرڳ جو مقامي قسم لغڙ آهي، پر اهو ڪنهن بہ ڪم جو نہ آهي. هن پکي ذريعي چرڳ ۽ بحري جهليا آهن. هن جو نسل صفا ختم ٿيڻ تي آهي.هي گهٽ ڪري ٿر ۾ وڏيڪ ملندو آهي ۽ ڪاڇي ۾ بہ ويران علائقن ۾ پراڻن ڪبن ۾ ٻچا ڪندو آهي. ميانوالي مان آيل ٻچر ذات جي شڪارين هن کي جهلي ختم ڪري ڇڏيو آهي. هاڻ هي رڳو انڊيا مان اچي ٿو. نيوچور واري پاسي 1982/1983 ۾ هڪ ماٺهو 200 باز جهلي ويو.



Gul Hayat Institute

اهو سلسلو 1990 تائين جاري رهيو پر هاڻ هن جي نسل ڪشي تي چڪي آهي. بحري باز هن نسل ۾ نر کي بحري ٻچو سڏبو آهي. جڏهن ته شاهين باز ۽ بحري جو ئي هڪ قسم آهي. هي باز عربن جي ڪنهن به ڪم جو ڪونهين. پر صفا ڪاري شاهين وڏ ۾ وڏ 20 هزار تائين وڪامندي آهي. عرب، ٻارن/نوجوانن جي شوق جي پورائي لاءِ ڪين شاهين ۽ بحري ٻچو ونئي ڏيندا آهن. عرب شڪارين جي ڪم جا بحري ۽ چرڳ آهن. ترمچي بازجي نر کي ترمچي ٻچو سڏبو آهي، ۽ پنجابي ۾ هن کي لال سرو سڏبو به آهي ته ٽوپو شاهين به سڏبو آهي، ترمچي مقامي آهن، ۽ آنو ٻچو هتي ئي ڪندا آهن.

سواءِ تلور ۽ مور جي ٻيو ڪو به پکي باز سان مزاحمت نه ڪندو آهي. چرڳ ۽ بحري تلور تي فضا ۾ به حملو ڪندا آهن ۽ زمين تي به. تلور فضا ۾ ڪنيڙات هٽندي آهي ۽ گهٽو ڪري باز جي اک به ڪڏي چڏيندي آهي. عرب شايد اهو مزو ڏسڻ لاءِ به اهو شڪار گهٽو ڪندا آهن. سڀ ڪان وڏيڪ ختم نسل، لغڙ باز جو ٿيو آهي. چون ٿا ته عرب، جهليل بازن کي 2/3 سالن کان پوءِ ڇڏي ڏيندا آهن ۽ اهي باز وڃي ٻين بازن سان ملي نسل وڌائيندا آهن. پر اسان واري پاسي پڪڙي باز مري ئي جان ڇڏائيندا آهن.

بازن جي حوالي سان هي ڳالهه به قابلِ ذڪر آهي ته لاڙڪاڻي/ قمبر شهدادپور جي ڀائرن حسن علي ۽ حسين اسراڻ، ايوب خان کي بازن جو شڪار ڪرايو هو ۽ انهن جي ئي مشوري تي، ايوب خان شڪار ڪاتي جي شروعات ڪرائيندي ان جو بنياد رکيو هو. جنهن کي پوءِ ذولفقار علي ڀٽي اڳتي وڌايو.

عرب باز ذريعي تلور جو شڪار ڪندا آهن. جڏهن ته پاڪستاني شڪاري تلور، تتر، ٻٽير، آڙي ۽ سهي وغيره جو شڪار لغڙ يا بدوار ذريعي ڪندا آهن. پر آفريڪا ۽ آمريڪي بازن ذريعي هرڻ جو شڪار ڪرڻ جا به ڏس ملن ٿا.

شاه صاحب باز جو تترن لاءِ شوق ڏسي هينيون بيت چيو آهي. اهو بيت پڙهي ڀٽائي صاحب جي ٻين شين وانگر پکين جي مختلف عادتن ۽ مزاجن جي مشاهدي کي ڏسي ماڻهو واقعي دنگ رهجيو وڃي.

وڳنڊ وري آيو بدو بي نماز
جيئن تتر متي باز وڳند تيئن سُرهاڻ تي
(سُر بلاول- شاهه جو گنج -الهه داد جنجهي -بيت نمبر 09 داستان نمبر چوٿون)

باز جو شڪار چاري ۽ جار ذريعي ڪبو آهي. بحري باز جو شڪار سندس پسنديده پکين ڳيري، ڪبوتر ۽ پاريهر ذريعي ڪجي ٿو. جڏهن تہ دوگز جو شڪار ننڍي ڪڪڙ جي چوزي، بدڪ، ڪبوتر ۽ پاريهر سان ڪبو آهي. چراخ جي شڪار لاءِ شڪاري بدوار يا لغڙ کي چاري طور استعمال ڪندا آهن. باز جي چاري کي سنهي ڌوري سان ٻڌي، پرسان جار وچائي، ڪجھ مفاصلي تي وڻن جي جهڳٽي يا ڪڏٽي ۾ ويهي انتظار ڪبو آهي ۽ وقفي وقفي سان چاري لاءِ ٻڌل پکين کي ڌور ذريعي يا ٻي طريقي سان اڏاري يا ڦڙڪائي، تمام تيز نظر رکندڙ ۽ متي اڏامندڙ بازن کي متوجہ ڪبو آهي. قسمت ڦٽل باز جڏهن انهن ٻڌل پکين تي حملہ آوار ٿيندا آهن تہ لڪي ويٺل چالاڪ ۽ ڦرٽ شڪارين هٿان پڪڙجي، شڪارين سان اڳوات رابطي ۾ رهندڙ دلالن هٿان وڪامجي، خريدارن تائين پهچي ويندا آهن. اڳي اهي سودا جيڪب آباد ۽ ڪوئٽہ جا واپاري بہ ڪندا هئا، پر جيڪب آباد واري همراه جي پڪڙجڻ بعد هاڻ رڳو ڪراچي جا واپاري ئي سودا ڪندا آهن. مزي جي ڳالهہ تہ بغير آکيري جي، سڪل ڪاني يا وڻ تي اڪيلو رهندڙ ۽ اڪيلو ئي شڪار ڪندڙ باز کي جتي بہ شڪار ملندو آهي، هو بہ تي ڏينهن اُتي ئي وينو رهندو آهي. ان دؤران هن کي ڪنهن ٻئي شڪار ڪرڻ جي هرويرو ضرورت ئي محسوس نہ ٿيندي آهيءَ اهو رويو گهڻو ڪري نر باز جو هوندو آهي. باز جي پسنديده غذا ۾ ٽيتو ۽ چيڪلو پکي کان علاوه چانور بہ ٻڌايا وڃن ٿا. شڪارين جي بقول تہ هي هڪ بادشاهه پکي آهي ,ان ڪري هن جي مرضي آهي تہ هو ڇا بہ کائي.

جهڙي نموني باز تيزي سان شڪار تي رهيو آهي ۽ کاتو ان جو نوٽيس وٺڻ بجاءِ شڪارين سان ٻٽ ٿيل آهي، ان مان لڳي ٿو تہ هاڻ بازن جا بہ بس آخري ڏينهن آهن! شڪار کاتي جي عملدارن کي سوچڻ گهرجي تہ

جڏهن هو سڀ جانور ۽ پکي پيسن ۽ تعلقاتن عيوض شڪار ڪرائي ڇڏيندا تہ پوءِ سندن نوڪري ڪرڻ جو ۽ ڪاتي رهڻ جو باقي ڪهڙو جواز وڃي بچندو!. ضرورت هن ڳالهہ جي آهي تہ هن ناياب ٿيندڙ نسل کي وڌائڻ ۽ غير قانوني شڪارين کان روڪڻ لاءِ هڪ تہ سخت قائدا قانون جوڙايا وڃن ۽ ٻيو تہ اڳ ۾ نهيل قانون تي سختي سان عمل ڪرايو وڃي.

Gul Hayat Institute

---

**راوي:**

فقير رب ڏنو وساڻ، نئون آباد سانگهڙ

ممتاز علي اسراڻ، لڳ لنگهہ ڍنڍ، قمبر شهدادڪوٽ

## پٽائيءَ پاران ڳايل
# نانگن
## جا مختلف قسم

***نانگ*** جيتوڻيڪ سيني ماڻهن جي لاءِ 'پالتو' جي حيثيت نٿو رکي، پر جوڳي ذات هن کي پالي ٿي ۽ ان جو هن سان روزگار ۽ پيٽ گذر وابسطہ آهي. نانگن جا ڪيترا ئي قسم آهن، جيڪي مختلف ملڪن ۽ هنڌن تي ملن ٿا. جن ۾ اسان وٽ گهٽو ڪري هينيان قسم/نسل موجود آهن. انهن نانگ بلائن ۾ اجده، ڪاريهر، گدو، ڪل مار/ڪنيارو/سوناري، ڪوراڙ لنڊي، ڪپر، واچر، پيئڻ، پدم، گهڙيال، سگهڙو، تليهر، ٻمڻ، ٻہ مُنهي، واسينگ، ڪارو/شيش نانگ، ڏيڏر چيڙ، گونگلو پرڙ هڻ ڪڻ، لوهاري، ميٽائي، ڪور ڪند، ڪبرو، ڏينگڻ بلا، اصيل، سنگ چور ۽ سينگاري شامل آهن. هتي هڪڙي ڳالهہ جي وضاحت هجي تہ اسان اڪثر ڪري نانگ بلا لفظ ساڳئي معنيٰ ۾ استعمال ڪندا آهيون، جڏهن تہ نانگ کي ڦڻ هوندو آهي ۽ بلا بغير ڦڻ جي هوندي آهي. جن مان سڀ نہ پر ڪجهہ اهڙا آهن جن کي جوڳين پاران پاليو وڃي ٿو انهن مان ڪجهہ هي آهن:

Gul Hayat Institute

**اجدھ:** (ناري يا مکي جي پاڙي ۾ ٿئي.) چار پنج مڻ وزن ٿيندو اٿس. ناري ۽ بڪار ڍنڍ جون وڏيون ڪڏون سندس اصل رهائش گاهون آهن. جوڳين جي بقول تہ ڏنگ ڪونہ هڻي، ماڻهو کي ڳهي ويندي آهي. زهر ڪونہ ٿيندو اٿس. چون ٿا تہ جوبلي سرڪس وارن کي بہ هتان جي هڏوارن ۽ شڪارين جهلي ڏني هئي. انهن سان مشهور جوڳي سومار لاهوتي بہ گڏ هيو. هي بلا سال ۾ هڪ دفعو ستر ڪان اسي تائين آنا لاهيندي آهي. ٻچن ڦٽڻ بعد پاڻ ئي انهن جو شڪار

وڏو. گوگو مري ويو ۽ لنڊي تي اڄ ڏينهن تائين گوگي جي لعنت وسندي وتي. لنڊي ٻجي ڪونه سگهندي آهي.

**ڪپربلا:** هي هرو ڀرو ماڻهو جي جتي ۾ گهڙي ويندي آهي. تنهن ڪري منهنجي صلاح اٿئو ته جي انهيءَ پاسي وڃڻ ٿئي ته جتي جو خاص خيال رکجو. پر هي بلا واٽ تي به آئي وئي جي آجيان لاءِ موجود هوندي آهي. لنڊي جي نسل منجهان آهي، پر لنڊي کان ڪجهه ننڍي آهي. تر ۾ جام ٿئي.

**واڇير:** هلڻ وقت آواز ڪندي آهي. هڪ ڏينهن خوراڪ لاءِ ٻاهر نڪرندي آهي، پوءِ وري هفتو ڏيڍ ٻاهر ڪونه نڪري. پنهنجي ڪم سان ڪم رکندي آهي.

**پدم:** هن جي باري ۾ مشهور چوٽي آهي ڏڪ هڻڻ سان پدم ڪنهن کي نه ساهه کڻڻ ڏيندو آهي. پدم جي ڏڪي کي، ڪو جادو يا منڊ ئي بچائي سگهي، نه ته جوڳين چواڻي بئي صورت ۾ سندن بچڻ ناممڪن آهي. چون ٿا ته پدم جي ڦڻ تي ڏاڍي آدم جي ڊگهي بودلي جو نشان هوندو آهي هن جو قد ٻاٽڙي جيترو ٿيندو اٿس.

**جهوڙ:** هي ڊنڊ ۾ وڌيڪ رهندي آهي. اتي هي مينهن ڊڳي کي، وڻ ويڙهي وانگر ويڙهي، ان جو کير پي ويندي آهي. هن کي سنگ چور جي ماسات پڻ چئبو آهي. هن جي ڪکيل سان حالت نشائي ماڻهو جهڙي ٿي پوندي آهي. اصل ماڻهو بغير پيتي مدهوش ٿيو وڃي. شايد انهن خوبين جي ڪري ئي هن جو نالو جهوڙ پيو آهي. هي بلا ڳوٺن کان گهٽ پري، اڪثر جهنگ ڏانهن رخ رکندي آهي.

**سِگهڙو:** هن ۾ زهر ڪونه ٿئي، هي مڇي جهڙي هوندي آهي. گهڙيال کان پوءِ هن جي رفتار ٻين کان تيز هوندي آهي. هن جو پيٽ زمين تي مڙئي گهٽ ٽڪندو آهي. هي گهرن جي ڇپرن ۾ وڌيڪ هوندي آهي. ٽپ ڏئي ڏڪ هڻندي آهي. **ٻه منهي بلا:** هي ڇهن مهينن کان پوءِ ڪل بدلائيندي آهي. چون ٿا ته عام طور تي ماڻهو کي ڪونه کائي، جي ڪٽي



Gul Hayat Institute

هيءَ تنين جو ڍيرَ، جَن جُهوناگڙ جَلايو.
(سُر ڪارايل، شاھ جو گنج، سگهڙ حاجي الهداد جنجهي،
داستان چوٿون، بيت 10)

سَپَ ڪَپَر سَچا، ڳِهي نانگن ڳُوليو ڪاءِ،
تَنِي ڪي واجهاءِ، مَٽِيُون جَنَ مٿن ۾.
(سُر ڪارايل، شاھ جو گنج، سگهڙ حاجي الهداد جنجهي،
داستان چوٿون، بيت 13)

آءَ ننگ ، ٻران نڪري، هيءَ مورن سندي جاءِ
ڳاروڙي ڳرنار جو ڪِٽيو ڪَپَر ڪاءِ،
تَني لاءِ واجهاءِ، مٽِيون جن مٿن ۾.
(سُر ڪارايل، شاھ جو گنج، سگهڙ حاجي الهداد جنجهي،
داستان چوٿون، بيت 14)

ڀِرِين ڪاري نانگ جي، ڪوچَر ڪِيل چِيرَّ ڪري
جي هَٽي ڏَنگ ڏُسائِيو تہ وِيجهو تان نہ وَري،
جانڪي نِپَٽَ مَري، جانڪي سِڪي صِحت کي.
(سُر ڪارايل، شاھ جو گنج، سگهڙ حاجي الهداد جنجهي،
داستان چوٿون، بيت 20)

ڪَرَ ڪي ڪَپُرُ ڪاءِ، نانگُ مَٽِيارو نِڪرِي،
اُيِو جو اوناءِ، سُرُپُرُ سَندِي سَجَٽين.
(شاھ جو رسالو غلام محمد شاهواڻي، سُر آسا، داستان ٽيون، بيت
نمبر 18)

سُونَهپَ ۾ سَپَ ڳُهٽا، مَنجهڻ ماڪِي هوءِ،
پَرو تَنِهين پوءِ، جو اُجِهي پوءِ اُنِ تان.
(شاھ جو رسالو غلام محمد شاهواڻي، سُر ڪاهوڙي، داستان ٽيون،
بيت نمبر 6)

Gul Hayat Institute

**کَرَ کي کَپُرُ کاءِ، نانگُ مَٽِيارو نِڪري،**
**اُيو جو اوناءِ، سُرُپُرُ سَنڌِي سَجَڻين.**

**(شاهه جو رسالو غلام محمد شاهواڻي، سُر آسا، داستان ٽيون، بيت نمبر 18)**

Gul Hayat Institute

---

**راوي:**
**ڪبير جوڳي، سانگھڙ**

عموما سرچ لائيٽ، گهوم ۽ گُرگ تي ڪيو ويندو آهي. هن ڪي سڀ ڪان وڏيڪ نقصان فور ويل جيپن تي سرچ لائيٽ سان شڪار ڪندڙن پهچايو آهي. هرڻ جي چرڻ جو ٽائم صبح ڪان سج ٻن ڪانن تائين هجي ٿو. پوءِ هي ڦوڳ، ڪپ ۽ ڪٻڙ وغيره جي گهاٽي ڇانو ۾ ويهي آرام ڪندو آهي. شام جو هي چار پنج ڪان سج لٿي تائين چرندو آهي. رات جو بک جي صورت ۾ بہ چري ٿو پر ڏاپيل ويهي رهي ٿو. برسات ۾ وڏيڪ خوش رهندڙ هن جانور جي ٻولي ٻين ڪان منفرد ۽ پري پري تائين ٻڌبي آهي. هي ماڻهو ۽ بندوق جي بوءَ ڪي پري ڪان محسوس ڪري وٺندو آهي ۽ هميشہ هيٺين هوا تي ويهندو آهي. ان ڪان علاوه هي اک جو بہ ڏاڍو تيز آهي. پر ننڊ ۾ هي صفا ياڙيو ۽ بي هوشي واري حالت ۾ هوندو آهي. صفا ڊڄڻو هي جانور عام ڪڙڪي تي بہ ٽپ ڏئي ڀڄندو آهي. شڪ پوڻ تي ڀڄي وڃي پٽ يا پهاڙ جي چوٽي تي چڙهي، پنيان ڏسندو آهي ۽ ان صورت ۾ ويهندو بہ مٿي آهي تہ جيئن پري پري تائين سولائي سان ڏسي سگهي. جڏهن تہ دشمن ڪي اک سان ڏسڻ بعد هي ڀڄندو ويندو آهي ۽ پنيان مڙي نہ ڏسندو آهي. هي ويهڻ مهل پيرن تي نظر رکندو آهي جو اڪثر شڪاري ٻلا هن جو پير ڪٽي بہ پهچي ويندا آهن. ڀڄڻ مهل هي پهريان ٻن ٽن فوٽن جا هڪ بہ ٽپ ڏيندو آهي ۽ پوءِ پندرهن ڪان ويهہ فوٽن تائين ڇال هڻندو آهي هن جي چنگ (ٽپ/ڇال) هڻي ڊوڙڻ تي پٺائي صاحب چيو تہ:

جيئن سو هرڻ هما، سرگردان سنسار ۾،
هي پڳ نہ ڪوڙي پٽيين هو ڏڙ سر ڏري نہ ساهہ،
جيڪس تن ملاءُ، سسئي سور پرائيا
(سر ڏيسي)

مزي جي ڳالهہ تہ جيئن شڪاري هن جو پير جاچيندا آهن ائين هي بہ ماڻهو جو پير ڏسي لازمي طور ان ڪي سنگهي اهو محسوس ڪندو آهي تہ پير نئون آهي يا پراڻو. ان مان هي دشمن جي موجودگي جو اندازو ڪندو آهي. چون ٿا تہ هرڻ بغير پاڻي جي ڇهہ مهينا بہ رهي سگهي ٿو. پر پاليل هرڻ لاءِ چئجي ٿو تہ هو ٻن ٽن ڏينهن ۾ لازمي پاڻي پيئندا آهن. ٻڌو

Gul Hayat Institute

وارا يا پالڻ جا شوقين ڪير چڏي پن چرڻ شروع ڪندڙ هرڻ ونڻ ان ڪري پسند ڪندا آهن جو اهي ننڍا هرڻ نسبتاً آساني سان پالي سگهبا آهن. اهڙن هرڻن جي جوڙي عام طور تي پندرهن کان ويهه هزارن ۾ وڏن تورن، احسانن ۽ چئو چوان بعد ملندي آهي. جڏهن ته وڏن هرڻن جي جوڙي جو ملهه ٽيهه کان چاليهه هزار چيو وڃي ٿو. ان مان به هن جي ناياب هجڻ جو اندازو ڪري سگهجي ٿو ته ساڳي وقت هن جي گهٽ ٿيڻ بابت اندازو به لڳائي سگهجي ٿو. جنهن نموني هن جو پابندي باوجود بيدردي سان شڪار ٿي رهيو آهي ان مان لڳي ٿو ته مستقبل قريب هرڻن متعلق شاعري پڙهائيندڙ پروفيسرن کي ان جي تصوير ڏيکاري غزالي اکين واري تشبيهه سمجهائڻي پوندي. ان ڪري ضرورت هن ڳالهه جي آهي ته هن جي جُو وارين جاين تي وڌ کان وڌ پرائيوٽ رکون رکرائي هن جي نسل کي بچايو وڃي باقي چڙيا گهرن ۽ حڪومت جي آسري تي رهيا سين ته هرڻ به هلي پوندا.

***

# ڪانئرو

**شاهه صاحب پاران 'طالب الدنيا' جي علامت طور ڄاڻايل پکي :**

***ڪانئرو*** به انهن پکين ۾ شامل آهي، جنهن کي عموماً ملاح ڍنڍن ۾ ٻين پکين جي شڪار ڪرڻ واسطي پاليندا آهن. ڪارن ڪنين، ڪاري چهنب، ڪارين ٽنگن ۽ پيرن پر اڪين ۾ ڪجهه شيرو ڪانئرو مقامي پکي آهي. جيڪو سڄو سال ڍنڍن ڍورن ۾ ننڍين مڇين تي گذارو ڪندي، آنا ۽ ٻچا به هت ئي ڪندو آهي. ننڍي مڇي يا مڇي جا ننڍا ٻچا پوءِ اهي ڪهڙا به هجن، ڪانئري جو کاڄ هوندا آهن. جن ۾ پاپليٽ، سُٽي، ڪرڙو ۽ درو وغيره شامل آهن. مڇي کائڻ سبب هن جي گوشت ۾ مڇي جي ڪکي بوءِ هوندي آهي، پر ڪانئري جو ئي هڪ قسم سمجهيو ويندڙ سِري جو گوشت، ڪجهه بهتر يا ڪٽي چئجي ته گهٽ خراب ۽ ذري گهٽ ٻين پکين جهڙو ئي هوندو آهي. ڪي ماڻهو خاص ڪري ملاح وغيره هن جو گوشت کائين ته آنا به، پر ڪجهه ماڻهو هن کي ڳُجي نه هجڻ، پير ۾ چمپو/ڳنڊيل هجڻ يا پيرن جون آڱريون پاڻ ۾ ڳنڊيل هجڻ سبب حلال نٿا سمجهن! ماڻهن ۾ هن جي حلال ۽ حرام هجڻ متعلق جي مختلف دعوائون هجڻ سبب ٻين عام حلال پکين جي مقابلي ۾ هن جي تعداد ۾ اضافو ٿيو آهي. (شايد پکين ۽ جانورن جي بچاءَ جو هاڻ واحد ذريعو به رڳو اهو ئي بچيو آهي!) صبح ساڻ اٿي مڇي جو شڪار شروع ڪندڙ ۽ سج لهندي ئي ۽ واپس وڃي ويهي، رات آرام سان ڪٽيندڙ ڪانئرا، عموماً ولر ۾ هوندا آهن، پر اڪيلا ۽ جوڙي جوڙي ۾ به نظر ايندا آهن. ڍنڍ ۾ شڪار ڪرڻ وقت ڪڏهن ته هي 'پَرو' ڪري، گڏجي ڍنڍ جي هڪڙي ڪناري مان مڇيون مارڻ شروع ڪندا آهن ته ٽپيون ڏيندا، آڱر آڱر جيتريون

Gul Hayat Institute

هوندي آهي ۽ ڪڪڙو وري سري کان ڏگهو. سنهو ۽ چنهب سري کان ڪجهہ ننڍي هوندي اٿس.

ملاح هن جي ڪجهہ ڏينهن جي اهڙي ٻچي، جنهن کي اجا پَر نہ آيا هجن کي، مڇي تي هيرائي پالي. شڪار جا گُر سيکاري ان ذريعي ڍنڍن جي ٻين پکين جو شڪار ڪندا آهن. ائين مڇي تي هيرايل ۽ پاليل ڪانئرو ماڻهن سان هري مري ويندو آهي ۽ اڳتي هلي پنهنجي ذات جي تـوڙي ٻين پکين جي قبر ۽ موت جو باعث بڻبو آهي. شڪار سيکارڻ لاءِ سڀ کان اڳ ڪانئري جي پاليل ٻچي کي ڪاٺي تي ويهاري، پاڻي ۾ ويندا آهن. پوءِ آهستي آهستي ان کي بندوق جي نالي تي ويهارڻ سيکاربو آهي. ڍنڍ ۾ موجود پکي جيئن تہ ماڻهو وغيره کي ڏسي ويجهو وڃڻ تي اڏامي ويندا آهن. ان ڪري تارو ماڻهو ڍنڍ جي پاڻي ۾ ٻيٽ هينيان ڪوپلاسٽڪ جو وڏو گٺلن وغيره ڏيئي، ان مٿان ترندا. هڪ هٿ ۾ بندوق جهلي، ان مٿان ڪانئري کي ويهاري، آهستي آهستي غير محسوس طريقي سان، پکين کي ويجهو وڃي ڏڪ هڻڻ جي فاصلي تي پهچي، هلڪي جهٽڪي سان ڪانئري کي بندوق جي نالي تان هٽائي، پنهنجي مٿي تي ويهاري، پکين کي ڏڪ هڻندا آهن. شڪار جي موقعي تي هوا جي اهڙي رخ تي رهبو آهي، تہ جيئن ماڻهو جي بُوءَ هوا وسيلي پکين تائين نہ پهچي سگهي. بندوق تي ويٺل ڪانئرو انهيءَ دوران، عام رواجي نموني پَر بہ پيو هلائيندو آهي، تہ جيئن ٻين پکين کي ڪوشڪ پيدا نہ ٿئي. ڪانئري کي اهو عمل سيکارڻ کي 'آڏائڻ' سڏبو آهي. ڪانئري ذريعي شڪار عموماً نر ڪانئري ذريعي ڪبو آهي. جنهن جي سڃاڻپ مادي کان ڪجهہ وڏو ۽ وزن ۾ بہ ڪجهہ وڏيڪ هجڻ ذريعي ٿيندي آهي.

ڪانئرو بہ انهن پکين ۾ شامل آهي، جن کي شاهہ صاحب جي رسالي ۾ مستقل جاءِ مليل آهي. شاهہ صاحب ڪانئري جي مزاج ۽ نفسيات کي ڏسندي کيس طالب الدنيا سان ڀيٽيندي هن جو ذڪر انهن لفظن ۾ ڪيو آهي:

اونـهـون جـو اوڙاهہ هـي هـنـجـهـہ تِـنـهـن ۾ هـوءِ،
اِي ڪـانِـئـيـرو ڪـوءِ، ڃـاڃَـر ۾ ڇـيـرِيـون ڪـري

(سُر ڪارايل، شاهه جو گنج، سگهڙ حاجي الهداد جنجهي، داستان پهريون، بيت 4)

ويا مور مري، هَنجهه نه رَهيو هِيڪڙو
وطن تيو وري، ڪوڙن ڪانئيرن جو.
(سُر ڪارايل، شاهه جو گنج، سگهڙ حاجي الهداد جنجهي، داستان ٻيو بيت 13)

اُونِهي ۾ اوڙاهُ جو هَنجو تِتَهِين هوءِ،
اِيءَ ڪانِيئَرو ڪوءِ، جو ڇاڇَرِ ۾ ڇيرُون ڪري؟
(شاهه جو رسالو غلام محمد شاهواڻي، سُر ڪارايل، داستان هڪ، بيت نمبر 5)

سُرَهو سَرُ وِڃائِيو، ڪُوڙَن ڪانِيئَرن،
رُنا روهُ وَڃَنِ، ڪنهن هِيڏائِيءَ ڪان هَنجڙا.
(شاهه جو رسالو غلام محمد شاهواڻي، سُر ڪارايل، داستان هڪ، بيت نمبر 30)

Gul Hayat Institute

---

راوي :

- غلام مصطفي ملاح ولد عبدالله، عمر 50 سال ڪن، ڳوٺ ٿليل، (چوٽياري ڊيم) سانگهڙ
- محمد اسماعيل ولد دودو خان ٻڙدي، عمر 50 سال، ڳوٺ گلزار خان ٻڙدي، نزد باڪوڙو موري، سانگهڙ.
- عبدالحق لغاري ولد خليل احمد، عمر 40 سال، ڳوٺ مولوي خير محمد احمداڻي، سانگهڙ
- اسحاق ولد شير محمد لغاري، عمر 50 سال، ڳوٺ در محمد لغاري، سانگهڙ

# چاهاڻ ماکي به رڳو فارمن مان ملندي!

**اڄوڪي** جديد دؤر ۾ جيڪي اصلوڪيون شيون، جنسون ۽ جيت جڻيا خطرن ۾ گهيرجي، وجود وڃائي رهيا آهن. انهن ۾ ماکي بہ هڪ آهي. ماکي جيڪا قدرت جي نعمتن مان هڪ آهي ۽ حڪمت جي حوالي سان بيحد مفيد ۽ اهم آهي، اها آهستي آهستي جهنگلن، ٻيلن، وڻن جي وڍجڻ بعد محدود ٿيندي، وجود وڃائيندي، فارمن تائين محدود ٿي رهي آهي. اهي ماڻهو جيڪي چون ٿا تہ جيت جڻيا اسان لاءِ ڪيئن فائديمند ٿي سگهن ٿا؟ انهن کي ماکيءَ جي مکن تي ضرور غور ڪرڻ گهرجي. ماکيءَ جي حوالي سان ڪيترين ئي دلچسپ ڳالهيون مشهور آهن مثال طور:وڻ تي ويڙل ماکي ۾ هيٺ لوڙهي وغيره ۾ ويڙل ماکي جي مقابلي ۾ رس گهٽ هوندو آهي ڇو جو وڻ لڏندا رهندا آهن ۽ ان ڪري ماکي تي اثر پئي ٿو. نم ۾ ويڙل ماکي اڪ جي علاج ۽ حڪمت جي حوالي سان سڀ کان بهتر ماکي ليکبي آهي. اڪ ۾ ويڙل ماکي لاهڻ ۾ سيني کان سولي هوندي آهي. هڪ هنڌان اڏامي ٻئي هنڌ ويندڙ ماکيءَ کي ويهارڻ لاءِ ان تي پاڻي ڇنڊبو آهي يا ان تي جوتو اونڌو ڪري اڇلبو آهي. ماکيءَ بہ موسم جي مناسبت سان گرمي ۾ ڏکڻ تي ۽ سياري ۾ اتر تي ويهندي آهي. اهو بہ عجيب اتفاق آهي تہ جنهن سال فصل سٺا ٿيندا آهن ، ان سال ماکي گهٽ هوندي آهي ۽ جنهن سال ماکي گهڻي هجي ان سال فصل سٺا نہ ٿيندا آهن. سرنهن جي ماکي پيلي ۽ ٿوري ٿڌ تي جمي ويندي آهي ان ۾ خوشبو بہ سرنهن جهڙي هوندي آهي. جڏهن تہ ٻير جي ماکي ٿوري ڪساري هجي ٿي. لوڙهن ۾ بہ ماکي ويهندي آهي. بهار جي موسم جي ماکي ذائقي دار هوندي آهي، ڇاڪاڻ تہ هن موسم ۾ هو گلن مان رس

Gul Hayat Institute

چوسيندي آهي. سرءُ جي پچاڙي يا سياري جي شروع ۾ ماکي بيضا لاهيندي آهي، تنهن ڪري سياري ۾ ان ۾ رس گهٽ هوندو آهي. ڇاڪاڻ تہ مکيون سيءُ جي ڪري رس گهٽ استعمال ڪنديون آهن تہ ماناري ۾ سندن ٻچا بہ پرورش جي مرحلن ۾ گذرندا آهن. ائين سياري جي پڇاڙيءَ ۾ جڏهن ٻچا وڏا ٿي ويندا آهن تہ هو ان جاءِ تان اڏامي ويندي آهي. جڏهن تہ ماکي لاهڻ جي صورت ۾ هو ٻئي ڏينهن اتان اڏامي ويندي آهي. ميرپورخاص جي مشهور حڪيم سائين حاجي ستار جي بقول تہ ماکي سڌو سنئون پنجاهہ کن بيمارين جو علاج آهي جڏهن تہ ادائي سئو کن بيمارين ۾ هي ٻين شين جي ملاوٽ سان علاج طور استعمال ڪبي آهي. ماکي جو ذڪر قرآن ۽ حديث ۾ بہ ملي ٿو. لوڙهن ۾ ويهندڙ ماکي کي وڌيڪ تحفظ ميسر هوندو آهي پر اڄڪلهہ لوڙهن جي رواج گهٽجڻ ڪري ماکي جو بہ اڳوڻو بچاءُ اهو نہ رهيو آهي. اڳي ماکي وڪڻي ڇڱو ناڻو ڪمائبو هو تہ تحفي طور بہ ڏني ويندي هئي. پر هاڻ ٻين شين ۾ ملاوٽ وانگر ماکيءَ ۾ بہ ملاوٽ عام ٿي وئي آهي.

اڳي ننڍي مک واري ماکي، سنڌ ۾ وڌيڪ هوندي هئي، پر گذريل ڏهاڪو کن سالن کان وڏي مک واري ماکي اڇي منهن ڪڍيو آهي. جيڪا رس ۾ تہ وڌيڪ هوندي آهي پر عام طور تي ايتري پسند نہ ڪئي ويندي آهي. ان جا مکا بہ وڏا ۽ تمام گهڻو زهريلا ۽ خطرناڪ هوندا آهن. جن جي ڏنگڻ سان ڪيترائي ماڻهو موت جو شڪار ٿي چُڪا آهن. ننڍي ماکي مختلف گلن مان رس چوسيندي آهي، جنهن ڪري اها وڌيڪ بهتر ماکي تصور ڪئي ويندي آهي. جڏهن تہ وڏي مک واري ماکي منين شين مثلاً ڪمند وغيره تي وڌيڪ ويهندي آهي ۽ ان مان رس چوسيندي آهي.

**مَکي ٻيلي تي پيل نالي جي روايت :** سانگهڙ ۾ ناري پر سان مشهور مکي ٻيلي تي اهو نالو پوڻ جي عام طور تي وجہ اها ٻڌائي وڃي ٿي تہ ان علائقي ۾ گهاٽي جهنگ ۽ ٻيلي جي ڪري اتي ماکي جام هوندي هئي. جيڪا خريد ڪرڻ لاءِ ٻين علائقن ۽ ٻين ٻوليو جا ماڻهو بہ هتي ايندا هئا. انهن پاران ماکي کي مکي چوڻ ۽ سڏڻ سبب. انهيءَ علائقي يعني

’ماکي‘ جو نالو بہ. ماکي مان ڦري ’مَکي‘ ٿي ويو! اها ڳالهہ ان ڪري گھٽي صهيح نٿي لڳي تہ جيڪڏهن لفظ ماکي مان ڦري مکي ٿئي تہ پوءِ عام ملندڙ ماکي کي بہ. مکي ئي سڏيو وڃي ها، پر ائين ناهي. ماکي کي اڄ بہ ماکي ئي سڏيو وڃي ٿو ۽ مکي کي مکي ئي سڏجي ٿو. اها ڳالهہ صحيح آهي تہ. مکي ۾، ماکي جام هوندي هئي، پر ٻيلي جو نالو ماکي جي گھٽائي جي ڪري نہ پر اتي ٿيندڙ هڪ قسم جي خطرناڪ مَک جي ڪري پيو آهي. مکي جي علائقي، ’آچي جو دڙو‘ جو پراڻو ۽ ابن ڏاڏن کان رهاڪو ليڪڪ ۽ سماجي ڪارڪن دوست صادق خاصخيلي جو والد چاچو علي محمد ٻڌائي ٿو تہ (آچو سندن ڏاڏو هو) اها مک تمام زهريلي ۽ خطرناڪ هوندي هئي. جنهن جا اڄ بہ ڪيترائي مقامي گواهہ موجود آهن. حر تحريڪ ۽ جمڙائو ڪوٽجڻ بعد، هتي آٽي آباد ڪيل فوجين (جيڪو سلسلو اڄ بہ هلندڙ آهي) جي اڪثريت بہ ان مک جي خطرناڪ هجڻ بابت ڪيترائي قصا ۽ ڪهاڻيون ٻڌائي ٿي. ان مان ظاهر آهي تہ هن علائقي تي اهو نالو ماکيءَ جي نالي جي ڦري مکي ٿيڻ سبب نہ پر ان خطرناڪ مک جي ڪري پيل آهي. اڄڪلهہ مکي ٻيلي جو سينٽر يا وچ يو سي ۽ ديهہ ڪڏواري جو ڳوٺ ’گهوڙي واري ڍنڍ‘ پرسان لائق جمالي چيو وڃي ٿو. ان کان اڳ پڪسري کان متي، موجوده چوٽياري ڍيم وارو علائقو مکي ٻيلو وڃي ٻچيو هو پر هاڻ اهو علائقو ڍيم اندر اچي چڪو آهي. مکيءَ جو سڄو علائقو ماکيءَ جي گھٽائيءَ جي ڪري ڏيهہ پرڏيهہ ۾ مشهور هو. هڪ وڻ ۾ بہ ٽي ٽي ماکيون وينل هونديون هيون، جن ۾ ڪلو کان بہ ڪلو تائين ماکي ملندي هئي. ماکيءَ کي انسانن کان علاوه ٻيا بہ ڪيترائي جانور ۽ پکي شوق سان کائيندا آهن. گدڙ ڪمند ۽ ووڻن ۾ وينل ماکي لاهي کائيندو آهي ۽ ڏکھي پيچ وارو ’متاع‘ پکي بہ ماکي کائڻ جو وڏو شوقين آهي. هاڻ آبادي وڌڻ، وڻ گهٽجڻ، ٻيلن جي ختم ٿيڻ جي ڪري، مکي ۾ بہ ماکي ڪڏهن ڪڏهن ۽ ڪٿي ڪٿي نظر ايندي آهي. فصلن ۾ وينل ماکيءَ کي جيت مار دوائن جي اسپري بہ سخت نقصان پهچايو آهي. ماکي جيڪا نہ صرف ڪيترن ئي بيمارين جو علاج پڻ آهي پر جنهن جو ميٺ بہ مختلف حوالن سان ڪم ايندو آهي.

**ماکي کي نقصان پهچائيندڙ ذريعا:** ماکي کي گهٽجندڙ جهنگ، ٻيلن، وڻن، فصلن ۾ ڇٽيندڙ زهريلن ڦوهارن ۽ دوائن. جهنگ کي ڊسمبر جي آخر ۾ نئين گاهه لاءِ لڳائي ويندڙ باهه خاص طور نقصان پهچايو آهي.

**ماکي لاهڻ جو هنر:** ٻين ڪمن يا هنرن وانگر ماکي لاهڻ به هڪ فن آهي. هر ايرو غيرو سنئي نموني ماکي نٿو لاهي سگهي. عام طور تي ماکي لاهڻ جو بهترين ٽائم منجهند ٻارهين ڏاري کان پوءِ وارو ٽائم ٻڌايو وڃي ٿو. صبح شام تائين جي ڪري ماکي ڳوڙهو ٿي ويٺل هوندي آهي ۽ هن ۾ ان وقت رس گهٽ هوندو آهي. اصلوڪي يا مقامي ماکي مينهن جي ڇيٽي (جيڪو ٻين ڇيٽن کان وڏو هجي ٿو) جي دونهين -سگريٽ جي دونهين- هٿن پيرن ۽ منهن تي ڪپڙو ٻڌي- ڦوڪ وغيره تي لاهبي آهي. ڪجهه سالن کان هتي آيل نئين ۽ وڏي ماکي لاهڻ لاءِ اُن جي ماناري ۾ اَن جي ٻوري مان، اَن جاچڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ 'ٻرکيءَ' جي پنيان پائيپ ٻڌي، ان کي ماناري ۾ لڳائي ۽ پائپ کي ٻالٽي ۾ وجهي اٽڪل سان رس ڪڍبو آهي. مقامي ماکي جو رس عام طور تي ٻه کان ٽي ڪلو ٽائين، جڏهن ته نئين آيل ماکي جو رس مڻ کن ٽائين ٿئي ٿو. نئين آيل ماکي جنهن جو مانارو ۽ مکا مقامي جي مقابلي ۾ وڏا ٿين ٿا اها ڏاڍي خطرناڪ آهي. اها لاهڻ دوران يا ڪَس ڪرڻ تي جڏهن چڙي پوي ٿي ته پوءِ مَچڻ تي پوي ٿي. جنهن جا ڪيترائي مثال هر هنڌ موجود آهن. ان کي لاهڻ لاءِ سڄي جسم کي سولي نموني ڍڪڻو پوي ٿو.

**ماکي جي ڏنگ جو علاج:** مقامي ماکي جي ڏنگڻ تي سڀ کان ڀهرين لاٽل ماکي مان آگر ٻوڙي رس کي ڏنگ واري جاءِ تي هڻبو آهي. پر شرط اهو آهي ته ان رس مان اڳ ۾ ڪنهن به آگر وغيره نه ٻوڙي هجي. ڏنگ واري جاءِ تي گاسليٽ ۽ لوڻ به مکبو آهي. سوڄ ڪري ويل جاءِ تي اس ۾ گرم ٿيل ٺڪريون يا باهه ۾ گرم ڪيل ٺڪريون، پٿر يا ڪپڙي جو سيڪ ڏبو يا ٽاڪور ڪبي آهي.

سان جي مناڻ ختم ٿي وڃي تہ ماکي اصلي آهي. ڪي ماڻهو ڄميل ماکي کي نقلي سمجهن ٿا پر اصل ۾ ماکي جو ڄمڻ اصلي نقلي سان نہ پر موسم جي حساب سان هوندو آهي. ان ڪي وڏيڪ آزمائڻ لاءِ ڄميل ماکي وارو شيشو گرم پاڻي ۾ ٻوڙجي. جيڪڏهن ماکي پگهرجي وڃي تہ اصلي آهي ۽ جي نہ پگهرجي تہ نقلي.

**ماکي جي حوالي سان چوڻيون ۽ پهاڪا :** "آهي اڪ جي ماکي (معنيٰ صفا سولو ڪم هجڻ). "ماکي جهڙو مٺو. /ماکيءَ کان بہ مٺو" "ماکي جهڙو ماڻهو وغيره.

ڀٽائي صاحب ڪي جن جانورن، پکين ۽ جيت جڻن، مختلف خاصيتن جي ڪري متاثر ڪيو. انهن ۾ انهن مان ماکي بہ هڪ آهي. ماکيءَ جي حوالي سان ڀٽائيءَ صاحب سر ڪنيات ۾ ڪيترائي بيت چيا آهن. مثال طور: "**سڄڻ ماکيءَ منڊ، ڪوڙا ٿين نہ ڪڏهين**".

طِـيـئُـون طَـعَـام تُـنـهـنـجـا، مُـور نَـہ مُـون مَـنـظُـور،
مِـيـوا مـجـر مـاکِـيـون ٻِـيـريـن جَـهـلـيـا ٻُـورَ.
سَـانـگِـيـڙن جِـي سُـوَر، چُـرپُـر لائـي چِـتَ ۾

(سُر مارئي، شاهہ جو گنج، سگهڙ حاجي الهداد جنجهي، ٽيہ اکري، بيت ط)

آمــان پــانــيــان اڪ، کــبــڙ کــتـوريــا وِتــرا،
کُـتِـيـان پِـتـيـان پِـيـٺَ لـئـي، مـاکـيـان مـنـي مـڪ،
ڪـوڪـڙ کـنـڊيـرن ۾، ڦَـڪـيـو پـريـان ڦـڪ،
ور هـلان ڪـيـس حـق، ڪـوءِ وَڏايـون وڻـن سـيـن.

(سُر مارئي، شاهہ جو گنج، سگهڙ حاجي الهداد جنجهي، داستان سورهون، بيت 14)

هُـن تـاري هُـن هَـنـڌ، هُـت مـنـهـنـجـا سـپـريـن،
سَـڄـڻ مـاکـيءَ مَـنـڊَ، ڪَـوڙا پَـوَن مَ ڪَـڏهـيـن.

(سُر ڪنيات، شاهه جو گنج، سگهڙ حاجي الهداد جنجهي، داستان پهريون، بيت 32)

هُـن تـاري هُــن جـاءِ، هُــت مُـنـهـنـجـا سِــپـريــن،
سَــجــڻ مــاڪِــيءَ سَــاءِ، گــوڙا پَــوَن مَ ڪــڌِهِــيــن.

(سُر ڪنيات، شاهه جو گنج، سگهڙ حاجي الهداد جنجهي، داستان پهريون، بيت 36)

ڪجهه ٻه هجي پر جيئن پيون ڪيتريون ئي مقامي شيون آهستي آهستي وجود وڃائي رهيون آهن. تيئن ئي اصلي، ننڍن مکن واري ماکيءَ ٻه ڏينهون ڏينهن گهٽجي رهي آهي ۽ ان جي جاءِ وڏن مکن واري ماکي ولاري رهي آهي. اهو سلسلو ايئن جاري رهيو ته اڳتي هلي شايد اسان کي ماکيءَ ٻه فارمن مان ئي ملي سگهي، جنهن جو اڄڪلهه رواج عام ٿي رهيو آهي. ۽ ماکي پالڻ جو اهو طريقو گهريلو صنعت جو درجو اختيار ڪري چڪو آهي.

***

Gul Hayat Institute

# حصو چوٿون

(اُهي پالتو جانور ۽ پکي

جن بابت پٺائي صاحب جو ڪو بيت نہ ملي سگهيو!)

Gul Hayat Institute

سڏيندا آهن. روايت ڪندا اهن تہ هڪ ٻلي، شينهن کي پڙهايوءِ شڪار جا گر سيکاريا تہ ماڳهين شينهن کيس ئي کائڻ لاءِ تيار ٿي ويو جنهن تي ٻلي جان بچائڻ لاءِ آخري دل ۾ بچائي رکيل نسختي تي عمل ڪندي وڻ تي چڙهي وئي

❊❊❊

Gul Hayat Institute

# سهڻن جو ساهه نه ڪڍو!

**هڻن** تہ خير هر قسم جي پکيءَ جانور جو شڪار ٿئي ٿو ءِ خود انسانن جو بہ ٿئي ٿو پر، ان وقت بندوق جي بہ فائر ڪرڻ تي دل ناهي چوندي، جڏهن اها ڪنهن سهي جو ساهہ ڪڍڻ لاءِ سڌي ڪئي ويندي آهي. ان وقت ڪوڙڪي جهڙي ڪنور دل اوزار جو دل بہ جواب ڏيئي ويهندو آهي، جڏهن اها ڪنهن سهي کي جهلڻ لاءِ اڏي ويندي آهي ءِ ان وقت ان جار جو دل بہ سنڌس ۾ موجود ڳڙڪين وانگر ٽي ويندي آهي، جڏهن اها ڪنهن سهي کي ڦاسائڻ لاءِ اڏي ويندي آهي. اهي بي جان شيون ڏکاريون هونديون بہ انسانن جي حڪمن هٿان مجبور هونديون آهن. پر خود ساهہ وارو انسان، سهي جهڙي سڀ کان وڌيڪ معصوم ءِ خوبصورت جانور جو ساهہ ڪيندي ءِ ان کي ماريندي ڪا بہ ڪهل ناهي ڪندو! سهي جي جُوءِ سان هٿ چراند نہ ڪئي وڃي، ان جي نسل ڪشي ڪرڻ بجاءِ ان کي وڌ کان وڌ وڌايو وڃي، تہ هوند انسانن جي روزانہ جا ڏکيا سفر، سهي پاران رستن تي اچانڪ آڏو اچي بيهڻ، گهمڻ ڦرڻ، چرڻ، ڊوڙڻ ءِ نينگ ٽپا ڏيڻ جهڙا منظر ڏسي، ڏاڍا سولا ءِ دلچسپ ٿيو پون! مصيبتن جو ماريل انسان، سهن جو ساهہ ڪڍي، خود سنڌس راهہ جون رونقون گهٽائي ءِ مسئلا وڌائي رهيو آهي پر پوءِ بہ مڙي نٿو.

عام طور تي سها ٽن قسم جا هجن ٿا. گهريلو جابلو ءِ ميداني / ريگستاني. گهريلو سهن کي پالتو، ڏاريل ءِ هٽرادو جي نالي سان بہ سڏيو وڃي ٿو. گهريلو سها ورن وڪڙن واري وڏي پر ناهي رهندا آهن. جمڻ وقت انهن جي جسم تي ٻُج ناهن هوندا. هفتي تائين اکيون بند هونديون اٿن. ٻچا بہ ٻر اندر ڪندا آهن. جن جو تعداد عام طور تي ڇهہ کان ست هوندو آهي. جڏهن تہ جهنگلي سهو پٽ تي، ڪا معمولي انچن جي حساب سان کڏ کوٽي ٿو ءِ ٻچا

Gul Hayat Institute

ٻہ ڀڌر تي ڪري ٿو جيڪي عموماً جوڙي ۾ هوندا آهن. ٻاڪوڙي لڳ ڳوٺ گلزار احمد ٻڙدي جي، سهڻ جي مشهور خفتي محمد اسماعيل ٻڙدي جي بقول تہ سئو مان پنج ماديون تي ٻچا ڪنديون هونديون، جڏهن تہ 100 مان ڏهہ/پندرهن هڪ وقت تي، هڪ ٻچو ڪنديون هونديون. سهي جي ٻچا ڪرڻ جي ڪا بہ خاص مند ۽ موسم ناهي، سڄو سال لڳ ۽ ٻچا ڪندو رهندو آهي پر جڏهن ڪانڊيرا ڦٽندا آهن، تہ اهو وقت نسبتاً وڌيڪ ٻچا ڪندو آهي. مادي چاليهہ ڏينهن پيٽ سان رهندي، ويامڻ کان فوراً پوءِ وري لڳ لاءِ تيار هوندي آهي. جنهن ڪري گهريلو مادي سال ۾ ڇهہ ست ٽُور ۽ جهنگلي سال ۾ پنج ڇهہ ٽور ڪندي آهي. ٻچوعموماً پندرهن ويهہ ڏينهن ڏائڻ بعد ٻچو چرڪ تي ويندو آهي. خفتي، نر مادي جي سڃاڻپ نر جي ڪجهہ ننڍي ۽ هلڪي هجڻ سان ۽ مادي جي سڃاڻپ وڏي ۽ ڳري هجڻ جي حساب سان ڪندا آهن. پر پري کان اها سڃاڻپ آهي ڏکي. عام سهي جو وزن ڏيڍ کان بہ ڪلو ٽائين هجي ٿو. مادي تمام جلد پوڙهي ٿيو وڃي. سهي جو ٽن کان ڇئن مهينن جو ٻچو نسل وڌائڻ لائق ٿيو پوي ٿو. هن جي پسند جي گاهن ۾ نڙ، ڇٻر، لاٽي، برسينگ، لوسڻ، سرنهن، ڪڻڪ جا تازا چاول سلا، ڪاڄن جي ڪٽي، پيرون ۽ سگر وغيره هجن ٿا. ڪلر ۾ ٿيندڙ ننڍڙي گاهہ 'اوئين' ۽ جنتر جو هي عاشق هجي ٿو. سهي ڪي خفتين ڪڏهن بيمار ٿيندي ناهي ڏٺو پر پوءِ بہ هن ڪي ڇچڙيون ۽ جوُن ضرور ٿين ٿيون. سهي ڪي سِر بہ تمام گهڻو نقصان پهچايو آهي. انسانن کان علاوه ڪتا، گدڙ، ٻلا، نور ۽ باز بہ هن جو شڪار ڪن ٿا. پوهہ جي سيئن ۾ جڏهن ڪڻڪن جا سلا نڪرڻ لڳندا آهن، ان وقت رات جو چرڻ لاءِ نڪتل سهن جو ساهہ ڪيڻ لاءِ، انسانن سان گڏ ڪتا، بہ پگهر وهائيندا ۽ نوس نوس ڪندا وتندا آهن. ان وقت جيپ،موٽر سائڪلن يا پنڌ،سرچ لائيٽ ٽارچ هڻندي، ڪنهن ٻوٽي ۾ ڪو خوبصورت انسان ڪيڏو نہ ڀيانڪ ۽ وحشي لڳندو آهي، جڏهن هو هڪ ٻئي خوبصورت مخلوق ڪي مارڻ لاءِ جهيڻي آواز يا اشارن ۾ ڳالهائيندي ۽ وس پڄندي ڪڙڪي ڪرڻ کان بغير سهي جي ڳولا ۾ هوندو آهي! سهو ڏاڍو سَرلو جانور آهي، معمولي ڪڙڪي ڪي بہ خطري جي گهنٽي سمجهندي ڪن ڪيٺا ڪري، پوين ٽنگن تي ويهي، اڳيون ٽنگون مٿي ڪري، ايو ٿي، هيڏانهن هوڏانهن پيو جاچيندو آهي. خطرو محسوس ڪرڻ تي،

هو بيٺ کي خبردار ڪرڻ واسطي، پوٻون پير زور سان زمين تي هڻي، وڏا وڏا آواز ڪندو آهي. سرچ لائيٽ جيڪڏهن سامهون منهن تي پئجي ويس ته ويهي رهندو آهي،پر ان وقت به شڪاري ڪڙڪو ڪرڻ کان ڪيٻائيندا آهن. باقي جي لائيٽ پاسي کان يا پٺيان لڳس ته پوءِ وس پڄندي، ٽپا ڏيئي، پڄڻ جي ڪندو آهي. سهي جي ٻاهر نڪرڻ ۽ چرڻ جو وقت سياري ۾ سج لهڻ بعد 'منهنڌاري' ٿيڻ کان وٺي، رات جو نائين ڏهين تائين هوندو آهي. رات جو پيٽ پرجڻ بعد به واپس ٽاڪ تي وڃڻ بدران صبح ستين اٺين تائين،'مترگشت'۽ 'تاڙا تاڙي' ۾ مصروف رهندو آهي. اڪثر انهيءَ 'ڦوشت' سبب شڪارين جي ور به چڙهي ويندو آهي. گرمي ۾ هي سج لڙندي ئي، وچين کان اڳ ٻاهر اچي ويندو آهي. جڏهن ته برسات ۾ هي برسات بند ٿيڻ بعد جاءِ بدلائي، ٻئي سڪي ۽ مٿاهين جاءِ تي وڃڻ جي ڪندو آهي. پاڻي گهٽو هجي ته هو ٽري ٻئي پاسي به هليو ويندو آهي. هي گرمي ۾ پوسل واري، ٿڌي جاءِ جي ڳولا ۾، گهاٽين لين ۾ لڪندو آهي. سياري ۾ ڇدا ڊپ ۽ سڪل لاٽيون جن مان تڙڪو لڳي، هن جا پسنديده هنڌ هوندا آهن. جيتوڻيڪ سهي کي سڀ کان وڌيڪ ڊڄڻي جانور هجڻ جو اعزاز به نصيب ٿيل آهي ۽ هو زنده پڪڙجڻ (جهنگلي) تي هانو ڦاٽي مري به وڃي ٿو پر پوءِ به هو مور کان وڌيڪ 'مڙس ماڻهو' آهي. سهي جي انهيءَ ڊڄڻ سبب ئي 'سهي جي ڪل' سان ڪنهن کي تشبيهه ڏبي آهي. ڏاتڪي ۾ ڪنهن ڪوڙ ڳالهائڻ تي 'سرڙڪ سسا سئو' جي چوڻي به مشهور آهي. سهي کي جتي پنهنجي حسن تي وڏو ٻانور هوندو آهي ۽ هو وڏي ناز نخري سان هلندو آهي،ڏاڍي فضيلت ۽ رک رکاءُ سان ڪائيندو آهي، اتي هن کي پنهنجي اڳين ٽنگن جي ڪمزور هجڻ تي افسوس به هوندو آهي. سهو حسرت وچان چوندو آهي، ته جيڪڏهن منهنجون اڳيون ٽنگون پنين جهڙيون مضبوط هجن ها ته جيڪر مان سيني شڪارين کي آڱوٺو ڏيکاريندي، تازي ڪتي جي چَٽ مان به پاڻي پي ڏيکاريان ها! جيڪڏهن سهي کي اڳين ٽنگن يا ڪنڌ کان جهلبو ته هو پوئين سان هٿ ڦٽي وجهندو آهي. ڪڏهن به نه بخشجڻ جهڙا مٺا ماريا انسان، ڊڳن وانگر، تازي ڪتا پنيان چڙي، سهي جي ڊوڙ به ڪرائيندا آهن! سهي جو گوشت هاضمي جي حساب سان هلڪو هجي ٿو. باڪوڙي موري جي استاد قادر بخش لغاري عرف بجلي

Gul Hayat Institute

جي بقول تہ پالتو سهي جو گوشت جهنگلي جي مقابلي ۾ بي سوادو هجي ٿو. ان جي باوجود جو پالتو/گهريلو سهو سئو بہ سئو تائين مليو وڃيپوءِ بہ شڪاري ان کي شڪار ڪرڻ لاءِ وڏو خرچ ۽ جتن ڪندا آهن. اهلِ تشيع هن کي ڪونہ کائين. ڪاش! سيئي مسلڪ گهٽ ۾ گهٽ سهي جي معاملي تي هڪ جهڙي سوچ وارا ٿي پون. مختلف رنگن ۾ ملندڙ سهن ۾ جهنگلي جو وزن گهٽ ۽ گهريلو جو ڪجهہ وڌيڪ هجي ٿو. سهي جو شڪار عموماً بندوق، چار ۽ ڪوڙڪي سان ڪبو آهي. ڇهہ فوٽ ڪن ڊگهي ۽ چار پنج فوٽ ويڪري،چئن انچن جي اڪي واري جار، فصل جي ٻاهر لڳائي، ان ۾ گهٽي ڇڏبي آهي يا پوءِ سهن جي راهہ ۾ ڪوڙڪي اڏي، برسينگ يا ڪاڇن جي ڪٽي وجهي ڦاسائبو آهي. ڪي خُفتي چانڊوڪي ۾ هن کي هٿ سان جهلڻ لاءِ ڪڏٽا ناهي بہ ويهندا آهن. سانگهڙ ڪاليج جي پروفيسر عباس لغاري جهڙن خفين جي بقول تہ خاص ڪري ٿورڙي برسات پيل زمين، ٿر جي واري، توڙي نرم زمين تي سهي جو پير ڪٽي بہ شڪار ڪبو آهي. خفتين کي ڪنهن پڙپانگ پوني ۾ نندڙيون لاٽيون ۽ لٺيون، سهي جي جوُ جو پڪو پختو ڏس ڏيندي،بندوقون پرڻ تي هر ڪائيندڙيون آهن. سهي جو ٽانڊن تي پچايل گوشت سائي واري مريض کي، جڏهن تہ سهي جو مٿوءِ مغز وڏي ڪنگهہ وارن مريضن کي علاج طور ڪارائبو آهي. افسوس جو هن خوبصورت ۽ بي ضرر جيوَ جو تعداد تمام گهٽي شڪار توڙي 2010ع ۽ 2011 ۾ آيل تاريخي ٻوڏن بعد، تمام گهٽو گهٽجي، خطري جي حد تائين اچي پهتو آهي. هن کي با اثر ماڻهن جي رَکن ۾ ۽ سرڪاري طرح چراگاهہ ۽ گئوچر قائم ڪري ۽ بچائي سگهجي ٿو. پيلا بہ هن جي جيا پي جا وڏا وسيلا هئا پر هاڻ اهي پاڻ پنهنجو وجود ئي بچائي نہ سگهيا تہ سهي جو ڪهڙو سهارو بڻجندا! آبادي وڌڻ سبب زمين جي وڌيڪ کيڙجڻ سبب سهي جي لڪ جا هنڌ محدود ٿيڻ، شڪار وڌڻ ۽ شڪار ڪاتي پاران ناهيل قانونن تي عمل نہ ٿيڻ سبب بہ سهي جو نسل تيزي سان ختم ٿي رهيو آهي. ان جي باوجود جو شڪار ڪاتي وٽ سهو شروع ۾ پرمٽ ۾ هو پر 2000ع ڌاري پرمٽ مان بہ ختم ڪيو ويو آهي،جنهن جو مطلب تہ هي نسل خطري ۾ آهي، هن جو شڪار نہ تو ڪري سگهجي. اڳي مختلف جانورن تي چئن ڪتن جي ٻچ جو بہ پرمٽ هوندو هو جنهن جي فيس پنج سو روپيا ساليانا هوندي هئي. انهن جانورن ۾

سوئر، لوڪڙ، گدڙ ۽ سهو وغيره شامل هئا، پر اها بہ 2000ع کان اڳ ختم ٿيل آهي. سهي جي شڪار تي شڪار ڪاتي جو ڏنڊ وڌ ۾ وڌ 15000 روپيا آهي. جڏهن تہ ڪورٽ جو ڏنڊ 150000 تائين ۽ ڇهن مهينن کان وٺي هڪ سال تائين جيل يا ٻئي سزائون هجي ٿي. پر مختلف سببن جي ڪري افسوس جو ان تي عمل نالي ماتر ئي ٿئي ٿو.

سهو گهريلو هجي يا جهنگلي، هر وقت وحشي انسانن ۽ درندن جي وَر چڙهيل هوندو آهي. پاليل سهن کي ڪڏهن ڪڏهن ڪي ٻلا ۽ ڪتا اگهور ننڊ ۾ ستل گهرياتين جي غفلت جو فائدو وٺندي، نشانو بڻايو وجهن! جڏهن تہ جهنگلي سهو تہ هنئن ئي هر وقت، هر ڪنهن جي اک ۾ هوندو آهي. ان جي موت جو نہ داد نہ فرياد! جنهن معاشري ۽ ملڪ ۾ خود قانون ئي سڀ کان وڏو مظلوم هجي ان ۾ اهڙي قانون تي ٻين جي رکوالي ۽ تحفظ جي ڪهڙي ميار!!

***

Gul Hayat Institute

تعلق رکن ٿيون. عام طور تي ڪڪڙ سال ۾ ٻه ٺُور ڪري، پر ڪي ڪي ته ٽي ٺُور ڪري ڪن ٿيون. پر اصل ڪڪڙ عام طور تي سال ۾ هڪ ئي ٺُور ڪري ۽ بيدا به گهٽ ڪونه ڪري. خفتين جي بقول ته گهٽي گرمي ۽ گهٽي سردي ۾ آرو ڪندڙ ڪڪڙ پاران ٻچا ڦوڙڻ جي شرح گهٽ هجي ٿي. ڪڪڙ جي سياري وارو ٺُور سي کان وڏيڪ ٻچن وارو هوندو آهي. خفتي آري تي ويٺل ڪڪڙ جي بيدي جي سچي ۽ ڪوڙي يعني ٻچي واري ۽ بغير ٻچي واري بيدي جي پرک. بيدي کي پاڻي ۾ وجهي به ڪندا آهن. جيڪو بيدو وچي پاڻي جو تَرو ڇُهي اهو سچو ۽ جيڪو پاڻي تي تري، ان کي ڪوڙو سمجهبو آهي. فارمي ڪڪڙ اچڻ کان اڳ عموماً مقامي طور ڪڪڙ جا هي قسم اصيل، گوڙو/گوجو ترڙا/ جَهرڪبرا، مصري، اچي موڙ وارا ۽ صفا ننڍين ٽنگن وارا شامل هئا . اصيل ڪڪڙ خوبصورتي، وزن ۽ وڙهڻ جي حوالي سان سڀ کان وڏيڪ سمجهبو آهي، جيڪو مهانگو به وڏيڪ هوندو آهي. گوڙو ڪڪڙ وزن ۽ گوشت جي حوالي سان وڏيڪ هجن ٿا، پر خوبصورتي ۾ اصيل کان مار کايو وڃن. جڏهن ته مصري ڪڪڙ ۽ اچي وڏي موڙ واري ڪڪڙ بيدن لاهڻ جي حوالي سان وڏيڪ سمجهبي آهي، پر اهي آرو عموماً گهٽ ئي ڪنديون آهن. ان ڪري انهن جا بيدا وري اصيل يا ترڙي ڪڪڙ هيٺيان رکي ڦوڙائبا آهن. ترڙي ڪڪڙ وڏيڪ ٽران ٽران ڪرڻ ۽ اجايو سجايو بغير موقعي محل جي ڳالهائڻ ۽ وزن ۾ وچولي هجڻ سبب گهٽي اهميت، عزت ۽ مان مرتبو ناهي حاصل ڪري سگهندي، پر تعداد جي لحاظ کان سڀ کان وڏيڪ . ان ڪري اجايو سجايو اوقات کان وڏيڪ ڳالهائيندڙن کي به ترڙي ڪڪڙ سان تشبيهه ڏبي آهي. عموماً ڪڪڙيون جنهن جاءِ تي بيدا ڪنديون آهن، آرو به اتيئي ڪنديون آهن. ڪن صورتن ۾ آري بعد شروعاتي ڏينهن ۾ انهن کي ڪنهن محفوظ ۽ پرسڪون هنڌ تي ويهاربو آهي ته اتي ويهي به رهنديون آهن. ڪڪڙ بيدا لاهڻ لاءِ جڳهه جو انتخاب به عام طور تي پنهنجي مرضي سان ڪندي آهي، پر ڪن صورتن ۾ جڏهن کين شروع ۾ ئي، متي جون ڪُڏين ۾ ويهڻ تي هيرايو ويو هجي ته پوءِ آنا ۽ آرو به اهڙين ئي ڪڏين ۾ ڪن ٿيون.

ڪن ڪُڪڙين جا بيدا ڪائي يا وڪٽي ڇڏبا آهن يا آري جو مدو پورو ٿيڻ بعد به انهن مان ٻچا ناهن ڦٽي سگهندا ۽ اهي ڪوڙا ٿي ويندا آهن. ته

اهڙي صورتحال ۾ اڪثر ڪڪڙ آرو ناهي ڇڏيندي ۽ آري واري هنڌ ويٺي ئي هوندي آهي، ان ڪري ئي جيڪو ماڻهو گهر جو ٿي ويندو آهي يا ٻاهر گهٽ نڪرندو آهي، ان کي ٿوڪ ۾ چئبو آهي ته "آرو پيو پچائين يا آري تي ويٺو آهين ڇا!" آري تي ويٺل ڪڪڙ جڏهن نه اٿي ته ان کي پاڻي ۾ غوطا ڪارائبا آهن يا پاڻي ۾ ٽٻيون ڏياريون آهن.(ڪن خفتين جو اهو به چوڻ آهي ته جيڪڏهن نر ڪڪڙ کان آرو پچرائڻو هجي ته هن جي پيچ مٿان ڪِل کي سئيءَ سان کوٽي، ان تي ڪارا مرچ ڪُٽي ٻُرڪبا ته نر ڪڪڙ به مادي ڪڪڙ واريون سڪون لاهيندي آرو پچائيندو!) ڪڪڙ هنئن به ماڪ، پاڻي ۽ برسات جي مڙئي ڪجهه پاڙي ثابت ٿي آهي، ان ڪري ڪنهن وڏيڪ 'ڦڙڪيون' هڻندڙ پاران اچانڪ ماٺ ڪري ويهڻ يا خاموش ٿي وڃڻ وقتبه چئبو آهي ته "جهڙو ڪڪڙ تي ماڪ پئي". ڪڪڙ پاران آرو پچائڻ ڪنهن 'جوڳ' پچائڻ برابر هجي ٿو. هي آري دوران، بيدن تان گهٽ ئي اٿندي آهي پر آري جي آخري هفتي ۾ ته هي نه برابر اٿندي آهي. کائڻ پيئڻ به صفا گهٽائي ڇڏيندي آهي، ان ڪري ڇلو پچائڻ دوران ڪمزور ٿي ويندي آهي. ٻچا ڦوڙڻ بعد هي صفا ويڙهاڪ به ٿي ويندي آهي. ماڻهن ۽ ٻارن سان وڙهڻ کان علاوه ڪانوَ باز ۽ ٻين جانورن پاران ٻچن تي بري نظر رکڻ يا ويجهو اچڻ کان روڪڻ لاءِ انهن سان وڙهندي آهي. هن جي ٻچن کي باز/ سِرڻ، ٻلو ڪتو گدڙ(جڏهن وڏيڪ هوندا هئا) وڏا ڪوئا، نور ۽ نانگ وغيره خاص طور تي نقصان پهچائيندا هئا. جڏهن ته ڪتو ٻلو هن کي ڪنڌ ۾ جهلي ڪنڌ ڀڃي کائي ويندا آهن (گهريلو ڪتو گهٽ به پر رول يا ٻاهريون ڪتوان کي اڪثر نقصان پهچائي ٿو) نانگ ته آري تي ويٺل ڪڪڙا جا بيدا پيئڻ کان علاوه ڪڪڙ کي ماري به ويندو آهي، جنهن لا خفتين جو چوڻ آهي ته نانگ، ڪڪڙ کي ڏند هڻي، ان جو رت پي ويندو آهي. آنا ته خير ڪڪڙ پاڻ به پنهنجا ٺونگو هڻي، ٽوڙي، پي ويندي آهي. جنهن کي روڪڻ لاءِ سندس پيچ جو ڪنپ پٽي، سندس نڪ مان آر پار نٽ/ناڪيلي هڻبي آهي. ڪڪڙ بيدا لاهڻ کان ڪجهه ڏينهن اڳ بيدو لاهڻ لاءِ پرسڪون ۽ اڪيلائي واري جڳهه ڳولڻ سان گڏ ٽران ٽران به ڪندي آهي. جنهن سان مالڪن کي ڪڪڙ پاران بيدا لاهڻ جي اڳواڻ اطلاع ملندو آهي ۽ هو ڪڪڙ تي نظر رکندا آهن. پر ڪي ڪڪڙ ماٺ ميٺ ۾ آنا لاهي، آرو ڪري جڏهن

ٻچا ڦوڙينديون آهن تہ خبر پوندي آهي. ڪڪڙ عموماً بيدو لاهڻ کان پوءِ ڪافي دير تائين شور ڪندي آهي، ان شور متعلق چيو ويندو آهي تہ ڪڪڙ جي پيٽ ۾ بيدا لاهڻ کان اڳ، هڪ بيدن جو ٻور نما جهڳتو پيدا ٿيندو آهي بيدو لاهڻ کان پوءِ ڪڪڙ شور ڪري ان جهڳتي مان ٻئي ڏينهن لاءِ هڪ بيدو جڙڻ تہ پچائيندي آهي. بهرحال ڪو ڪيئن ٿو چوي، ڪو ڪيئن ٿو چوي اصل خبر الله کي يا ڪڪڙ کي! ڪڪڙ جو اهم ڪم يا وجہ شهرت ٻانگ ڏيڻ بہ آهي. ڪڪڙ عموماً رات جو ٽي پيرا ٻانگ ڏيندو آهي. هڪ سنجهي کان پوءِ، ٻئي اڌ رات کان پوءِ ٽئين ٻانگ اسر جو ڏيندو آهي. جن جي وچ ۾ بہ ٽي ڪلاڪ جو وقفو ڪندو آهي. جڏهن اڄا گهڙيون ڪون هيون (يا گهٽ هيون) ۽ نہ ئي موسميات کاتي جو ڪو وجود هو تڏهن موسمن جي مٽجڻ، ڏينهن رات ٿيڻ، ڏينهن جي شروعات ۽ وقت جي احساس لاءِ جيڪي 'نڪتا' نهاريا هئا، انهن ۾ روزانہ جي بنياد تي چنڊ ۽ سج، ڏينهن جو پاڇولو ۽ رات جو ڪڪڙ جي ٻانگ بہ اهم ۽ وڏا ذريعا هئا. ڪڪڙ جي ٻانگ تي هاري ناري جتي ڪم ڪار تي وڃڻ جو وقت سارينديا هئا، اتي ميل ملاقات لاءِ بہ ڪڪڙ جي ٻانگ کي نشاني ۽ اشاري طور ڪم آڻبو هو. هاڻ تہ خير گهڙين ۽ موبائلن صفا ڪم ئي سولا ڪري ڇڏيا آهن! پر اها ساڳي ٻانگ جيڪڏهن مادي ڪڪڙ ڏني تہ ڪيس ڪهي ڇڏبو هو. مادي ڪڪڙ جي ٻانگ کي بدسوڻي، بدشگوني ۽ نياڳي وائي مثل سمجهبو هو/آهي. مادي جي ڪڪڙ جي ٻانگ کي ڪنهن نہ ڪنهن مصيبت جي اچڻ سان منسوب ڪبو هو. ان کان علاوه ڪنهن 'ننڍي منهن' پاران 'وڏي ڳالهہ' ڪرڻ واري کي يا ٻناڪ هٽڻ واري کي بہ چئبو آهي تہ "اها مادي ڪڪڙ بہ ٽي ٻانگ ڏني!" مادي ڪڪڙ جي انهيءَ ٻانگ کي شاعرن بہ شاعري جو موضوع بنايو آهي. تہ جلال جهڙن فنڪارن ان کي ڳائي عام بہ ڪيو آهي. ڪڪڙ کي ننڊ پوري ساري ئي ايندي آهي، بس اک لڳي نہ لڳي، وري ڪيس سجاڳي ٿي پوندي آهي. ان ڪري بہ ڪنهن کي ٿوري دير ننڊ آئي تہ ان لاءِ بہ چئبو آهي تہ "ڪڪڙ جي ننڪي جهڙي ننڊ آئي هئي". ڪڪڙ رات جو گهر ۾ ٿوري بہ ڪڙڪي ٿيڻ تي آواز ڪندي آهي ۽ رات جو ڪڪڙ پاران آواز ڪرڻ تي، گهر ڌڻي سجاڳ ۽ خبردار ٿي ڪن ڪندو آهي. ڪڪڙ جو مقام، مان ۽ مرتبو فارمي ڪڪڙ اچي وڃايو آهي. نہ

تہ اڳي ڪڪڙ جي وڏي عزت ۽ اهميت هوندي هئي! آئي وئي جي مهمانيءَ ۽ آدر ڀاءَ جيئن چانهہ سان ڪرڻ لازمي هجي ٿو ائين رات رهندڙ يا ويلو ويهڻ واري لاءِ ڪڪڙ ڪهڻ وڏي عزت افزائي واري ڳالهہ سمجهبي هئي ۽ نہ ڪهڻ واري کي وري اوترو ئي خراب سمجهندي، چئبو هو تہ "هن وري ڪهڙو ڪڪڙ پئي ڪنا"! اهڙي طرح ڪڪڙ جي ڪهڻ جي حوالي سان موجود ڪيترائي پهاڪا ۽ چوڻيون، ڪڪڙ ڪهڻ جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن. مثال طور "ماسات مني ذات، ڪڪڙ ڪهہ تہ رهان رات"! خبر ناهي اها چوڻي سوٽن يا ماروٽن وغيره لاءِ چئي ناهي، رڳو ماساتن لاءِ ئي چئو مخصوص آهي! ڪو پرائي ماڻهو جي خوشامد ڪري پنهنجا نمبر ناهي تہ ان لاءِ چئبو آهي تہ "ڪڪڙ ڪوريءَ جو ۽ نان وڏيري جو". ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن آيل مهمان وغيره جي نہ ڪائڻ جي صورت ۾ ڪڪڙ ڳڏ بہ ڏبو آهي! اهڙي طرح ڪڪڙ ٿوري پئسن جي ضرورت پوڻ تي غريب غربا وڪڻي پنهنجي مهل بہ ڪري وٺندا آهن/هئا. اهڙي طرح، "ڳوٺ رنو ڪڪڙ منو" جي چوڻي مان ظاهر آهي تہ جڏهن ڳوٺ وارا ناراض ٿيندا هئا ۽ پوءِ وري پرچندا هئا، تہ انهن جي دعوت تي ڪڪڙ ڪهبو هو ائين وڙهڻ انسان مصيبت ويچاري ڪڪڙ تي. ان حوالي سان اهو بہ چبو آهي تہ "ڪڪڙ ڪنو ڳوٺ رنو" معني، تہ ڪنهن هڪ ڪڪڙ ڪنو ۽ ياجي ڪنهن ٻئي جي گهر ۾ نہ اماڻي، (جيئن ڳوٺن ۾ عموماً ٿيندو آهي) يا ڪو مهمان آيو ڪڪڙ ڪنو ۽ ٻين کي دعوت نہ ڏني، تہ ان تي ناراضپو ٿي ويندو هو پر جيڪڏهن ڪٿي صفا چپ چپات لڳي پئي هجي، تہ ان لاءِ بہ چئبو آهي تہ "ابا! صفا ڪڪڙو ڪو لڳي پئي آهي." ڪڪڙ جو گوشت، ٻڪر کان پوءِ ٻئي نمبر تي چيو ويندو آهي. پيو تہ گهٽ مهمان يا هڪ اڌ مهمان اچڻ تي ٻڪر ڪُهي ضائع ٿيڻ کي بہ ڪڪڙ قرباني ڏئي بچائيندو آهي. ڪڪڙ جو گوشت جتي زڪام يا کنگهہ ۾ سوپ/ ڪاڙهي توڙي گوشت جي لحاظ کان بهتر آهي، اتي ڪڪڙ جو گرم گرم تازو گوشت فالج واري مريض جي مٿي تي بہ ٻڌبو آهي. ڪڪڙ جي گوشت کان علاوه هن جا بيدا بہ صحت لاءِ ڏاڍا ڪارائتا ۽ قيمتي آهن. عرق النساءَ جي سور جو علاج بيدن جي تيل سان بہ ڪبو آهي. اهو تيل گنجي مٿي تي وار آڻڻ لاءِ بہ استعمال ٿيندو آهي، تہ وري ٿوري ڦير ڦار سان جهونن کي جوان بہ ڪندو آهي. جنهن لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 12

وارا ڏند نہ ڏيکار" يا "گدڙ وار ڏند پيو ڏيکارين". پٺائيءَ صاحب يا ڪنهن ٻئي شاعر سان منسوب اها چوٽي جهڙي سيٽ بہ ملي ٿي تہ

'جنهن سيکاريو ڏند بہ ان کي ڏيکاريو'

گدڙ جي انهيءَ صلاحيت کي ڏسي، ڪنهن پاران، ڪنهن کي جلدي ۾ پنهنجو ڪري ونڻ جي صلاحيت کي ڏسندي چئبو آهي تہ "خبر ناهي، ڪهڙي گدڙسنگهي اٿس"!

ڪڪڙ هنئن تہ هر شئي شوق سان کائي ويندي آهي، ويندي انساني 'فُضلو' بہ پر تِڏ، اڏوهي ۽ ماڪوڙا وغيره وڌيڪ شوق سان کائيندي آهي. جيڪي شيون گهرن ۾ پيل ڪيترن ئي سامانن کي نقصان پهچائينديون آهن. ائين ڪڪڙ انهن کي کائي جهڙوڪر انسانن کي انهن کان بچائيندي بہ آهي. ڪڪڙ ڪرڙي بہ کائيندي آهي، پر پوءِ ان جي زهر سان پاڻ بہ مري ويندي آهي.

ڪڪڙ 'ڪيڏاٽو' ڪيڻ/صدقو ڏيڻ لاءِ بہ استعمال ڪبو آهي جنهن جو ڪاڏاٽو ڪيڏٽو يا صدقو ڏيٽو هوندو آهي. ڪڪڙ کي ان مٿان ست ابتا سبتا چڪر ڏيئي، گهوري، ڪنهن غريب غربي کي ڏئي ڇڏبو آهي يا ڪنهن قبرستان ۾، ويراني ۾، يا چوواٽي تي ڇڏي اچبو آهي. فارمي ڪڪڙ جتي، مقامي ڪڪڙ کي، جهڙوڪر جيئدان ڏنو آهي، اتي ان جي اهميت کي بہ گهٽائي ڇڏيو آهي. ان جي نسل کي خاتمي جي ويجهو بہ آڻي پهچايو آهي. جنهن جي ٻين سببن ۾ آبادي وڌڻ سبب زمين جو گهرن جي صفا پرسان ڪيڙجڻ، ان زمين ۾ بيٺل فصل کي ڪڪڙ پاران نقصان پهچائڻ، زهريلي زرعي دوائن سان ڪڪڙ کي نقصان پهچڻ، اوڙي پاڙي جي ماڻهن ۾ سهپ گهٽجڻ سبب ڪڪڙ پاران ونيون لاهڻ ۽ گند ڪچرو ڪرڻ سبب ٿيندڙ ننڍا وڏا جهيڙا ناچاقيون ۽ ڪجهہ صفائي جو احساس وڌڻ وغيره شامل آهن. ڇو جو ڪڪڙ عموماً پاڻي جي دلي جي جڳهہ تي ٿڏڪار ۾ ويهڻ پسند ڪندو آهي ۽ اتي ئي ونيون وغيره لاهي، ماحول کي گندو ڪندو آهي. جنهن سبب عام طور تي گهر ۾ هاڻ ڪڪڙن کي رکڻ بہ پسند نٿو ڪيو وڃي. ڪجهہ بہ هجي، پر ڪڪڙ جي اهميت اڄ بہ اڳي جهڙي ئي آهي پر مقامي يا ديسي ڪڪڙ جو ڏينهون ڏينهن گهٽجڻ بهرحال تشويشناڪ ضرور آهي. ڪڪڙ

جي حوالي سان شاهه صاحب جو ڪو بہ بيت نہ ملڻ تي تعجب خيز ضرور لڳي ٿو!

Gul Hayat Institute

---

**حوالا :**

- عبدالرسول لاشاري، عمر 60 سال، سانگهڙ
- نسيم بلوچ، شاعر ۽ حڪيم، عمر 45 سال، هيرڻ ڏنڊ سانگهڙ
- مصري مري، عمر 50 سال، پاٽوبون.
- حسين بخش ولد محمد موسيٰ بروهي، عمر 45 سال، رهندڙ 68 موري لڳ ڄام صاحب نوابشاهه

Gul Hayat Institute

# حصو پنجون

(جانورن ۽ پکين جي حوالي سان
مختلف مضمون)

Gul Hayat Institute

# چوپائي مال جي اهميت، بيمارين ۽ مقامي علاج

**ويجهي** ماضي تائين، سنڌ جي اڪثريتي عوام جو معاشي انحصار جتي ماهيگيري/ چوپائي مال پالڻ تي تمام گهڻو رهيو آهي اتي معاشي سسٽم وري بارٽر سسٽم ( شئي جي بدلي شئي) وارو رهيو آهي. سنڌ ۾ زراعت جا نشان/اهڃاڻ پلي ڪيترا به پراڻا چو نه هجن پر اجوڪي دؤر وانگر اڪثريتي عوام پاران زراعت تي انحصار ڪرڻ، گهڻي پراڻي ڳالهه ناهي. گهڻي ڀاڱي بئراج سسٽم ٺهڻ (1932ع) واري وقت جي ڳالهه آهي. ان لحاظ کان جڏهن ماڻهن جي اڪثريت جو انحصار چوپائي مال تي ئي هوندو هو. ييٺ سان گڏوگڏ خود هارين ۽ زميندارن لاءِ به فصل سان گڏ مال جي اهميت به ساڳي پراڻي ئي رهي آهي. ان ڪري مال جي بيمارين جي سڃاڻپ ۽ انهن جي علاج کي به معاشري ۾ اهم حيثيت حاصل رهي آهي. سنڌ ۾ مال جي علاج جا ٽي طريقا رائج رهيا آهن. هڪ جڙي ٻوٽين وارو ڏس ٻيو ڏنڀ وارو ۽ ٽيون سئوڻ ساڻ يا دعا ڦيڻي وارو. اهي طريقا بيماري جي نوعيت ۾ شدت ۽ علاج ڪرڻ واري جي موجودگي ڏسندي استعمال ٿيندا رهيا آهن. توڙي جو اهي طريقا اڄ به ڪيترن ئي جاين تي عمل ۾ اچن ٿا پوءِ به هاڻ جڏهن ماڻهن جي اڪثريت حڪيمن بجاءِ ڊاڪٽرن ڏانهن نسبتا ڪجهه وڌيڪ رخ رکيو آهي. پوءِ ڊاڪٽرن جي اڪثريت پلي عطائي ئي ڪٿي چو نه هجي! ساڳي نموني ماڻهن مال جي علاج لاءِ به اڳوڻن مقامي طريقن کي ڇڏي، مال جي ڊاڪٽرن کي وڌيڪ مان ڏيڻ شروع ڪيو آهي پر ان جي باوجود انهن اوائلي علاج جي طريقن کي اڃان صفا ڏيهه نيڪالي ناهي

ملي. اهي سست رفتاري باوجود اجان اجا هلي به رهيا آهن. سنڌ ۾ عام طور چوپائي مال ۾ هيٺ ڏنل بيماريون عام هجڻ ڪري انهن جو علاج هيٺ ذڪر ڪيل طريقن سان ٿيندو رهيو آهي.

جيڪڏهن ڪو چوي ته علاج جا پراڻا طريقا اهميت وڃائي ويٺا آهن ۽ انهن مان 100 سيڪڙو فائدو نٿو ٿئي ان ڪري اهي مدي خارج آهن ۽ انهن جي ڪا به اهميت ۽ ضرورت ناهي ته پوءِ ان حساب سان مال جا ڊاڪٽرن وٽ به 100 صحيح علاج نٿا ڄاڻين ته ڇا ان ڪري ڇئجي ته ڊاڪٽري طريقو به ڇڏي ڏجي؟ اڄ به اڪثر ٻاڳين وٽ مال جي ويم ڪرائڻ، اندر مري ويل ڦر ڪي ٻاهر ڪڍڻ جي موقعن تي پراڻا روايتي طريقا ئي اختيار ڪيا وڃن ٿا. ۽ جڏهن ڳالهه روايتي طريقي ۽ ڊاڪٽرن کان چڙهي وڃي ته ٿي ته ڏاڳي ڦيٽي، ڪان سواءِ ٻئي ڪا به واهه نٿي بچي. پنهنجي ساهه کان پيارن ۽ ٻچن وانگر پاليل جانورن کي ڪو به پنهنجي اکين اڳيان بنا علاج جي تڙپندي ۽ مرندي نٿو ڏسي سگهي. پوءِ هر علاج خاطر هر ممڪن طريقو اختيار ڪري ٿو.

**گهٽي جي بيماري :** هن بيماري ۾ جانور کي ڳچي ۾ اندرين پاسي گهٽوا اچي وڃڻ سبب، کين ساهه کڻڻ ۾ تڪليف ٿيڻ کان پوءِ ساهه بند ٿيڻ بعد جانور مري به ويندو آهي. هن بيماري جي علاج طور گهٽي اچڻ واري جاءِ تي، گهٽي جيترو گول ڏنڀ ڏيڻ کان اڳ آلي ڪاني جو ڏنڊڻ ڏبو آهي. جنهن سان جانور رت ڇڏيندو آهي. پوءِ ڏنڀ ڏبو آهي

**رت ٻڌ :** هي بيماري رڍ ٻڪري ۾ ٿيندي آهي علاج طور چمچو به ڦٽڪي ۽ هيڊ سنڌن زبان تي رکبيون آهن.

**ڪاروواءُ :** هن بيماري ۾ جانور ٻيهي نه سگهندو آهي ۽ هڪدم هيٺ ڪري، مري به ويندو آهي. علاج طور ڇٽانگ کن ڪارا مرچ ۽ تيل نڪ ذريعي ڏبو آهي. ان کان علاوه اهڙي جانور کي ڏنڀ به ڏبو آهي جيڪو

**ساهڙو :** هن بيماري ۾ جانورن جا کر ۽ منهن پچي پوندا آهن. جنهن سبب نه ته هلي سگهندا آهن ۽ نه ئي ڪائي پي سگهندا آهن علاج



Gul Hayat Institute

نموني ڏنپ ڏبو آهي.

**سانَ جو ڪمزور ٿيڻ:** سان ڪمزوي ٿي وڃي ته ان کي سنڌي ڪڪڙ جا بيدا به پياريا آهن ته ان جي سوني زيور جو پاٽي هاربو آهي. سان کي شيدي جي لٽ کان اورانگهبو به آهي.

**بخار:** جانورن کي بخار اچڻ جي صورت ۾ جسم سڄو ڪارو ٿي وڃي ته ڪن جيترو ٿانڊوا ڏ پڙي يا چٽانگ سليماني چانهه ۾ وجهي چانهه ٺڏي ڪري پياربي آهي.

**اک خراب ٿيڻ /ڦلوهڻ:** جانورن جي اک خراب ٿيڻ جي صورت ۾ پاٽي سان ڌوئي سڪائي مصري ڪپڙ چاڻ ڪري به چپٽيون اک ۾ وجهبيون اهن. ماکي جا به ڦڙا به اک ۾ وجهبا آهن.

**اوهه سڄڻ:** ڪڏهن ڪڏهن واءِ سبب جاورن جو سوهه سڄي ويندي آهي. جنهن جي علاج لاءِ اڌ ڪلو ڪن هربوا ڏ پاءِ جي حساب سان کائرائبو آهي ان کان علاوه ميٽ گهاتو ڪري اوهه تي ليپ ڪبو آهي.

**پڇ ڳرڻ /نگرو:** ڪن جانورن جو پڇ ڳري ختم ٿيڻ لڳندو آهي. علاج طور پڇ جي چوٽي تي ڏنپ ڏبو آهي. جي بيماري شروعاتي مرحلي ۾ ۽ ٿوري هجي ته پوءِ تيل ٺهڪائي پڇ کي ان ۾ بوڙڻ سان بيماري جي وڌيڪ مٿي چڙهڻ جو امڪان گهٽجي سگهي ٿو. آخري علاج طور جانور جو پڇ ڪٽي به ڇڏبو آهي.

**هلي:** هن بيماري ۾ جانورن جي ڪن هينيان گول ڏنپ ڏيڻ ۽ پوءِ ان ۾ مانڊاٽي نموني وڌيڪ ڏنپ ڏبو آهي.

**ريج:** ريج جي صورت ۾ ڍڳي ۽ مينهن کي ست اٺ ڪيئان مار گوريون کارائبيون آهن جيڪي مينهن ڍڳين جي پاٽي پيئڻ وارين ٽينڍين کونه پالجن ته به ريج جا جراثيم شوق سان کائڻ سبب ريج جا امڪان گهٽجي سگهن ٿا.

Gul Hayat Institute

شئي وٽي وجي تہ ان جي، انهيءَ شئي کي نظر لڳي ويندي آهي. جنهن جي علاج طور نظر کٽندڙ کان ڏاڳو وغيره وٺائبو/پڙهائبو آهي.

**ڪانوڙو:** ڪانوڙي جي بيماري ۾ گهٽتي وانگر هجي تي پر پاڳين جي بقول اها مال ۾ موجود سڀ کان خوبصورت جانور کي ٿيندي آهي اهڙي صورت ۾ مال جڏهن نندڙو هجي تہ ان جي پرسان نڪاءُ (گولي وغيره جو) جنهن سان مال چرڪ پري اٿندو آهي ان سان فائدو ٿيندو آهي

پر هاڻ وڏيڪ محنت نہ ڪرڻ يا جلد کان جلد نتيجو حصل ڪرڻ لاءِ پاڳين ڊاڪٽري علاج تي وڌيڪ ڀاڙڻ شروع ڪيو آهي جنهن سبب پراڻا ڏس هاڻ آهستي اهستي وجود وڃائي يادداشت کان گم ٿي رهيا آهن.

***

Gul Hayat Institute

# ڇَڙن جي چونگار

**پٽ** مان نهندڙ ڇڙن ۽ ڇڙين کي چوپائي مال لاءِ سينگار ۽ شوق کان وڌيڪ پاڳئي جي مجبوري چئجي تہ بهتر ٿيندو. جيڪي هوندا آهن. مالڪن، پاڳين توڙي ڌنارن پاران مال کي، ڇڙي/ڇڙو ٻڌڻ جي حوالي سان مختلف قسمن جون مجبوريون هونديون آهن. مثال طور رات جو وٿاڻ ۾ ٻڌل مال پاران، ڪنڌ لوڏڻ/هلائڻ سان جڏهن ڇڙي وڄندي آهي، تہ مالڪ کي مال جي موجودگيءَ جي پڪ هجڻ ڪري اطمينان ٿيندو آهي يا پوءِ مال ڪِلي تان اچانڪ کُلي گهر ۾ ڪنهن پاسي هليو وڃي يا ڪا شئي ڪائي ڪو نقصان وغيره ڪري تہ مالڪ کي ان جي خبر بہ ڇڙي وڄڻ سان پئجي ويندي آهي. پاڳيا اهڙي نموني خدانخواستہ مال را[illegible] جو چوري ٿي وڃي ٿي تہ ڪڏهن مالڪن کي ڇڙي جو آواز نہ ٻڌڻ تي بہ شڪ پوڻ سبب، وقت سر خبر پئجي ويندي آهي ان کان علاوه جهنگ ۾ چرڻ وقت ڌنار کي مال جي موجودگي ۽ کهڙي پاسي پيو چري، ان جي بہ خبر ڇڙي ذريعي پوندي رهندي آهي ڪي ڌنار، پاڳيا مال گڏ چرڻ يا پهرڻ مهل گڏجڻ سبب پنهنجي پنهنجي مال کي مخصوص ڇڙن جي ردم تي بہ سڃاڻندا آهن. مالڪ ۽ خفتي پاڳيا انهيءَ مجبوري کي بہ سرن پريو ساز ٻڻائي، ان جي آواز مان لطف اندوز ٿيندا آهن. ڇڙا/ڇڙيون سائيز سُر توڙي جانورن جي لحاظ کان جدا جدا ۽ الڳ هوندا آهن. پر پوءِ بہ گڏهہ جهڙا ڪي بدنصيب جانور اهڙا بہ آهن، جيڪي ڪنهن بہ قسم جي ڇڙي کان هميشہ محروم رهڻ سبب، ڇڙي جي سُرن جي ڪمي، پنهنجي 'منڙي' آواز ذريعي پوري ڪندا آهن. ڇڙي جو آواز ڪنڌ کان ٻاهران ايندو آهي تہ گڏهہ جو آواز ڪنڌ اندران نڙي مان ايندو آهي، فرق رڳو اندرين ۽ ٻاهرين

Gul Hayat Institute

جوئي تہ هجي ٿوا چٽن جا، سُرن ۾ انهن جي خاصيتن جي لحاظ کان نالا بہ مختلف هجن ٿا جيئن هڪڙو سَرلو لوهرو پتڙ جهانورو وغيره. هڪڙو جو آواز پري تائين ٻڌبو آهي. سَرلي جو آواز وڏيڪ منو. پتڙ ۾ بہ لار هجڻ سبب وجڻ مهل بہ مختلف ٻوليون /آواز ٻڌڻ ۾ ايندا آهن. هِڪڙي لار تي هڪڙي ٻوليءَ ۾ ٻئي لار تي ٻئي ٻولي. ان ڪري جانور جي هلڻ وقت، پتڙ چري جو آواز ڏاڍو خوبصورت محسوس ٿيندو آهي. ساڳئي نموني ياڳيا ۾ ڏنار ڏڻ ۾ ڪجهہ جانورن کي سرلو ٻڌندا آهن، تہ ڪن کي هَڪڙو ٻڌندا آهن. جڏهن مال هلندو آهي تہ ٻن مختلف قسمن جو آواز ردم ۾ ڪنن کي ڏاڍو پلو لڳندو آهي. لوهرو جو آواز چنگ جهڙو هوندو آهي. جهانرو جو آواز ڏاڍو سُريلو هوندو آهي، انهن سرن کي سارينديءَ شاعر ڪيڏو نہ خوبصورت بيت چيو آهي تہ:

هڪ هَڪڙ، ٻيو سرلو ٿيون تِڪو تنواري،
مانهنڊ مينهن ڳچي ۾، ڪرڪو بهاري،
مونکي ٿو ماري، سانير سپرين جو.
(مانهنڊ= چڙو ٻڌڻ وارو رسو)

شاهہ صاحب بہ هڪ بيت ۾ ڪجهہ هيئن چيو آهي:
"سانير سپرين جي چوري چاڪ وڏياس"

هر علائقي ۾ جتي ياڳيا ۾ مال موجود آهن، اتي چٽن ناهڻ توڙي انهن کي سُر ڏيارڻ جا ماهر بہ موجود هوندا آهن. جيئن اچڙي ٿر جي مُهراٽي وارن علائقن جي ڳوٺ ميهر پٽ لڳ ٿندو مناخان ۾ مِرگهہ ڪيريو چٽن کي سُر ڏيڻ جو وڏو ماهر مڃيو ويندو آهي. چٽن جا مختلف قسمن ۾ وزن ۾ سائز جي حساب سان مختلف نالا هجن ٿا جيئن: چڙا، چڙيون، ڪرڪي، ڏگر، (وڏي)، ننڍو چڙو، ڪرڪ ۾ متر وغيره.

ڪِرڪ سڀ کان ننڍي چڙي هوندي آهي، جيڪا رڍ، ٻڪري يا پوءِ مينهن جي ڦر پاڏي/پاڏيءَ کي ٻڌبي آهي. چڙي وري مختلف جانورن کي ٻڌبي آهي، جنهن جا مختلف وزن ٿين ٿا. جيئن هلڪو چڙو جيڪو اڪثر ڪري مينهن ۾ ڍڳي کي ٻڌبو آهي. ڪرڪي لاءِ چوٽي بہ مشهور آهي تہ. "همراهہ جي ڪرڪي پٺي وڄي" اٺ کي چڙي، چير کان علاوه گهينگهرا

ہڏبا آهن. جڏهن تہ ڍڳن ۽ گهوڙن کي ڇير ۽ ٽليون ٻڌبيون آهن. پر افسوس جو گڏهہ کي سواءِ ڪن خاص حالتن جي سو بہ سانگهڙ ۾ مَکيءَ واري پاسي يا ڪٿي ٻيلي کان سواءِ, ڪا بہ چڙي يا چڙو ناهي ٻڌبو!

چڙن جي وچ ۾ هڪ ڪاٺي ٻڌل هوندي آهي, جنهن کي 'لار' سڏبو آهي. جيڪا گهٽو ڪري ڳنڍيءَ جي وچ واري پڪي ڪاٺي يا ڪِرسي مان ٺاهبي آهي, جيڪا گسندي بہ گهٽ آهي ۽ ڳري بہ هوندي آهي. تہ ڏک بہ وڏيڪ سنو هڻندي آهي. ڪڏهن ننڍين چڙين ۾ هڏي جي بہ لار ٻڌبي آهي.

جڏهن تہ لئي جي ڪاٺي مان بہ لار ٺاهبي آهي پر اها سٺي ٻولي ناهي ڏيندي. لار ديوي جي ڪاٺي مان بہ ٺاهبي آهي بهرحال لار اهڙي ڪاٺي مان ٺاهبي آهي جنهن کي اڏوهي وغيره نہ لڳي ۽ پڪي ڪاٺي هجي.

اهي تہ شيون جانورن/مال جي سينگار ۽ سونهن جون شيون پر هلندي هلندي ڪجهہ انهن شيون جو بہ ذڪر ڪبو هلجي تہ جيڪي انهن جانورن کي سيڪت يا ايذا ڏيڻ لاءِ استعمال ڪبيون آهن. جن ۾ ڏانوڻ, ونگ, سلهڙ ڳٽ, گوڏو ٻڌڻ, واجهہ پٽار, رسو /ٽورو ٻوٽاڙو, ٽوبرو (سائڊ وارو چشمو) سنگهڙ, ٻوڙهي, نٿ, مڇي, نختو ڇڪو, ٻياني/ٻلي, گهاڻ (ٽٽن کي لڳائبو آهي. ستڪو ڪچ, ٻلي, چنگ, وغيره شامل آهن.

هتي هڪ ڳجهارت سرائڪي ۾ بہ چڙي لاءِ آهي.(هي ڳجهارتون ٻارن جي آئي ڪيو پر کڻ لاءِ ٻارن کي ٿي ڏنيون وينديون آهن, جيڪي هو ڪجهہ دير ۾ يا وري ڪجهہ ڏينهن ۾ هن پرولي کي پوري طرح سمجهي پيچي وٺندا آهن, ۽ ڏاڍا گد گد ٿيندا آهن.

ڏينهن رووي رات رووي, پاٽي ملس هٿ منهن ڌووي
يا هڪ ٻي ڳجهارت بہ آهي.
ڏيک الله دا رنگ, سر ڪون ڪُٽيندي جنگهہ

## چوپائي مال جي سينگار جو سامان

انسانن جي 16 سينگارن ۽ ڳهہ ڳٽن وانگر چوپائي مال کي بہ عام حالتن توڙي مختلف وقتن تي جيئن پربي ۾ وڪڻڻ, قرباني يا ڳوءِ جي

پٽي، ونجهہ ۽ موڙ وغيره

پر هاڻ اهو رواج بہ تيزي سان گهٽجي رهيو آهي، کهڙي خبر تہ اهي سڀ شيون سياڻي ڪتي ڪنهن ميوزم ۾ ڏسڻ لاءِ ملن.

Gul Hayat Institute

---

روايِ:

- سياڳو خاصخيلي ولد ڪوڙو خاصخيلي، عمر 55 سال سانگهڙ.
- سيد عابد علي ولد سيد برڪت علي، عمر 47 سال سينگار جو سامان وڪڻندڙ دوڪاندار.

# جانورن کي سزا/سيکت ڏيئي
# کين ’سڌارڻ‘ جا ايذائيندڙ طريقا

***انسان*** پنهنجي ذاتي فائدي حاصل ڪرڻ لاءِ، ڪڏهن ڪڏهن ڪيترائي ليڪا لتاڙي ۽ حدون اورانگهي، گهٽتو اڳتي نڪري ويندو آهي، جنهن جو شايد ڪيس احساس ئي نہ ٿيندو آهي. هو ٻين ساهوارن مان تہ ڇا، پر پنهنجي انساني برادري مان ۾ پاڻ جهڙن مان بہ نہ مڙندو آهي! انسان تہ خير پاڻ سان، پاڻ جهڙن ۾ پنهجن جي ئي هٿان ٿيل زيادتين تي وت ۾ وس آهر، ٻيو ڪجهہ نہ تہ بہ احتجاج ضرور ڪندو آهي يا پوءِ ٻي وسي وچان ڳوڙها ڳاڙي ۾ ٽڌيون آهيون پري. گهٽ ۾ گهٽ خاموش احتجاج ڪري، چپ ٿي ويندو آهي، پر ٻي زبان جانورن کي نہ تہ ميڊيائي ماڻهن جي نڪاڻن جي نہ ئي احتجاج ڪرڻ لاءِ پريس ڪلبن جوئي ڪو پتو . اهي بس چپ چاپ، خاموشيءَ سان انساني ظلم ۽ زيادتيون برداشت ڪندي، کين سزا وانگر مليل زندگيءَ جو مدو پورو ڪري، جڻ تہ اڳين جنم جي ڪرمن جي سزا ڪاٽي، هڪ پيرو پيهر مري ويندا آهن!

جانورن کي ايذائيندڙ ڪن طريقن متعلق انسان بظاهر اهو چوندو ۽ سوچيندو آهي، تہ هو اهي طريقا جانورن کي سيکارڻ ۽ سڌارڻ لاءِ ٿو استعمال ڪري، پر کيس شايد احساس ئي ناهي هوندو تہ انهن مان ڪيترائي طريقا ٻي زبان جانورن کي، ڪيترو ڏکوئيندڙ ۽ ايذائيندڙ هجڻ سان گڏ، انهن جي فطري آزاد زندگيءَ کي قيد ڪرڻ برابر هجن ٿا! پنهنجي ذاتي مفاد خاطر اهڙن ايذائيندڙ طريقن مان ڪن جو ذڪر هيٺ ڪجي ٿو. انهن مان ڪي طريقا تہ ضرب المثل بڻجي، پهاڪن ۾ چوڻين جو بہ حصو بڻجي چڪا آهن.

سڏبو آهي. ڪنهن سان گڏ هلڻ يا جُت ٽيڻ ڪي بہ ان معني ۾ ئي، ڪنهن سان سلهاڙجڻ چئبو آهي.

**ڳٽ /چنبي :** هي جانور لاءِ 'ڏنڊا ٻيڙي' برابر هجي ٿو. جنهن ۾ جانور جي ڪٽي هلڻ جيتري ڪجهہ ٿلهي ڪاٺي، جانور جي سڱن يا ڪنڌ ۾ رسي جي مدد سان ٻڌبي آهي. اها ڪاٺي جانور جي اڳين پيرن تائين پهچڻ جيتري ڊگهي هوندي آهي جنهن جي ڪري جڏهن جانور اڳيان پير تڪڙا کڻندو تہ پويان پير ٽنگون اچي ان ڳٽ ۾ لڳنديون. جنهن ڪري هو تڪڙو هلي نہ سگهندو يا ڀڄي ناهي سگهندو. ڳٽ سبب جانور وڏي تڪليف ۾ هوندو آهي، هن کي ٻُک سبب چرٽوءِ چرڻ لاءِ پنڌ ڪرڻو ۽ هلڻو بہ پوندو آهي، پر ڳٽ سبب تڪڙو ناهي هلي سگهندو. ڳٽ ان جانور کي وجهبو آهي، جيڪو هارهاڙو هجي، ڀيل ڪري، آسانيءَ سان مالڪ جي مرضي مطابق نہ بيهي يا پنهنجي حقن جي حاصلات لاءِ آزادي خاطر ڀڄڻ جي ڪري! ان ڪري ڪنهن مصيبت جي مٿي ۾ لڳڻ کي بہ 'ڳٽ' ڳچي ۾ پوڻ سڏبو آهي.

**گوڏو ٻڌڻ :** هن طريقي ۾ ٽنگن جي گوڏي کان هيٺ ۽ مٿئين حصي کي، گوڏي پرسان ملائي، رسيءَ سان ٻڌبو آهي گوڏو عموماً اٺ جو ٻڌبو آهي. اهڙو اٺ جيڪو چتو ٿئي، جيڪو ڀيل ڪري، ڀڄي وڃي، رات جو چپ چاپ سنگت سان ملڻ يا ڪيڏانهن پير پسائڻ لاءِ نڪري وڃي، اٺ تي وزن لڏڻ مهل، جڏهن اٺ وڌيڪ وزن سبب اٿڻ جي ڪندو آهي تہ ظالم مالڪ مٿس اجا بہ وڌيڪ وزن وجهڻ/لڏڻ لاءِ، اٺ جو گوڏو ٻڌي ان کي ويهڻ تي مجبور ڪري ڇڏيندو آهي ۽ اٺ اٿي نہ سگهڻ سبب، رب جي رضا تي راضي رهندي، بس رڳو رڙيُ ئي سگهندو آهي!

**پناڙ :** گڏهہ جي آنڊن کي قابو ڪري ٻڌڻ لاءِ، جيڪو رسو ڪيس پنيان کان ورائي ٻڌبو آهي، ان کي پناڙ سڏبو آهي. جنهن ڪري گڏهہ کي چُتا بہ پٺجي ويندا آهن. جيڪي ڪڏهن ڪڏهن ناسور جي شڪل بہ اختيار ڪري ونندا آهن. پر حضرت انسان کي ان سان ڇا! ان جو تہ

**سَنگهر:** جيڪو جانور رسو ڇباڙي ڇڏي ڇنائي وڃي، ان کي سنگهر سان قابو ڪري ٻڌبو آهي. ڇوري ڇڪاري جي ڊپ کان به وڻاڻ جي ٻلي جانور کي سنگهر سان ٻڌي، تالو هٽي ڇڏبو آهي. سنگهر ڍڳن جي ڪيڻ ۾ به ٻڌبي آهي، جنهن سان ڍڳا وزن وڏيڪ ڇڪي سگهندا آهن. هلر جي فرشي کان علاوه تر/سهاڳي/سهنور ۾ به سنگهر ٻڌبي آهي، ته جيئن زمين ۾ پٿر وغيره پُري وڃن ۽ زمين جي سنوت سني ٿئي.

**پوڙي /ڇَنبي:** جانور کي ڪلي يا ٿوٽي سان ٻڌڻ لاءِ پير ۾ ٻڌجندڙ رسي کي پوڙي/ڇنبي سڏبو آهي. جنهن سان هو ڪلي ۾ هڪ هنڌ ٻڌو پيو هوندو آهي ۽ هيڏانهن هوڏانهن وڃي ناهي سگهندو. ائين هو ڪلي جو پڪو ٿي ويندو آهي.

**ڳرهَو:** رڍ، ٻڪري يا ڍڳي وغيره کي ڪنڌ ۾ رسو وجهي، ڪلي سان ٻڌجندڙ رسي کي ڳرهو سڏبو آهي.

**نٿ:** جيڪو ڍڳو هرن وغيره ۾ سولائي سان نه وري يا زور لائي رسو ڇنائي، ان کي نٿ ڏيئي، ان ۾ رسي کي قابو ڪري ٻڌبو آهي.

**ناڪيلي:** اٺ کي نٿ بجاءِ ناڪيلي هڻبي آهي، جيڪا اٺ کي چرڻ نه ڏيندي آهي. اٺ لاءِ اها اصل پُڙي هوندي آهي.

**مُڇي:** ڍڳي، اٺ، گهوڙي ۽ مينهن وغيره کي وڌيڪ قابو ڪرڻ لاءِ، منهن تي هڪ رسو ٻڌبو آهي، جنهن کي مُڇي سڏبو آهي.

**نختو:** هي به مُڇي جوئي هڪ قسم آهي جيڪو ڍڳي، اٺ ۽ گڏه وغيره کي قابو ڪري ٻڌڻ کان علاوه پنهنجي ٻر ۾ سندن شو ۽ لئه ڪرائڻ لاءِ به ٻڌبو آهي! هاڻ اهو انهن جانورن کان به پڇي ڏسي ته، انهن سان سندن ڪيتري لئه ٿئي ٿي ۽ ڪين ڪيتري تڪليف ٿئي ٿي!

**ڇيڪو:** هلر ڳاهڻ، ناڙي ڪرڻ، ڪمند ۽ ووئڻ جي ۾ هر ڏيڻ وقت، اڪثر ڍڳن کي منهن تي ٻڌبو آهي، ته جيئين اهي ڪم دؤران اَن يا فِصل کي خراب نه ڪن. ننڍي ڦر کي ماءُ پاران ڌارائڻ کان بچائڻ ۽ کير، جانورن

جي ڦرن بجاءِ انساني ڦرن جي ڪتب آڻڻ لاءِ مادي کي ڇڪو چاڙهيو آهي. جيڪو ڪير بچائڻ لاءِ ڪپڙي جي نهيل هڪ ٿيلهي نما ڳوٿري جهڙو هوندو آهي.

**گهاڻ :** ٻڪرين جي ڦولهڙين کي ڪُتي، پُسائي ان ۾ ٿوري مٽي ملائي، ان ۾ ڪپڙو پسائي ٻڪرين جي ٿڻن کي ويڙهي ڇڏيو آهي، ته جيئن ان جي ڏپ سبب ڦر ڏائي نه سگهن. ان کي گهاڻ ڏيڻ چئبو آهي. خاص طور تي اهڙي جانور کي گهاڻ ڏبي آهي، جنهن جو ڦر به مال ۾ گڏ ويندو هجي ۽ ان دوران موقعي جو فائدو وٺي ڪير ڏائي وٺندو هجي.

**سيڪو :** جيڪو ڍور ڏهڻ مهل آساني سان يا جلدي نه ڳڙي ۽ نه سگهُوئجي، ان جي ٿڻن کي پاڻي جا ڇنڊا هڻي، ڪجهه دير تائين، انهن کي مهٽيو آهي. جنهن کي سيڪو ڏيڻ سڏبو آهي. ڪن جانورن جي نه ڳڙڻ تي سندن ڳن ۾ سِنگ ڇڪي گڏائي به ٻڌبا آهن، جنهن به سيڪو سڏبو آهي. بهرحال اهي سڀ طريقا جانور کي سگهُوئڻ جا ئي آهن.

**ڪُچ :** ڪِن ڪيتو ڪندڙ ٻڪرين ۽ رڍن کي ڏهڻ مهل، سندن پنين تنگ، ڪير ڏهندڙ پنهنجي ٽنگن ۾ جهلي قابو ڪندو آهي، جنهن کي ڪُچ سڏبو آهي.

**ڪُچ :** هن عمل ۾ جانور جي پيچ کي، ان جي سار ۾ وجهبو آهي.

**چُنگ :** جيڪو ڍڳو هرن يا پنڌ ۾ سهي نه هلي يا جيڪو گڏهه گوهي ڪري، ان کي لڪڻ سان، پُڇ هينيان گهوڪو ڏبو آهي. جنهن کي چُنگ سڏبو آهي. عام طور تي ڪنهن ماڻهو کي به ايذائڻ يا طنز وغيره ڪرڻ واسطي، لفظن جي ڏنل گهوڪي کي به چُنگ ڏيڻ چئبو آهي.

**جَهلنگ :** ٻڪري يا رڍ جي اوهه تي ڪپڙي جي هڪ ڳوٿري ناهي پارائي ڇڏبي آهي، جنهن سبب ڪير ڦر ڏائي نه سگهندا آهن. ان کي جَهلنگ سڏبو آهي.

Gul Hayat Institute

**ڪِلو:** جانورن کي وٽاڻ وغيره ۾ ٻڌڻ لاءِ ڪا ڪاٺي، ضرورت مطابق ان جو منهن ٿورو ڇلي، چنهب ناهي، زمين ۾ کوڙيي آهي، جنهن کي ڪلو سڏبو آهي. ڪلو مثال طور بہ اڪثر استعمال ٿيندو آهي جيئن "وڃ ڪڏندي آهي ڪلي جي زور تي" يا "فلاڻي جو ڪلو مضبوط آهي" وغيره.

**ٿُوٽي:** ڪلي جي ڪاٺي کان وڏي ۽ ٿلهي ڪاٺي، جنهن کي زمين ۾ پورڻ لاءِ رنبي سان ڏر ڏبي آهي، ان کي ٿوٽي سڏبو آهي. ٿوٽي گهرن ناهڻ ۾ بہ استعمال ٿيندي آهي. ڪي سمات ذاتيون پنهنجي برادري جي ڪاج وغيره ۾ آيل ڏارئي ماڻهو کي بہ وچين ٿوٽي سان تشبيهہ ڏينديون آهن.

**لَغام:** گڏهہ، گهوڙي ۽ خچر کي قابو ڪري جهلڻ ۽ پنهنجي مرضيءَ مطابق هلائڻ /وهائڻ لاءِ، سندن وات ۾ لوهہ/رڪ جون ٿهيل سيخن نموني ڪڙيون جن کي پاسن ۾ رسا ڏيئي ٻڌبو آهي ۽ رسا پنهنجي هٿ ۾ قابو ڪبا آهن. جنهن کي لغام سڏبو آهي. ڪنهن اڻ موٽ ماڻهو کي قابو ڪرڻ لاءِ بہ ڪي ماڻهو ڪيس لغام ڏيڻ جي ڪوشش ڪندا آهن! اڪثر ڪري ڪنهن اجائي سجائي ڳالهائيندڙ کي بہ چئبو آهي تہ 'منهن کي لغام ڏي'.

**ڪلياڻ:** هي بہ لغام جهڙو ئي هوندو آهي، مگر هن ۾ هڪ واڌارو/ اضافو هوندو آهي، جنهن ۾ گڏهہ، خچر يا گهوڙي جي وات اندر تارون تائين پهچندڙ هڪ پٽي ۽ ان جي مٿان ننڍي اپريل ڪوڪي نما ڇهنب هوندي آهي. جنهن جي ايذا سبب ٿوري بہ چڪ ڏيڻ سان جانور بيهي رهندو آهي.

**ٻُل ڏيڻ:** جيڪو جانور پنهنجي ڦر کي نہ ڏارائي، ان کي ڏنار يا ياڳيو پنهنجي وات ۾ لوڻ ۽ پاڻي وجهي، ان جو ڦوهارو/ ڦُوڪ جانور جي سار اندر ڪندا آهن. جنهن سان جانور ڦر تي آر ڪري، آساني سان ۽ خوشيءَ سان ڏارائيندو آهي. هاءِ ڙي انسان! پنهنجي پيٽ ڀرڻ لاءِ، هو ڇا ڇا نٿو ڪري!!

**اڙهو:** جنهن جانور جو ڦر مري وڃي ۽ جيڪو ياڙي تي به نه مِڙندو هجي، ان لاءِ سندس مري ويل ڦر جي ڪل لاهي، ان ۾ بهه/پلال وغيره ڀري اصلي ڦر وانگر ٺاهي، جانور کي ڏهڻ مهل سندن اڳيان آڻي بيهاربو آهي ۽ ايئن جانور کي دوکي ۾ رکي ڏهبو آهي.

**نيئرُ:** گهوڙي کي چوري چڪاري وغيره کان بچائڻ لاءِ، هن جي ٻنهيءَ پيرن کي ڳڏائي فوٽ جيتري فاصلي واريون ٻه ڪڙيون پيرن ۾ ٻڌي تالو هڻي ڇڏبو آهي، انهن ڪڙين کي نيئر سڏبو آهي.

**نال:** ٽانگي يا پڪي روڊ تي پنڌ ڪندڙ گهوڙي جي سُنبن کي ڦٽجڻ کان بچائڻ لاءِ، ان جي سنبن هيٺيان، سنبن نموني ٺهيل لوهه کي ڪوڪن جي مدد سان هڻبو آهي، جنهن کي نال/نائل سڏبو آهي. گهوڙي کي جيئن ته ملائڪ مال سڏبو آهي ۽ حضرت حسين عليه اسلام جي 'دلدل' جي ڪن ماڻهن وٽ خاص اهميت به حاصل آهي. ان ڪري اهي نال کي ڪي ماڻهو گهرن تي يا دروازي مٿان برڪت پوڻ ۽ نظر نه لڳڻ جي نيت سان لڳائيندا آهن. ان ڪري به نال کي خاص اهميت حاصل آهي. گهوڙو جيئن ته سڀ کان وڏيڪ طاقتور جانور آهي، ان ڪري ئي مختلف ڪمپنيون، مختلف شين جي پاور/سگهه جو اندازو هارس پاور ذريعي ٻڌائينديون آهن

***

Gul Hayat Institute

# ڏور سڳوئڻ جا روايتي طريق
# ۽ انجيڪشن جو خطرناڪ استعمال

**جدت** ۽ سهل پسندي جي نالي اسان پنهنجي ماحول مطابق، سماج جون ڪيترين ئي ڪارائتيون ريتون، رسمون، رواج ۽ روايتي طور طريقا ترڪ ڪري ڇڏيا آهن. جن ۾ مال کي ميڙڻ يا ڏهڻ وقت سڳوئڻ جا روايتي طريقا به شامل آهن. جن کي ٿوري گهٽي تڪليف يا ڏکيائي جي ڪري ڇڏي جيتريون مصيبتون ۽ خطرا خريد ڪيا آهن. اسان کي ان جو صحيح معنيٰ ۾ اندازو ئي ڪونهي! انهن روايتي طريقن جي ڪري ڪڏهن تائيم ڪجهه وڌيڪ خرچ ٿيندو هوءِ ڪڏهن مال وقت تي ميڙي به ڪونه سگهبو هو پر هاڻ سئي هڻي چند لمحن ۾ ڏور کي سڳوئڻ /ٻڪري پوڻ/ڏهڻ لاءِ تيار ڪرڻ سان تمام خطرناڪ بيماريون پيدا ٿي رهيون آهن. ٿورو وقت بچائي، بيماري خريد ڪرڻ ۽ زندگي داءُ تي لڳائڻ ڪٿي جي دانشمندي آهي؟!

مال کي سڳوئڻ جي انهن روايتي طريقن جا ڪجهه مثال هي آهن:

**ڦرتي مال ميڙڻ:** هن طريقي ۾ مال کي ڏهڻ وقت ڦر ڇڏبو هو. ڦر جي ڊائڻ سان ڏور ڍنارو منتن ۾ سڳوئجي ويندو هو. جيڪڏهن ڪا ڪتر نه سڳوئبي هئي ته ڦر کي لڪائي، ماهر ياڳيا ڦر جو آواز ڪندا هئا ته ”ماءُ“ ويچاري ڏڪي ڦر کي سڏيندي، ڏهائي لاءِ تيار ٿي ويندي هئي.

**ياڙي وارو طريقو:** ڪجهه ڏور وري ياڙي تي ڏهائي ڪرائيندا آهن/هئا. جيئن رشوت ڪانسواءِ ڪي آفيسر ۽ اسٽاف ڪم ڪرڻ کان پيو ڪيبائيندو آهي، ۽ پڙ ڪيڏي بيهندو آهي. اهڙي طرح ڪي ڏور ڳاهه جي

Gul Hayat Institute

پري، ماني تڪر، ٻهه، ڪڙ جي رشوت تي ڏهائي ڪرائيندا آهن.

**ونگ ڏيڻ**: ڪن جانورن کي ونگ ڏيئي (پيرن ۾ رسو ٻڌي) ڏهبو آهي. وڏيڪ ڪتر هجڻ جي صورت ۾ چئني پيرن ۾ پر اڪثر حالتن ۾ پٺين ٻن پيرن ۾ ونگ ڏيئي ٿڻن تي پاڻي جا ڇنڊا هڻي، هٿ گهمائڻ سان ڍور سگُوئي ڏهي وٺندا آهن.

**اکيون ٻڌڻ**: هن طريقي ۾ ڪتر مال کي اکين تي پٽي ٻڌي ڏهبو آهي. جيئن نار يا گهاٽي ۾ وهندڙ اٺ يا ڍڳي جون اکيون ٻڌي، ان جو ڌيان ٻي پاسي وڃڻ کان بچائي ڪبو آهي. مال پاران ٻـ ڪير لاهڻ لاءِ يڪسوئي جو هئڻ لازمي آهي. هن طريقي سان مال آس پاس ڪجهہ نـ ڏسڻ ڪري نسبتاً جلد ڏهائي لاءِ تيار ٿي ويندو آهي.

**سَگُوءَ ڏيڻ**: آخري وڏن ٿڻن تي مسلسل هٿ گهمائڻ سان، ٿڻ گرم ٿيڻ تي ٻـ ڪجهہ ڍور جلدي سگُوئجي ويندا آهن. ان طريقي کي سگُوءَ ڏيڻ چئبو آهي.

**سيڪو ڏيڻ**: ڍور جا ڪن نوڙي يا رسي سان سگهن سان ٻڌي، رسي تي پاڻي هاربو تـ ڪن کي ڇڪ ۽ تڪليف ايندي. ان سان ٻـ مال ڏهائي لاءِ تيار ٿئي ٿو.

**وقت يا پهر وڏائڻ**: ڪانگهارو (وهڪيل) ڍور صبح شام ڏهڻ بجاءِ هڪ وقت ڏهڻ سان ٻـ مال جلد ڳڙي پوندو آهي.

**هَٽر ڪرڻ**: ڍور کي هٿ سان ماني يا ڪا ٻي شئي کارائي ٻـ ڏهڻ تي هيرائبو آهي. جيستائين ڪا شئي هٿ سان نـ کارائبي، اوستائين ڏهڻ نـ ڏيندو.

**گوهو ڏيڻ**: ڪي جانور ڏهڻ وقت منهن ڏوهي ڏانهن ڪندا آهن. ”ڏوهو“ ان جي وات يا منهن ۾ گوهو هڻندو تـ مال پيو گوهي وارو ڪير ڇڏيندو. پوءِ مال جي اها عادت ٿي ويندي آهي.

Gul Hayat Instutute

**بوتو ٺاهڻ:** ڦر مرڻ تي ان جي ڪل لاهي، ٻهه پري، بوتو ٺاهي، مال کي دوکي سان ڏهي ونبو آهي. مال کي ڏهڻ کان اڳ ڍئو ڪونه ڏبو آهي، ٿورو بکيو مال آساني سان ڏهائي ڪرائيندو آهي. ڏهڻ کان پوءِ مال کي پاڙو (ڪاڏو) ڏبو آهي. پاڙي جي آسري مال جلد مڙندو آهي. جيڪڏهن انهن مان ڪنهن به طريقي سان ڍور ”راهه راست“ تي نه اچي ته پوءِ پاڳيو بيزار ٿي وجهندڙ هو لٺ ۾ هٿ. لٺ جي زيپٽ تي مال به سڌو ٿي ڏهائي لاءِ تيار ٿي ويندو هو. اهي هئا اهي روايتي طريقا جيڪي اسان وٽ صدين کان مروج هئا. انهن ۾ ٿوري تڪليف ۽ ڪجهه وقت ته وڌيڪ لڳندو هو پر انجيڪشن واري صحت دشمن طريقي مان جان ڇٽل هئي. پاڳيا محمد موسيٰ ڪيريو غلام قادر ۽ اسدالله (شاهپور چاڪر) امير بخش ڪنير ”ماستر“ ڪوٽ نواب ۽ محمد حسين ”بابلي نظاماڻي“ (سانگهڙ) حال اوريندي چون ٿا ته انجيڪشن وارو کير پيئڻ سان فائدي بجاءِ بيماريون پيدا ٿين پيون. ماڻهو سوچين ٿا ته شايد کير ۾ طاقت نه رهي آهي. کير ۾ اڄ به طاقت آهي پر جي مال صحت بخش طريقي سان ڏهجي ته. هاڻ ته هٿ يا ڇيچ سان ڏهڻ بجاءِ ماڳهين مشينون استعمال ٿي رهيون آهن. انهن روايتي طريقن کي ڇڏي اجڪلهه مال سڱوئڻ ۽ کير وڌائڻ لاءِ انجيڪشن جو استعمال عام جام آهي، جنهن سان ماڻهن ۽ مال جي صحت تي ڪيترائي خطرناڪ اثر مرتب ٿي رهيا آهن ۽ بيماريون پيدا ٿي رهيون آهن.

**جانورن تي اثر:** جانورن کي سڱوئڻ لاءِ لڳندڙ سئي لاءِ ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي ته اها ويم دوران عورت کي لڳڻ سان ويم ۾ آساني ٿئي. ان جي لڳڻ سان لڳ ساڻا ٿي وڃن ٿا. هي هارمونل انجيڪشن آهي، جنهن لڳڻ سان پيدائش جو سڄو نظام حرڪت ۾ اچي ٿو ۽ کير به ٿڻن ۾ لهي اچي ٿو. پر ان سان جانورن کي ڪيترائي نقصان ٿي رهيا آهن. سئي لڳائڻ بعد جانور جو سڄو کير لاهڻ ڪري ڦر لاءِ ڪجهه نه ٿو بچي. مزي جي ڳالهه ته ڪڏهن سئي موجود نه هجڻ وقت خفتي پاڳيا خالي سئي هڻي ڍور کي سڱوئي وٺندا آهن. سئي سبب مال جي سن تي وقت کان اڳ ويم ڪرڻ ڪري

Gul Hayat Institute

ڦر پوري عمر جو نہ هجڻ ڪري ڪمزوري سبب جلد مري وڃي ٿو. ياڳين ۾ ڊاڪٽرن جي بقول تہ ڪير وڌائڻ واري انجيڪشن مال جو ڪيلشيم ڳاري ٿي، جنهن سان هڏا ڳرڻ سبب جانور ڪمزور ٿئي ٿو ۽ ان جي عمر گهٽجي ٿي. مثال طور مينهن جي عمر عام طور تي 20/22 سال ٻڌائي وڃي ٿي. جيڪا تقريباً ڏهہ ڀارنهن دفعا ويامندي آهي. اندازن ٽن سالن ۾ پاڏي/وڇ مينهن تي وڃي ٿي، جيڪا ڏهن مهينن ڏهن ڏينهن بعد ويامندي آهي. سئي جي هيراڪ 9 مهينن ۾ ئي ويامي ويندي آهي، جنهن سبب ڦر ڪچا ۽ غير صحتمند هئڻ ڪري جلد مري ويندا آهن، جنهن سان مال جي نسل ڪشي ٿي رهي آهي.

**انسانن تي اثر:** ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ ٿوري آساني خاطر ۽ ڪجهہ وڌيڪ کير حاصل ڪرڻ جي لالچ ۾ روايتي طريقا ترڪ ڪرڻ بجاءِ انهن تي ڌيان ڏجي، جنهن ۾ مال ۽ ماڻهو ٻنهي جي ڀلائي ۽ بهتري آهي. جيئن اڄ سڄي دنيا ڀاڄين ۽ ميون ۾ پيسٽيسائيڊ استعمال ٿيل يا نہ ٿيل هجڻ ڪري انهن جا الڳ الڳ اگهہ مقرر ٿي رهيا آهن. ڪٿي ائين نہ ٿئي تہ اسان بہ ڪجهہ عرصي ڪان پوءِ خطرناڪ نتيجا ڀوڳڻ بعد، "سئي وارو کير" يا "بغير سئي وارو کير" جو اصطلاح استعمال ڪريون. ان سلسلي ۾ حڪومت کي هن اهم مسئلي ڏانهن بہ فورن ڌيان ڏئي، سئي جي استعمال تي پابندي هڻي، ڪنهن ٻئي صحت بخش متبادل ۽ بهتر حل لاءِ سوچڻ گهرجي. اها سئي جڏهن ايتري قدر خطرناڪ طريقي سان کير تي اثر انداز ٿي سگهي ٿي تہ پوءِ ان جا گوشت تي ڪيترا اثر پوندا هوندا، ان تي بہ تحقيق ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي. چوپايو مال، جنهن جو ملڪي زراعت ۾ 52.5 سيڪڙو حصو ۽ مجموعي ملڪي پيداوار ۾ 11 سيڪڙو حصو آهي. (جڏهن تہ سنڌ کير ۽ گوشت جي لحاظ کان ملڪي ضرورت جو 26 سيڪڙو پورو ڪري ٿي.) ان کي خطرناڪ اثرن کان بچائڻ لاءِ حڪومت کي فوري طور قدم کڻڻ گهرجن.

***

# قرباني ۡۃ جي عيد جي موقعي تي
# بي زبان جانورن جو خاص
# خيال رکڻ گهرجي

**مهذب** ملڪ ۾ معاشرا پنهنجي ماحول ۾ ان سان وابسطہ سيني شين کي، پنهنجين اوليتن ۾ رکي، انهن جو بچاءُ ۽ تحفظ ڪرڻ ۾ وسان ڪونہ گهٽائيندا آهن. ڪيترن ملڪن جي تہ معاشيات جو دارو مدار ئي سياحت تي آهي ۽ سياحت ۾ انهن شين جي اهميت کان ڪوبہ انڪاري نٿو ٿي سگهي. نسبتاً نئين آيل ٽرم ”ايڪو ٽوئرزم“ جو دارومدار تہ ئي انهن شين تي پر اسان واري پاسي، خاص طور تي سنڌ ۾ ماحول، ماحول کي بهتر بڻائيندڙ ٻيلن، وڻن جهنگلي توڙي آبي جيوت جي جيڪا ڀينگ تي آهي، ان ڪيترن ئي جنسن ۽ نسلن کي يا تہ بلڪل ئي ختم ڪري ڇڏيو آهي يا ختم ۽ ناياب ٿيڻ جي صفا ويجهو اچي پهچايو آهي. اها صورتحال ان ڪري اجا بہ وڌيڪ ڏکوئيندڙ آهي جو اها هڪ مسلم معاشري ۾ ٿي آهي. جنهن مذهب ۾ انهن شين جي بچاءُ ۽ تحفظ لاءِ ڪيتريون ئي هدايتون ۽ حڪم هجن پر ان ۾ انهن تي عمل نہ ٿيندو هجي تہ اها صورتحال اجا بہ وڌيڪ خراب آهي.

ماحول، ٻيلن، وڻن، جهنگلي توڙي آبي جيوت تي وقتا وقتا مختلف حلقا پنهنجي پنهنجي وت ۾ وس آهر ڳالهائيندا، لکندا ۽ ڪوششون ڪندا رهندا آهن. ان سلسلي ۾ هڪ گذارش اسان مذهبي اڳواڻن کي بہ ڪنداسين. هن وقت جڏهن عيل الاضحيٰ ويجهي اچي چڪي آهي ۽ اسان پارا ڪيترائي مسلمان رڳو عيد نماز ئي پڙهندا آهن. اها بہ صفا ٽائم تي اچي ۽ آخر ۾ پهچي. ان موقعي تي

Gul Hayat Institute

اسان جي مذهبي اڳواڻن کي گذارش آهي ته عيد نماز جي موقعي تي پنهنجن تقرين جي آخر ۾ پنج ڏهه منٽ ماحول، ٻيلن، جهنگلي ۽ آبي جيوت جي تحفظ توڙي پالتو جانورن ۽ پکين تي رحم ڪائڻ ۽ ساڻن سنو ۽ بهتر ورتا ڪرڻ جي تلقين ڪندي، اهڙو درس ڏين. جيئن ته عيدن جي موقعي تي لکين ڪروڙن ماڻهو عيد گاهن ۾ اچي يا لائوڊ اسپيڪرن ذريعي سندن ڳالهيون ٻڌندا آهن، ان ڪري جيڪڏهن ڪجهه لکن ماڻهن سندن ڳالهه ٻڌي ۽ ڪجهه هزارن ئي هانو سان هنڌائي ته به ڪافي اثر پئجي سگهي ٿو ۽ هڪ سني ابتدا ٿي سگهي ٿي، جنهن جي هن وقت سخت ضرورت آهي. انهن موقعن تي عيد گاهن ۾ جتي ٻيون ڪيتريون ئي ڳالهيون ڪيون وڃن ٿيون، اتي ڪجهه ڳالهيون انهن بي زبانن لاءِ به ڪرڻ ضروري آهن. ۽ ڪجهه وقت انهن لاءِ به ڪيڻ ضروري آهي جي قدرتي رب پاڪ سيني مخلوقن لاءِ خلقي آهي ۽ ان تي سيني جو حق آهي ۽ اسان کي ٻين جي حقن جي خيال رکڻ جي سختي سان تاڪيد ٿيل آهي ٻيو ڪجهه نه ته پلا انهن بي زبانن کي اسان پاڙيسري سمجهي ئي انهن جي حقن جو خيال رکون ۽ انهن جي حفاظت ڪريون!

***

Gul Hayat Institute

# ڪير

**هئڻ** تہ خير چوپائي مال مان اسان کي ڪيترين ئي شين ملن ٿين. جيئن گوشت، چمڙو، ڪير، مکڻ، لسي، گيھہ، نسڪين، ٻارن توڙي وڏن جي وندر، پر چوپايو مال پالڻ جو سبب جتي انھن کي وڪڻي ناڻو ڪمائڻ زندگيءَ جو گاڏو اڳتي گھلڻ ۾ روزگار ھجي ٿو اتي انھن جي پالڻ ۾ ڏارڻ جو ھڪ مکيہ سبب، چوپائي مال مان ملندڙ ڪير بہ ھجي ٿو. ڪير، جيڪو اسان جي زندگي ۾ صحت ۾ اھم حيثيت والاري ٿو ان جو ٻوناٽي زندگيءَ ۾ عمل دخل شھرن جي مقابلي ۾ شايد ڪجھہ وڌيڪ ئي ھجي ٿو. ڇو جو ٻھراڙي ۾ ياجي بدران گھٽو ڪري لسي، ڏھي، مکڻ، گيھہ ۽ چانھہ وغيره جو استعمال نسبتاً وڌيڪ ھجي ٿو. چانھہ جو استعمال جتي فوري طور بک متائڻ ۾ تازو توانو ڪرڻ لاءِ ھجي ٿو اُتي اجڪلھہ جي مھمان نوازي جي مشروب لاءِ بہ چانھہ جو استعمال ڪيو وڃي ٿو. پر چانھہ جو وڌيڪ استعمال انساني صحت تي ڏاڍو مضر ۽ ھاڃيڪار اثر ٻھچڏي ٿو. انھيحوالن سان چوپايو مال اسان جي اڪثريتي آبادي لاءِ تمام اھم ھجي ٿو. ڪير جي حساب سان، چوپائي مال لاءِ مخلتف مرحلن تي ياٻين/ مال وندن وٽ مخلتف نالا ھجن ٿا. جيئن ڏِڪي، سُوا، آلوڙي سوا، ڪانگھاري، ڦندي وغيره. ائين ياٻين ۾ ڏنارن وٽ جانورن ٻاران مختلف گاھہ کائڻ سان ڪير وڌڻ ۾ گھٽجڻ کان علاوه ڪير تي موسمن جو ٻوندڙ اثرن جو بہ وڏو ادراڪ ھجي ٿو. ٻوناٽا موسمن جي ڦير گھير 'ائٺ تاري'، جي ايرڻ، ڪُڙل (باز جو ھڪ قسم) جي اچڻ، ٻاڻي وڌڻ ۽ گھٽجڻ، جو تعلق بہ ڪير سان جوڙيندي، انھن شين تي گھري نظر رکن ٿا. انھي حوالي سان سندن صدين جو تجربو ڪمال جو ھوندو آھي. اجڪلھہ تہ سائنس ڪم ئي سولا ڪري ڇڏيا آھن

ڪڙ ٻُڌ، يوسي ۾ مختلف سائنسي طريقن سان محفوظ ٿيندڙ ڳاهن ۾ انجيڪشنن ذريعي ڪير گهٽجڻ ۾ وڌڻ جي اثرن کي ڪافي حد تائين قابو ڪيو آهي، پر اڳين ائين نہ هو. اسان جا وڏڙا، انهيءَ صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ چوپائي مال جي حساب سان، لوڪ ڏاهپ تي ئي ڀاڙيندا هئا. جيڪا هاڻ واڙا ڪلچر، ڏبي جي ڪير جي عام ٿيڻ،مال جي چرڻ جي جُوءِ، چراگاهن ۾ ٻيلن جي گهٽجڻ بعد، ڏينهون ڏينهن ختم ٿي رهي آهي. ساڳئي وقت پاڳين وٽ مختلف جانورن جي ڪير لاءِ صدين جي تجربي ۽ مشاهدي تي ٻڌل لوڪ ڏاهپ جي علم جي حساب سان، رايا بہ مختلف هجن ٿا. ڪير بابت مختلف پهاڪا ۽ چوڻيون بہ ڪير جياهميت کي اجا وڌيڪ واضح ڪن ٿيون.

## مختلف قسمن جي چوپائي مال مان ملندڙ ڪير بابت رايا ۽ خاصيتون

ڳوناڻن وٽ چوڻي مشهور آهي تہ ٻڪري نڪري، ڳئون جنجال، ڪير پيئڻو هجي تہ مينهن ڪٽي ڏار. انهيءَ لحاظ سان ڏسجي تہ پالتو جانورن ۾ سڀني کان سنو ڪير مينهن جو هجي ٿو. جيڪو گهٽي هجڻ سان ڳڏ گهاٽو ۽ مٺو بہ هوندو آهي. ان ۾ طاقت بہ وڌيڪ هجي ٿي، تہ ان مان مکڻ ۽ گيهہ بہ وڌيڪ ملن ٿا. مينهن جو ڪير سائو گاهہ چرڻ سبب ساوڪ نموني اچو بہ ٿي سگهي ٿو. گهٽي ڪير ڏيڻ جي حوالي سان ڏاچيون، مينهن کان مٿي آهن. جيڪي ڏينهن ۾ ڪيترائي ڀيرا، ڪلاڪ ڪلاڪ تي بہ ڏُهي سگهجن ٿيون ۽ جن جو ڪير مختلف بيمارين جو علاج بہ چيو وڃي ٿو. پر ڏاچين جو ڪير، ذائقي کان سواءِ جمي نہ سگهڻ ۽ ان مان ڏهي، گيهہ ۽ مکڻ ملڻ جي اميد نہ هجڻ سبب مينهن جي ڪير سان مقابلو نٿو ڪري سگهي. ان ڪري ئي جڏهن پُنهون کي سندس مائٽ ڪٽي ويا تہ سسئي ڏاچين کي پٽيندي چيو هو تہ، "شال ڪا مانڌاڻي پوي!" ڏاچي جو ڪير تلي، ڪاري سائي، ڪينسر کان ويندي ڪيترين ئي بيمارين تي پوي ٿو. ڳالهہ جڏهن وڌيڪ ڪير جي ايندي تہ آسٽريلين ڍڳيءَ جو بہ ذڪر ايندو پر ان لاءِ هڪ مخصوص ماحول گهرجي، جنهن ۾ گهٽي گرمي نہ هجي. ان

لحاظ سان اها ڍڳي ڪلي، مُني ۽ وڻاڻ جو جانور آهي، مينهن وانگي جُوءِ ۽ چراگاهن ۾ آساني سان نٿو وڃي سگهي ۽ نہ ئي ان جو کير مينهن سان مقابلو ڪري سگهي ٿو. جيتوڻيڪ اسان جي مقامي ڍڳيءَ جُوءِ ۾ چَرڻ جي لحاظ سان مينهن کي بہ ماريو بيٺي آهي. ڇو جو مينهن درياسين پٽن ۽ علائقن جو جانور نہ. پر دريائن ۽ ڍنڍن ڍورن جي پرسان ئي رهڻ کي وڌيڪ پسند ٿي ڪري. پر ڳالهہ جڏهن کير جي ذائقي ۽ مقدار جي ايندي تہ ڍڳيءَ جنهن جي لسي ۽ مکڻ بين کان مٿاهان ضرور آهن ۽ سندس ڦڪي رنگ جو گيهہ ۽ مکڻ هلڪو هجڻ ڪري وڌيڪڪائي سگهجي ٿو ۽ اهو نقصان بہ نہ ڪندو آهي. جڏهن تہ ملير جي ڍڳيءَ جو مکڻ، ڳاڙهو ڦڪو هجي ٿو. پر پوءِ بہ ڍڳي مينهن جو مقابلو نٿي ڪري سگهي. ڍڳي جو کير هلڪو سمجهبو آهي، جنهن کي ايرو سيرو ماڻهو بہ پيءِ سگهي ٿو. ان لحاظ سان ڳرو کير رڍ جو ۽ مينهن جو هجي ٿو. گيهہ ۽ مکڻ سنا رڍ جا سمجهيا ويندا آهن. پر اهي مينهن جي مقابلي ۾ هوندا گهٽ آهن. ان لاءِ ياڳيا چوندا آهن، تہ مينهن جو کير ڪاڙهڻ سان ان تي چار دفعا ٿَر/ملائي ايندي آهي، پر رڍ جي کير کي ست پيرا ٿَر ايندي آهي. رڍ برسات کي منهن ڏيڻ جي حوالي سان پشم جي ڪري ڏاڍي آهي. پلي پٺي برسات پٺي اهو اونو نہ هوندو آهي تہ ڪو رڍون پڌر تي بيٺيون هونديون. ان لحاظ سان ٻڪري سڀ کان وڌيڪ ياڙي جانور آهي. جي برسات ۾ بند ڪري يا واڙي ۾ نہ واڙيون تہ مري بہ سگهن ٿيون. جڏهن تہ مينهن کي، برسات جي پرواهہ ناهي هوندي باقي ڏاچي پٽ جي ياڙي هوندي آهي. هي برسات ۾ گپ تي ترڪي بہ سگهي ٿي، ان ڪري برسات ۾ ڏکي ٿيندي آهي. جڏهن تہ اُٺ وري سياري ۾ مستي ڪري، مالڪ کي پريشان ڪري سگهي ٿو. ڏاچي وانگر، رڍ کي بہ گهڙي گهڙي ڏهي سگهجي ٿو. ان ڪري چئبو آهي تہ رڍ جو کير کٽڻ جو ئي ناهي! جتي رڍ جو کير طاقت ۽ ڪريم ۾ سڀ کان وڌيڪ هوندو آهي تہ گرم بہ بين کان وڌيڪ آهي، پر مقدار ۾ مينهن کان مار کايو وڃي. ٻڪري جو کير ٿڌو ۽ ڇدو هوندو آهي. حڪمت جي لحاظ کان ٻڪري جو کير پيئڻ سان مثانو نيڪ رهي ٿو ۽ پيشاب بہ نهي ٿو. ٻڪري ئي سڀ کان وڌيڪ گاهہ ٻوٽا چرندي آهي، ويندي اڪ ۽ ٿوهر بہ کائي وڃي

وڌائيندو آهي.

پوهه جي مهيني ۾ پيٽ جا سڀ گاهه سڙي ختم ٿي ويندا آهن ۽ مال بہ ڪير سڪائيندو آهي. سڀ کان اڳ ترَ جو گاهه ڪرتيو سڙندو آهي، جنهن بعد ڪوري، ڳنڊير ۽ مانڌاٽو سڪندا آهن. ان بعد وارو ايندو آهي بکڙي جو. سڀ کان پوءِ ٻوڙو سڪندو آهي. جڏهن تہ سياري ختم ٿيڻ جي نشانيءَ ۾ سڀ کان پهرين ائب ٻوڪبو پوءِ کجي ۽ ان بعد ڪانديرو ڦٽندو آهي. جنهن بعد ٻير تيار ٿئي ۽ نم پاران پن ڇاٽڻ ۽ کجيءَ پاران کجورن جهلڻ بعد، نڙ ڦٽندو آهي، جيڪو وري پاٽي چڙهڻ جي نشاني هوندو آهي. اها موسم مال جي خوش ٿيڻ ۽ ڪير وڌائڻ جي هوندي آهي. سياري ۾ سڀ کان اڳ ٻڪريون ۽ پوءِ رڍون ڪير سڪائينديون آهن. عام طرح تي چوپايو مال وري نائين مهيني ۾ نئون گاهه ڦٽڻ بعد ڪير وڌائيندو آهي. ڏاچي سُڪي گاهه تي ڪير سڪائيندي آهي ۽ پيرون وقت ڪير وڌائيندي آهي. ترَ ۾ برسات بعد ڪنيين جو ڦٽڻ، مال ۾ بيماري پوڻ جو وقت هجي تو ان وقت نئون گل پن چرڻ سان، مال کي ريج لڳي تو ۽ هو ڪير سڪائي تو. چيٽ وقت پاڳين جي چوٽي ۾ جيت هوندا آهن. جن سان مال جي اکين ۾ پچيون بہ ٿين ٿيون. جهولي لڳڻ تي بہ مال ڪير سڪايو وجي. پوءِ وري برسات بعد ۽ سانوڻ ۾ هر مال ڪير وڌائيندو آهي. ڪير وڌائڻ بعد اڪثر جڏهن نائين ۽ ڏهين مهيني ۾ ماڪون پوڻ بعد جڏهن مينهن پاڏو گهرندي آهي تہ لڳڻ جي ٽن چئن مهينن بعد، مينهن گهٽو ڪير سڪائي ويندي آهي، رڳو ڦر لاءِ رکندي آهي. جڏهن تہ رڍ ٻڪري لڳڻ جي مهيني بعد ڪير سڪائي وينديون آهن. ائٽ تارو نڪرڻ تي مال ڪير سڪائي ويندو آهي. ڪير وارا جانور هن تاري کي پني ڏيئي ويهندا آهن. مهينو سوا آسمان ۾ رهندڙ هي تارو هر سال سيپٽمبر مهيني ۾ نڪرندو آهي. هن جي نڪرڻ جو وقت رات جو هوندو آهي. مهيني سوا بعد جڏهن هي تارو واپس لهندو آهي، تہ ڪير تي بہ اثر پوندو آهي.

ڪجهہ پاڳين جو اهو بہ خيال آهي تہ مختلف گاهن، مال جو ڪير سڪايو آهي. خاص ڪري مينهن تي گاهن جو وڌيڪ اثر پيو آهي. پاڳيا اهو بہ چون ٿا تہ مختلف زرعي دوائن جي ڦوهاري ٿيڻ بعد وارو گاهه کائڻ

تي وڃي ٿو ۽ چانهه ڪڙهي ٿي. اڳي ماڻهو هڪ ٻئي سان ملڻ ۽ خوش خير عافيت پڇڻ وقت، جيڪو کير ۽ پُٽ جي خيريت پڇندا هئا سا ريت رسم به هاڻ جڻ ته ختم ٿي وئي آهي. کير بابت سڀ عقيدا ۽ احترام به جڻ ته ختم ٿي چڪا آهن. کير جيڪو ڪنهن وقت وڪڻڻ عيب سمجهبو هو، هاڻ اهو کير وڪڻي، گهر جو گاڏو گهليو وڃي ٿو.

هاڻ جڏهن چوپائي مال جون چراگاهون، ٻيلا ۽ جُو محدود ٿي ويون آهن ته کير به ڏٻن ۽ ٿيلهين ۾ بند ٿي، مارڪيٽ ۾ ملڻ لڳو آهي. جنهن سان گڏ پورو ماضي ۽ ان جو ڪلچر به جڻ ته ڏٻن ۾ بند ٿي، ميوزيم جي المارين ۾ بند ٿي ويو آهي.

***

Gul Hayat Institute

# جهنگلي جيوت جا ختم ٿيندڙ نسل

**جهنگلي** جيوت جا ڪافي نسل ۽ جنسون تيزي سان ختم ٿي رهيون آهن. جن ڏانهن نہ تہ حڪومتي ادارن جو ڌيان ٿو وڃي. نہ ئي بين واسطيدار ادارن جو. اهڙين ڪيترين ئي جنسن ۾ مختلف نسلن جا ٻلا بہ شامل آهن. سنڌ ۾ عام طور تي ٻلن جا چار قسم مشهور آهن. پر انهن مان ٽي جنسون ڏينهون ڏينهن ختم ٿينديون پيون وڃن. بلڪ ڪن کي تہ ڏني بہ ڏينهن ٿي ويا آهن. حالانڪ دنيا جي سڌريل ملڪن ۾ تہ ٻلن جو وڏو قدر ڪيو وڃي ٿو ۽ انهن کي جائز اهميت ۽ مقام مليل آهي پر سنڌ ۾ ٻلن کي هاڻ لڪڻ لاءِ بہ جاءِ نہ ٿي لڀي. ٻلن جي انهن قسمن مان هڪ قسم تہ گهريلو ٻلن جو آهي جن جا وري ڪيترائي قسم ۽ رنگ ٿين ٿا. جيئن تہ اهي سڀ گهرن ۾ ئي رهن ۽ پلجن ٿا، ان ڪري انهن سيني کي گڏائي گهريلو ٻلا سڏبو آهي جيتوڻيڪ انهن ٻلن جو مکيہ ڪم ڪوئا مارڻ هو پر انهن ٻلن جهڙو ڪر ڪوئا مارڻ وارو ڪم ڇڏي ڏنو آهي ۽ ڪجهہ ڪوئا بہ نون نسلن جا اچي ويا آهن. سو ٻلو تہ موجود آهي پر ڪرت ڇڏائجي وئي اٿس. ساڳي سوچ ڪتن کي بہ آئي ۽ انهن ٻلن جو نالو ونڻ ڇڏي ڏنو تہ ڪر ٻلا، هو ٻلا! گهريلو ٻلا تہ جيئن تيئن ڪري، ٻک ۾ ميائون ميائون جي ٻولي ۾ مطالبا ڪري پيٽ پاليو وينا آهن. پر جهنگ جي ٻلن جي ڪنهن بہ سار نہ لڌي ۽ انهن جو نسل آهستي آهستي پڇاڙي تي پهچي رهيو آهي. جهنگ ۾ ٽن قسمن جا ٻلا ٻڌڻ ۾ اچن ٿا، هڪ جهنگراڙ ٻلا، ٻيا ڪتوري وارا ٻلا ۽ ٽيان پڙنگ ٻلا.

جهنگراڙ ٻلا گهٽو ڪري گهريلو زندگي جي قيد ۾ بوريت محسوس ڪندي، بيزار ٿي ائين جهنگ منهن ڪندا آهن. اهڙا ٻلا ڪاٽڪوئن وانگر وجهہ وٺي انساني آبادين تي حملو ڪري پنهنجي

هاليجي ڊنڊ جي ميوزيم ۾ ڏسي سگھجن ٿا. يا ھاڻ ھن بابت ڳالھيون رڳو وڏن کي ئي معلوم رھجي ويون آھن. نوجوانن کي تہ ”پڙنگ“ نالو بہ عجيب ۽ نئون ٿو محسوس ٿئي. انسان پنھنجي جيئاپي لاءِ ھيو تہ نھيو ٻلن کي بہ جھڙوڪر ماري ناس ڪري ڇڏيو آھي.

جيئن تہ ٻلو انسان جو ڪيترن ئي سالن کان ساٿي رھيو آھي، ان ڪري ٻلن جي باري ۾ ڪيتريون ئي چوڻيون ۽ پھاڪا مختلف ٻولين ۾ موجود ۽ مروج آھن. مثال طور: شيرو جھڙو ٻلو. ٻليءَ جي خواب ۾ ڇيڇڙا. ٻلي وانگر نھارڻ. ٻلي وانگر رانيوتا ھٽڻ. ٻلي شينھن جي ماسي. شيرو ٻلو شاھہ جو سئو ڪوئا کائي ٻلي ھلي حج تي. ٻلي جو تيلھي مان ٻاھر اچڻ. ڪوئي ٻلي جي راند. ٻلي وانگر وڻ تي چڙھي وڃڻ. ٻلي وانگر ڏپ اچڻ وغيره شامل آھن. ٻلي جي حوالي سان ”ميائون ميائون ڪردي اي، چلھہ دي ٻھرون ڦردي اي“ ڳجھارت بہ مشھور آھي تہ ساڳئي وقت ٻلي جون ڪيتريون ئي وصفون، خصلتون بہ مشھور آھن. مثال طور: چوندا آھن تہ ٻلو اکيون پوري کائيندو آھي، کائي ٻي مڇن کي اڳئين پير (ھٿ) سان صاف ڪندو آھي. ٻلو ڪتان بہ ڪِري پوي، پر ان کي ڌڪ نہ لڳندو آھي يا پوءِ اھا چوڻي مشھور آھي: ”ٻلي شينھن ڪون پڙھايا. شينھن ول ٻلي ڪون کانوڻ آيا“. ٻلي جي اھا بہ خصوصيت مشھور آھي تہ ھو پنھنجي نون ڄاول ٻچن کي ڪٽي ست جڳھيون بدلائيندي آھي، جنھن جي لاءِ چيو ويندو آھي تہ اصل ۾ ھو اھو عمل ڪري، پنھنجي نون ڄاول نر پونگڙن کي نر ٻلي کان بچائيندي آھي، ڇو جو نر ٻلو نر پونگڙن کي ماريندو آھي.

ھن ڌرتي تي رھندڙ ھر جنس ۽ نسل کي خدا ڪنھن نہ ڪنھن سبب جي ڪري خلقيو آھي پر انسان صرف پنھنجي زنده رھڻ لاءِ ۽ ھن ڌرتي جي گولي تي خدا جي ٻي مخلوق لاءِ جھڙوڪر ھن ڌرتي کي ”نو گو ايريا“ بڻائي ڇڏيو آھي. ھن ڌرتيءَ جي سونھن سمورن ساھوارن جي موجودگيءَ سان آھي، ان ڪري ھن ڌرتيءَ تي ٻين ساھوارن جي حق کي تسليم ڪندي انھن جي وجود کي ھاڃو نہ رسايو وڃي.

❊❊❊

Gul Hayat Institute

# حصو ڇهون

(جانورن ۽ پکين جي حوالي سان

ڪجھ اضافي مضمون/مواد)

Gul Hayat Institute

# ٿرَ ۾ مرندڙ جھنگلي جيوت
# ۽ لڏيندڙ هندو ماڻهو!

***اصل*** ڌرتي ڌڻي هند ماڻهو سنڌ ڇو ڇڏي هميشہ لاءِ لڏي ويجي رهيا آهن! اهو تہ خير هڪ الڳ ۽ وڏو بحث آهي پر هندن جي لڏي وڃڻ جا جن مختلف شين تي اثر پئجي رهيا آهن، انهن ۾ جھنگلي جيوت بہ هڪ آهي. جيڪا هندن جي لڏي وڃڻ ڪري، خاص طور تي ٿر پارڪر ضلعي ۾ سخت متاثر ٿي رهي آهي. هنئن تہ سڄي سنڌ جي مختلف علائقن جي مقامي توڙي پرڏيهي جھنگلي ۽ آبي جيوت سخت خطري هيٺ آهي، جنهن جا مختلف علائقن ۽ ضلعن ۾ مختلف سبب آهن، پر ٿرپارڪر جو مثال ڪجھہ الڳ ۽ منفرد آهي. ان حوالي سان ٿرپارڪر ضلعي ۾، هندن جي گھٽجندڙ آبادي جو جھنگلي جيوت جي خاتمي ۽ ان تي آيل ڌڪئن ڏينهن جي حوالي سان مثال، هڪ ڪيس اسٽڊي جي حيثيت رکي ٿو.

هندو ماڻهن، جئين تہ گوشت نہ واپرائيندڙ يعني ويشنو هجي ٿي، ( ڪجھہ ذاتين کي ڇڏي) ان ڪري هڪ تہ اهي شڪل ڪونہ ڪن ۽ ٻيو تہ اهي مختلف سببن جي ڪري، خاص طور تي ٿرپارڪر ضلعي ۾ موجود جھنگلي جيوت جي بچاءَ ۽ تحفظ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. جيئن تہ روجھہ، ڏڳي سان مشابهت رکي ٿي ۽ هندو ڌرم ۾ ڏڳي جي خاص اهميت ۽ حيثيت هجڻ ڪري، هندن جي گھڻائي وارن ڏينهن ۾، روجھہ کي بہ هن علائقي ۾ جھڙو ڪ تحفظ حاصل هو. ٻي زبانن تي کهل ڪرڻ جي عادت سبب هندو ماڻهو مورن کي خاص طور تي چُوڻ / داڻو پاڻي ڏيندا هئا. جنهن تي ٻيا ڪيترائي ننڍا وڏا پکي پڻ پلجي ويندا هئا ۽ انهن جو بہ پلو ٿي ويندو هو. پولڙن کي بہ

تي سگهي ٿو تہ ڪوانهن ڳالهين سان اختلاف بہ ڪري پر جي ان حوالي سان انگ اکر دستياب ٿي وڃن تہ ورهاڱي وقت ٿر پارڪر ۾ آباديءَ جو هندو مسلم تناسب ڪيترو هو؟ هن وقت تائين ڪيترا هندو ماڻهو ٿرپارڪر ڇڏي چڪا آهن؟ ۽ مسلمان آبادي اڳي ٿر ۾ ڪيتري هئي؟ هاڻ ڪيتري آهي؟ ۽ اهو بہ تہ هاڻ ٿر ۾ پکين ۽ جانورن جا باقي ڪهڙا ڪهڙا نسل ڪيتري تعداد ۾ وڃي بچيا آهن؟ تہ سڄي صورت حال سولائي سان سامهون اچي سگهي ٿي! صفا ائين بہ ڪونہ تہ ٿر ۾ جهنگلي جيوت جي خاتمي جو يا ان تي آيل ذڪين ڏينهن جو اڪيلي سر سبب, اتان هندن جي لڏ پلاڻ ٿي آهي, پر اهو ضرور چئي سگهجي ٿو تہ ٿر مان جهنگلي جيوت جو خاتمي جو هڪ وڏو سبب هندن جي لڏ پلاڻ ضرور آهي.

ان ڪري اهي هندو ماڻهو جيڪي ڏاڍو تيزي سان پنهنجي ۽ پنهنجن ٻچن جي تحفظ خاطر ٿر ڇڏي رهيا آهن. اهي ٿر مان لڏي وڃڻ کان اڳ هڪ ڀيرو اهو ضرور سوچين تہ سندن وڃڻ پڄاڻا, انهن بي زبان معصوم جانورن ۽ پکين جو ڇا ٿيندو!؟ اهي ويندي ويندي مرندڙ مورن, رڙندڙ روجهن, سهڪندڙ سهن, تيرن هيٺ آيل تترن, هنيلن هرڻن ۽ گگدام گڏهن جي اکين ۾ ضرور نهارين, جن کي هو نہ صرف نڌڻڪو ڪري ڇڏي وڃي رهيا آهن بلڪ کين ظالم شڪارين جي رحم و ڪرم تي ڇڏي وڃي رهيا آهن! تہ شايد انهن بي زبانن جي اکين جون مجبور نهارون ۽ انهن مان اٿندڙ ميارون سندن وڏايل وک کي متان روڪي وجهن!. باقي سنڌي ماڻهن جا حال تہ سڀ ڪنهن جي سامهون آهن!

***

Gul Hayat Institute

# مرندڙ مورن بابت
# اهم ڊائيلاگ ۾ ڪاتي جي بيوسي

**مختلف** سماجي تنظيمن پاران ٿر ۾ مورن جي مرڻ جي حوالي سان منتي ۾ تمام اهم ڊائيلاگ ٿيو. جتي مورن ۾ آيل خطرناڪ بيماري ۽ ان کان بچاءَ جي حوالي سان ڪافي اهم بحث ٿيو. مور نه صرف ٿر جو بلڪ سڄي سنڌ جو خوبصورت ترين پکي آهي. مور جي اهميت نه صرف سندس خوبصورتي جي ڪري آهي بلڪ هو لوڪ ڏاهپ جي حوالي سان به اهم آهي ته ايڪو سسٽم جي حوالي سان به منتي جي آنند ڪمار راڻي جي مهرباني سان. ٿر ۾ مورن جو ديس سڏرائيندڙ ڳوٺ مالٺهار جي سوڍن صورت سنگهه نڪر، ويرجي نڪر، پورومل نڪر، هنن. پاڪڙن ۾ زيورن تي چٽ سالي جي حوالي سان. ايشيا ۾ مشهور نالي واري 86 سالن جي ڪاريگر ڪيتارام ولد ٻگوجي شهواٽي ۾ ڳوٺ ڀڪوئو جي 87 ڪن سالن جي جهوني محمد اسماعيل لنجو پاران ڏنل ڄاڻ مطابق. ٿر جتي نه ته علاج جون سهولتون آهن ۽ نه ئي ڊاڪٽر، اسپتالون ۽ ايمبولنسون آهن. اتي مور نانگ توڙي ٻين زهريلن جتن کي ماري، ماڻهن توڙي چوپائي مال کي تمام گهڻين مصيبتن کان بچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. ساڳي وقت هو انساني گندگي کائي، علائقي جي صفائي به ڪري ٿو. جيڪا صفائي ٿر جا ينگي سڏجندڙ گينگها ته رڳو برسات جي ڏينهن ۾ ئي ظاهر ٿي ڪندا آهن پر گڏهه ويچارا حال سارو اهو ڪم به ڪندا رهندا آهن. گڏهه ته اهو ڪم گهر ٻاهران ڪندا آهن. جڏهن ته مور ڪڪڙ وانگر اهو ڪم گهر اندر به ڪندا آهن. ان کان علاوه لوڪ ڏاهپ جي حوالي سان مور جو ٿهوڪڻ، ڪوئل ۾ تاڙي وانگر، برسات جي علامت سمجهبو آهي. آڌي رات جو مور پاران ڪجهه مختلف آواز ۾ ريهون ڪرڻ ڳوٺ ۾ ڪنهن مصيبت اچڻ يا ڪنهن جي مرڻ جو ڏس ڏيندو آهي. هي ڏاڍو سجاڳ پکي، رات جو ڪڙڪو ٿيڻ تي، ريهون ڪري ڪتي

ضلعي ۾ ساڳي ڪاتي جي وزير صاحب رپورٽ ٽيل مئل مورن جي تعداد کي مڃڻ کان ئي انڪار ڪندي ۽ ميڊيا کي ڪوڙو قرار ڏيندي 300 کان مٿي مئل مورن جي جاءِ تي رڳو 16 مور مرڻ جي ڳالهه مڃيندي، جڻ تہ وڏو تورو ڪيو هو.

جڏهن ڪو ماڻهو ڪيس لڳل ڪنهن بيماري، پيدا ٿيل ڪنهن ڪمزوري يا خرابي کي مڃي ئي نہ تہ پوءِ، هو ان جو علاج ڪيئن ڪرائيندو يا ان ڪمزوري ۽ خرابي کي ختم ڪرڻ لاءِ اپاءُ ڪيئن وٺندو؟ ياڳت صاحب جنهن فراخدلي جو مظاهرو ڪندي، پاڪستان ۽ خاص ڪري سنڌ جي مخصوص حالتن ۽ ماحول ۾، ڪاتي جي بنيادي ضرورتن ۽ ڪمين کي مڃيو آهي، اهو سنڌس ڪرسي کي لوڏي سگهي ٿو پر سنڌن اهو اقرار نہ صرف ڪاتي جي بهتري ۽ مفاد ۾ آهي، بلڪ وقتائتو بہ آهي. ان کي هر طرف کان مثبت موٽ ملڻ سان گڏ، ڪاتي جي بهتري ۽ ڀلائي لاءِ اين جي اوز سول سوسائٽي، ميڊيا، اسيمبلي ميمبرن ۽ ڪاتن جي آفيسرن کي ياڳت صاحب جو ساٿ ڏئي، سنڌن همت افزائي ڪندي، سنڌن هٿ مضبوط ڪرڻ سان گڏ، ڪاتي جي ڪارڪردگي تي بہ نظر رکڻ گهرجي ۽ ان کي بهتر بنائڻ گهرجي.

جنهن نموني ياڳت صاحب ڪافي ڳالهيون مڃيون آهن ۽ ڪاتي ۾ اسٽاف جي کوٽ جي حوالي سان پوزيشن واضع ڪئي آهي، ان طرف اسان جي چونڊيل نمائندن سان گڏ صحافين، قلم ڪارن ۽ جهنگلي جيوت سان پيار ڪندڙن جي توجہ جي سخت ضرورت آهي. هن اهم ڪاتي ۾ اسٽاف ۽ سهولتن جي کوٽ کي پورو ڪيو وڃي، ان جي گهرجن ڏانهن ڌيان ڏنو وڃي، ان کان پوءِ ڪاتي کان، گهربل نتيجن جي اميد ڪئي وڃي. جهنگلي جيوت ۽ سنڌ جي ماحول جي حوالي سان تمام اهم ڄاڻ رکندڙ ناصر پنهور ۽ آبهوائي تبديلي جي حوالي سان، سنڌ جي صحافين، قلم ڪارن، ڳوٺاڻن ۽ سماجي ڪارڪن ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪندڙ اشفاق سومري ۽ علي اڪبر راهمون جي ڪوشش سان، ٿيل مني واري هن تمام اهم ڊائيلاگ ۾ سهيل سانگي، ڪاٺاٺو جاني، نند لال مالهي، پريم شهواڻي، ڪامران نقوي، پارومل ”مراٺي، پورا لال، اعجاز راهمون، پرتاب شهواڻي، اعجاز ابڙو محمد شريف راهمون، علي منصور چانڊيو سعيد احمد، خالد ڪنڀار، دليپ ڪوناري، لجپت شرما، غلام مصطفيٰ ميراڻي، غلام حيدر برهماڻي، ناشاد سمون، ناديہ باوجوه، ڊاڪٽر ڪيت ڪمار اڪبر درس، الطاف احمد شيخ ۽ ٻين ڪوڙ سارن صحافين شاعرن، قلم

ڪارن ۽ جهنگلي جيوت سان پيار ڪندڙن ۽ ان جي بچايو لاءِ فڪرمند رهندڙن اڳيان، جڏهن ياڳت صاحب ٻڌايو ته سنڌ سطح تي کاتي ۾ ڪل ملازم 834 آهن. جن مان فيلڊ ۾ ڪم ڪندڙ 620 آهن. جڏهن ته سنڌ جي ڪل 23 ضلعن لاءِ، گزيٽيڊ آفيسر ٽوٽل 6 آهن ته نه صرف گهٽ جون اکيون پٽجي ويون ته ڪيترن جا ته تصوروار نه هوندي به ڪنڌ جهڪي پيا.

ٿرپارڪار جهڙي وارياسي علائقي ۾، جهنگلي جيوت جي تحفظ ۽ غير قانوني شڪار تي نظر رکڻ توڙي ڪم ڪار ۽ ميٽنگن ۾ وڃڻ لاءِ کاتي وٽ 1988 ۾ ورتل هڪ جيپ آهي. جنهن جي تيل لاءِ هن مهنگائي جي دور ۾ به ڪل بجيٽ 2400 سو روپيه آهي!

ايتري گهٽ اسٽاف، انهيءَ بجيٽ ۽ نالي ماتر چوڻ ڪان به گهٽ سهولتن سان، جيڪڏهن ڪو ماڻهو کاتي پاران ضلعي يا سنڌ ۾ جهنگلي جيوت جي تحفظ جي خواهش رکي ٿو ته ان کي ديواني جو خواب ئي چئي سگهجي ٿو.

خدارا هن کاتي تي رحم کائو. اعزازي گيم وارڊن جي پوسٽ ختم ڪري، اهل سرڪاري آفيسر مقرر ڪيو. کاتي ۾ سنڌ توڙي ضلعي سطح تي فوري طور تي، مناسب تعداد ۾ گهربل اسٽاف مقرر ڪري، بجيٽ ۾ به اضافو ڪريو. اسٽاف لاءِ مناسب آفيسون مهيا ڪيو. ڪيمن فليڊ لاءِ گاڏيون ۽ موٽرسائيڪلون ڏيو. ڊرافٽ ٿيل قانون کي فوري طور تي سنڌ اسيمبلي مان پاس ڪري، شڪارين تي ڏنڊ بجائي جيل جي سزا وارا قانون پاس ڪيو. هن کاتي جو وزير 'مڙئي' ڪو ماڻهو نه پر جهنگلي جيوت سان پيار ڪندڙ ۽ ان جي اهميت جو شعور رکندڙ مقرر ڪيو. کاتي جي سيڪريٽري، کاتي جو ئي ڪو اهل ماڻهو مقرر ڪيو ته جيئن سنڌ مان ختم ٿيندڙ دنيا جي ناياب قسم جي پکين ۽ جانورن کي بچائي سگهجي. جنهن سان اسان سنڌ جي سونهن کي بچائڻ سان گڏ، ايڪو سسٽم به بچائي سگهون. جيڪو انساني حياتي جي نظام کي هلائڻ لاءِ تمام ضروري آهي. اهي جانور ۽ پکي مستقبل ۾ هتي سياحت، روزگار جي موقعن توڙي قيمتي ناڻو ڪمائڻ جي حوالي سان تمام اهم حيثيت رکن ٿا.

***

Gul Hayat Institute

# مورن جي بيماري جي تصديق
# ۽ ڪين بار دڙپار ڪرائڻ جي ضرورت!

**مورن** ۾ ڪيتري ئي عرصي کان آيل بيماريءَ ۾ ڪيترن ئي مورن جي مرڻ کان پوءِ، بابت وائلڊ لائيف کاتي ٿرپارڪر، هاڻ نيٺ وڃي اها ڳالھ عوامي سطح تي مڃي آهي تہ مورن ۾ راڻي کيت جي بيماري نہ پر، منجھن ڪيلشم جي ڪمي ۽ برسات نہ پوڻ سبب مناسب کاڌ خوراڪ جي کوٽ آهي. متعلقہ کاتي جي اخباري پڌرائي مطابق گذريل ڪجھ سالن کان ٿرپاڪر ۾ برساتون نہ پوڻ ڪري اناج ۽ پاڻي جي پيداوار گھٽ آهي، ان ڪري مور پکين کي گھربل خوراڪ نہ ملي سگھي آهي. پڌرائي ۾ اهو پڻ چيو ويو آهي، تہ مور پکين جا جڏا ليبارٽرين ۾ موڪلي ان ڳالھ جي تصديق ڪرائي وئي آهي تہ مور پکين ۾ راڻي کيت جي ڪا بہ بيماري نہ آهي.

هتي هڪ سوال اهو بہ جواب طلب آهي تہ انهيءَ ڳالھ جي تصديق ڪندڙ ليبارٽريون ڪهڙيون آهن ۽ انهن جيءَ ساک ڪهڙي آهي؟ جيڪي چوڻ ٿيون تہ مورن ۾ راڻي کيت جي بيماري نہ پر خوراڪ ۽ پاڻي جي ڪمي سبب بيماري آهي. جيڪڏهن ليبارٽرين جي رپورٽ کي صحيح مڃجي تہ پوءِ وائلڊ لائيف کاتي کي هاڻ جڏهن پوري پڪ تي وئي آهي تہ ٿر ۾ سالن کان مرندڙ هزارين مورن جي مرڻ جو اصل سبب ڪهڙو آهي، تہ پوءِ کاتو اهو بہ ٻڌائي تہ مورن جي مرڻ تي سندن ئي ٻڌايل انهيءَ سبب کي ختم ڪرڻ ۽ وڌيڪ مورن کي مرڻ کان بچائڻ لاءِ، کاتي ڪهڙي حڪمت عملي جوڙي آهي ۽ ڪهڙا اپاءَ وٺي رهيو آهي؟ سنڌ جو جهنگلي جيوت جي بچاءَ وارو کاتو جيڪو ضلعي ۾ انهيءَ سياسي ماڻهو جي رحم و ڪرم تي هوندو آهي، جنهن لاءِ سندس سياسي پارٽي جي حڪومت ۾ ڪو بہ سٺيو عهدو ناهي بچندو ان کي بس خوش ڪرڻ

لاءِ ’اعزازي گيم وارڊن‘ بڻائبو آهي. ڪيس جهنگلي جيوت جي بچاءَ جي نالي تي، انهن جي پيِنگ ڪرڻ، ياريون دوستيون نڀائڻ ۽ تعلقات وڌائڻ جو جڻ ته هڪ بهترين سرڪاري موقعو فراهم ڪيو آهي وسيلو بڻائي. جيڪو ڪجهه اهو اعزازي گيم وارڊن، جهنگلي جيوت جو تحفظ ۽ انهن جو خيال ڪندو آهي، ان جا مثال سڄي سنڌ ۾ پڙيا پيا آهن. جنهن معاشري جا اڳواڻ ڳالهائي سگهندڙ ووٽرن کي ٿي وساري ڇڏين ۽ انهن جي ڀلي لاءِ ڪجهه نه ڪن، انهن اڳواڻن کان بي زبان جهنگلي جيوت جي تحفظ جي اميد رکڻ ٿي اجائي آهي، پر وائلڊ لائيف کاتو جيڪو سنڌ سرڪار جو پگهار دار کاتو آهي، خود اهو نام نهاد اعزازي گيم وارڊن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ سان گڏ جهنگلي جيوت جي تحفظ لاءِ ڇا پيو ڪري؟ ۽ ڪهڙا منصوبا پيو جوڙي؟ اهو به پاڻ سيني جي سامهون آهي.

جيڪڏهن مورن جي مرڻ جو سبب اهوئي آهي جيڪو ٻڌايو ويو آهي ته پوءِ هاڻ حڪومت کي گهرجي ته اها ٿر ۾ ڏڪار سٽيل انسانن لاءِ امداد سان گڏ اتي جي جهنگلي جيوت لاءِ به امداد ۾ حصو مقرر ڪري شايد اهو سروي به ٿيل ٿي آهي ته ٿر ۾ ڪل ڪيترا مور آهن ۽ اهي ڪهڙن ڪهڙن علائقن/ڳوٺن ۾ آهن؟ ان حساب سان ٿر ۾ ماڻهن کي امداد ڏيڻ سان گڏ مورن ۽ ٻئي جهنگلي جانورن ۽ پکي پکڻ جي کاڌ وارا سڪا گاهه اناج جا مختلف قسم ۽ پاڻي جا وڏا ٽانو پرائي، جنهن علائقي ۾ جيتري تعداد ۾ پکي ۽ جانور هجن، انهيءَ حساب سان اتي جي مسجدن، مندرن، مزارن، قبرستانن ۽ خاص ڪري انهن هندو ماڻهن جي اوطاقن تي رکيا وڃن، جيڪي هڪ ته گوشت خور نه هجن يا گهٽ هجن ۽ ٻيو ته جهنگلي جيوت کي پڪڙڻ ۽ وڪڻڻ جي ڪاروبار ۾ ملوث نه هجن. کاڌ خوراڪ جو مسئلو ته انهيءَ نموني ڪافي حد تائين حل ٿي سگهي ٿو پر پاڻي جو مسئلو ضرور اهم آهي. ان لاءِ عرض ته جن علائقن ۾ ممڪن هجي، اتي کوهن جي پرسان ننڍا ننڍا پڪا تلاءِ ٺاهي، اهي مستقل طور پاڻي سان ڀري رکڻ جو بندوبست ڪيو وڃي. ميون ٿا ته ڏڪار سٽيل علائقي ۾ اهي ڳالهيون ڪرڻ جيتريون آسان آهن، انهن تي عمل ڪرائڻ اوترو آسان ڪونهي، پر آخر انهن بي زبان مخلوق جو به هن ڌرتي تي حق آهي. انهن جي بچاءَ ۽ تحفظ لاءِ ڪجهه ته قدم کڻڻا ئي پوندا.

يا پوءِ انهن ڳالهين کي مشڪل بلڪ ناممڪن سمجهي، قدرتي تي ڇڏي ڏنو وڃي ته قدرت پاڻهين جڏهن رحم ڪندي تڏهن برسات پوندي، اَن ۽ پاڻي ارزان ٿيندا ۽ مور توڙي ٻئي جهنگلي مخلوق پاڻهي بچي پوندي!

مهذب دنيا ۾ ته ائين ناهي ٿيندو ۽ اتي ته هر شئي کي بچائڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ضرور ڪبي آهي ۽ گهربل قدم ضرور کنيا ويندا آهن. پوءِ اسان وٽ ڇو نه! اسان جيڪي مهذب هجڻ جي دعويدار هجڻ سان گڏ، اسلامي اقدارن جا محافظ ۽ انهيءَ نالي تي قائم ٿيل مملڪت جا باشنده به آهيون.

ان ڪانسواءِ انهيءَ ڏانهن به ڏنو وڃي ته مورن جي مرڻ جو سبب جيڪڏهن پاڻي ۽ خوراڪ جي ڪمي آهي ته پوءِ ٿر ۾ ڏڪار ته اڳ ۾ به ايندا رهيا آهن، ڇا انهن ڏڪارن ۾ به مورن جو ايتري تعداد ۾ نقصان ٿيو هو؟ ۽ ايتري وڏي تعداد ۾ مور مئا هئا؟ ٿورو تڏي دل سان اهو به ڏنو وڃي ته انهن ڏڪارن واري عرصي ۾ ٿر ۾ هندو مسلمان آبادي جو تناسب ڪيترو هو ۽ هاڻ ڪيترو آهي؟ ڇا ٿر مان هندن جي لڏ پلاڻ جو اثر، ٿر جي مورن سان گڏ ٻئي جهنگلي جيوت تي به پيو آهي؟ ۽ ڪيترو پيو آهي؟ جي ائين آهي يا ان ۾ ڪجهه نه ڪجهه حقيقت ۽ صداقت آهي، ته پوءِ ٿر مان ٿيندڙ هندن جي لڏپلاڻ سبب شايد مورن جو بچڻ مشڪل هجي! پوءِ ته مورن کي ڪنهن نموني ٿڙي باردر پار ڪرائڻ ۾ ئي انهن جو تحفظ ۽ بچاءُ ممڪن هجي!

***

Gul Hayat Institute

# خدارا! مورن جي مرڻ جون
# خبرون نه ڏيو!

***انهيءَ*** ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي تہ سنڌي ميڊيا، سنڌ جي حقن جي حوالي سان توڙي سنڌ ۾ سنڌي ماڻهن سان ٿيندڙ زيادتين ۾ ويساهہ گهاتين سان، ’صحافت جي ذميوارين‘ ڪان گهڻو اڳتي وڌي ڪم ڪيو ۽ پاڻ ملهايو آهي، سنڌي ميڊيا جون ڪيترين ئي خبرون، عام خبرن ڪان وڌيڪ سنڌ ۾ سنڌي ماڻهن سان ٿيندڙ نا انصافين تي احتجاج جهڙيون خبرون لڳنديون بہ آهن ۽ هونديون بہ آهن. انهن مان ڪيترين ئي خبرون اهڙيون بہ هونديون آهن جن تي ڪڏهن، ڪنهن ڌيان ڏنو تہ ڏنو نہ تہ ٿيو خير!! اهڙين خبرن ۾ پکين جي ٿيندڙ قتل عام، وڪري ۽ وڻن جي واڍي ۽ فصلن ۾ زهريلن دوائن جي استعمال سبب پکين جي ٿيندڙ نسل ڪشي جهڙين خبرن ڪان وٺي مورن جي مرڻ تي، پار ڪيڻ ۽ ماتم ڪرڻ جهڙيون خبرون بہ شامل آهن. اهڙيون خبرون گذريل ڪجهہ سالن ڪان مسلسل ميڊيا ۾ اچي رهيون آهن. جن تي ماضي ۾ هڪ بہ پيرا، متعلقہ ادارا مورن کي بچائڻ جي نيت سان گهٽ پر، صحافين ۽ آفيس جي فائلن جا منهن بند ڪرڻ لاءِ، ٿورو گهڻو متحرڪ ٿي، وري خاموش ٿي ويا. مورن جي مرڻ جي حوالي سان ڪجهہ عرصي جي خاموشي ڪانپوءِ، هاڻ وري مورن جي مرڻ جون پالن ۾ ٻڙڇين وانگر دل تي گهاءُ ڪندڙ خبرون اچي رهيون آهن جيڪي پڙهي جنگلي جيوت ۽ خدا جي بي زبان مخلوق سان محبت ڪندڙ پر بيوس ماڻهو ڏاڍا ڏکارا ٿي وڃن ٿا! وڌيڪ تڪليف ڏيندڙ ڳالهہ اها آهي تہ مورن جي مرڻ تي انهن احتجاجي دانهن ۽ ڪوڪن جهڙن خبرن تي، ڪنهن بہ اداري يا وس واري پاران ڪنهن بہ قسم جي نوٽس وٺڻ يا ڪا آئت ڏيڻ جهڙي خبر بہ نہ پئي اچي! مطلب تہ وڏو سانحو

Gul Hayat Institute

اهو آهي تہ هڪ سانحي تيڻ تي بہ ڪنهن کي ڪا ڳڻتي، ڪو احساس يا ڪو فڪر ڪونهي! اهڙي صورتحال روزانہ ڇپجندڙ مورن جي مرڻ جون خبرون وڏيڪ ڏڪائيندڙ آهن. هاڻ لڳي ٿو تہ مور ائين ئي مرندا رهندا ۽ متعلقا ادارا ۽ ماڻهو ان باري ۾ عملي قدم کڻڻ تہ ٺيو پريہ پر هاڻ انهن ڳالهين ۾ احساس کان ئي پلو آجو ڪرائي، لاتعلق ٿي ويهي رهيا آهن. انهن اهو رستو ڳولي ورتو آهي جنهن ذريعي، انهن پنهنجي ضمير کي مطمعن ڪري ڄڻ تہ هميشہ لاءِ سمهاري ڇڏيو آهي. هاڻ مورن جي مرڻ تي نہ ئي ڪنهن کي ڏک ٿيندو ۽ نہ ئي ڪو نوٽس وٺي، ان جو ڪو ڏيکارڻ جهڙو ئي تدارڪ ڪندو! مور بس مري مريہ ڪپي ويندا ۽ انهن جي مرڻ تي ماتم ڪندڙ مَن، ٿڏا ساهہ پريہ لڙڪ لاڙي، مايوسي وچان خاموش ٿي ويهي رهندا انهيءَ صورتحال جو بس هڪڙو ئي حل نظر اچي ٿو تہ اڳتي لاءِ مهرباني ڪريہ ڪوبہ جنگلي جيوت سان محبت ڪندڙ ۽ انهن جي اهميت جو اندازو رکندڙ حساس صحافي دوست، مورن جي مرڻ جي ڪابہ خبر نہ ڏيہ پلي سڀ مور مري وڃن ان سان گهٽ ۾ گهٽ پيو ڪجهہ نہ تہ اهو تہ ٿيندو جو نہ تہ ڪامورن کي ڪا رسمي تڪليف ڪرڻي پوندي ۽ نہ ئي اهڙيون خبرون پڙهي، ڏڪارا ٿيندڙ ماڻهو وڏيڪ ڏڪارا ٿيندا، وڏيڪ ڏڪارا ٿي ٿڏا ساهہ پريندا!! هر ڪو آجو ٿي ويندو ڪو ڪم کان ۽ ڪو غم کان!

***



Gul Hayat Institute

# ساڏوڻي ۾
# 30 مورن جو مرڻ به ڪوڙ آ؟!

**جهنگلي** جيوت کاتي جي صوبائي وزير جي بقول ته مورن ۾ هلندڙ بيماري ۾ رڳو 13/12 مور ئي مئا آهن. باقي سڀ غلط ڳالهيون، ميڊيائي ماڻهن جون ڦهلايل آهن. وزير صاحب اهو به فرمايو آهي ته ڪيس کاتي پاران اهي ئي انگ اکر ڏنا ويا آهن. ڪين خبر آهي ته هتي اڪثريت ڪنهن نه ڪنهن ”وايا“ معرفت آيل جي آهي. جن جو اچڻ ۽ وڃڻ سندن ڪارڪردگي تي نه پر رکرائڻ وارن جي مرضي ۽ خوشنودگي سبب آهي! وزير صاحب کاتي جي ناهل ماڻهن تي تمام گهڻو اعتبار ڪري، مورن جي مئل تعداد متعلق الاهي وڏي بلڪ ڪوڙي هئڻ جيتري، جيتري دعوي ڪري وينا آهن. کاتي جا اهي ماڻهو جن اڄ ڏينهن تائين ڪنهن هڪ به متاثر ڳوٺ يا مئل مور جي نشاندهي ناهي ڪئي. اهي رڳو ۽ رڳو ميڊيائي ”ڪوڙن“ ماڻهن جي ٻڌايل ”ڪوڙين“ رپورٽن آڌار ڪم ڪيدي رهيا آهن. اهڙن ماڻهن جي ”سچين“ رپورٽن تي اعتبار ڪري، وزير صاحب پنهنجي ڪريئر جي شايد وڏي غلطي ڪئي آهي. جنهن جو احساس شايد ڪين، وزارت وڃڻ بعد وڏيڪ شدت سان ٿئي.

بيماري اچڻ جي هيترن سارن ڏينهن گذرڻ ۽ ڪيترائي مور مري وڃڻ بعد اڄ به کاتي جا ماڻهو ضلعي سانگهڙ ۾ رڳو اتي ئي پهتا آهن. جتي جي ميڊيا نشاندهي ڪئي آهي. مثال طور رڳو هڪڙو مثال عرض رکان ٿو. خليفي علي غلام نظاماڻي جي 22 مورن جي مرڻ جو مثال به ڇنو جنهن جي نشاندهي به ميڊيا ڪئي. پڙي ۾ لعل بخش مصري جي 25 مورن مرڻ جو مثال به ڇنو جتي ضلعي ۾ شايد سڀ کان وڏيڪ 12 قسمن جا مور موجود هئا/ آهن. بلڪل نئون مثال ونون ٿا. سانگهڙ کان 15 ڪلوميٽر ذڪڻ ۾ جهول کان 7

ڪلو ميٽر اوپر ۾ واقعي ڪلهوڙن جي دور جي ڳوٺ ڏام رکي وانگر سنجھورو تعلقي جي قديمي ڳوٺ ساڏوئي جو. جيڪو ضلعي ۾ 1942ع کان ونئي، مورن جي حوالي سان سڄي تر ۾ مشهور آهي. اهي مور ان دور جي نصير خان جلالاڻي، حاجي قيصر خان، حسين علي خان ۽ رئيس جعفر خان جلالاڻي جهڙن با ذوق ماڻهن جا پاليل آهن. واضح رهي ته هتي جا باغ ميرن جي دور جا رکيل چيا وڃن ٿا. بيماري جي خبر ملي به مهيني کان مٿي ٿي ويو پر ڪاتي جو ڪو ماڻهو اڄ سوڌو اوڏانهن نه ويو! خبر هجين ته وڃن؟ جڏهن ته هو بين ڳوٺن ۾ به هاءِ گهوڙا ٽيڻ بعد وڃڻ لڳا آهن. معنيٰ ته ڪين خبر ئي ناهي نا پوءِ اهي ڪيئن ٿا وزير صاحب کي رپورٽون اماڻين ۽ وزير صاحب به انهن جي رپورٽن تي اعتبار ڪري، پاڻ کي جڳ آڏو بي اعتبارو ٿو ڪري!!

خليفي ايوب نظاماڻي، حسين بابلي ۽ ياجي موري جي محمد خان وساڻ جي نشاندهي تي ته ساڏوٺي واري پاسي جا مري ويل مور ڪٽن کي ڪائيندي راڄن ڏٺو آهي. جڏهن صحافي دوستن الياس انجم ۽ گلزار ملاح سان گڏجي نوجوان زاهد جلالاڻي جي اڳوٺي ۾ سنڌي مقامي نالي جي حوالي سان منفرد ڪتاب جي ليکڪ، ڪٽر قوم پرست ۽ مثالي ماحول دوست رئيس جعفر خان جلالاڻي، پنهنجي نالي سان آباد ڳوٺ ۾ ٻڌايو ته 1992ع کان پوءِ آيل ٻوڏ کان اڳ هتي 250/300 ايڪڙن تي باغ هئا. جن ۾ بي شمار مور موجود هئا. 1992ع ۽ 2006ع ۾ آيل ٻوڏن جتي باغن کي تباهه ڪيو اتي بي شمار مور به مري ويا. 2011ع واري ٻوڏ ۾ مورن ۾ به وڏو ممڻ متو. ماڻهو تر ڇڏي ويا. هيٺ پاڻي ئي پاڻي هجي. ڪي مور ٻڪ وگهي مري ويا، ڪي اڏامي خبر ناهي ڪيڏانهن منهن ڪري ويا ته وري واپس نه آيا. انهن جي بقول ته 2/3 مهينا اڳ ڳگهر ۾ چوڪي ڏيڻ مهل 45 کن مور موجود هوندا هئا. جن ۾ آهستي آهستي ڪمي اچڻ لڳي. هاڻ ته 15 کن مور به مشڪل سان اچن ٿا. 5 مور ته چئن پنجن ڏينهن ۾ پراسرار بيماري سبب مري ويا آهن. رئيس ذڪاري انداز ۾ چوي ٿو ته ميڊيا ۾ هيڏي هاءِ گهوڙا ٿي پر هيڏانهن پوءِ به ڪو لڙي نه آيو! شايد ميڊيا وانگر انگ رئيس جعفر خان جهڙو معتبر ماڻهو به ”ڪوڙو“ آهي. اڃان به وزير صاحب ۽ ان جي ڪاتي جا گهر وينل ”معزز“ ماڻهو ۽ انهن جون رپورٽون ”اعتبار جوڳيون“ آهن. ايوب نظاماڻي به وزير کي چئلينج ڪندي چوي ٿو ته هو پنهنجي پسند

ٻوڙ سبب باغن جي گھٽجڻ سان ماڪي بہ ڪافي گھٽجي آهي. 2010ع کان هتي وڏن مکن واري خونخوار حملو ڪندڙ ماکي بہ اچي منهن ڪڍيو آهي. جنهن کي ٻاٽي جي ڪوٽ ايترو تہ متاثر ڪيو آهي جو اها هاڻ گلن جو رس چوسڻ کان هٿ ڪڍي، گھرن ۾ ٻيل ٻاٽي جي دلن ۽ گلاسن جو رخ ڪيو آهي. مورن ۽ ٻين پکين جي واڌ ويجهہ لاءِ ساون تہ ڇا پر سڪل وڻن کي بہ ڪنهن کي هٿ نہ لائڻ ڏيندڙ ۽ ايڪٽر ڪن ٻني، ڊيلن جي ٻيدن لاءِ ڇڏيندڙ رئيس جعفر خان جلالاڻي جيڪو مڪمل پروفائيل لهڻي ٿو جتي هو ۽ سندس پٽ عاشق حسين مورن جي مرڻ تي ذڪارا آهن اتي خليفي علي غلام جو فرزند حيدر نظاماڻي جي بقول تہ اسان جي عيد تہ هئين بہ عيد نہ رهي آهي پر مورن جي مرڻ سبب رمضان جو چنڊ بہ محرم جو تي اڀريو آهي. رڳو سانگهڙ جي تن ڳوٺن علي غلام نظاماڻي جا 22، پڙي جي لال بخش مري جا 28 ۽ ساڌوٽي جي جلالاڻين جا مري ويل تيهارو کن مور ڳڻجن تہ بہ اهي 100 جي ويجھو وڃي پهچن ٿا. باقي ٿورا گھٽا تہ سڄي ضلعي ۾ مئا آهن ۽ روز مري رهيا آهن. کاتي جي ماڻهن لاءِ هي هڪ سنو موقعو آهي تہ هو گهٽ ۾ گهٽ انهيءَ بيماري جي بهاني، مورن وارا ڳوٺ ۽ اتي مورن جو تعداد ۾ انگ اکر گڏ ڪري وٺن. جيڪي شايد ڪين اڳتي هلي ڪم اچن.

باقي جيڪڏهن اجان بہ ميڊيا وارا ڪوڙا آهن ۽ شڪار کاتي جا ماڻهو ۽ انهن جو رپورٽون سچيون آهن!! تہ پوءِ فيصلو ڪنهن جي در ڪڻي وڃجي؟ ان جو حل شايد پڙهندڙ ۽ وزير صاحب ئي بهتر نموني ٻڌائي سگھن ٿا.

❊❊❊

Gul Hayat Institute

# مورن ۾ آيل بيماري کي
# آفت قرار ڏيڻ جي ضرورت

ٿر مان هن سال وري بيماري وگهي مور مرڻ ۽ ٻا اثرن پاران روجهه جي شڪار ڪرڻ جون خبرون، جهنگلي جيوت سان پيار ڪرڻ وارن مٿان، ڪيٽرون وانگر اچي ڪڙڪيون آهن. اها به شاباس هجي ميڊيا جي دوستن کي جن وقت سر اهي خبرون هلائي، حڪومتي ايوانن مان گهٽ ۾ گهٽ نوٽس وٺڻ جهڙن بيان جا ڪڙڪا ڪرايا آهن ۽ شڪار کاتي جي اهلڪارن کي بغيرتي جي، تر جو بيان ڏئي اتي مجبور ڪيو جي. جتي ماڻهن جي تڪليفن ۽ انهن جو ڪنهن کي احساس ناهي اتي جهنگلي جيوت جي ڳالهه ڪرڻ آهي ته پاڻ مٿي جڳ کلائڻ پر شايد ڪجهه ماڻهو عادت کان مجبور آهن، جيڪي بي زبانن سان ٿيندڙ نا انصافين ۽ ڏاڍ تي خاموش نٿا رهي سگهن ۽ ڪانه ڪا ٻڙڪ ٻاهر ڪڍيو ويهن.

گذريل ٻن سالن کان، بلڪ هاڻ ته ٽن سالن کان جهنگلي جيوت مسلسل عذاب ۾ آهي ۽ وجود جي بچاءُ جي جنگ وڙهي رهي آهي.

2010ع ۾ آيل ٻوڏن ڪڇي جي جانورن خاص طور تي ڦاڙهي کي ڪڇي ۽ ڪيٽن مان ٻاهر ڪڍي، شڪارين توڙي عام رونشي ڪوڏين ماڻهن جي ور چاڙهي ڇڏيو. جنهن دوران پيا به ڪيترائي، خشڪي جا پڪي، زمين ۽ ٻرن تي رهندڙ جانور بڪ سبب جيون جي جنگ هاري ويٺا. 2011ع واريون برساتن ۽ ٻوڏن ٻين جانورن ۽ پکين سان گڏ خاص طور تي تتر ۽ سهي لاءِ موت جو سڏ بڻجي آيون ۽ انهن جانورن جو تمام گهڻو نقصان ٿيو. ته هن سال 2012ع ۾ وري ٿر ۾ مورن ۾ آيل بيماري ۾ ڪيترائي مور مري ويا آهن. روجهن ۽ هرڻ جي پنيان ته هونئين ئي سڄو سال هٿيار بند ڪمر ڪش آهن. جن کي پڇڻ گهرجي؟ جيڪي چوڪيدار آهن، اهي ئي سڀ کان وڏيڪ خطرو بڻجي

# افسوس! مرندڙ مورن جي وقت سر مالڪي نہ ٿي!

**ٿر** جي مورن ۾ هن ڀيري وري آيل بيماري ۽ روجهن جي غير قانوني شڪار سنڌ ۾ جهنگلي جيوت جي علاج ۽ تحفظ جي حوالي سان وائيلڊ لائيف کاتي جي اهليت ۽ مهارت متعلق انتهائي سنجيده سوال کڙا ڪيا آهن. مورن ۾ آيل بيماري ۽ ان جي اچڻ جي ڪيترن ئي ڏينهن گذرڻ بعد حتمي سبب بيان نہ ٿي سگهڻ ۽ بيماري جي پڪي پختي علاج نہ هئڻ بابت اداري جي مهارت نہ هجڻ واري ڳالهہ واضع نموني سان کلي سامهون آئي آهي. (اها ڳالهہ هاڻ ڪيترائي ڏينهن گذرڻ بعد وڃي ڪجهہ واضح ٿي آهي تہ بيماري ڪهڙي آهي) سڀ کان پهرين اها ڳالهہ تہ کاتي وٽ جهنگلي جيوت جي علاج جي حوالي سان سندي ڪابہ مهارت ڪونهي. نہ ئي کاتي وٽ علاج ۽ بيمارين جي ٽيسٽن ۽ علاج لاءِ ڪا ليبارٽري يا اسپتال بہ آهي. کاتو جهنگلي جيوت جي علاج ۽ ٽيسٽن وغيره لاءِ مڪمل طور چوپائي مال جي علاج واري وٽنري کاتي ۽ ان جي ڊاڪٽرن تي ڀاڙي ٿو. جانورن ۽ پکين جي سار سنڀال توڙي انهن جي نفيسات وغيره جي حوالي سان بہ کاتي جي مهارت جي حوالي سان بہ ڪئي سوال سامهون آيا آهن. انهيءَ دوران اها بہ افسوس ناڪ خبر سامهون آئي آهي تہ نوابشاهہ/سڪرنڊ ۾ وٽنري لاءِ الڳ سان يونيورسٽي قائم ڪرڻ وارو بل بہ سنڌ اسيمبلي پاران اڃان تائين پاس نہ ڪري سگهڻ سبب، ان تي اڃان تائين ڪم شروع نہ ٿي سگهيو آهي. واضح رهي تہ ملڪ ۾ وٽنري يونيورسٽي رڳو لاهور ۾ موجود آهي. ٽنڊي ڄام وانگر ٻين يونيورسٽين ۾ وٽنري جا رڳو شعبہ قائم ٿيل آهن.

مورن ۾ آيل بيماري جي حوالي سان چيو پيو وڃي تہ اها "راڻي کيت" نالي واري بيماري آهي، جيڪا مورن کي ڪڪڙن مان لڳي ٿي. ان جو مطلب

Gul Hayat Institute

تہ مورن کي خود اها بيماري نہ ٿي ٿئي. ڪين اها بيماري ڪنهن ٻئي پکي مان لڳي ٿي. ساڳئي نموني ڪجهہ سال اڳ ڪيرٿر واري پاسي گڏ ۾ سرهہ کي لڳل بيماري متعلق چيو ويو هو تہ انهن کي اها بيماري ٻڪرين مان لڳي آهي ۾ پوءِ وٽنري کاتي سرور جمالي صاحب جي اڻٿڪ ڪوششن سان علائقي جي 45 هزار ٻڪرين کي ويڪسين ڪئي هئي. اها ڳالهہ جهنگلي ۾ پالتون جانورن جي الڳ الڳ علاج جي لاءِ هڪ وڏو جواز ٿي مهيا ڪري ٿي. پر هن وقت تائين اها ڳالهہ واضع ٿي چڪي آهي تہ وائيلڊ لائيف کاتي وٽ اج تائين ان متعلق نہ تہ ڪا جاڻ آهي ۾ نہ ئي ان بابت ڪا تحقيق. جيڪا ڳالهہ کاتي جي عملدارن جي، جهنگلي جيوت جي علاج جي حوالي سان دلچسپي ۾ مهارت بابت اکيون کولڻ لاءِ ڪافي آهي.

مورن جي حوالي سان مڃجي تہ اها هڪ سيزنل ۾ موسمي بيماري آهي. جيڪا يا ان جهڙي ڪا ٻئي بيماري ڪنهن بہ سال، ڪهڙي بہ مهيني ۾، ڪٿي بہ اچي سگهي ٿي. تہ ۾ مور جيئن تہ اڏ جهنگلي ۾ اڌ گهريلو پکي جو درجو رکن ٿا. جيڪي باقائدي پاليل نہ هجڻ باوجود گهرن ۾ آزادانہ نموني اچي وڃي سگهن ٿا ۾ گهريلو پالتون ڪڪڙن سان گڏ چڳن ٿا. ان جو مطلب تہ هن بيماري جو توڙي پاليل ڪڪڙين وارين ٻين بيمارين جو خطرو مورن ۾ هر وقت موجود رهي ٿو. ان جو مطلب تہ جيڪڏهن مورن کي بچائڻو آهي تہ جتي جتي بہ مور موجود آهن، اتي جي گهٽ ۾ گهٽ ڪڪڙين ۾، گهربل ويڪسين اڳوات لازمي ڪئي وڃي. ٻي صورت ۾ ڪڪڙين واريون ٻيون بيماريون بہ مورن ۾ منتقل ٿي، نقصان پهچائي سگهن ٿيون. هن ڳالهہ جي وضاحت اچڻ بہ لازمي آهي تہ ڇا مورن ۾، ڪڪڙين مان رڳو ”راڻي کيت“ واري بيماري ئي منتقل ٿئي ٿي يا ٻيون بيماريون بہ منتقل ٿي سگهن ٿيون؟ جيڪڏهن ٻيون بيماريون بہ منتقل ٿي، نقصان پهچائي سگهن ٿيون تہ پوءِ انهن جا اثرات اج تائين، ايترا رپورٽ ڇو نہ ٿيا آهن! جيترا ڪڪڙين ۾ رپورٽ ٿيندا رهندا آهن؟ ان جو هڪ اهو بہ آهي تہ جيستائين جهنگلي جيوت جي ڪا بيماري يا انهن سان ٿيندڙ ڪا ويڌن، ميڊيا وسيلي ماڻهن ۾ سرڪار تائين نہ پهچي، اوستائين سرڪار ۾ متعلقہ کاتي وٽ. پاڻ وقت سر ان بيماري جي نشاندهي ڪرڻ جي نہ تہ ڪا صلاحيت آهي، نہ ئي مهارت ۾ نہ ئي ڪا دلچسپي!!

اها بہ وضاحت ضروري آهي تہ مورن ۾ آيل /هلنڊز موجوده بيماري رڳو ٿر يا مٺي ۾ نہ آئي آهي، بلڪ ان مان ٿر کان علاوه سنڌ جي ٻين هنڌن تي موجود مور بہ سخت متاثر ٿيا آهن. پر اهي اجا تائين اخبارن ۾ رپورٽ ناهن ٿيا. شايد انهن ضلعن ۾ ڪي بہ ڪاٺاٺو جاني، قربان کوسا، نند لال مالهي ۽ پورا لال سنڌي نٿا رهن! نہ ٿي ان پاسي ڪي بشير ابڙي جهڙا موجود آهن. جيڪي ان بابت آواز اٿارين. ان سلسلي ۾ سانگهڙ جي موجوده دور جي اڳوٽي مثالي اعزازي گيم وارڊن خليفي علي غلام نظاماڻي جي پٽ محمد ايوب نظاماڻي، جنهن کي، جهنگلي جيوت سان دلچسپي سبب جهنگلي جيوت جي تحفظ واري سائيڊ جو وارث چئجي تہ وڌاءُ نہ ٿيندو جو چوڻ آهي تہ اها بيماري سانگهڙ ۽ ڀرپاسي ۾ بہ مهيني کن کان موجود آهي ۽ ڪيترائي مورن جا ٻچا ۽ ڍيلون مري چڪيون آهن ۽ ڪيترائي اجان تائين بيمار بہ آهن. ايوب نظاماڻي جي بقول تہ هي بيماري مورن تي بہ حملي آور ٿئي ٿي پر سڀ کان وڌيڪ ڍيلن ۽ مختلف عمر جي ٻچن تي حملو ڪري ماري ٿي. جنهن دوران سڀ کان پهرين مورن کي وِٽ واري جاءِ تي ڳوڙهي ٿئي ٿي، پوءِ هو گهمريون ۽ چڪريون کائيندي، کاڌ پيئڻ ڇڏي ٻن چئن ڏينهن ۾ مري وڃن ٿا. سندس اهو بہ چوڻ آهي تہ اها ساڳئي بيماري ڪڪڙين ۾ بہ ٿئي ٿي. ”راڻي کيت“ بابت اسان جي چرياڻ دوست ۽ ڪڪڙين جي مشهور ڊاڪٽر منور راجپوت جو چوڻ آهي تہ راڻي کيت جي بيماري، موسم مٽجڻ وقت پکين تي پونڊرڊباءُ جي ڪري ٿيندي آهي. بيماري ظاهر ٿيڻ جي وهارو کن ڏينهن اڳ پکين جي اندر ۾ اثر ڪندي آهي. پوءِ پکي سائي ۽ ميٽ جهڙي وِٺ ڪندي، کاڌ پيئڻ ڇڏي ڏيندو آهي. ٽيمپريچر وڌي ويندو اٿس، ڪا بہ شيءِ نہ وڙندي اٿس. سگهو مٽارو پکي هفتو مس ڪڍندو آهي. هن بيماري ۾ مرڻ جي شرح 100 سيڪڙو جي ويجهو بہ وڃي سگهي ٿي. هن بيماري جو اثر 20 ڏينهن تائين هوندو آهي. گهمري اچڻ، بيماري کان پوءِ جي نشاني آهي. جنهن جو گهٽي قدر مقصد ان بيماري جو هليو وڃڻ پر اثر ڇڏي وڃڻ هوندو آهي. هي هڪ وائيرل انفيڪشن آهي جنهن، جو اڳواٽ علاج وٽامن وغيره جي ذريعي ڪري سگهجي ٿو.

هي بيماري مختلف علائقن ۾ ڦهلجي ٿي. جيئن هن ڀيري مٺي ۽ سانگهڙ جي ڪجھ علائقن ۾ آئي آهي (ٻين علائقن ۾ بہ ممڪن آهي تہ آئي هجي پر اجان رپورٽ نہ ٿي آهي). جيئن 2010ع ۾ هي بيماري ڏيپلي تعلقي جي ڳوٺن ڇهو

سوٽهڙو ليسو موڏور، ڪورڙو سجائي وغيره ۾ آئي هئي. موڏور ۾ ته علاج لاءِ ڪئمپ وغيره به قائم ڪئي ويئي هئي. پر هن پيري اهو پاسو اجان تائين بيماري جي حملي کان بچيل آهي. جنهن کي اڳواٽ ويڪسين ۽ احتياطي تدبيرن ذريعي وڏيڪ محفوظ ڪري سگهجي ٿو.

مورن ۾ آيل بيماري جي حوالي سان گرمي، پاڻي جي کوٽ ۽ پاڻي جي خراب ٿيڻ، برسات نه اچڻ، جهولا لڳڻ، جهنگ وڍجڻ جي حوالي سان ڳالهيون ڪيون پيون وڃن. ماهرن مطابق انهن جو بيماري سان ڪو ايترو سنئو سڌو تعلق ڪونهي. موسمي تبديلين سبب پکين ۽ جانورن تي ان جو وڏو اثر ۽ دٻاءُ هوندو آهي پر ائين به ڪونهي ته جيڪڏهن برسات پوي ها ته بيماري ڪونه اچي ها. جيئن اها مِٿ هاڻ ختم ٿي چڪي آهي ته جڏهن مور ناچ ڪندي ڪندي پنهنجي پيرن ڏانهن ڏسندو آهي ته انهن جي بدصورتي سبب ڳوڙها اچي ويندا اٿس ۽ اهي زمين تي ڪِرڻ کان اڳ جهٽڻ سان، ڍيل ڳورهاري ٿي پوندي آهي! هاڻ واضع ٿي چڪو آهي ته ائين ناهي، مور ۽ ڍيل لڳ ڪندا آهن. ساڳئي نموني جيڪڏهن برسات نه اچڻ هن بيماري جي اچڻ جو سبب هجي ها ته اهي برسات ته ٿر جي پين به ڪيترن ئي انهن علائقن ۾ نه وئي آهي، جتي مور موجود آهن! رهي ڳالهه جهنگ وڍجڻ جي ته ان سان مورن يا ٻين پکين ۽ جانورن جي واڌ ويجهه تي ته اثر ضرور پئي ٿو باقي ان جو بيماري سان ڪو ايترو تعلق ناهي. مثال وري به ايوب نظاماڻي جو ڏجي ٿو جنهن وٽ جهنگ به آهي، تازو پاڻي به آهي، کاڌ خوراڪ جي به ڪمي ڪونهي پر بيماري پوءِ به ان جي مورن تي حملو ڪيو آهي.

مورن جي تعداد جي حوالي سان وائيلڊ لائيف کاتي پاران ڏنل انگ اکر رپورٽ ٿي رهيا آهن. ته ٿر ۾ 50 هزار کن مور موجود آهن ۽ جيڪڏهن انهن مان ڪن ماڻهن جي بقول ته 50 کن مري به ويا ته اها ڪا ايڏي وڏي ڳالهه ڪونهي ۽ نه ئي ايترو وڏو نقصان آهي. ڇو جو اهو نقصان، سيڪڙي جي حساب سان 0.001٪ ٿئي ٿو. جيستائين مورن جي تعداد جي ڳالهه آهي اها دعوي وائيلڊ لائيف کاتي جي آهي. جنهن کاتي وٽ نه ته ايترا ذريعا هجن ۽ نه ئي ان وٽ جهنگلي جيوت لاءِ ڪا عزت ۽ اهميت هجي، ان پاران ٻڌايل انگ اکر يقناً اعتبار جوڳا نٿا ٿي سگهن. جيڪڏهن سندن دعوي صحيح آهي ته اهي

تعلقي، يوسي ۾ ڳوٺن ۾ موجود مورن جا انگ اکر ٻڌائين ته ڳالهه واضع ٿي پوندي ٪0.001 واري نقصان جي ڳالهه واقعي اسان جهڙن ملڪن ۾ ڪا وڏي ڳالهه ڪونهي پر وڏي ۾ افسوس جي ڳالهه اها آهي ته جڏهن گذريل سال به مورن ۾ آيل اها بيماري، ڪيترائي مور ماري چڪي هئي، ته پوءِ افسوس ان ڳالهه جو آهي ته ان لاءِ کاتي پاران اڳواٽ نه ته ڪي احتياطي اپاءُ ورتا ويا ۽ نه ئي ڪڪڙين کي ويڪسين ڪرائڻ يا ڪنهن ٻئي علاج متعلق سوچيو ويو. اها به هڪ عجيب ڳالهه ٿي لڳي ته علاج وٺري کاتو ڪري، ويڪسين به اهو ڪري، جهنگلي جانور بچائي ۾ وڏائي به اهو ڏي ۾ اها ملڪيت وري وائيلڊ لائيف جي هجن! وائيلڊ لائيف کاتو رڳو انهن بچايل جانورن ۾ پکين کي شڪار ڪرائي تعلقات ۾ بينڪ بيلنس وڌائي! ڇا اها افسوس جي ڳالهه ناهي ۾ کاتي جي دلچسپي ظاهر نه ٿي ڪري ته ايتري وڏي صحيح يا غلط هائي گهوڙا باوجود، کاتي جي وزير صاحب کي سرزمين تي اچي جائزو وٺڻ جو خيال ۾ ٿائيم پندرهن ڏينهن کان پوءِ ملي رهيو آهي. اها ڳالهه به ڏسڻ جي ضرورت آهي ته ٿر ۾ بين علائقن ۾ موسمي اثرن ۾ بيمارين سبب رڳو مور مري رهيا آهن يا انهن جو اثر روجهن، هرڻن، ڦاڙهن، تترن، ٻاٽيبڙن، سهن، ڳيرن، روڙن (ٿر جا ڪانءُ) وغيره تي به ٿي رهيو آهي. انهن جي به اڳواٽ سار سنڀال لهڻ ۾ علاج جي ضرورت آهي. افسوس هن ڳالهه جو آهي ته جيڪڏهن وقت سر مورن جي مالڪي ڪندي اپاءُ وٺجن ها ته هيڏا سارا مور نڌڪائي جي حالت ۾ نه مرن ها. جيڪو ڪجهه هاڻ ڪيو پيو وڃي، اهو نقصان ٿيڻ ۾ مورن جي مرڻ کان اڳ به ڪري پئي سگهجيو!!

❋❋❋

Gul Hayat Institute

# مورن کي
# مرڻ نہ گھرجي!

**هُئَن** تہ سڄو سيارو سنڌ ۾ جھڙوڪر ڏيهي توڙي پرڏيهي پکين جي قتلِ عام جي موسم هوندي آهي، پر هن ڀيري تہ ڪم سياري کان بہ اڳ برسات دؤران، ٻوڏ وارن ڏينهن ۾ ئي (2010 ۽ 2011) شروع ٿي ويو. ٻوڏ ۾ هڪڙا پکي ۽ جانور ٻڪ وگهي ۽ پاڻي ۾ ٻڏي مئا تہ ٻيا جان بچاءِ انساني آبادين ۾ پناهہ جي آسري ۾ آيل ماڻهن جي ٻڪ جي نظر ٿي ويا. ان بعد ڪڏهن انتهائي بااثر ۽ معزز ايوانن ۾ وينل بااثرن ٻاران هرڻن خلاف ڪات ڪهاڙا کڻڻ جون خبرون اچڻ لڳيون تہ مٿان وري پاڻي ۾ زهر/ڪيميڪل ملاءِ مڇين جي شڪار ڪرڻ سان جتي انيڪ مڇيون مري ويون، اتي ٻرن کان مٿي ٻلهڻيون بہ حياتي مان هٿ ڌوئي وينيون. رهي ڪهي ڪسر مورن جي مرڻ وارين خبرن پوري ڪري ڇڏي. پر مورن جي حوالي سان معاملو ڪجهہ مختلف ۽ منجهيل محسوس ٿي رهيو آهي. منهنجي خيال ۾ ان جو مک سبب دوستن جو ماحوليات ۽ جهنگلي جيوت جي حوالي سان هاڻ تمام گهڻو حساس ٿي وڃڻ بہ آهي. سنڌ ۾ هنئن تہ مور گهڻو ڪري سيني باغن وارن علائقن ۾ ۽ ڪٿي ڪٿي وڏن بنگلن ۾ شوقين وٽ نظر اچن ٿا، پر سنڌ ۾ مورن جو قدرتي HABITAT (رهڻ جو هنڌ) گهڻو ڪري ٿرپارڪر ضلعو بلڪ ائين کڻي چئجي تہ ميرپورخاص ڊويزن آهي. ٿرپارڪر جا چار ئي تعلقہ ننگر، ڇاڇرو، مٺي ۽ ڏيپلو مورن جا قديم کان مسڪن رهيا آهن. جتي اڄ بہ ذريعن چواڻي هزارن جي تعداد ۾ مور موجود آهن. ان کان پوءِ عمرڪوٽ ۽ ڪنهن حد تائين ميرپور خاص ۾ بہ مور آهن. مزي جي ڳالهہ تہ مور ننگرپارڪر ۽ ٿر ۾ تہ آهن. پر سنڌ جي هڪ ٻئي قدرتي، اهم ۽ منفرد جاگرافيائي علائقي اڇڙي ٿر، ڪپري کان گهوٽڪي ۾ مور قدرتي طرح

گھٽ ٿي رهن ٿا. ها جي ڪنهن جا رکيل يا پاليل هجن تہ ٻي ڳالهہ آهي. اچڙي تر ۾ مورن جي نہ برابر هجڻ جو وڏو سبب اُتي آبادي، وسنئن، وڻڪاري ۽ پاڻي جو گهٽ هجڻ آهي. مور گهڻو ڪري آبادي جي ويجهو رهندا آهن. ڪين صبح شام پاڻي جي ضرورت محسوس ٿيندي آهي. ان ڪان علاوه آبادي پرسان رهڻ ڪري، ڏکر وارن ڏينهن ۾ بہ ڪين کائڻ لاءِ ٿورو گهڻو مليو وڃي. جڏهن تہ اچڙي تر ۾ ائين نٿو ٿئي. رهي ڳالهہ موجوده مورن واري بيماري، ان جي سببن ۽ علاج جي تہ اجا تائين ماهر ان ڳالهہ جو تعين نہ ڪري سگهيا آهن تہ مورن ۾ ڪهڙي بيماري آهي!؟ ان لاءِ مختلف ٽيسٽون ونـي ليبارٽي ۾ اماڻيون ويون آهن. پر تر جا ڪجه حلقہ تہ ان ڳالهہ ڪان بہ انڪاري آهن تہ ڪو مورن واري موجوده بيماري ايتري سنگين بہ آهي! ۽ اهي ذريعا اها بہ دعوا ڪن ٿا تہ دوست جيتري هاءِ گهوڙا ڪري رهيا آهن، اصل ۾ معاملو ايترو خراب ناهي. هو چون ٿا تہ اسان جعفر واريون رڙيون نہ ڪريون تہ بهتر آ. ان ڳالهہ ڪان هٽي ڪري جيڪڏهن اهو ڏسجي تہ مورن ۾ ڪهڙيون بيماريون ٿين ٿيون ۽ انهن جو علاج ڪير ڪري سگهي ٿو؟ تہ ٻين پکين وانگر، ماهر مورن کي بہ پکين جي هڪ وڏي پيچ واري قسم RED JUNGLE FOEUL جنهن کي پاڻ جهنگلي ڪڪڙ چئون ٿا، جي نسل مان سمجهن ٿا سو اهو پکي، پکين جو ابو سڏجي ٿو. ڪڪڙ بہ ان نسل مان آهن تہ مور بہ.

ڪڪڙ کي هزارين سال اڳي، انسانن وڙهائڻ لاءِ ڏارڻ شروع ڪيو ۽ ائين آهستي آهستي ڪڪڙ جهنگلي مان ڦري گهريلو پکي ٿي ويو. ان ڪري ماهرن مطابق مورن ۽ ڪڪڙن بلڪ ذري گهٽ سيني پکين جون بيماريون هڪجهڙيون ٿينديون آهن. پوءِ ان جا سبب جدا جدا ٿي سگهن ٿا. ڪڪڙن توڙي ٻين پکين ۾ عموماً وائرل، بيڪٽيريل، پروٽوزوئل، ٽاڪسي ڪيشنل ۽ نيو ٽريشنل ڊيفيٽ واريون بيماريون ٿينديون آهن. وائرل واري بيماري ۾ علاج بدران احتياط فائديمند هوندو آهي. جڏهن تہ بيڪٽيريل ۽ ٻين بيمارين ۾ بہ علاج تي توجہ ڏبي آهي. ساڳي نموني نيو ٽريشنل ڊيفيٽ بہ ک يا کاڌي جي گهٽتائي جي ڪري ٿيندي آهي ۽ ظاهر آ ان جو علاج بہ کاڌي ذريعي ئي بهتر طريقي سان ٿي سگهي ٿو. بيمار مورن جا سيمپل ليبارٽي ڏانهن اماڻيل آهن جن جي خبر هڪ اڌ ڏينهن ۾ پئجي ويندي. ياد رهي تہ 1976ع ڪان ڪراچي

جي صرافي ڳوٺ، ڪورنگي نمبر 5 ۾ قائم PRI پولٽري ريسرچ انسٽيٽوٽ دنيا جي بهترين ليبارٽرين ۾ شمار ٿئي ٿو. جنهن کي آمريڪا مان پي ايچ ڊي هولڊر ڊاڪٽر ميڊم شفقت رحمن ڏاڍو ڪاميابي سان هلائي رهي آهي. هتي دنيا جي بهترين ويڪسين ٺهي رهي آهي. جيئن اخبارن ۾ رپورٽ ٿيو آهي ته مورن کي ڪا ويڪسين ڏني وئي ته اهي مري ويا. ان لاءِ عرض ته بيماري جو علاج ٿيندو آهي. ويڪسين ڪونه ڪبي آ. ويڪسين تندرست کي ڪبي آ. ممڪن ته هتي ائين ٿيو هجي. باقي رهي اها ڳالهه ته ڪڪڙين وارا ڊاڪٽر پکين يا مورن جو علاج نٿا ڪري سگهن. ته منهنجي خيال ۾ ڪڪڙين وارا ڊاڪٽر مورن جوبه علاج ڪري سگهن ٿا ۽ جي اسان ڪڪڙين واري يار ڊاڪٽر راڻا منور راجپوت جو وس پڄي يا جي ان جي ٿو ڪوور چڙهي ته هو پيا به ڪيترائي علاج ڪري سگهي ٿو. اهو صحيح آهي ته ڪڪڙين وارو ڊاڪٽر، ڪڪڙين جو علاج ڪري ۽ مورن وارو مورن جو. بلڪ اجان به وڌيڪ بهتر ته اهو ٿيندو جو مورن ۽ ڍيلن جا به ڊاڪٽر الڳ الڳ هجن. پر افسوس جو اسان وٽ ائين ٿئي ڪونه ٿو. ها البت هاڻ لاهور جي 128 سال اڳ ۾ انگريزن جي ڪتن ۽ ٻلين ۽ فوج جي گهوڙن جي علاج لاءِ قائم ڪيل اسڪول جيڪو وقت سان گڏ اسڪول مان ڪاليج ۽ هاڻ ملڪ جي واحد نيچرل يونيورسٽي آف اينيمل لاهور هاڻ شايد هر جانور ۽ پکي لاءِ الڳ الڳ ڊاڪٽر پيدا ڪري رهي آهي. ان کان پوءِ اُميد ته هو نر ۽ مادين لاءِ به ڊاڪٽر کي الڳ الڳ ڪورس ڪرائيندا. ڳالهه نر ۽ مادي جي نڪتي آهي ته هتي اهو ذڪر به دلچسپي کان خالي نه هوندو ته انسانن ۽ جانورن توڙي پکين جي بناوٽ ۾ هڪ فرق ڪروموسومس جوبه هوندو آهي. انسانن ۽ ٻين جانورن جي نر ۾ هڪ ڪروموسوم هيٽروزائيگس ۽ هڪ ڪروموسوم هوموزائيگي جو هوندو آهي. جڏهن ته مادي ۾ ٻئي ڪروموسوم هوموزائيگي جا هوندا آهن. پر پکين ۾ ان جي ابتڙ هوندو آهي. ان ڪري ئي پکين جا نر، مادي کان وڌيڪ خوبصورت هوندا آهن. جن مان هڪ مور به آهي ڳالهه جڏهن ڪروموسوم جي نڪتي آهي ته هتي اهو ذڪر به دلچسپي کان خالي نه هوندو ته انسانن ۾ ڪروموسوم جو تعداد 46، ڊڳي ۾ 52، مينهن ۾ 54، گهوڙي ۾ 62، خچر ۾ 63، ۽ پياري گڏهه ۾ 64 هوندو آهي. مورن جون هنئن ته ڪيتريون ئي انفرادتون آهن پر هي واحد نر

آهي جيڪو نچي پنهنجي مادي کي مچائيندو ۽ متوجه ڪندو آهي! نه ته پاڻ پراڻين فلمن ۾ اڪثر ڏٺو هوندو ته هيروئن نچي نچي هيرو کي متوجه ڪندي آهي، پر هيرو اڪثر بئي پاسي منهن ڪندو آهي. باقي رهي ڳالهه موجوده حالتن ۾ مورن جي بچاءُ جي حوالي سان ته جيڪڏهن واقعي مورن ۾ ايترو موت ناهي آيو ته پوءِ اسان کي جعفر واريون رڙيون ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي. باقي جي معاملو سيريس آهي ته جهنگلي جيوت کاتي کي اڳيان اچڻ گهرجي. بيمار مور جيئن ته اڏامڻ کان لاچار هوندا يا انهن کي جهلڻ نسبتاً سولو هوندو آهي، ان ڪري انهن کي بين پکين کان الڳ ڪري، ايئرپورٽن تي بيمارن لاءِ ٺاهيل "ڪورن ٽائين" وانگر مورن لاءِ به الڳ جڳهه تي جاريون هڻي، ڪورن ٽائين ناهڻ گهرجي ۽ ان ۾ وڌيڪ دير نه ڪرڻ گهرجي. ڇوجو برڊ فلو وانگر، بيماري بين پکين کي به لڳي سگهي ٿي ۽ اهو به ياد رکڻ گهرجي ته سئو کن اهڙيون بيماريون آهن، جيڪي لائيواسٽاڪ مان، انسانن کي لڳي سگهن ٿيون. ان ڪري جهنگلي جيوت کاتو فوراً ڪو ايڪشن پلان تيار ڪري، جي آهي ته ان تي عمل ڪري. ڇو جو اهڙن بيمارين ڪري 2009ع ۾ ڪير ٿر ۾ به ڪيترا ئي ناياب جانور مري ويا هئا.

بهرحال ڪجهه به ڪجي پر مورن کي نڌڻڪو سمجهي مرڻ نه ڏجي ته بهتر آهي. مور سياحت کي هن علائقي ۾ ڪيتري ترقي وٺرائي سگهن ٿا ۽ سياحت وري هن علائقي کي ڪيتري ترقي ڏياري سگهي ٿي ۽ غربت گهٽائي سگهي ٿي! اسان اڃان ان طرف سوچيو ئي ناهي. جيترو ذاتي ۽ تمام ٿورو فائدو اسان مورن جا بيدا وڪڻي حاصل ڪريون ٿا، ان کان تمام گهڻو اجتماعي فائدو اسان انهن بيدن کي بچاءِ ڪري سگهون ٿا.

***

Gul Hayat Institute

# گڏھن جو
# غربت ۽ غريبن سان تعلق

**سنڌ** ۾ جانورن جي افزائش واري کاتي پاران جاري ڪيل انگن اکرن مطابق سڄي سنڌ ۾ ٿرپارڪر ضلعي ۾ سڀ کان وڌيڪ گڏھ رھن ٿا. جن جو تعداد نو لک، انيتاليھ ھزار ست سو پنجھتر آھي. جيڪو سنڌ جي گڏھن جو پنجانوي سيڪڙو بيھي ٿو. جڏھن ته سڄي سنڌ ۾ ڏھ لک گڏھ آباد آھن. ان ۾ وري نالي واري ليکڪ ارباب نيڪ محمد جو تعلقو ڇاڇرو گڏھن ۾ گوءِ کڻي ويو. جتي ست لک اسي ھزار گڏھ موجود آھن. کاتي پاران اھو ڪونه ڄاڻايو ويو آھي ته اھي گڏھ ڪھڙو ڪم ڪن ٿا يا انھن کان ڪھڙو ڪم ورتو وڃي ٿو! انھن گڏھن مان ڪيترا گڏھ 'ڏٽين' جا آھن ۽ ڪيترا ٻنڌڪا! ۽ خود ھن کاتي ۾ ڪيترن گڏھن کان ڪم ورتو وڃي ٿو. کاتي پاران اھو به ڄاڻايو ويو آھي ته وڌيڪ گڏھ وڌيڪ غربت جي نشاندھي ڪن ٿا. جي ائين آھي ته پوءِ ڇاڇري تعلقي ۾ گڏھن جو تعداد وڌيڪ ڇو آھي؟ ڪٿي اھا ڳالھ صحيح ته ناھي ته تعلقي ڇاڇري ۾ مال چرڻ جي جُوءِ جنھن کي ٿر ۾ گوچر سڏجي ٿو اھي بااثر ماڻھن جي قبضي ۾ اچي ويا آھن ۽ اُتي ھاڻي پوکي ٿئي ٿي. جنھن جو فائدو چند ماڻھن کي ٿئي ٿو. جڏھن ته اڳي اُتي سڄي علائقي جو مال چرندو ھو. سڀ ماڻھو انھن گوچرن مان برابر جو فائدو وٺندا ھئا ۽ غربت به گھٽ ھئي. پر ھاڻ گوچر ختم ٿيڻ بعد مال تمام گھٽو گھٽجي ويو آھي، غربت ۽ گڏھ وڌي رھيا آھن. جڏھن ته ڇاڇري تعلقي جا ئي سڀ کان وڌيڪ ماڻھو ٿر کان ٻاھر وڃي مزدوري ڪري پيٽ گذر ڪن ٿا. پر جي ڪا اين جي او ارباب نيڪ محمد جي تعاون ۽ صلاح سان ڪو باقائده سروي ڪرائي ۽ ڪو پروجيڪٽ ناھي ڪم ڪري ته گڏھن کي وڏو فائدو ٿي سگھي ٿو. پروجيڪٽ ۾ اھو ڏسجي ته ضلعي

ٿرپارڪر جي آبادي ڪيتري آهي ۽ هڪ ڳٺ ڪيترن ماڻهن جي حصي ۾ اچي ٿو ۽ ان جو ڪم ۾ هٿ ونڊائي ٿو. اهو به ڏسجي ته موجود ڳٺن ۾ نر ڳٺ ڪيترا آهن ۽ ماديون ڪيتريون. جنهن سان ٿر جي ماڻهن جو نر ڳٺ ۽ مادي ڳٺ پالڻ جي حوالي سان "رجحان" جي خبر پوندي ۽ ان رجحان جي پٺيان سبب ڳولڻ لاءِ وري ڪا بي اين جي او ڪو بيو پروجيڪٽ ٺاهي ڪم ڪري. ٿر جتان ويجهي ماضي مان ملڪ جو وزيراعظم به چونڊيو ۽ وزيراعليٰ، آخر اُتي ئي ڳٺ وڏيڪ ڇو آهن! اهو به ڏسڻ کپي ته وزيراعظم ۽ وزيراعليٰ وڏيڪ ڳٺن واري علائقي مان ئي ڇو چونڊيا ويا؟ اهو به ڏسجي ته غربت ته محمد خان سمي واري بدين ۾ به وڏيڪ آهي، پر اتي ايترا ڳٺ آخر ڇو نه آهن!! ڪٿي ائين ته ڪونهين ته ڳٺن جو وڏيڪ هجڻ غربت کان علاوه ڪن بين سببن جي ڪري به ممڪن آهي! اهو به ڏسڻ جي ضرورت آهي ته اهي ڳٺ ڪهڙي نسل جا آهن يا ڪهڙي نسل جي ڳٺن جو تعداد وڏيڪ آهي. ڇا ٿرپارڪر ۾ ڳٺن جي تعداد ۾ اضافو ٿي رهيو آهي يا ڪمي؟ ۽ اهو به ڏسجي ته ٿرپارڪر وارا ڳٺ ملڪ ۾ ئي رهڻ پسند ڪن ٿا يا موقعو ملندي ئي، سرحد پار ڪري، رات جي اونداهي جو فائدو وٺي ڀڄيو وڃن ٿا. اهو به ڏسجي ته ڪٿي اهي ڀڄي ويندڙ ڳٺ وڏيڪ مهنگائي ۽ غربت جي ڪري مالڪ جي مرضي ۽ اجازت سان ته ڪونه ٿا ڀڄيو وڃن يا ڪٿي مالڪ کين خود ئي ته ڪونه ٿا سرحد پار ڪرائين! اڳي علم سماجيات جا ماهر ٻڌائيندا هئا ته غريبن جا ٻار وڏيڪ هوندا آهن. پر هاڻي ڪاتي پاران نئين ٿيوري سامهون آندي وئي آهي ته جتي غربت وڏيڪ هوندي آهي اُتي ڳٺ وڏيڪ هوندا آهن!! ڏسڻو اهو آهي ته غربت ڳٺن جي ڪري ٿي وڌي يا ڳٺ غربت جي ڪري ٿا وڌن! بهرحال ڪاتي اهو ڪونه ٻڌايو آهي ته انهن هيترن سارن ڳٺن جي فلاح و بهبود لاءِ سرڪار ڪيترا ۽ ڪهڙا منصوبا جوڙيا آهن يا جوڙڻ تي 100 ڏينهن وارو ڪو منصوبو جوڙي رهي آهي يا نه! جيئن مختلف اداڪارن، گلوڪارن يا نامور ۽ مشهور ماڻهن جا چاهيندڙ ڳڏجي ان شخصيت جي نالي پنهنجيان تنظيمون جوڙيندا آهن. ائين ٿرپارڪر جي نوجوانن کي به گهرجي ته اهي "ڊانڪي لور" تنظيمون ٺاهي، ڳٺن جي حقن جي حوالي سان ڪم ڪن ۽ انهن جي حقن جو پورو پورو خيال رکن. ڇو جو ڳٺن وڌندڙ

Gul Hayat Institute

تعداد ٿرپارڪر ۾ گڏهن جي چاهيندڙن جي پوري پوري عڪاسي ڪري ٿو. پر هو رڳو اهو خيال ڪن ته ڪٿي انساني حقن وارا ناراض نه ٿين. ڇو جو انسانن جي حقن جو ۽ گڏهن جي حقن جو پاڻ ۾ گهرو پر متضاد تعلق آهي. جتي انسان جي حق جي ڳالهه شروع ٿئي ٿي، اُتي گڏهن حق تلفي شروع ٿئي ٿي. بهرحال اسان سمجهون ٿا ته نه رڳو سنڌ ۾ بلڪه هن سڄي ملڪ ۾ "گڏهن" جو سچو پچو تعداد ان کان ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ آهي، جيترو ڪاتي پاران ظاهر ڪيو ويو آهي. ان مان لڳي ٿو ته ڪاتي گڏهن جي باري ۾ انگ اکر گڏ ڪرڻ ۾ تڪڙ ۽ عدم دلچسپي جو مظاهرو ڪيو آهي. ڪين گذارش ٿي ڪجي ته هو گڏهن جي باري ۾ وري نئين سري سان سروي ڪن ۽ ان ۾ اشتياق انصاري جهڙن محققن جون خدمتون به حاصل ڪن ته گڏهن جي باري ۾ اجان وڌيڪ معلومات ملندي بلڪه وڏا ڦاٽ ڦاٽندا ۽ ملڪ ۾ گڏهن جو حقيقي انگ به ظاهر ٿيندو. جنهن سان به گڏهن جي حوالي سان منصوبه بندي ڪرڻ ۾ سرڪار سڳوري کي ڪافي آساني ٿيندي

واضح رهي ته دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ گڏه چين ۾ 93 لک 48 هزار، ايٿوپيا ۾ ٻئي نمبر تي 52 لک ۽ پاڪستان ۾ ٽئين نمبر تي 45 لک آهن. جڏهن ته ڀارت هن سلسلي ۾ دنيا ۾ 9 نمبر تي آهي، جتي 10 لک گڏه رهن ٿا. ان حساب سان ڏسجي ته سڄي ملڪ جي گڏهن مان سنڌ ۾ 20٪ گڏه رهن ٿا. هتي هي ڳالهه دلچسپي کان خالي نه هوندي ته گڏه جنهن جي اسپيڊ 45 ميل في ڪلاڪ ٻڌائي وڃي ٿي، اُهي ميونسپل ڪميٽين ۾ به رکيل هوندا هئا. ان سلسلي ۾ دلبر خان (ڀهريون) جي دور ۾ سانگهڙ ميونسپل ڪميٽي جي انگن اکرن مطابق اُتي 11 گڏه به ملازم هئا. پوءِ 2 ڏڳا رکيا ويا ۽ 2 گڏهن وارا ملازم بي روزگار ڪيا ويا، جنهن تي ڪافي گوڙ به ٿيو هو!

***

Gul Hayat Institute

اهو ضرور ثابت ٿئي ٿو تہ هڪ گڏھ برابر آهي ٻاونجاهہ انسانن جي!! گڏھ مسجد ۾ ڪيئن ۽ ڇو گهڙيو؟ پوءِ جيهڙو ڪيئن وڏيو ۽ انسانن جي اڌ سينچري جي خونن بعد ڇا ٿيو؟ ان جي تہ خبر ناهي، پر ڪابل ورن جو اثر سنڌ ۾ بہ ظاهر ٿيڻ شروع ٿي ويو آهي. جيتوڻيڪ جو اسان جي پرنٽ ميڊيا وٽ گڏهن لاءِ تمام گهٽ جاءِ آهي پر پوءِ بہ گڏھ پنهنجين ڪاروائين ڪري "خبر" بڻائڻ ۾ ڪافي ڪامياب ٿيندا نظر اچي رهيا آهن. ڪنڊياري ۾ خبر آهي تہ ڪجهہ ڏينهن اڳ سنڌ جي هڪ اوائلي ذات جيڪا هاڻ ڪافي قدر پنهنجي ذات بدلاءِ چڪي آهي، تن جو گڏھ سنڌ جي هڪ سابقہ حڪمران ذات جي اوطاق ۾ داخل ٿي ويو. حڪمران ذات کي گڏھ جي گهڙي اچڻ تي سو بہ هڪ پنتي پيل ذات جو پنهنجو اڳوڻو مان مرتبو ۽ شان وشوڪت ياد اچي ويئي، ڪين اهو بہ شدت سان محسوس ٿيو تہ اڳي اسان وٽ ملڪن جا حڪمران، سنڌن خاص ماڻهو ۽ راڄن جا موچارا ماڻهو حاضريون ڀرڻ ايندا هئا سي بہ اڳواٽ اطلاع ڪري، پر اڄ زمانو ڪيڏو نہ بدلجي ويو آهي جو ماڻهن جي جاءِ تہ گڏھ اوطاقن ۾ گهڙيو اچن! سي بہ بغير اڳواٽ اطلاع ۽ اجازت جي! سابقہ حڪمران گهراڻن جي فردن گڏهن سان تہ الائي ڪهڙي ويڌن ڪئي، پر انهن ماضي کي ياد ڪندي، ڪاھ ڪندي، وڃي سنڌ جي اوائلي ذات جي اوطاق تي ڪڙڪيا. گهمسان جي لٺ لنان، مڪ مڪان ۽ نش نشان ۾ ويهہ ماڻهو ڏڪجي پيا. اهو تہ ڀلو ٿئي خانواهڻ جي پوليس جو سا فوراً پهچي وئي ۽ جهيڙو قبائلي جنگ ۾ بدلجڻ کان ڪجهہ عرصي لاءِ بچي ويو. نہ تہ شايد ڪابل وارو رڪارڊ ٽٽي نہ ها تہ بہ برابر ضرور ٿي وڃي ها. پر سڀ کان وڏيڪ خراب ۽ خطرناڪ خبر، مائي جامان واري نهرايل مسجد، ميان مبين جي مدرسي ۽ ڪتب خاني ۽ عبدالرحيم گرهوڙي جي شاگردي واري زماني جي ميزبان شهر چوٽياريون شريف کان آيل آهي. خبر مطابق اُتي جي هڪ گڏھ گوڏ ڀاتل مالڪ کي سنڌائتو چڪ هڻي، ڪيس منهن ڏيکارڻ جي بہ لائق نہ ڇڏيو آهي. گڏھ چڪ سوبہ اهڙي جاءِ تہ ڪيئن ۽ ڇو هنيو؟ اهي تفصيل خبر ۾ ڏنل ناهن. جنهن سان ڪافي مونجهارا پيدا ٿي رهيا آهن ۽ صحيح خبر نہ هجڻ ڪري جيترا منهن اوترييون ڳالهيون گردش ۾ آهن. ڪي ان عمل کي گڏھ جو گڏھ ثابت ٿيڻ چئي رهيا آهن تہ ڪي ان کي ٻراٽو پلاند ڪوني رهيا آهن تہ ڪي وري ان کي گڏهن

Gul Hayat Institute

جي منظم سازش جو حصو سمجهي رهيا آهن. بهرحال جيئن بہ هجي، گڏهن جو اهي ڪارروايون واقعي، انسانن لاءِ خصوصاً سنڌين لاءِ ڳڻتي جوڳيون بڻجي رهيون آهن.

سنڌ جي سجاڻ حلقن کي انهن ڪاروائين تي غور و فڪر ڪري گڏهن بابت پنهنجي راءِ ۽ رويئي ۾ تبديلي آڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. هاڻي لڳي پيو تہ گڏه اهي روائتي گڏه نہ رهيا آهن. هو ايڪيهن صدي جي آمد تي پنهنجو پاڻ کي نئون حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار ڪري چڪا آهن. جڏهن تہ اسين ماڻهو گڏه کي ساڳيو وتائي فقير وارو گڏه سمجهي، گڏه پائي جو مظاهرو ڪري رهيا آهيون ۽ گڏهن کي عورتن ۽ مزدورن مثل سمجهي، ان کي ناپسنديده شخصيت جو پتلو سوار ڪرڻ يا سماج دشمن ڪنهن شخص کي تئو ۽ دانگي گهمائي، سوار ڪرڻ واري ڪم کان ڪو گهڻو اڳتي نہ وڌي سگهيا آهيون. وڌ ۾ وڌ اسان اهو ڪيو آهي جو ٽريڪٽرن ۽ ڏاتسنن جي اچڻ ڪري اسين ڏيڳي گاڏي کان گڏه گاڏي تائين وڃي پهتا آهيون. جڏهن تہ دنيا وڃي چنڊ تي پهتي آهي! آمريڪا جهڙي ملڪ جي سياسي پارٽي بہ گڏه جي اهميت ۽ افاديت تسليم ڪندي پنهنجو انتخابي نشان عوام الناس کي بنائڻ بدران گڏه کي بڻائي، ڪيس سندس جائز حق ڏنو آهي. جڏهن تہ اسين گڏهن جا حق ڏيڻ تہ پري رهيو سندس حق تسليم ڪرڻ لاءِ بہ تيار ناهيون. اسان اهو بہ سُڃڻ لاءِ تيار ناهيون تہ گڏهن جا بہ ڪي حق ۽ واسطا هوندا آهن.

هوئن انهيءَ سڄي صورتحال ۾ گڏهن جي پنهنجي قصور کي بہ نظر انداز نٿو ڪري سگهجي پر انهي لاءِ معياري وري بہ اسان انسان ئي آهيون. نہ تہ مکي جي مشهور علائقي جتي انگريز سرڪار بهادر جي وقت جي بمباري کان وٺي گڏهن کي حيران و پريشان ڪرڻ جو سلسلو تازو چونڊيارين ديم ٺهڻ وقت تائين بہ جاري و ساري آهي. گهٽ ۾ گهٽ بيو نہ تہ بہ مکي جي بيلي ۽ جهنگ ۾ تہ گڏهن کي پنهنجي پسند ۽ مرضي سان رهڻ ڏنو ويجي ها، پر ڪجهہ ماڻهن کي گڏهن جو اُتي وڃڻ ڪيو وتن وارو نمونو صفا نٿو وڻي ۽ هو انهن کي اُتان هر نموني تڙي ڪڍڻ ۾ ئي پنهنجو مفاد محسوس ڪري رهيا آهن. پر ڪين اهو ضرور ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ اُتي آوارا ٻڌيل بہ سئو ڪان متي گڏه جيڪي هاڻي مالڪن کي بہ ويجهو نٿا اچڻ ڏين. ۽ جيڪو بہ سندن ويجهو ٿو وڃي ان

ڪي لتن ۾ چڪن سان ٽا ڪيڪارين، سي جيڪڏهن منظم ٿي مٿن حملو آور ٿيا ته پوءِ ڇا ٿيندو!؟ پر انهيءَ ڪان به وڌيڪ خطرناڪ ڳالهه اها آهي ته جيڪڏهن گڏهن، انسانن جا مٿن ڪيل ظلم ڏسي ۽ سندن ڪرتوتن جي ڪڙاڻ ڪي محسوس ڪندي، ڪنهن ڏينهن ڪين اهو چئي ڏتڪاريو ته "هل ڙي انسان جا ڦر"! ته پوءِ ڇا ٿيندو؟

***

Gul Hayat Institute

# ٻوڏ دوران گڏهه،
# مالڪن جي بيوفائي تي ڏاڍا ڏکارا آهن!

**هئن** تہ برسات ۽ ٻوڏ سڄي معاشري کي ڏاڍو ڏول ڪري ڇڏيو آهي. جن مان وڏيون اميدون هيون ۽ جن وڏيون دعوائون ٿئي ڪيون سي يا تہ ڀڄوليا نٺا لين يا جي نظر بہ اچن ٿا تہ وڏين ۽ تيز رفتار گاڏين ۾ زون ڪيو هليا وڃن ٿا. اهڙي طرح جتي انسانن کي هن ٻوڏ سبب ڪيترن ئي بيوفائن جا اصل منهن مهانڊا ڏسڻ جو موقعو مليو آهي، اتي بي زبان جانورن کي پنهنجن توڙي پراون جي روئي جي ۽ پنهنجي اصلي اهميت جي بہ خبر پئي آهي. اهڙن بي زبان جانورن ۾ سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيندڙ ۽ مالڪن جي بيوفائي کي منهن ڏيندڙ جانور گڏهہ بہ آهي. ڇڳن پلن ۽ ٻڙ ٻٽيادي مالڪن پاران جيڪو رويو سانگهڙ جي گڏهن سان رکيو ويو آهي، گڏهن کي اڳ ۾ ان جو قطعاً اندازو ڪونہ هو. ضلعي سانگهڙ ۾ سرڪاري انگن اکرن مطابق گڏهن جو تعداد 45818 آهي. جڏهن تہ آزاد ذريعن توڙي مشاهدي جي آڌار وڏي اعتماد سان چئي سگهجي ٿو تہ سانگهڙ ضلعي ۾ گڏهن جو تعداد سرڪاري انگن اکرن کان تمام گهڻو مٿي آهي. باقي گڏهن جهڙا گڏهہ تہ ڳڻڻ کان ٻاهر آهن. ضلعي سانگهڙ جي تاريخ ۾ گڏهن تي بہ پيرا وڏي پئماني تي ڏکيا ڏينهن آيا آهن. هڪ پاڪستان کان اڳ، حر تحريڪ دوران جڏهن ماڻهن جي اڪثريت لوڙهن ۾ وئي يا پوءِ مختلف قسمن جي ظلمن ۽ زياتين سبب پنهنجا ڳوٺ ۽ علائقا، خصوصاً مکي وارو علائقو ڇڏڻ تي مجبور ٿي. تڏهن بہ ماڻهن پيو مال وغيره تہ سنڀاليو ۽ ساڻ ڪيو پر پنهنجي جند کان بہ بيزار ماڻهن، گڏهن جي مالڪي ڪرڻ بدران کين بي يارو مددگار ڇڏي ڏنو. بي نڌڪي بڇيل مال کي تہ ”ڦوٽل خان“ جهڙا ڪيترائي ماڻهو چوري ۽ زوري جهليو وڪڻندا ۽ کهندا رهيا پر گڏهن

ڇوڙي ڇڏيندا آهن ۽ ڳڻه وچي ڪو انڌيري واري ڪنڊ پاسو ڄاڇيندا آهن. ماهرن مطابق ڳڻه ڪي انڌيري ۾ مچر چڪ ڪونه پائيندو آهي. (وڏيڪ پڪ ڪرڻ لاءِ خواهشمند ڳڻه سان رابطو قائم ڪري سگهن ٿا). اهڙي طرح مالڪن جي بيوفائي ۽ عدم توجهه سبب شايد سڀ ڪان وڏيڪ نقصان ڳڻه جو ٿيو آهي. جيڪو جتي ڪٿي، روڊ رستن جي ڪناري مئل حالت ۾ يا مرڻ واري حالت ۾ ڏسي سگهجن ٿا. انهن بيوس ۽ لاچار ڳڻهن جي نه ته ڪو سار لهڻ وارو آهي ۽ نه ئي ڪين ڪو ويڪسين ڪرائڻ وارو ٿو ڏسي. مئل جانورن جو گوشت ڪائيندڙ ۽ ڪلون لاهيندڙ قبيلن ڪي به شايد ڳڻه قابلِ قبول ناهي. جيئن ته ڳڻه غربت جي نشاني هجي ٿو يا ٻين لفظن ۾ غريبن وٽ هجي ٿو ان ڪري غريب ماڻهو جيڪي پنهنجي پاڻ، گهرن ۽ ٻچن ڪي به صحيح طريقي سان بچائي نه سگهيا، سي ڳڻهن ڪي ڪٿي تئي بچائي سگهيا! ائين پنهنجن جي مجبوري وچان، ڪيل بيوفائي وڏي تعداد ۾ ڳڻهن ڪي مرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. ٻيو ڪجهه تئي نه تئي پر برسات بعد ٿيندڙ متوقع مختلف قسمن جي سروي ۾، ضلعي سانگهڙ ۾ ڳڻهن جي تعداد ۾ نمايان ڪمي ضرور نظر ايندي جنهن جا ماڻهن جي سماجي تعلقاتن، معيشت ۽ صحت تي ڪيترا ۽ ڪهڙا ٿا اثر پون، اهو وقت ئي ثابت ڪندو. ڪجهه به هجي پر اهي ڳڻه سڄي عمر مالڪن جي خدمت ڪندا، انهن جون جائز ناجائز خواهشون ۽ ڪم پورا ڪرڻ سان گڏ انهن جي معاشي خوشحالي جو به اهم سبب ۽ ذريعو هئا. جيڪڏهن مالڪ اهڙي ڏکي صورتحال ۾ ڳڻهن تي ڪجهه رحم ڪائين ها، پنهنجي ماني مان گرهه ٻچي ڪٽي نه به ڏين ها پر رڳو جمع ڪيل اَن مان لپ ئي ڪٽي ڏين ها ته به ڳڻه نه ته ايترا ڏڪارا ٿين ها ۽ نه ئي هو مالڪن کان ايڏا مايوس ۽ نا اميد ٿين ها!! وقت گذري ويندو پر سانگهڙ جي ڳڻهن ڪي مالڪن جو رويو سدائين ياد رهندو. ٿي سگهي ته ڳڻه غيرت کائي ڪو غير معمولي فيصلو نه ڪري وجهن. جيڪو سانگهڙ جي ڳڻه مالڪن ڪي متان مهانگو پوي ان ڪري اڃان به وقت ويو ڪونهي، ناراض ڳڻهن ڪي پرچائي، بيمار ڳڻهن جو علاج ڪرائجي، بکين ڳڻهن ڪي راشن ڏجي ۽ مري ويل ڳڻهن ڪي ماحولياتي اصولن تحت محفوظ نموني نڪاڻي لڳائجي.

❊❊❊

# گڏھه مرڻ جي جاچ، گڏهن کان نه ڪرائجي!

**ڪاوش** 14 جنوري جي رپورٽ مطابق ٽنڊو آدم ميونسپل ڪاميٽي جي يو سي ٽي جي ٻن سينيٽري انسپيڪٽرن ۾ صفائي جي ڪم لاءِ استعمال ٿيندڙ گڏھه جي گاهه پٺي لاءِ ملندڙ 4 هزار روپيا گاهه الائونس ڦٻائڻ تان ٿيل ڦڏي کان پوءِ هڪ يو سي انچارج گڏھه کي گاڏي سميت ٻه ڏينهن اڳ ۾ ميونسپل آفيس ۾ ڇڏي ويو ۽ ٻن ڏينهن تائين ڪاڏو نه ملڻ ۽ سي سبب گڏھه مري ويو. مئل گڏھه ٻن ڏينهن کان ميونسپل آفيس ۾ پيل آهي. پر انتظاميه ان کي ٻه ناهي ڪڍايو. ٻئي طرف واقعي کان پوءِ اڳوڻي ڪائونسلر ۽ پي پي اڳواڻ عبدالرحمان انصاري ڪمشنر ميرپورخاص کي لکت ۾ درخواست ڪئي آهي ته مذڪوره ميونسپل ڪاميٽي مان هر مهيني 14 گڏهن لاءِ هر مهيني 56 هزار رپيا الائونس نڪري ٿو پر صفائي جي ڪم لاءِ رڳو 7 گڏھه استعمال ٿين ٿا. باقي رقم هڙپ ڪئي پئي وڃي ۽ شهر گندگي جي ور چڙهيل آهي. هن ڪمشنر کان اينٽي ڪرپشن هٿان جاچ جي گهر ڪئي آهي.

جيتوڻيڪ هيئنر خبر ۾ گڏھه جي سي ۾ بکئي مرڻ تي گهٽ پر شهر جي گندگي جي ور چڙهڻ ڏانهن وڌيڪ ڌيان ڇڪايو ويو آهي پر پوءِ به شابس هجي رپورٽر ۽ شڪايت ڪندڙ ٻنهي کي جن ڪنهن به نيت سان پر گڏھه جي خبر ته ڏني. نه ته اسان جا صحافي رڳو وڏيرن، پوتارن، مير ۽ پير جي نڪمي ۽ نشائي مٽ مائٽن جي خبر گڏهن ۾ ٿيل گوهه وانگر، هڪ ٻئي سان صحافتي گوءِ ۾ ڏيڻ ۾ دير ئي نه ڪندا اهن پر ڪنهن جو ڪمائو پٽ گڏهه ته اصل جهڙو ڪوئي نه مري وڃي پر ان جي خبر ڏيڻ ۾ پنهنجي شان جي گهٽتائي محسوس ڪندا آهن. حالانڪ مختلف ايڪسيڊنٽ ۽ حادثن ۾ جيڪڏهن ڪن ٻارن

Gul Hayat Institute

جو خدائہ خواستہ مزدور ٻيو مري وڃي يا گڏھہ نقصان ذري گهٽ هڪجيترو ئي ٿيندو آهي. پر اها ڳالھہ صحافي ڀاءُ ناھن سمجهي سگهندا. ڪو مزدور ٻيو مري ويو تڏهن بہ ٻار بک تي ۽ جي جي مزدور جو گڏھہ مري ويو تہ بہ ٻار بک تي! ڳالھہ صفا سولي هجڻ با وجود صحافين کي خبر ناهي ڇل سمجهہ ۾ ناهي ايندي؟ هن خبر ۾ بہ هي خبر بہ آهيٰ تہ مذڪور گڏھہ ميونسپل ڪاميٽي جي صفائي جي ڪم لاءِ استعمال مقرر ٿيل هو. ان مان اهو بہ لڳي ٿو تہ مذڪوره ميونسپل ڪاميٽي ۾ شايد ڪجهہ ٻين ڪمن لاءِ بہ اشارو ٿيل هجي ها تہ گڏهن سان محبت ڪندڙن جي دل تي ڇنڊو ضرور پوي ا تہ گڏهن مان ڪهڙو عملو ڪهڙا ڪهڙا ڪم وٺي ٿو. ان سان اڳتي هلي، ڪنهن اين جني اوز يا ٻئي ڪنهن سماجي اداري لاءِ گڏھہ ۽ انهن کان ورتا ويندڙ ڪم جي عنوان سان ڪو ماڪرو بہ سولائي سان ٿئي هايُ پر خبر جيڪا ڏنڊو آدم جي رپورٽ ٿي سگهي ٿو تہ صحافي دوست اڳ ۾ ئي اهڙو ڪو ڪم ڪري چڪو هجي يا اهڙي نيت ڪري چڪو هجي ۽ ان بابت ڪنهن ٻئي ڪي ’هوا‘ نہ لڳڻ ڏئي ڏاهيندو هجي، ان ڪري انهي حوالي سان ڪا ٻڙڪ ٻاهر ڪڍي هجيس. هن خبر ۾ ڪ خبر هي ب آهي هڪگڏھہ کي ماهوار چار هزار رپيہ ’گڏھہ الائونس‘ ملي ٿو. هتياها وضاحت ٿيل ڪونهي تہ جيئن ميونسپل ملازمن توڙي ٻين سرڪاري م لازمن کي جيئن مختلف الائونس ۽ پگهار ملن ٿا. گڏھہ کي بہ ائين ئي ٻيا الائونس بہ ملن ٿا يا گڏھہ جو گزارو رڳو انهن چئن هزارن مان ئي ٿئي ٿو. جيڪا گڏه سان سراسر نا انصافي آهي. حڪومت جيڪڏهن عام ملازمن توڙي پينشن واري جي گهٽ م گهٽ اجورو هزارن ۾ مقرر ڪيو آهي تہ پوءِ خبر ناهي ڇو ان حوالي سان گڏھہ ئي ڇو نظر انداز ڪيو ويو آهي ۽ گڏهن کي گهٽ ۾ گهٽ ماهوار الاوئون فوري اضافو ڪيو وڃي. توهان پاڻ ئي دل کي هٿ رکي ڏسي تہ هن مهانگائي جي دور ۾ 4 هزار مان ٿئي ئي ڇا ٿو. ان حساب سان گڏھہ کي روز 100 سوا روپين جو گاھہ ملندو هوندو. (جيڪڏهن اهو بہ ملن دو هوندو تہ!) جڏهن تہ گاھہ جي ڪوٽ وارن ڏينهن ۾ لوسڻ، جنتر، ۽ مڪائي وغيره بہ مهانگي تي ويندي آهي. ان حساب گڏھہ کي روزانو بيٺ پرڻ جيترو گاھہ مشڪل سان ئي ملي سگهندو آهي. گڏھہ کي خبر تورو ئي پوندي اهي تہ ملڪ ۾ آئي ايم ايف سان ٿيل ناھہ بعد مهانگائي ڪيترو سيڪڙو وڌي

Gul Hayat Institute

ڪٽي گهران ماني تڪر يا گاهہ جي مٺ ڪٽي گڏهڄ لاءِ آٽي ها تہ هي گگدام ايئن سي ۾ سنجي نہ مري ها. ڪاش ان گڏهہ کي ڪو گولي هڻي هڪ ڏڪ سان ماري ڇڏي ها. تہ بہ ويچارو ائين تڙپي تڙپي نہ مري ها. پر گڏهن تي گولي ڪير ٿو فائر ڪري، اها گولي تہ ڪنهن ڀَيري ۾ تتر جي هڪ گرام جيتري گوشت لاءِ هوندي آهي. ڪنهن ملڪ دشمن کي مارڻ لاءِ ٿورو ئي هوندي اها اسان ڪمشنر صاحب توڙي سيني وس وارن کان اهو بہ مطالبو ٿا ڪريون تہ جيڪڏهن گڏهن جو الائونس وڌائي نٿو سگهجي جيڪڏهن گڏهن جو گاهہ جا پئسا ڪائيندڙ انسپڪيٽرن کي انهي ڪم کان روڪي نٿو سگجي تہ پوءِ گهٽ ۾ گهٽ گڏهن کي عزت واري ۾ ڪجهہ آسان موت مرڻ جو جو ڏس ڏيڻ لاءِ ڪنهن اهڙي صورتحال ۾ گڏهن کي هڪ پيروئي مرڻ لاءِ ڪنهن 'گولي الائونس' جو اضافو ڪري، 'گوليمار انسپيڪٽر' مقرر ڪري گڏهن کي سڪون سان مرڻ جو بندوبست ڪيو وڃي. باقي گڏهن جي مرڻ جي جاچ، گڏهن جهڙن کان ڪرائڻ جو ڪو ب فائدو ڪونهي اهڙي انڪوائري ۾ تي سگهي ٿو تہ مذڪوره بئي انسپيڪٽر با عزت بري ٿي وڃن ۽ قصور وري بہ مري ويل گڏهہ جو ئي نڪري

***



Gul Hayat Institute

# گڏهه جي خبر ڏيو

**دنيا** جي مهذب ۽ امير ملڪن ۾ غربت ماپڻ جا پيلي ڪٽي ڪهڙا به ماڻ ۽ ماپا هجن پر گهٽ ۾ گهٽ سنڌ ۾، غربت جو هڪ سنئون سڌو اهڃاڻ ”گڏهه“ به آهي. جنهن گهر اڳيان گڏهه ٻڌل هجي پڪ سمجهو اهو گهراڻو غربت ڪان هيٺ واري لڪير تي گذارو ڪري رهيو آهي. انڪم ٽيڪس جا گوشوارا ڀرڻ وارو هجي يا ڪو ”چورپائو“. گڏهه واري گهر ڪان ائين وون ويندو آهي، جيئن ووٽ وٺڻ بعد اميدوار، ووٽرن جي گهر ڪان. جيئن سائيڪل، موٽر سائڪل، ڪوري، تودي ۽ پيجارو وغيره ڪنهن گهر اڳيان بيٺل ڏسي، ان گهر جي مالي پوزيشن جو اندازو ڪبو آهي، اهڙي طرح جنهن گهر اڳيان گڏهه ٻڌل هجي، ته سمجهي وڃجي ته ڪل خير آهي. انهن ڳالهين کي ڏسندي گڏهه کي غربت جو انڊيڪيٽر چئي سگهجي ٿو. ٻين لفظن ۾ ڪنهن جي مالي پوزيشن جو اندازو ڪرڻ لاءِ گڏهه به نيچرل ڪميونيڪيشن يا ٽريڊيشنل ڪميونيڪيشن جو تمام اهم ۽ ڪارائتو ذريعو آهي. اڳي گڏهه چند ذاتين ۽ فردن وٽ هوندا هئا پر هاڻ غربت وڌڻ سبب گڏهه وارين ذاتين ۽ گهرن ۾ خاطر خواهه اضافو ٿي رهيو آهي. جي ڪو غير جانبدارانه ڪميشن ويهاري فيصلو ڪرايو وڃي ته گڏهه ئي سڀ ڪان وڏيڪ محنت ۽ ڪم ڪري ٿو ته مار به سڀ ڪان وڏيڪ گڏهه ئي کائي ٿو. ڀوءِ اهو گڏهه پتڻ جو هجي يا پنڊ جو سپر هاءِ وي جو هجي يا ڪنهن مارڪيٽ جو. مار برداشت ڪرڻ گڏهه جي مقدر ۾ ايئن لکيل آهي جيئن عام ڪُٽ خلق جي نصيب ۾ ٽيڪسن جو بار برداشت ڪرڻ. پنجابي چوڻي مطابق ته پلي سڄو ڳوٺ مري وڃي پر چورا تون چوڌري ڪونه ٿيندين، ايئن انسانن جو گڏهه ڪان تعصباڻو رويو ڏسي لڳي ٿو ته نم کي صوبائي وڻ قرار ڏيڻ بعد جي قومي يا صوبائي جانور مقرر ڪرڻ جو وارو

آيو تہ ان لسٽ ۾ گڏھہ کي مشڪل سان ئي شامل ڪيو ويجي. جيئن ”ووٽر“ جو ”اميدوار“ ۽ ميمبر ٿيڻ مشڪل آهي. تيئن شايد گڏھہ جو بہ صوبائي يا قومي جانور قرار ڏيڻ مشڪل آهي.

هونئن تہ صدين کان گڏھہ سان ڪيترين ئي روايتي ۽ غير روايتي، زيادتيون ۽ نا انصافيون ٿينديون رهنديون آهن(جي ڪڏھن تو انصاف جو بول بالا ٿئي ۽ گڏھن کي ٿو وارو ملي تہ گهٽن کي خبر پئجي ويندي) پر تازو گڏھن سان جيڪا زيادتي ٿيندي محسوس ٿي آهي سا آهي صحافي برادري پاران ٿيندڙ زيادتي. آبادي، گاڏيون، ايڪسيڊنٽ، صحافي، اخبارون، فون ۽ فيڪس وڌڻ ڪري هاڻ هر خبر رپورٽ ٿي رهي آهي پر خبرن جي انهي گهڻائي ۾ بہ گڏھہ مار کايو وڃن. صحافي پائر جيڪي پاڻ بہ تمام گهڻي محنت ۽ ڪم ڪن ٿا يا جن کان ڊيسڪ وارا ”صاحب“ تمام گهڻو جائز ناجائز ڪم وٺن ٿا. اهي اڪثر گڏھہ جو نالو ۽ تفصيل خبر مان گول ڪري ڇڏين. تو هان شايد ئي ڪنهن ايڪسيڊنٽ واري خبر جي تفصيل ۾ گڏھہ سان ڇا وهيو واپريو بابت پڙهيو هجي. خبر هوندي تہ تيز رفتار ٽرڪ. ڪار يا جيپ وغيره جو گڏھہ گاڏي سان ٽڪر هڪ مئو بہ ڦٽيا ٽن جي حالت نازڪ. اسپتال منتقل. لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو. حالانڪ اها خبر ڏيڻ ايتري لازمي ڪونهي تہ لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو. جيڪو ماڻهو چڱو ڀلو گهران نڪتو هجي ۽ اچانڪ ان جو لاش گهر پهچي تہ ڪهرام نہ مچندو باقي دهل ۽ شرنايون وڄنديون! ان ايڪسيڊنٽ ۾ گڏھہ تي ڇا گذري؟ گڏھہ مئو يا بچيو؟ ڦٽيو رهڙ آيس يا ٽنگ ڀڳس؟ اهڙي ڪا بہ خبر صحافي دوست ڪڏهن ڪونہ ڏين. شايد ڪين اهو احساس ئي ڪونهي تہ جنهن جي گهر واري سان گڏ گڏھہ بہ مري وڃي تہ ان غريب تي ڇا گذرندو آهي! جنهن وٽ ڪمائي جو ذريعو هجي ئي گڏھہ ۽ اهو بہ مري وڃي. ان جي تہ هڙئي وئي پر صحافين کي ڇا! انهن لاءِ ڪار ۽ ٻيچارو ۾ ڊينٽ پوڻ، گاڏي جو ڊرائيور زخمي ٿيڻ يا مرڻ تہ معنيٰ رکي ٿو پر ايڪسيڊنٽ ۾ يا هونئن ئي بيماري ۾، صحيح علاج نہ ٿيڻ ڪري گڏھہ جو مري وڃڻ ڪا بہ معنيٰ نٿو رکي. انهن لاءِ گڏھہ خبر لائق ئي نہ هوندو آهي. حالانڪ ڪافي اهڙن ماڻهن جون بہ اهي دوست اڪثر خبرون ڏيندا رهندا آهن جن سڄي زندگي گڏھہ جي هڪ هفتي جيترو بہ ڪم ڪونہ

ٽريننگس ۾ گڏهہ جي اهميت اجاگر ڪرڻ جو بندوبست ڪندا تہ ڪيترن ئي گڏهن جو ڀلو ٿي پوندو.

ان ڪري صحافي دوستن کي گذارش آهي تہ اڪثريتي عوام جي سچي ساٿي، همدرد ۽ هڏڏوکي کي بہ خبرن ۾ جاءِ ڏين. (متان وري نہ ڪنهن جو ڏيان پنهنجي من پسند اميدوار ڏانهن هليو وڃي)هن جي موت، زخمي ۽ علاج نہ ٿيڻ کي بہ اهميت ڏين ۽ اهي خبرون بہ اخبار ۾ اماڻي گهٽ ۾ گهٽ پاڻ تان تہ ميار لاهين. عوامي سواري وارو هي هر دل عزيز ۽ ڪيترن جو هي من پسند جانور بہ توهان جي توجهہ شفقت ۽ نظر ڪرم جو گهرجائو ۽ منتظر آهي. اميد تہ توهان آئينده گاڏين وارن سان گڏ گڏهن جي خبر ڏئي، پنهنجي غيرجانبداري جو ۽ گڏهہ دوست ۽ جانور دوست هجڻ جو ثبوت ڏيندا. نہ تہ گڏهہ تہ هون بہ گڏهہ آهي. گڏهہ کي تہ وڏيڪ ڪجهہ ڪونہ ٿيندو، ها ڏسو متان توهان جو ضمير توهان کي ڪڏهن ملامت ڪري يا اڏوري خبر ڏيڻ تي ڪو توهان کي ڪنهن سان تشبيهہ نہ ڏئي وڃي. ان ڪري بهتر آهي تہ گڏهہ جي خبرن کي بہ اهميت ڏيو ۽ خبر ۾ گڏهہ جي مرڻ ۽ ڦٽجڻ جو تفصيل، گڏهہ جي نالي ۽ فوٽو سان ڏيو. ڏسو ڪٿي سياڻي متان توهان پاڻ نہ خبرن مان ائين نظر انداز ٿيو جيئن اڄ توهان گڏهہ کي نظر انداز ڪري رهيا آهيو.

***

Gul Hayat Institute

هرڻ جو نسل گهٽ ٿيڻ. پاڻي جي گهٽائي ڪري مڇي جي پيداوار گهٽجڻ ۽ انساني آبادي وڌڻ، هن ٻلي ڪان واڌ ويجهه ۽ زنده رهڻ جا موقعا ذري گهٽ ڪسي ڇڏيا آهن. هاڻ ٻلن جا مختلف قسم يا ته مختلف چڙيا گهرن ۾ وڃي بچيا آهن يا پو انهن جا حنوط ٿيل هاليجي ڊيڊ جي ميوزم ۾ ڏسي سگهجن ٿا. يا هان هن بابت ڳالهيون رڳو وڏن کي ئي معلوم رهجي ويون آهن. نوجوانن کي ته "پڙنگ" نالو به عجيب ۽ نئون ٿو محسوس ٿئي. انسان پنهنجي جياپي لاءِ ٻيو ته ٺهيو ٻلن کي به جهڙو ڪر ماري ناس ڪري ڇڏيو آهي.

جيئن ته ٻلو انسان جو ڪيترن ئي سالن کان ساٿي رهيو آهي ان ڪري ٻلن جي باري ۾ ڪيتريون ئي چوڻيون ۽ پهاڪا مختلف ٻولين ۾ موجود ۽ مروج آهن. مثال طور. شير و جهڙو ٻلو. ٻلي جي خواب ۾ ڇيڇڙا. ٻلي وانگر نهارڻ. ٻلي وانگر رانيوتا هڻڻ. ٻليءَ شينهن جي ماسي. شير و ٻلو شاهه جو. سئو ڪوئا کائي ٻلي هلي حج تي. ٻلي جو ٿيلهي مان ٻاهر اچڻ. ڪوئي ٻلي جي راند. ٻلي وانگر وڻ تي چڙهي وڃڻ، ٻلي وانگر ڏپ اچڻ وغيره شامل آهن. ٻلي جي حوالي سان مياڻون مياڻون ڪردي اي چلهه دي ٻهرون ڦردي اي ڳجهارت به مشهور آهي ته ساڳئي وقت ٻلي جون ڪيتريون ئي وصفون خصلتون به مشهور آهن مثال طور چوندا آهن ته ٻلو اڪيون پوري کائيندو آهي. کائي پي ڇهپرن کي هٿ هٿي صاف ڪندو آهي. ٻلو ڪتان به ڪري پر ان کي ڏڪ نه لڳندو آهي يا پوءِ اها چوڻي ٻلي شينهن ڪون پڙهايا شينهن ول ٻلي ڪون کانوڻ آيا. ٻلي جي اها به خصوصيت مشهور آهي ته هو پنهنجي نون جاول ٻچن کي ست جڳهيون بدلائيندي آهي جنهن جي لاءِ چيو ويندو آهي ته اصل ۾ هو اهو عمل ڪري پنهنجي نون جاول نر پونگڙن کي نر ٻلي کان بچائيندي آهي. ڇو جو نر ٻلو نر پونگڙن کي ماريندو آهي. لڳ جي موسم ۾ نر ٻلو پنهنجي جوءِ ۾ ٻي ٻلي کي نه سهندو آهي ۽ جي ڪو اچي ويو ته پوءِ ٻلن جون تاريخي لڙايون لڳنديون آهن.

هن ڌرتي تي رهندڙ هر جنس ۽ نسل کي خدا ڪنهن نه ڪنهن سبب جي ڪري خلقيو هو پر انسان صرف پنهنجي زنده رهڻ لاءِ ۽ هن ڌرتي جي گولي تي صرف سندو حق تسليم ڪندي خدا جي ٻي مخلوق لاءِ جهڙو ڪر هن ڌرتي کي نو گو ايريا بڻائي ڇڏيو آهي. انسان کي ياد رکڻ گهرجي ته جانورن جي حالت ڏسي، جڏهن خدا جي کي رحمت جوش آيو ته پوءِ انسان پنهنجي ڪيل

ڪلورن جي بدلي ۾ ڪٿي وڃي بيهندو؟ ڪاش! اهو انسان دير ٿيڻ جي باوجود بہ ڪٿي هاڻ سوچي ۽ بين ساهہ وارن تي رحم ڪري تہ جيئن خدا مٿس ۽ ايندڙ نسلن تي رحم ڪري.

***

Gul Hayat Institute

نواڻ پسيو ٻُتُ، نِجهري، تَرسي تَن تَڙَن،
جَڏو جِيئڻ جِيڏيون، منهنجو ري، مارن
ڏيئي وڇوڙَا ورَهين، اُني ويڙا اُڪري
(سُر مارئي، شاهه جو گنج، سگهڙ حاجي الهداد جنجهي، قديم گنج ڳوٺ جوڻ، بيت 17)

ٻَڌا ٻاڪرين، ڇَيلا ڪنهن نہ ڇوڙيا،
ڪريو مهاڙ ملير ڏي، اُيا اوٻگارين،
تنين ڪي سارين، جن هٿن تي هيرايا.
(سُر مارئي، شاهه جو گنج، سگهڙ حاجي الهداد جنجهي، سُر سورهون، بيت 9)

ٻڪر ٻولاها گهٽا، جن ڪي ٻِيٽَن هِيٺ پَٽا،
لوئريا گهمن لطيف چئي، ان جاَ چَونرا پُڄ چِٽا،
واري ڪيم وٿاڻ تي، ڦوٻگن منجه ڦٽا،
تن ويڙهيچن وٽا، رهي اڇجي راتڙي
(سُر مارئي، شاهه جو گنج، سگهڙ حاجي الهداد جنجهي، سُر سورهون، بيت 19)

***

Gul Hayat Institute



Gul Hayat Institute